# موهن جي دڙي جون هڪ سؤ مُهرون


**ايس. ايم. پونيڪر**

سنڌيڪار

**عطا محمد ڀنڀرو**



## سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

**حيدرآباد، سنڌ**

2014ع

**سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد جو ڪتاب نمبر (200)**

# فهرست


ناشر پاران ........ 4

موهن جي دڙي جون هڪ سؤ مُهرون ........ 6

پيش لفظ ........ 7

اَڪش پَد (اڻ – سُجاتل) لپيءَ جي ڪُنجي ........ 8

باب پهريون ........ 8

فلسفو ۽ طريقيڪار ........ 8

1- پسمنظر ۽ عام تعارف: ........ 8

مُهرن جا ڪاريگر ........ 25

لکت ۽ ٻولي ........ 31

مُهرن جون پڙهٽيون ۽ تصديق ڪرڻ واريون حالتون: ........ 36

باب ٻيو ........ 37

پڙهٽيون ۽ اُنهن تي تبصرا ........ 37

ضميمو ........ 115

(Playing Cards)پَتَن راند جي اَصليَتَ ........ 115

# ناشر پاران

محترم عطا محمد ڀنڀري جو ترجمو ڪيل هي ڪتاب اداري ۾ منهنجي اچڻ کان به گهڻو اڳ کان ٻين ٽن ڪتابن سان پيل هو. انهن جي ڇپائيءَ جي منظوري به ٿيل هئي، جيئن ته اهي ڪتاب سنڌو لکت جي پاڄ جي سلسلي جا هئا، ان ڪري انهن ۾ منهنجي پنهنجي گهڻي دلچسپي هئي ۽ جڏهن پبلڪيشن ڪميٽيءَ جي هڪ ميٽنگ ۾ انهن جي لاءِ ماهرانه راءِ وٺڻ ۽ انهن جي ايڊيٽنگ ڪرڻ جو سوال اٿيو هو ته مون يڪدم انهن جو ذمو پاڻ تي کنيو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ مون اهي مسودا پاڻ وٽ گهرايا ته جيئن ڪم شروع ڪجي. ترجمو ٿيل ڪتابن جي ايڊيٽنگ لاءِ ضروري هوندو آهي ته ان اصل ڪتاب کي به سامهون رکجي جنهن جو ترجمو ڪيو ويو آهي. سو مون انهن چئن ئي ترجمن جا اصل ڪتاب گهريا. ٻڌايو ويو ته اصل ڪتاب ته مترجم ڏنا ڪو نه آهن، انهيءَ کان گهرائي ٿا وٺون. ڪيترا ڏينهن گذري ويا، مهينا گذري ويا ڪم شروع ڪري ڪا نه سگهيس. آخر گهڻين ڪوشش ڪانپوءِ صرف هڪ ڪتاب جي فوٽو ڪاپي ملي، ان کي سامهون رکي مون ايڊيٽنگ شروع ڪئي، ڪم تمام ڏکيو هو. مترجم محنت به تمام گهڻي ڪئي هئي، سنڌس ٻوليءَ جي مزاج جي مون کي ان وقت کان خبر هئي جڏهن مون سنڌس پهريون ترجمو ڪيل ڪتاب ڊاڪٽر سورلي جو ”پٽ جو شاهه“ ايڊٽ به ڪيو هو ته ان جي سوڌ سنوار به ڪئي هئي، ته به هن ڪم ۾ مون کي چڱو وقت لڳي ويو. باقي ٽي مسودا اڃا پيل هئا جن جا اصل ڪتاب نه ملي سگهيا هئا. اڳئين سال وري هڪ پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ ڳالهه پڇاڙو ٿيو. ته هڪ ميمبر صاحب اعتراض ڪيو ته سڀ ڪتاب هڪ محترمه کي ڏنا ويا آهن سو اهو ڪم ٽي ڪو نه سگهندو. ان ڪري اها هڪڙو ڪتاب ايڊٽ ڪري باقي ڪتاب ٻين کي ڏنا وڃن. مون چيو ’بسم الله‘، پوءِ هڪ ڪتاب جنهن تي مون ڪم پئي ڪيو اهو مون رکيو باقي ٻين جي حوالي ڪيا ويا، پر انهن محترم شخصن به اصل ڪتابن جي تقاضا ڪئي، ان ڪري اهي ڪتاب جيئن جا تيئن پيا رهيا. مون هن ڪتاب کي چڱي طرح پڙهي ضروري ايڊيٽنگ ڪئي پر ڪن ڳالهين جي حوالي سان مطمئن ڪا نه هئس، ان ڪري ان کي محترم محمد ابراهيم جويي کي آخري نظر وجهڻ لاءِ ڏنوسين ۽ جيئن جويي صاحب جي عادت آهي ته هو تمام گهڻي محنت ۽ عرق ريزي ڪندو آهي. سو هن سرسري نظر وجهڻ بدران ان تي اڃا به وڏيڪ محنت ڪئي ۽ ائين هي ڪتاب گهڻي سوڌ سنوار ڪانپوءِ پڙهندڙن تائين پهتو آهي، ان ڪري اميد آهي ته کين گهڻو پسند ايندو.

محترم عطا محمد ڀنڀرو اسان جو بزرگ آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي پاڄ تي لکيل ڪتاب ترجمي ڪرڻ ڪانسواءِ پاڻ به ان ڏس ۾ ڪتاب لکيو اٿس، جنهن تي ٿيل محنت جي ادا سراج مون سان هڪ ڀيري تمام گهڻي تعريف به ڪئي هئي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته جيڪي ڪتاب هن ترجمو ڪيا آهن اهي واقعي ته تمام اهم ڪتاب آهن. هي ڪتاب انهن سڀني ڪتابن کان ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ جو هن کي

سمجهڻ لاءِ ”هندو مائٿالاجي“ يا ديومالا جي ڄاڻ ضروري آهي. هن ۾ ڏنل ديومالائي ڪردارن جا نالا شجرا، منصب، تصوراتي يا تاريخي يا نيم تاريخي واقعا ۽ وارداتون، ڌرمي عقيدا، ريتون، رسمون، قربانيون ۽ ٻيو گهڻو ويدن، پُراڻن مان ورتل مواد اهڙو آهي جنهن بابت اسان جو ماڻهو بلڪل اڻڄاڻ آهي، سموري ڪتا ڪرڻ پويان اصل مصنف جو مقصد هٿ آيل مهرن تي موجود سنڌو لکت کي ڪو خاص پس منظر ڏيڻ ٻه آهي ته ان ۾ موجود ٻوليءَ کي قديم آريائي اهڃاڻن ۽ علامتن سان لاڳاپي، ان کي آريائي ثابت ڪرڻ ٻه آهي، ان ڪري جديد دور ۾ انهن مهرن جي لکت سمجهڻ لاءِ اهي ڳالهيون ڪيتري قدر ڪارائتيون ٿينديون اهو چئي نٿو سگهجي. اسان جو ته يقين آهي ته انهن مهرن تي اڪريل لکت هتان جي اصلوڪي ٻوليءَ جي لکت آهي، ان کي انهيءَ پس منظر ۾ سمجهڻ گهرجي. بهرحال ٻوليءَ جي پاڄ جي سلسلي جي هڪ ڪڙيءَ طور هي ڪتاب ٻه پڙهي ڏسو متان ڪو ڏڪو لڳي وڃي.

مون کي اميد آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي پاڄ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ هي ڪتاب گهڻي دلچسپيءَ جو باعث بڻجندو.

ڊاڪٽر فهميده
حسين
چيئرپرسن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

27جنوري 2014ع
حيدرآباد، سنڌ

# موهن جي دڙي جون هڪ سؤ مُهرون

# پيش لفظ

جڏهن آءٌ UGC پاران ڏنل تحقيقي رٿا ”ميڊيوَل انڊين ٿاٽ ۾ هريجن حصو“ جي موضوع تي ڪم ڪري رهيو هوس، تہ پس منظر جي مواد طور منهنجو واسطو سنڌو لکت جي مُهرن (Indus Seals) سان پيو ۽ انهن ۾ منهنجي جذباتي دلچسپي وڌي ويئي. واڊيل (Waddal) پارگٽر (Pargitter) ۽ ڊاڪٽر ايس. آر رائو (Dr.S.R Rao) جا ڪيل (تحقيقي) ڪم، جيتوڻيڪ گهٽيءَ حد تائين اطمينان بخش نہ هئا، پر انهن گڏيل نموني پراچين هندستان سان ملائڻ ۽ ويجهي ٿيڻ ۾ مدد ڏني. هاڻي آءٌ پنهنجي (تحقيقي) ڪم ”هند يورپي اوائلي لکت جو هڪ عمومي نظريو“ کي پوري ڪرڻ لائق آهيان. آءٌ مٿي بيان ڪيل بنيادي ڪم ڪندڙن ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻين جو گهڻو ٿورائتو آهيان جن جو ثانوي مواد لاءِ ڪتاب ۾ ذڪر آهي. آءٌ خاص ٿورا مڃيان ٿو ناميارن عالمن، ڊاڪٽر، ڪي. وي، رميش، ڊاڪٽر اي. وي نرسمها مُرٿيءَ، ڊاڪٽر ايس. ايچ رتيءَ، ڊاڪٽر بي. ڪي گروراجا ۽ ڊاڪٽر هاما نائڪحو جن منهنجي وقتائتي سهائتا ڪئي. ڊاڪٽر ڪي. راگهوينڊر ۽ سرگواسي ڊاڪٽر ڊي. آر بنڊريءَ جا بہ وڏا وڙ مڃان ٿو جن اعرابن جي نشانن جاچڻ ۾ شري سيتا رام جيهاگرداري جي وڏي ڏيرج سان سهائتا ڪئي.

آءٌ پنهنجو هيءُ ڪتاب پنهنجين ٻن پيارين ڌيئن کي ارپيان ٿو. هن قلمي نسخي جو آخري صفحو وڏي ڌيءَ جي وهانوَ جي موقعي تي آڌيءَ رات ويل لکي پورو ڪيو ويو. منهنجي گهر واريءَ ۽ سالي جا بہ مون تي احسان آهن جن، منهنجي پٽيءَ جو بار بہ گهٽي قدر پنهنجن ڪلهن تي کڻي مون لاءِ هن ڪم جي پوري ڪرڻ جي فرصت مهيا ڪئي.

**شنڪر مُڪشي پونيڪر**

# اَڪش پَد (انڻ – سُجاتلَ) لپيءَ جي ڪُنجي

هن ڪتاب جو مصنف ٻڌائي ٿو تہ قديم لکتن جي ماهرن لاءِ اهو هڪ مونجهارو آهي تہ سنڌو لکت آريائي آهي يا دراوڙي. سنڌو – لکت جي مُهرن ۾ 'اڪش پَد لِپي' ڪتب آيل آهي. جنهن مان ناگري، برهمي، ڏکڻ هندستاني، وچ اوڀر ۽ يورپي ٻولين جي الفابيٽ جا نظام نڪتا آهن. جڏهن تہ خط ميخيءَ (Cuneiform) جوان سان ڪو واسطو نہ آهي. ليڪ ڪي اهڙين ٻولين ۾ بہ شڪ آهي تہ انهن جو اڪش پد لپيءَ سان ڪو تعلق ضرور آهي. چڱي چوکيءَ کوج کان پوءِ، قديم لکت جي علم لاءِ، هند يورپي لکت جي هڪجهڙي نموني واسطي بنيادي تجويز ڪرڻ جي ڏس ۾، هُن مناسب حد تائين مواد گڏ ڪري ورتو آهي. منجهس ڪي گهاريون ضرور آهن، جن جي پرجڻ ۾ ڪن مهينن يا ورهين جي کوج گهربل آهي. رڳو مختلف لپين جو پيٽا پيٽي اڀياس لاڀائتو نہ ٿيندو. ليڪ بگڙيل لفظن ڪي لپين جي آغاز واري نقطي جي، جي. آر ڊرائيور واري نظريي ڪي قبول نٿو ڪري سگهي. سڄيءَ دنيا جون لپيون قبوليل مفروضن تي بيهاريون ويون هيون، جن جو استعمال مختلف ٻولين ۾ مختلف رهيو هو. پاڻٽيءَ ناگريءَ ڪي (اوٽايون ڪڍي) مڪمل ڪيو ۽ ائين ان "اڪش پد لپي" ڪي ريتي چڙهيو جيڪا سڪندر جي حملي (واري دور) تائين رائج رهي هئي. هن رهندو پنهنجي خطاطي، ٻٽيءَ معنيٰ وارن تصويري لفظن (Visual double entendres) ۽ (گرامري) اشارن جي نظام ڪي اوسر ڏني.

# باب پهريون

# فلسفو ۽ طريقيڪار

## 1_ پسمنظر ۽ عام تعارف:

هيءَ موهن جي دڙي مان لڌل پهرين هڪ سؤ مُهرن ڪي پڙهڻ جي هڪ ڪوشش آهي، ان ئي ترتيب ۾، جيئن انهن ڪي سر جان مارشل پنهنجي ڪتاب "موهن جو دڙو ائنڊ دي انڊس سولائيزيشن" (Mohen jo Daro and The Indus Civilization) ۾ بيهاريو هو. اختيار ڪيل طريقيڪار اهو ساڳيو آهي، جيڪو ڊاڪٽر ايس. آر. رائو پنهنجي سڌاريل سنواريل، بنيادي ميميو گراف (Memeo Graph) 'ٻولي ۽ سنڌو ماتريءَ جي ماڻهن جي لکت' (Language & The Writing of the Indus Valley People) وسيلي تجويز ڪيو هو اهو ڪتاب مارڪيٽ ۾ موجود نہ آهي، آءٌ ڊاڪٽر رتي

(Ritti) جو ٿوراٽتو آهيان، جنهن مون کي اهو پمفليٽ مطالعي لاءِ ڏنو. ڊاڪٽر رائو جي (هن لکت جي پڙهڻ لاءِ) هڪ ڪُنجي، جيڪا آنڌرا يونيورسٽي جرنل ۾ ڇپي هئي، ان ۾ ڪي گنڀير چُڪون هيون. جهڙوڪ: هو مڇيءَ جي وضاحت لاءِ ”Sha“ نشان بدران ”L“ ڏئي ٿو. هن پنهنجي پوئين مسودي ۾ انهن چُڪن جي ازالي سان گڏ، ڪن ڪمائتين نشانين جو واڌارو به ڪيو آهي ۽ ان هوندي به سندس طريقيڪار ۾ ڪي گهاريون نظر اچن ٿيون. مون آئن نشانين جو واڌارو ڪيو آهي. پر، انهن کان وڌيڪ اهم ورڌي (Vriddhi) جو اضافو آهي، جيڪا سنڌو لکت جي خطاطن (Indus Scribes)، خاص طرح خانداني شجرن ۾، ڪتب آندي آهي. هيءُ انڊو- آرين ٻولين جي هڪ مخصوص خوبي آهي. هن کي پاڻٺيءَ جي سخت سرشتي ۾ پوپلَ ورڌي (Vriddhi) سمجهڻ جي غلطي نہ ڪرڻ کپي، (چاڪاڻ تہ اهو 2600 سال پوءِ ڄاڻو هو). ايندڙ صفحا اهو واضح ڪندا تہ سنڌو لکت رڳو مُهرن (جي تحريرن) وسيلي پڙهي ڪا نہ ٿي سگهجي. مُهرون ناهيندڙن جي ٽيڪنالاجي، اسٽاڪ مُهر، جيڪا اهي ڪتب آڻيندا هئا، (ٺپي لڳلَ) ٺڪريءَ جي سُڪڻ کان اڳ، ان تي ڪم شروع ڪرڻ ۽ پڄاڻيءَ تي پهچائڻ جي گهرج، مُهرن تي الف- ب جي ترتيب ۽ ٻين ڪيترين ضروري ۽ مناسب ترت ڪم اڪلائڻ جي تدبيرن، روايتي جوڙجڪ جي فنن ۽ سٺي ورتاءَ، حالتن جي ڇيد ۽ اقتصادي انتظام لاءِ ٻٽين معنائن وارن لفظن (جي استعمال) خطاطن کي صوتياتي لحاظ کان مڪمل نہ، تڏهن بہ، هڪ اڌ ڇٽي، لڳ ڀڳ درست- نقل نويسيءَ لائق بڻايو. سواءِ ڪنهن شڪ جي، ڪتاب گهٽي ياڳي ايس. آر. رائو جي طريقيڪار جي تائيد ڪري ٿو. سڀ کان اهم، منهنجو مُهرن جي فلسفي تي ڊاڪٽر رائو سان اختلاف آهي. ڊاڪٽر رائو سنڌو لکت جي ياڃ جي پنهنجي اعليٰ طريقيڪار کان پوءِ بہ هن ويچار کي ڳنڍ ڏئي ڇهتي پوي ٿو تہ هڪ الڳ سنڌو سڀيتا ويدن جي سونهري دور کان سواءِ بہ وجود رکيو پئي. هونئن تہ اهو (دور) مقامي سطح تي موجود هو ۽ سندس خيال هيءُ بہ آهي تہ هيءَ سڀيتا عام سنڌو سڀيتا کان الڳ هئي. هيءُ اهو ظاهر ڪري ٿو تہ اهو نظريو غلط هو. اتهاسڪ واقعن جي ترتيب ۽ سنڌو سڀيتا جي نَون لڏل ماڳن کي انهيءَ (نظريي) کي صحيح ثابت ڪرڻ کپي ها. اهي مُهرن جون پڙهٽيون نتيجي طور ثابت ڪنديون تہ ٻي ڪا بہ سڀيتا موجود نہ هئي. هيءُ ڪتاب ايل. اي. واڊيل جي فلسفي جِي (وچٽري نموني) تائيد ڪري ٿو. ڊاڪٽر رائو جي هن لکت کي پيچڻ ۾ سوڀ، هڪ محدود جاگرافيائي علائقي اندر، ساڳي دور سان لاڳاپيل هڪجهڙين نشانين ڪٽڻ/گڏ ڪرڻ واري سگهاري ضابطي مان ڦٽي نڪري ٿي. (ان جي مقابلي ۾) واڊيل، گهرج کان گهٽي ۾ وجڻ وارو، غير معتدل ۽ مطلق العنان ماڻهو هو پر جيڪڏهن هن جي اجائي وڌاءَ ۽ اينگهہ کي سُسائي ننڍو ڪبو تہ غير معتدل تفصيلن جي وَڏَ - ڇلَ ۽ ڳالهہ مان ڳالهہ ڪڍڻ واري عادت جي جوهر ۾ هن وٽ مُهرن جو وڌيڪ سگهارو فلسفو هو. (هند سميري مُهرن جي ياڃ: 1926ع Indo Sumerian Seals Deciphered) سندس عقيدو تہ ماضيءَ جي سيني ديو- وارتائي روايتن جو يورپ- ايشيائي نسل اڪيلو ذريعو هو ۽ ان نسل مان هڪ شاخ ميسوپوٽوميا، هڪ يونان، هڪ هندستان، هڪ ناروي ۽ انگلينڊ ڏانهن ويئي، اهو هڪ جذباتي عقيدو هو. هو اشوريا سڀيتا جي ماهرن (Assyriologists) کي نہ مڃيندو هو پر انهن جي صبر ڀريي پورهئي اڳتي هلي مڃتا ماڻي. واڊيل جو پنهنجو جوڙيل پدن وارو طريقيڪار (Syllabic method) ناڪام ٿيو. هو ترت ئي اهميت وڃائي ويٺو پر سندس فلسفو پاڻ ۾ سچائيءَ جو جزو ضرور رکي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ تاريخ کان اڳ واري دور سان لاڳاپيل ڪي ڏند ڪٿائون، هڪ عام نسلي يادگيري ڏيکاريندي تہ ملن ٿيون. هن جا علمي عقيدا، انهن

جي حقيقت کي خارجي طرح ڏسڻ جي رستي ۾ رنڊڪ بڻيا. سندس ان ڏيگهه تان جيڪڏهن پردو کڻبو تہ گهڻو ڪجهہ هو جيڪو واڊيل وٽ هن صديءَ جي پهرين سوائيءَ سان تعلق رکندڙ هن کان پوءِ ايندڙ عالم ايف. آر. پارگٽر (F.R. Pargitter) سان وَنڊڻ وِرهڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ آهي. پارگٽر جو ڪلاسيڪي ڪم "پراچين هند جي اتهاسڪ روايت" (Tradition Ancient Indian Historical) پُراڻن کي پڙهڻ جا جتن ڪري ٿو. هن ڪم ۾ (سنڌو لکت جون منهنجون پنهنجون سمجهاڻيون، سندس ئي ٻڌايل حقيقتن جي آثار تي ٻيهاريل آهن. ڪنهن خاص مواد لاءِ مون ڪجهہ پُراڻن ۾ ثانوي ذريعن لاءِ، جهڙوڪ هن کان علاوه ويدن جي فهرست (Macdonel and Keith) پراچين چرتر ڪوش (سِڌيشوَر شاستري چترا) ۾ پُراڻ پارت ڪوش (واءِ اين. اُدوپ) تي بہ ڀاڙيو آهي. (هن لکت جي ياچ جي) فلسفي لاءِ، آءً واڊيل ۾ پارگٽر جو ٿوراڻتو آهيان، پر اهي ٻئي ڄڻا ويدن واري سونهري دور جي سرحد وٽ پهچي خاموش ٿي وڃن ٿا، مون هڪ نظريو تجويز ڪيو آهي. تہ پوءِ 1050 سالن جو اونداهو دور ڇا هو.

تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ هيءَ ڪتاب واڊيل، پارگٽر جي فلسفي جو ايس. آر. راءِ جي طريقيڪار سان هڪ سنگم آهي. اهو فلسفو هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو تہ اجائي ڊيگهہ ۾ ديو مالائي، ڪهاڻين سان گڏ، پراڻن ۾ ويدن جي دور سان واسطيدار حقيقي تاريخي واقعن کي محفوظ ڪرڻ جا جتن ڪن ٿا، اهو دور هندستان جي پهرين راجائي سلسلي (لڙهہ) سان شروع ٿئي ٿو. جن کي منو (Manu) جي پوٽاڻ سڏيو ويندو آهي. اٽڪل روءِ اهو مهاڀارت جنگ سان ختم ٿئي ٿو يا وڏيڪ صحيح هيئن لڳي ٿو تہ اهو راجا جَنمجيہ (Janamejaya) جي مرتئي تائين ملي ٿو. ان کان پوءِ واقعا ان سان تعلق رکن ٿا، جنهن کي مستقبل چيو ويو آهي يعني 1050 سالن وارو اونداهو دور. مهاڀارت واري جنگ اٽڪل روءِ 1400 ق.م ڌاري لڳي هئي. هن کان قديم ڪي واقعا ميسوپوٽوميا ۾ بہ ٿي گذريا هوندا، پر اسان کي واڊيل جي هن خيال کي ڇڏي ڏيڻو پوندو تہ ساگارا (Sagara) ئي سارگان (Sargon) هو. سندس يادگيري هندستان آندي ويئي هئي. ان کان پوءِ واري تاريخ کي سوت (Suta) برادريءَ ڏيان سان محفوظ ڪري ورتو هو، جن جو ڪم راجائن ۾ ٻين اهم ماڻهن جا شجرا ياد ڪرڻ هو. ويدن جا شلوڪ ۾ تاريخي واقعا، جيڪي سوت قبيلي جا ماڻهو محفوظ ڪندا پئي آيا، تن کي پوئين ويدڪ اوستا جي پڄاڻيءَ تي 'ويد وياس'، جنهن جو پهريون نالو هن جي پنهنجي مهر پٽاندر دوِيَہ پَيَنَ (Dwaya Payana) هو ۾ ان جي چيلن، گڏ ڪري (ويدن ۾ تاريخي واقعن جي) هن تاليف ۾ ترتيب، تاريخ ۾ ڪنهن اضافي کي روڪي ڇڏيو. انهيءَ (خالي دور) کان پوءِ اونداهو دور آيو. (ڏسو، مُهر نمبر 14 ۾ 82 تي ٽيل تبصرو) جيڪو متسيہ پُراڻ (Matsya Purana) جي بيان مطابق 1050سال تائين هليو. هي دور قبيلن ۾ علائقن جي پنهنجي وڏيءَ حد تائين سجاڳيءَ ڪري بہ مشهور هو. جنهن غير فني (Non technological) دور دوران جاگرافيائي سياست جي ٻج ڊاهہ جو نتيجو ڏنو. وسيع شهنشاهتون سپيتا کان اڳ واري دور (Primitive age) ۾ پنهنجي امتيازي تشخص کان اڻ واقف ماڻهن کان مزاحمت نہ هئڻ ڪري، جڙيون آهن ۾ مهاڀارت واري جنگ هڪ نئين جاگرافيائي سياست جي پاڻ سُڃاڻ پيدا ڪئي. انهيءَ سجاڳيءَ جي نتيجي طور قبيلائيت پيدا ٿي. ان ڪري سفر ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو. پنهنجي راءِ جو اظهار ۾ ان لاءِ ادارتي بنياد وجائجي ويا هئا. اڳوڻو محفوظ (معصوميت وارو دور) وکري ويو ۾ نَون ادارن جي نظام لاءِ وسيلا (Where withal) اڃا پيدا نہ ٿيا هئا. پر هڪ سپني جهڙي غير سياسي طريقي سان، ماٺ ميٺ ۾ هڪ ثقافتي زندگي وڏي ويجهي رهي هئي، ۾ انهيءَ ويدن واري دور جي

ساڳي تاريخ ۾ ڏند ڪٿائن ۽ ديو وارتائن ۾ واڌارو آندو. جن ننڍن ملڪن جي سهيوڳي ڪي للڪاريو. اهو اُن ويدن کان پوءِ واري غير سياسي اونداهي دور دوران واقع ٿيو ته پوچا پاٺ ۽ فرقن جي نئين ايار. جهڙوڪ نڪولش (Nakulusha)، دتاتريه (Datatreya) ۽ اَيپن (Ayyappan) (ڏسندا مهر نمبر 90، 93 ۽ 99) وسيلي هڪ هندستاني ايڪي جو تاثر برقرار رهيو. مهيش (Mahesha) ۽ پاڃرتر (Panchratra) وارا ڌرمي پنٿ هنن کان ڪجهه آڳاٽا هئا). ٻڌ ڌرم جي اچڻ سان امن آيو. هن ڌرم ۽ اهنسا هڪ پيرو پيهر قبيلن لاءِ سفر جون نئيون سرحدون کولي ڇڏيون. اظهار راءِ جي آزاديءَ کي به ڪجهه مُهت مليو يعني هند-يوناني فن ۽ پراڪرت ادب وغيره. هڪ ڀيرو ٻيهر اهڙي نئين صورتحال پارت کي ميڙ جٽن نرم بڻايو. جنهن نند گهراڻي جي دهليءَ ۾ مرڪزي اقتدار جي قيام جو نتيجو ڏنو. انهيءَ ديو ۽ ديوتائن جي نئين دور جي شروعات تاليفن جي هڪ نئين دور کي شروع ڪيو. جن کي اسين ”پُراڻ“ چوٿين ۽ ٽين صدي قبل مسيح طور سڃاڻون. پر ڏند ڪٿا پنهنجو پاڻ اونداهي دور سان نه پر، اڳوڻي دور سان واسطو رکيو ٿي. جنهن کي اسين ويدن وارو دور چوڻ پسند ڪريون ٿا، پر انهيءَ کي ڪي عالم هڪ الڳ ”سنڌو سڀيتا“ طور بيان ڪن ٿا. ٻين لفظن ۾ پُراڻن (ويدن واري) سونهري دور جي تاريخ کي جيئن جو تيئن محفوظ رکيو. جنهن کي گهڻن خيالي ۽ رومان ۾ ورتل ديو ۽ ديوتائن، اونداهي دور دوران گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. جيتوڻيڪ، چوڏسا ڏوڙ (Grist) ۾ اهي ڏند ڪٿائون اُسريون، تڏهن به اهي محفوظ ڪيون ويون آهن. اهو آتوت اندريون تهه، ويدن، واري دور جي تاريخي واقعن تي مشتمل آهي. اونداهي دور سان واسطو رکندڙ ڪي شجرا پڻ محفوظ ڪيا ويا آهن. پر اهي به نالي ماتر ۽ ڪلي نفرت سان. پر سيني نالن ۽ شجرن جي مُهرن پڙهڻ لاءِ اسان کي گهرج آهي، اهو هڪ پڪي ويساهه جو گهرجائو ٿيندو ته هزار سالن تائين هندستان جي ماڻهن جي ڪا به سياسي زندگي نه هئي. ۽ اهي ويدن واري سونهري دور جي تصور ۾ مگن رهيا هئا ۽ ان کي اهڙين ڏند ڪٿائن سان سينگاريندا رهيا، جن جو مشڪل سان ڪو حقيقي وجود ٿي سگهيو پئي. پر جيڪڏهن اسين ياد ڪريون ٿا ته يورپ پڻ اونداهي دور مان گذريو جنهن پڻ لڳ ڀڳ ساڳئي عرصي جيترو جٽاءُ ڪيو. اهو نظريو پڻ غير مناسب نه لڳندو. پُراڻ ويدن جي واقعن کي محفوظ رکن ٿا، جيئن اهي زباني روايت وسيلي منتقل ٿيندا آيا هئا. يعني ڏند ڪٿا ۾ ويڙهيل. اسان کي سوٽ گهراڻي جي حوالي سان، ڏند ڪٿا، نالن جي مونجهارن ۽ يادگيريءَ جي خرابين تي اکيون ٻوٽي اعتبار ڪرڻ نه گهرجي. هن کان سواءِ چوٿين ۽ ٽين صديءَ ۾ ٻڌ ڌرم خلاف هندو ڌرم جي ورون ڦيري، پراڻڪن ۽ ان جي ٻانهن ٻيلي چيلن ويد وياس جي ڇڏيل لکيل رڪارڊ کي وڏيءَ حد تائين وڌائي اينگهائي ڇڏيو. سوٽ ماڻهن کي پنهنجي گُرن ۽ مٿادپين (mathadipatis) کي ترت جواب ڏيڻ واسطي تڙ تڪڙ ۾ ڪي خيالي ڳالهيون لکي پورت ڪرڻي پئي هئي، هي اهي ماڻهو هئا، جيڪي ڪين اوائلي ڳالهيون ٻڌائيندا هئا ته، ”جڏهن منو (Manu) نچ ڏني ته اشوڪ پيدا ٿيو“. پر اسان کي انهن شجرن جي سچ تي،، اجايا وڌاءُ ڪٽڻ کان پوءِ ضرور ويساهه ڪرڻو پوندو. تازو ئي، ٽورنٽو يونيورسٽي جي ڊاڪٽر ڪورڊر (Corder) به ساڳين اصولن تي ڪم پئي ڪيو آهي. هندستاني تاريخ نويسي (Indian Histrography) جي هڪ نظريي کي پئي اپاريو آهي. پارگٽر (Pargitter) جي حساب پٽاندڙ ويدن جو دور لڳ ڀڳ اٺويهه سئو سالن جي پڪي پختي عرصي تي ٻڌل آهي. جيڪڏهن هن عرصي ۾ نند دور کان اڳ وارو اونداهو دور جوڙ ڪنداسون ته اهو وڃي 2900 سال بيهندو اهي هزار ورهيه، هندستان جي تاريخ جي شروعات مان ڪٽ ڪيا ويا هئا. اهڙيءَ طرح

هيءُ نظريو اسان کي ڪٺٽو پوندو تہ چوٿين صدي قبل مسيح جي پُراڻڪن ۾ ٻين سهيڙيندڙن اٺوينهن صدين جي تاريخ قلم بند ڪئي هئي. ڏند ڪٿائي شلوڪ، داستاني گيت ۾ مهاڀارت کي ماخذ طور پرتي ڪندي هڪ هزار سال پاڻ مرادو ڪٿي ڇڏيا. جيڪڏهن هي سارومواد ويساهہ جوڳو نہ آهي تہ، پوءِ ماڻهن کي اهو چوڻ جو بہ حق پهچي ٿو تہ پوئين دور وارين ڳالهين تي ۾ ويندي موجوده دور جي حقيقتن تائين بہ ويساهہ ڪري ڪو نہ ٿو سگهجي. هن مان اهو بہ سمجهي سگهجي ٿو تہ سراسري طور هر هندستاني ويدن جي سونهري دور سان جذباتي طور لاڳاپيل آهي، جيڪو ڪائنن چار هزار سال اڳ تي گذريو آهي، پر هي سيئي پُراڻ ۾ ويد کي اجايون ۾ اسڦل ڳالهيون ڪو نہ آهن. هاڻي تازو هڪ عالم رچرڊ لئناءِ (Richard Lannoy) هندستاني ثقافت تي ”دي اسپيڪنگ ٽِري“ (The Speaking Tree) نالي هڪ ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ هُن ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ هندستاني روايتون اڄ بہ زنده آهن. سندس ويچار آهن تہ هندستان جي تڏهوڪي فن ۾ فڪر لاءِ هڪ خاص قسم جو ذهني وايو منڊل جڙيل ۾ تيار ڪيل آهي. سندس ڪيل ڳالهہ کي سولائيءَ سان هن ريت سمجهي سگهجي ٿو تہ هن مهل ان موضوع تي بحث ڪرڻ دوران هندستان وارن کي تمام پوئتي پيل سمجهڻ مناسب ڪو نہ آهي، ماڻهن جي حافظي جو اندازو ان جي استعمال مان لڳائي سگهجي ٿو. مثال طور هو پنهنجي خيالي ”خلائي سياري“ (Space satellite)کي ”آريہ ڀٽ“ جو نالو ڏئي سگهيا ٿي.

هيءَ جڻ پارگٽر جي هندستاني تاريخ جي فڪري مطالعي جي ڪجهہ اهڙي ئي وڌايل سڌاريل شڪل آهي. ان کان علاوه هٿ آيل مُهرون بہ اهڙين حقيقتن لاءِ شاهد ٿي بيٺل آهن. جتي بہ پُراڻن ۾ پارگٽر ۾ اختلاف نظر آيو آهي، اتي اسان پُراڻن کي ڇڏي پارگٽر کي سَنَد طور ڪتب آندو آهي.

سنڌو- سڀيتا جو لفظ هاڻي متروڪ ٿي پنهنجو وزن وڃائي چڪو آهي. ڪيترا قديم ماڳ هاڻي تازو پڻ لڌا ويا آهن، جيڪي ”هڙاپا“ کان هزار ميل کن جي وڏيءَ وٿيءَ تي آهن. اڪرن جي صورت ۾ بہ اهو لفظ هاڻي متروڪ هئڻ کپي، البتہ معنوي طور اهو لفظ بہ عالمن سان جڻ ڇهتي چنبڙي پيو آهي، پر ان ڳالهہ تي ڊاڪٽر راءَ ۾ منهنجا اختلاف آهن. هن جا بہ مضمون انهيءَ مفروضي تي بيٺل لڳن ٿا تہ اها عام هندستاني سڀيتا کان ڏار ڪا خاص سڀيتا آهي. مهرن کي پڙهڻ ڪانپوءِ اسين قائل ٿي ويا آهيون تہ اهڙي ڪا خاص سڀيتا ڪانهي ۾ اهو بہ تجويز ڪريون ٿا تہ اهي مهرون ساڳئي 1900 سالن واري دور سان تعلق رکن ٿيون. اهي صرف ويدن ۾ پراڻن ۾ لکيل حقيقتن جي تصديق ڪن ٿيون پر ڪجهہ مختلف اندازن ۾ وقت جي لحاظ کان ويد کا گهٽي مدد نٿا ڪري سگهن. ان لاءِ اسين صرف لساني ۾ اسلوب مان شاهدي وٺي سگهون ٿا. جيتريقدر پراڻن جو سوال آهي تہ اهي رڳو نسلي شجرن ۾ ڪجهہ ٻين حقيقتن تائين محدود آهن. (مثال طور: ڏهہ راجائي ويڙهہ) ۾ انهن تي ڀاڙي سگهجي ٿو پر ان ۾ غير حقيقي ۾ غير امڪاني ڳالهين کي رد ڪرڻو پوندو. اسان کي اها ڪهاڻي رد ڪرڻي پوندي تہ راجا تڪشت (Takshata)ڪنهن قل ۾ جيت ٻڻجي راجا پريڪشت کي وڃي ماريو هوندو، پر اسين هنن مهرن مان اها ڪهاڻي ٻيهر جوڙي سگهون ٿا تہ هن ڪو زهريلو قل يا ڪرائي جو قاتل موڪليو هوندو، ۾ امڪان آهي تہ اهڙو ماڻهو موڪليو هجيس، جنهن گهتو ڏئي اک ڇنڀ ۾ پريڪشت (Parikshit) کي ماري ڇڏيو هجي. پُراڻن جا تفصيلي بيان برابر اعتبار جوڳا ڪو نہ آهن، ۾ مغربي عالمن جنهن حقيقت تي ويساهہ نہ ڪندي ڦٽي ڪيو آهي، تنهن کي اسين بہ اهميت

ڪو نہ ٿا ڏيون. پرهي مُهرون، پنهنجي سهيوڳي تاريخ جا برملا بيان آهن. مثال طور انهن مان هڪ مهر تي اهو نظر ايندو تہ جنگ تي اُسهڻ کان اڳ ۾ راجا تڪشٽُ ڏرمي پوڄا پاٺ ۾ رڌل آهي، پر پنهنجي پنڊتن کان اهڙي ڳالهہ کي ڳجهو ٿو رکي. اهڙي قسم جون شاهديون پراڻن ۾ بيان ٿيل ڪن ڳالهين کي ٻئي نموني ۾ اعتبار ۾ نہ ايندڙ ڪري جيئرو ڪري ٿيون بيهن، پر سچائيءَ جي ڪسوٽي، مُهرن جو پڙهي سگهڻ نہ سگهڻ آهي. اهڙيءَ ريت ڪي مُهرون اهڙيون بہ آهن جيڪي ترَسَدَسيو (Trasadasyu) جي زندگيءَ تي بہ روشني وجهن ٿيون، جنهن جو ذڪر نہ ويدن ۾ ملندو نہ وري پراڻن ۾. پر اهي راجا جي خلاف ساري خطرناڪ صورتحال جون منطقي شاهد آهن. اسان هن قتل جي تاريخ کي مُهرن جي آڏار تي جاچيو پرکيو آهي. رگويد ۾ سندس ڪن شلوڪن جو اڻ چٽو پرتوو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن انهن يورپي عالمن کي گهڻو منجهائي ڇڏيو آهي، جيڪي پراڻن جي پڙهڻ کان وانجهيل رهيا آهن.

ٻين لفظن ۾ اسين هيئن چئي سگهون ٿا تہ هنن مُهرن جي آڏار تي ان سونهري دور ۽ ان کان پوءِ واري ٿوري عرصي جي تاريخ کي نئين سر جوڙي رهيا آهيون. مثال طور اسين اهو چئي سگهون ٿا تہ ويدن وارو سماڄُ غير طبقاتي هو. ذات پات جو ڄم سان نہ پر ڏنڊي سان واسطو هو. هڪ راجا ڪتري تي سگهيو ٿي، جڏهن تہ سندس پاءُ برهمڻ ۽ چاچو شودر هجي. هڪ ئي ڪٽنب سان لاڳاپيل اهڙيون ڳالهيون ويدن ۽ پراڻن ۾ بہ واضح طور بيانيل ڏسبيون پر اڄ ڪلهہ جو هندستاني سماڄُ اهڙين حقيقتن کي پڙهڻ کان اڪيون ٻوتي ويهي رهيو آهي. اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو تہ ڪَوَشَ (Kavasha) نالي هڪ رشي هو جيڪو ذات جو شودر هو ۽ جيڪو ٻل چاڙهڻ وارين هندو رسمن جو نگران هو. هندستان وارن اهڙين ڳالهين تي سُچيتائيءَ سان ڪو نہ ويچاريو آهي، پر ڪن اهڙين مُهرن جي آڏار تي پوري ويساهہ سان چئي سگهجي ٿو تہ رشي ڪَوَشُ واقعي هو جيڪو شودر هو ۽ شاهي خاندان جي ڌرمي رسمن جو نگران هوندو هو. اسين هن حقيقت کان بہ آگاهہ آهيون تہ توگرا (Tugra) نالي هڪ مهاڻو هو جنهن جا ناهيل سلوڪ ويدن ۾ شامل آهن. اسين سمجهون ٿا تہ اها رڳي هڪ تمثيلي ڳالهہ آهي، پر اسان وٽ قربانين ڏيڻ جو هڪ رڪارڊ محفوظ آهي، جيڪي توگرا جي نگرانيءَ ۾ سرانجام ڏنيون ويون هيون. هنن مُهرن جي پڙهڻ سان اهو ساڳيو سڀاجهو دور چڻ وري جيئرو ٿي رهيو آهي. اها هڪ حقيقت آهي تہ ڪن ٻين شاهدين جي آڏار تي اسين ان دور جي نشاندهي ڪري سگهون ٿا تہ هندستان ۾ جنم جي ناتي سان ذات پات جو رواج ڪهڙي دور ۾ پيو آهي، يعني وياس (Vyas) جي چيل بشڪليءَ (Bashkali) جي مرتئي کان ڪي بہ ٽي ڏهاڪا پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اسين اهو تہ چئي سگهون ٿا تہ ڄم جي ناتي ذات پات جي اصول جو قيام پوءِ جي ان اونداهي دور جي پيداوار آهي، جڏهن مختلف قبيلا خود شناسيءَ واري اِرتقائي دور مان گذري رهيا هئا. هي اُهو دور هو جڏهن هستيناپور (Hastinapura) وارو اهم اڳوڻو مرڪز پڄي پري چڪو هو ۽ هر قبيلو پنهنجي شخصي سڃاڻ لاءِ جاکوڙي رهيو هو.

اهڙيءَ ريت انهن مُهرن وسيلي اسين ڪنهن حد تائين هندستان جي ان سونهري دور ۽ ان کان پوءِ جي نتيجن کي نئين سر جوڙي سگهون ٿا.

## II

مُهرن ٺاهيندڙ ڪاريگرن جي ڪم آندل لکت جو ڪجهه اندازو ڪري سگهجي ٿو. پر پوءِ جي پوريءَ سنڌو ـ لکت جو ايترو پتو ڪو نه ٿو پوي، انهن اڳين مُهرن ۾ به جيڪو ٿورو گهڻو علم آهي، سو به ڪو ويساهه جوڳو ڪو نه آهي. هيءَ صوتياتي نقطي نظر کان انساني مهارت ۽ محنت جو ڪرشمو آهي. جيڪا خوبصورت خطاطيءَ جي ڏس ۾ پوءِ به گهٽجي سڌاريل ڏسجي ٿي.

مُهرن واريءَ ٻوليءَ جي نئين سر جوڙجڪ ڪرڻ اجايو ٿيندو. موجوده هڪ سَو مُهرن منجهان اهڙيون به مُهرون مشڪل سان نظر اينديون، جن ۾ به مڪمل جملا لکيل هجن. باقي ٻين تي رڳو نالا، پيءُ يا گهراڻي جا لقب لکيل محسوس ٿيندا. امڪان آهي ته هٿ آيل چار هزار مُهرن جي پڙهڻ کان پوءِ، مَس ڪي سو کن پورا جملا ملي سگهن، جن جي آڌار تي هڙاپا جي ٻوليءَ جي ابتدائي گرامر کي سمجهي سگهون. مان پاڻيان ٿو ته اها به هڪ اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. هنن مُهرن کان پهريان جن تي ڪي لکل اشارا فعلن کان سواءِ خالي نالا ۽ لقب لکيل آهن. ڪي اهڙيون قديم مُهرون استعمال هيٺ هيون، جن تي ڪن مغرور راجائن پنهنجي باري ۾ ڪي مڪمل جملا ضرور لکرايا هوندا، جن ۾ سندن چڱا ڪم تحرير ٿيل هوندا. هڪ حقيقت هيءَ به آهي ته منيپور (Manipur) ۾ ذڪڻ هندستان جي پمپا (Pampa) شهر ۾ ڪي قربانيون اجا سوڌو ادا ڪيون وينديون آهن، ۽ هنن هڪ سَو مُهرن مان اهو پڪو پتو پوي ٿو ته هندستان اندر ٻيا به اهڙا ڪئين ماڳ آهن، جتان سنڌو ـ لکت سان لاڳاپيل مُهرون ملي سگهن ٿيون. اها آس آهي ته پاڪستان سرڪار اهڙين دلچسپ ڳالهين ڏانهن ضرور ڌيان ڏريندي، پر ان لاءِ وڌو وقت درڪار آهي. هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي جو قديم آثارن جا ماهر دوارڪا جي آس پاس موجود پُراڻن کَنڊرن جون کوٽايون ۽ کوجنائون ڪن. دوارڪا جي آسپاس مان گهٽيون ۽ نهايت دلچسپ مُهرون لڌيون ويون آهن، جيڪي خوبصورت ’اڪرن‘ ۽ مٽن مِين (enamel) هيٺڻ ڪري ڏاڍيون سهڻيون ڏسڻ ۾ آيون آهن. مثال طور انهن مُهرن تي هڪڙي عام ماڻهو گرڙا (Garuda) جي جاڻ ملي آهي، ته اُهو ”رات جو پهريدار“ آهي. هن کان علاوه به هاڻي پهريدار آهن ۽ سندن برادريءَ جي 80 هين ۽ 86 هين سالگرهه ملهائجي رهي آهي، يا ’جهازن‘ جا مالڪ واپاري جن جي هڪ هزار ميمبرن جي اتحادي مجلس آهي يا ڪاوڙيل واڻين جو ڪو اتحاد هو جن کي پنهنجي پورهئي جو اجورو ڪو نه ٿي مليو. ان اتحاد کي ويساهه ويهي ويو هو ته ڪين رواجي طور نياءُ پلئه ڪو نه پوندو ۽ انهن ڌرمي رسم مطابق پنهنجي مالڪن کي پِٽڻ ۽ پاراتا ڏيڻ شروع ڪيا هئا. اها به هڪ حقيقت آهي ته سڪندر اعظم به اهڙيون ڪي مُهرون ڏٺيون هيون، جن مان ڪن مُهرن تي گهوڙي جي نشان جي خوبصورت پنن سان سجاوٽ ڏسي ڪيس هيروڊٽس ۽ ٿيوسيڊيڊس جيان غلط فهمي به ٿي هئي ته ’هند‘ (يعني سنڌ) ۾ ڪنهن دور ۾ هڪ سڱيا جانور به ضرور هئا. هن ڳالهه مان هيءَ حقيقت واضح ٿئي ٿي ته ٽين صدي قبل مسيح تائين به اهڙي قسم جون مُهرون ٺاهيون وينديون هيون. اسان کي اهڙي قسم جي پوئين دور جي مُهرن کي ڳولي لهڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ کپن. هڪ سَو هڪ مُهرن جي پڙهڻين مان بنا ڪنهن شڪ جي اهو پتو پوي ٿو ته، توڙي جو اُهي مُهرون موهن جي دڙي مان مليون آهن پر سندن واسطو هن ماڳ سان شايد ڪو نه هو پر انهن مان هڪ مُهر اهڙي آهي، جنهن جو تعلق ڪِلڪلا (Kilkile) جي راجا موني (Mouni) سان آهي. (يعني موهن جي دڙي جو راجا جيڪو ان زماني ۾ کنڊر ٿي چڪو هو). هن کان پوءِ ايندڙ ظالم حڪمران ڪوشش ڪري پنهنجي اڪشواڪ (Ikshwakus) ۽ ڀڳيرٿ (Bhagirathas) جي مُهرن سان گڏ رکائي هئي ته جيئن

ان جي خاندان کي بہ پراچين تصور ڪيو وڃي. هيءُ هڪ هاڙُو (usurper) راجا هو جنهن پرائي ملڪ تي اچي دنگو چمايو هو. کوهہ جي پرسان ڪن ماڻهن جا هڏاوان پڃرا لڌا ويا آهن. ان حقيقت مان پتو پوي ٿو تہ اُن راجا قديم شهر موهن جي دڙي تي زبردستيءَ قبضو ڪيو هو ۽ پنهنجي هڪ ننڍڙي حڪمراني بہ قائم ڪري ورتي هئائين، جيڪا فقط ان قلعي تائين محدود هئي. هن حقيقت کي پُراڻن واضح نموني سان بيان ڪيو آهي. اُن راجا وَرشني (Varshni) گهراڻي جي زوال کان سنت پوءِ ڪلڪلا تي قبضو ڪيو هو. ڪرشڻ جي پُٽ سمبا (Samba) جي اڏنگي هلت ۽ ڪرشڻ جي ٻين پٽن جي انياءَ ۽ انيت ڪري دوارڪا ماڳ ڦٽي پڙپانگ ٿي ويو هو. نظر ائين اچي ٿو تہ ڪلڪلا جي انهن راجڪمارن دوارڪا ۾ رهندڙ شجرن جي پٽن ۽ پانن ۽ مُهرن سنيالي رکڻ وارن کي رشوتون آڇي کانئن اهڙيون مُهرون ورتيون هيون. يا اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ تن ڏينهين ڪلڪلا يا ’مُوني دواز‘ (موهن جو دڙو) هندستان جي انهن ثقافتي ماڳن کان گهڻو پري هئا، جتي اهڙيون مُهرون جڙنديون هيون. پر اسان پَرويرَڪَ (Parviraka) مُهر 98 جي جا ٿوراٺتا آهيون، جنهن جو موني (Mouni) گهراڻي سان ڪو تعلق ڪو نہ هو. پر مڪار ۽ ننگ قسم جو ماڻهو هو. جنهن کي جڏهن اها سُڌس پئي تہ مُوني گهراڻي جو پڇاڙڪو راجا لاوارث مري ويو آهي، تہ هن اوچتو حملو ڪري پاڻي پرڻ لاءِ کوهہ تي گهڙا کڻي آيل عورتن کي قتل ڪري شهر ۾ ترٿلو پيدا ڪيو ۽ ماڻهن تي ڏهڪاءُ وهاري پنهنجو راڄ قائم ڪري ڇڏيائين. ذڪر ڪيل ماڳ تي هڪ سَو کن اَڻ پوريل لاشا نظر آيا. جن کي مارٽيمر ويلر آخري قتل عام (The Last Massacre) ڪري سڏيو آهي (ڏسندا ويلر جو ڪتاب ص 130 پليٽ XXIII) . اهو ضرور ڪنهن ڏاڍي جو ڏهڪاءُ ئي آهي، هو اڪيلو ماڻهو هو. ڪيس اهڙي شجري جي ضرورت هئي جيڪو ڪيس سگهارو بڻائي سگهي. تنهن ڪري هن پنهنجي مُهر اتي رکيل ٻين مُهرن سان ملائي ڇڏي. دوارڪا جي هن مُهر کي البت موني، دوارڪا (Mouni — Dwarka) مُهر سڏي تہ سگهجي ٿو. پر مون کي اهڙي ڳالهہ جو امڪان نظر ڪو نہ ٿو اچي. هن مُهر کان سواءِ ٻيون بہ ڪيتريون مُهرون هندستان جي دور دراز علائقن کان هتي پهتيون هونديون. يادَوِ راجا ۽ سندن سوٽ جيڪي دور دراز ڪاشيءَ ۾ راڄ ڪندا هئا. اهڙيءَ ريت ڪورو پنچال (Kuru Panchala) ۽ پانڊوَ ڏکڻ هندستان جا راڄ ڌڻي هئا. اهي بہ پڻ پنهنجي معلومات واسطي مُهرون محفوظ رکندا هئا. مُهرن جو اهو خزانو ڦري گهري اچي ڪِلڪلا جي هن راجا وٽ پهتو هو. جنهن کي اسين هاڻي ’موهن جي دڙي‘ جون مُهرون سمجهون ٿا.

## III

مُهر ڇا آهي؟ اڳتي بحث ڪرڻ واسطي اسان کي ان بابت ڪو هڪ متفق خيال هئڻ گهرجي. اهي شاهي طغري سان لاڳاپيل ڪي مُهرون ڪو نہ آهن، نہ وري اهي سيئي مُهرون ڪنهن راجا سان تعلق رکن ٿيون. هي ٽڪيون ڪن ڌرمي ريتن رسمن سان لاڳاپيل آهن، جيڪي قديم دور جا عام ماڻهو ۽ راجائون بجا آڻيندا هئا. هنن مان ڪن ٽڪين جو تعلق ڪاري جادوءَ سان هوندو هو ۽ انهن لاءِ ماڻهن جو ويساهہ هوندو هو تہ دشمن جي مارڻ يا ان جي مٿان ڪا مصيبت آڻڻ لاءِ تياريون ڪيون وينديون هيون. اهڙيون ڌرمي رسمون بہ اُن مقصد سان تعلق رکن ٿيون. اُتر پنجاب جي ڪِرمي (Kirmi) گهراڻي جي راجائن جي دربانن کي اهڙين رسمن جي نگرانيءَ جو حق هوندو هو انهن مان گهڻين مُهرن تي گهوڙي جي تصوير نظر اچي ٿي. گهوڙن کي اهڙيءَ ريت سينگاريو ٿي ويو جنهن مان نيڪيءَ ۽

بديءَ جو ٻَرو ٻئجي وڃي ٿو تہ اهڙي قرباني ڪرڻ واري جو مقصد ڪهڙو آهي. ان جي مثان ٽيل لڪت, پوءِ اُها چٽي آهي يا اَڻ چٽي, قربانيءَ ڪرڻ واري جي مقصد ڪي چٽو ڪري ٿي.

تنهنڪري مُهر جي اصليت کي سمجهڻ واسطي هندستان جي ڌرمي ريتن رسمن جي اصليت جو پتو لڳائڻ پڻ ضروري آهي. هن مقصد واسطي سڀ کان وڏيڪ اعتبار جوڳو عالم اي. بي ڪيٿ (A.B Kaith) آهي, جنهن جو تعلق هندستان سان ڪو نہ آهي. سندس يادگار تصنيف, ”رليجن ائنڊ فلاسافي آف ويد“ آهي, جنهن تان تمام گهڻو استفادو ڪيو ويو آهي. هيءُ عالم هندستاني ادب ۽ ڊراما جو سخت نقاد آهي. پر هو هندن جي رسمن ۽ ويدن جي ادب کي عزت آبروءَ جي اک سان ڏسندڙ آهي. هنن هڪ سَو مُهرن اسان کي ايترو متاثر ڪيو آهي, جو اسان جو اِرادو آهي تہ سندس ان ڪڙيءَ تنقيد مان ڪو فائدو حاصل ڪريون. سندس سارو دارومدار فقط علمي ڳالهين تي آهي تہ اهي ريتون رسمون ڪهڙي طريقي سان ادا ڪيون ويندیون هيون. سندس اصل حوالا قديم دور جون تصنيفون آهن. جهڙوڪ پَنچ وِنس براهمڻ, تيتريہ براهمڻ, جَئمِنيہَ اِشو ميدَ, ڪوُشڪ, شَنڪيَنَ شِرَوت سُوتر وغيره آهن. جن مان هن جيڪو مواد ڏنو آهي, سو انهن حوالن کان ٻاهر ڪو نہ آهي. ان کان پوءِ بہ اسان سندس ڏنل احوال کي هندستانين جي عادتن ۽ ريتن رسمن جي ڄاڻ جي ڄاڻيءَ ۾ ڄاڻي, جاچي, پرکي پوءِ هتي قلمبند ڪيو آهي. البت اُن جي ڪڙاڻ کي ڪجهہ جهڪوئي ڪيو ويو آهي. هن يَجنَ (Yajna) جي هندو ڌرمي رسمن کي بہ گهڻو اُجاگر ڪيو آهي, جيڪي هندستان کان ٻاهر ٻين ڪيترن ملڪن ۾ بہ بجا آنديون وينديون آهن, پر هن سُڄاڻ ماڻهوءَ ان حقيقت ڏانهن ڌيان ڪو نہ ڏنو آهي تہ هندو ڌرم جي مذڪوره رسمن کي پنهنجي هڪ جدا تاريخ آهي ۽ رسمون جيڪي عملي طور بجا آنديون وينديون آهن, سي لفظن جي مٿل اکرن کان گهڻيون نراليون آهن. امڪان آهي تہ لکيل لفظ ڪن ماضيءَ جي يادگيرين سان تعلق رکندا هجن. (ڏسندا تيتريہ براهمڻ) اهي پنهنجي زماني جون شاندار رسمون هونديون, جن جو هاڻي نالو نشان بہ ڪٿي نظر ڪو نہ ايندو.

اهو سمجهڻ غلط آهي تہ جن مُهرن تي سينگاريل گهوڙو ڏسجي ٿو, تن جو تعلق اِشوَميد واريءَ رسم سان آهي. هڪ ڪاوڙيل دربان پنهنجي مالڪ جي ڇپر کٽ تي وِڇَن کي سڏڻ ڪاڻ اِشوَميد جي رسم ادا ڪو نہ ڪندو. هنن مان رڳو هڪڙي مُهر اهڙي آهي, جنهن ۾ اڪشواڪ راجا کي سٺ گهوڙا قربان ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. پهريائين اسان کي اهڙي ڄاڻ هئڻ نهايت لازمي آهي تہ انهن قربانين جو مقصد ڇا هو ۽ ڇا جي ڪري بجا آنديون وينديون هيون. اِڪشواڪَ جو نالو پارگٽر جي انهن سهيوڳي راجائن جي پهرينءَ فهرست ۾ نظر اچي ٿو جيڪي سٺ گهوڙن جون قربانيون ڏيندا هئا. اها وڏين قربانين جي رسم جي بجا آوري هئي. ايترا گهڻا گهوڙا تڏهن قربان ڪري سگهبا هئا, جو اُن زماني ۾ هتي گهوڙن جي گهڻائي بہ هئي. تَرسَدَ سيوُ/ ترس داسيہ (Trasadasyu) هڪ ڏاتار (سخي) راجا هو. سندس سخا جو رگويد ۾ بہ ذڪر نظر ايندو. سندس زمانو 21 پيڙهيون پوءِ جو آهي. پر ڪيس ايتريءَ وڏيءَ قربانيءَ جو خيال بہ ڪو نہ هو. گهوڙن جي واپارين يعني بن شيبياس/ حبشي واپارين (Abyssinian merchants) سان لاڳاپيل هڪ مُهر آهي, جيڪي گهوڙا درآمد ڪندا هئا. اسان کي مُهرن وسيلي اها ڄاڻ ملي ٿي تہ اهي ڏاڍا سکيا ستابا هئا. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اهڙين قربانين ڪري هندستان مان گهوڙن جو انگ گهٽجي رهيو هو. ٻين ملڪن

مان گهوڙن گهرائڻ تي تمام گهڻو خرچ ايندو هو جيڪو وقت جا راجائون به برداشت ڪري ڪو نه سگهندا هئا. اِشوميدَ قربانيءَ جو ذڪر ڪندي ڪيٿ بيان ڪري ٿو ته ان قسم جي هر قربانيءَ ۾ گهوڙي کي قربان ڪرڻ ضروري به ڪو نه هوندو هو ۽ ساڳئي احوال ۾ هي صاحب اچرج جو اظهار ڪندي لکي ٿو ته انهن 63 جانورن ۾ ماڪيءَ جي مک به قربان ڪئي ويندي هئي! ۽ اهي مهانگي قسم جون قربانيون هونديون هيون ۽ اڳتي هلي ڏاڍيءَ شائستگيءَ سان اهو به لکي ٿو ته ڪي قربانيون اهڙيون به هونديون هيون، جن ۾ هڪ سو گهوڙا ۽ هڪ هزار سونا سڪا فقط برهمڻن کي پيٽا طور ڏنا ويندا هئا. هي جيڪي ڪجهه بيانَ لکت جا مقدس متن بيان ڪن ٿا، تن کي جيئن جو تيئن مجڻ ڏاڍو ڏکيو به لڳي ٿو. پر اهڙين خاص رسمن جي ياد لاءِ ئي اهڙو ذڪر اِئين قلمبند ڪيو ويندو هو پر اهڙيون ڳالهيون اَرن گش ۽ اُپنشد واري سونهري دور ۾ متروڪ ٿي چڪيون هيون. اهڙي قسم جون رسمون حريص قسم جا راجائون بجا آڻيندا هئا. سندن مقصد فقط پنهنجو راڄ قائم ڪرڻ هو. يُڌشتر به اشوميدَ قرباني ڪئي هئي، جنهن ۾ هُن ڪن جاڙو پنڊتن کي به ڳولي آڻي ويهاريو هو.

ان طرح هن ڪتاب ۾ ڪيٿ منهنجو ساٿي ته رهيو آهي، پر مون فقط اُنهن ڳالهين تي وڌيڪ زور ڏنو آهي، جيڪي سندس قلم کان رهجي ويون آهن. انهيءَ لاءِ ته جيئن هنن مُهرن کي وڌيڪ سولائيءَ سان سمجهي سگهجي.

## IV

هندستاني ڌرمي رسمن جو مقصد هڪ خواهش جو ئي اظهار هوندو آهي، جيڪا شَنڪَلپَ (Sankalpa) يعني اُن جي ذڪر سان شروع ڪئي ويندي آهي. ڪن مُهرن ۾ ”آشئڪَ“ ، آسائڪَ (Asaika) جو لفظ ڏسجي ٿو. جنهن مان ڪنهن خاص خواهش جو مفهوم نڪري ٿو. ڪيترين مُهرن ۾ اها ڳالهه نظر به ڪا نه ايندي، پر ان سان ڪا ڳالهه ثابت به ڪا نه ٿي ٿئي. جيڪڏهن ڪا قرباني هن مقصد سان ڪئي ويندي هئي ته پاڳُ وري، آل اولاد ۾ برڪت پوي يا سکيو ستابو رهجي يا چوپائي مال ۾ برڪت پوي، ته اهڙي خواهش مُهرن تي ڪا نه اُڪرائي ويندي هئي. قرباني ڏيڻ وارو ماڻهو اهڙي ڳالهه پنهنجي پنڊت کي به ٻڌائيندو هو. پر ڪڏهن قربانيون اهڙيون هونديون هيون، جن جي نيت جي خبر عام ماڻهن کي ڪا نه ٻڌائي ويندي هئي. جيڪڏهن قرباني ڏيندڙ قربانيءَ جي نيت کان عام ماڻهن واقف ڪري ته سندس مراد حاصل ڪا نه ٿي سگهي ها. مثال طور تڪشڪ جي پريڪشت کي قتل ڪرڻ جي خواهش هئي، ته هو پنهنجي اهڙي خواهش تي زور ڏئي ٿو. پر عام ماڻهن مان ڪنهن کي به ڪو نه ٿو ٻڌائي. تنهنڪري هو فقط ”هڪ خواهش“ (Ekasuka) لفظ ئي چوي ٿو ۽ وڌيڪ ٻڙڪ نٿو ٻولي ۽ حقيقت کي ڳجهو رکي ٿو قربانيءَ سان لاڳاپيل ديوتائون قرباني ڪندڙ جي عام خواهش جي پورائي لاءِ پنهنجي سگهه ڪم ڪو نه ٿا آڻين، پر هن جي خاص خواهش جي پورائيءَ واسطي پنهنجي خاص طاقت کي ڪتب ٿا آڻين. برهمڻ جيڪي سندس ان قربانيءَ جا ساٿ سَوڻ ادا ڪري رهيا آهن، تن کي به سندس خاص خواهش جو علم ڪو نه آهي. مُهر ناهڻ وارا ڪاريگر ڪنهن حد تائين سمجهن ٿا ته سندس ارادو صحيح ڪو نه آهي، پر اها خبر ڪا نه اٿن ته سندس اصلي نيت ڪهڙي آهي، تنهنڪري اهڙي مُهر سهڻي به ڪا نه ٿا سيانچن ۽ اُڪيرن. ڪيٿ هتي ذڪر ڪندي

پهرئين اصول کي وڌي تفصيل سان بيانيو آهي. پر ”شنڪلپ“ يا ”اڌيڪار“ جهڙن لفظن ڏانهن ڌيان ئي ڪو نه ڏنو اٿائين.

ڪِيٿ جو بيان آهي ته پنڊتن پروهتن طرفان ”همدردانه جادو ٽيڻو“ ڏاڍو ڪارآمد ثابت ٿيندو هو. منهنجي خيال ۾ هنن هندستاني رسمن کي هو سمجهي ئي ڪو نه سگهيو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته هو سر جيمز فريزر (James Frazer) ۽ مصر جي ٽوٽي ٽيڻي جي نموني کان متاثر آهي. هندستان ۾ ڌرمي رسم قرباني ڏيندڙ جي خواهش جي اظهار سان ٿيندي آهي. اهڙي خواهش ڪرڻ (دل ۾ يا ظاهر) قرباني ڏيندڙ جو حق يا اختيار هوندو هو ته اهو يَجنه واري قرباني ڪرائي ٿو. اها ڪتي به ثابتي ملي ڪا نه سگهندي ته پنڊت پاڻهرتو ڪجهه پڻ پڻ ڪئي هجي يا ڏاڍيان ڪنهن خواهش جواظهار ڪيو هجي يا ڪنهن گڏيل قسم جي خواهش ڪئي هجي يا خواهش جي تڪميل واسطي نانگن کي اُڇليو يا اُڇلارايو هجي. اڪثر ائين به ٿيندو هو جو اهي پنڊت قرباني ڏيندڙن جي خواهشن کان بلڪل اڻ ڄاڻ هوندا هئا. قرباني ڏيڻ جي طريقي سان ئي پنڊت کي پِرون پئجي ويندا هئا، ته قرباني ڏيڻ واري جي خواهش سخت نوعيت جي آهي. پنڊت طرفان ڌرمي رسم دوران قرباني ڏيڻ واري کي خود ميجتا (Self hypnoses) واسطي همٿايو ويندو هو. جيڪڏهن اهڙي ڌرمي رسم جي آڌار تي، ڪنهن جي دل جون مرادون پوريون ٿي ويندڙيون هيون، ته سمجهيو ويندو هو ته اهڙي ڪاميابي ”شنڪلپ شڪتيءَ“ وسيلي حاصل ٿي آهي ۽ اهڙو ڪرم ديوتا ڪيو آهي، جيڪو قربانيءَ کان گهڻو خوش ٿيو آهي. ان قربانيءَ جو مقصد اهو هو ته گهربل ديوتائن جي دلين کي قرباني ڪرڻ واري ڏانهن ڦيريو وڃي. پنهنجي پوريءَ مرضيءَ سان قربانيءَ وسيلي قدرتي طاقت کي زور سان قرباني ڏيڻ وارن جي فائدي ۾ ڪتب آڻڻ جي عمل تي اُپنشد ۾ گيتا لعنت ۽ ڦٽڪار وسائي آهي. اها ڳالهه ڌرمي رسمن جي خلاف نه هئي، پر قربانيءَ جي اثر ۾ ئي اُپنشد ۽ گيتا جو ڪو ويساهه ڪو نه هوندو هو ڇاڪاڻ ته اُهي حقير ۽ ڪُڌين خواهشن جي سخت خلاف هوندا هئا.

ان کان پوءِ قرباني ڪرڻ جو هڪ ٻيو اصول به آهي. ان مطابق ماڻهوءَ جي ”يتاشڪتيءَ“ کي وڌائڻ لاءِ قربانيءَ جي رسم بجا آڻڻ لاءِ گهربل سامان آڻڻ نهايت ضروري هوندو هو. قرباني ڏيڻ واري کي حسب طاقت پنڊت کي انعام اڪرام سان به نوازڻو هو. ڪِيٿ جو بيان آهي ته اهڙيون ڪيتريون ڌرمي رسمون هونديون هيون، جيڪي وقت جا راجائون بجا آڻڻ کان ڪليو انڪار ڪندا هئا. جيئن ته اها رسم علامتي هوندي آهي، ائين تصور ڪرڻ ڪا غير ممڪن ڳالهه ڪا نه هوندي هئي ته مُهر جي تصوير ۾ نظر ايندڙ مقدس جانور قربان ڪيو ويندو هو. پر اهڙن جانورن جون علامتون جوڙي به مذڪوره قرباني ادا ڪئي ويندي هئي. اهڙا ڪيترا مثال نظر ايندا هئا، جن ۾ ڪيترا غريب ڪنگال ماڻهو قربانيءَ جو جانور اَٽي جو جوڙيندا هئا ۽ اهڙي رسم ادا ڪندا هئا. برهمڻ ”سَهسرَم دَدِيات“ (Sahasram dadyat) جا ٻول پڻ پڻ ڪندا هئا. پنڊتُ قرباني ڏيڻ واري جي مسڪيني حالت کي ڏسي، هڪ سکو وٺندو هو پر سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ڏاڍيان چوندو هو ته ڪيس هڪ سَو سڪا مليا آهن ۽ مڙهيءَ جي دربان کي ٿنهي جڳهن ۾ ’هڪ ڇتيءَ واري‘ حڪمران هجڻ جي ۽ هن جهان لاءِ ڪيس هيڊ دربان هجڻ جون دعائون ڪندو هو.

اهڙين رسمن لاءِ سامان سڙي جي ضرورت پوندي هئي. جهڙوڪ ويڌيءَ (Vadi) لاءِ پڪين سِرن جي ۽ ڪنهن ڏڙَ (Stoma) لاءِ ڪُش (kusa) گاهه، اناجَ، ڪاڌي خوراڪ ۽ مکڻ جي. جيڪڏهن ڪنهن جي تباهيءَ لاءِ ڪي

ڏرمي رسمون ادا ڪيون وينديون هيون، تہ اهڙو بندوبست شهر کان ٻاهر ۽ ڳُجهہ ڳوهہ ۾ ڪيو ويندو هو. اُنهيءَ ڪم واسطي ”اَٿَر وَ بر همڻ“ (Athar Va Brahmin) هوندا هئا، مَگَڌَاس ”Magadhas“ ان کان علاوه مُهرن جا ڪاريگر بہ اعتبار جوڳا هوندا، تہ متان ڪنهن کي اندر جو ڳجهہ نہ سلي وجهن. پُراڻن جو بيان آهي تہ جڏهن راجا تڪشڪ اهڙي رسم ادا ڪئي تہ اهو راز ظاهر ٿي پيو. هڪ ناگ (Naga) برهمڻ کي اهڙي سُٽس پئجي وئي ۽ راجا پريڪشت کي ساري ماجرا ٻڌائڻ لاءِ وٽني ڏانهس پڳو. انهيءَ مقصد سان تہ جيئن هو اهڙي زهر جي اثر زائل ڪرڻ واسطي ڪنهن ٽوٽي ڦيٽي جو بندوبست ڪرائي. اها ڀاڳُور راجا تڪشڪ کي پئجي وئي. جنهن ان ناگ برهمڻ کي وڏا انعام اڪرام ڏئي واپس موٽايو.

اَسين ورجائيندا رهيا آهيون تہ گيتا اهڙيءَ رسم جي خلاف آهي. اهڙين سپني ڳالهين جو دارومدار خواهش تي آهي، جيڪا پنهنجي سگهہ مطابق اڏيڪار ۽ سَنڪَلَپ ٻڌجي ويندي آهي. اهو سپ ڪجهہ قدرت جي لکل طاقت ڪري ٿيندو آهي، جنهن سان ساري ڪائنات جو منڊلُ (نظام) ڊانواڊول ٿي ويندو آهي. رسم ۽ ان جي اثر زائل ڪرڻ واسطي ٻيءَ رسم جو بنياد ساڳيءَ مابعد طبعيات (metaphysics) تي بيٺلَ تصورَ تي هوندو آهي تہ انسان جي دل ڪائنات جو ذرو آهي، جنهن کي مُناجاتن (invocations) سان سگهارو بڻائي سگهجي ٿو. گيتا اهڙين جائز خواهشن جي اجازت ڏئي ٿي. جهڙوڪ مينهن وسڻ لاءِ دعا ڪرڻ وغيره.

ٽيون مکيہ اصول ڌيان (Dhyana) آهي، جنهن کي پرتسٿان (Pratisthana) پڻ سڏيو ويندو آهي. يعني ”علامتن جي ڦير گهير“. جانور گهوڙو آهي يا اَٽي جي ٺهيل ان جي مورتي، انهن کي هڪ سمجهڻو آهي ۽ رسم جي نوعيت مطابق ان کي دشمن تصور ڪرڻو آهي. هن قسم جي ياگ (Yage) يا اُڪٿيہ (ukthya) علامتي مٽ سٽ نڪولش (Nakulisa) فرقي جي پاشو پَتَ (Pasupata) واري آزاد خيالي آهي. هتي اسان وٽ اهڙيون بہ مُهرون موجود آهن، جن مان پتو پوي ٿو تہ سندن تعلق ستين ماڻهن جي رسمن سان آهي ۽ تڪشڪ جي زوال ۽ مهاڀارت جنگ کان ڪجهہ عرصو پوءِ ”ڪورو جانگل“ جي ناگا قبيلي جي ماڻهن اهڙي رسم پنهنجائي هئي. نَڪولش واري رسم پوءِ ويدائي صورت سَتَروِدِر (Satarudra) جي صورت اختيار ڪري ورتي. چاڪاڻ تہ پَسُيوءِ روپ پاشا (Pas'ha) عام مقبول علامتون هيون ۽ ان جي مفهوم بہ هڪ آزاد خيال جي حيثيت اختيار ڪري ورتي هئي.

اها ڳالهہ اسان اَشوَميدَ جي پٽ (Patta) يا مُهر ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿي. پر هن رسم جي ادا ڪرڻ واسطي خاص ستوم (Stoma) ۽ يجنائون ڪرڻيون پونديون هيون، جن ۾ راجا ۽ راڻيءَ کي هفتن تائين روزا رکڻا پوندا ۽ تَنَ کي تسيا ڏيڻا پوندا هئا. جڏهن راجائن اهڙين رسمن کي خارج ڪري ڇڏيو تہ پنڊتن جو ظاهري زور ٽُٽي پيو. ان سان گڏ وري منڊل (Mandala) جهڙي طرز حڪومت جو بنياد پيو. جنهن ۾ پڻ ستوم جو زور ختم ٿي ويو پر ورشني دور جا ڪي سڪيا ستايا راڄپرش (سرڪاري ڪامورا) ۽ بورزوا نديڙي پئماني تي اهڙيون رسمون ڪندا هئا، جن ۾ ٿورا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا. يا اهڙا مائٽ، جن جو اولاد وفات ڪري ويندو هو تہ اهي مذڪوره رسمون ادا ڪندا هئا. اسان کي هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو مثال بہ ملي ٿو جنهن جا ڇهہ پٽ ڪنهن جنگ يا مهامريءَ ۾ وفات ڪري ويا هئا ۽ ڪيس شانتيءَ (Consolation) جي رسم ادا ڪندي ڏسجي ٿو. دوارڪا ۾ بورزوا (وچولي طبقي) جي گهٽائي هوندي هئي ۽ انهن ماڻهن طرفان ادا ڪيل رسمن جو هڪ رڪارڊ موجود آهي. منجهائن هڪ وڻن جو واپاري يعني ناٺارو

بہ هو. هڪ مُهر جي سمجهاڻيءَ ۾ اسان هڪ امڪان ڏانهن اشارو ڏنو آهي، تہ هڪ وڏي عمر واري وئشيا (Prostitute) پنهنجي پراڻن چگهن سان ڪا رسم ملهائي رهي آهي. مون کي هڪ مُهر تي چترپان (Chaturbhani) جو لفظ پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي. توڙي اهڙي قسم جون رانديون 1800 سال پوءِ جون آهن. پر پوءِ بہ پتو پوي ٿو تہ هندستاني ثقافت جو اهو سلسلو قائم هو. مون کي محسوس ٿيو تہ شري ڪرشڻ جي شهر دوارڪا جا ماڻهو اهڙا خوش مزاج هئا، جهڙا اُجين جي پتليپتر جا پان (Bhans) هوندا هئا. ٻيءَ ڪنهن جاءِ تي بہ مون هن ڳالهہ جو اشارو ڏنو آهي تہ دوارڪا ۾ سترهين صديءَ جي سورت جا ڦاتڪ هڪجهڙا آهن، جن جو ذڪر جان هاڪنز بہ ڪيو آهي، جيڪو تنهن زماني ايسٽ انڊيا ڪمپني طرفان اڪبر جي دربار ۾ مقرر ٿيل نمائندو هو. شري ڪرشڻ جي پٽ سامبا (يا سمپا) پاڻ کي خوش طبع مهاهس (Maha — Hasa) سڏيو آهي. هن مان اسان کي اهو اهڃاڻ ملي ٿو تہ جڏهن شري ڪرشڻ دهلي مرڪز جي ڪورُو— پورُو اقتدار جي ڦيٽاڙي وقت گهڻو عرصو دوارڪا کان ٻاهر سفارتي سفر تي رهيو، جنهن کان پوءِ مهاڀارت واري جنگ لڳي ۽ دوارڪا اجڙي ويو هو.

# V

آپٽہ (Apte) جي ڊڪشنريءَ پَٽَ (Patta) ۽ ڦَلَڪَ (Phalaka) جو ترجمو "تِڪي" ڪيو ويو آهي. پر اها پَتر (Patra) جو مفهوم ڪا نہ ٿي ٻڌائي. ويدن جي ضميمن ۾ پڻ هن لفظ جي معنيٰ ڏسڻ ۾ ڪا نہ ايندي. هُبليءَ ۾ 'پٽيگر' ذات جا ماڻهو رهندا آهن. انهن مان گهڻن جا نالا آريائي طرز جا آهن ۽سندن نالن جون پڇاڙيون "سَ" اُچار سان هونديون آهن، جهڙوڪ پَڪسَ (Paksa) ۽ پَدشَ (Padsha) . سندن لاڳاپو ڪشتريہ ذات سان آهي. انهن مان ڪيترا پڙهيا ڳڙهيا، واپاري، صنعتڪار ۽ جديد خيالن جا حامي آهن. جَئمِنِيہَ اِشوميدَ ۾ هڪ ثابتي ملي ٿي تہ قربانيءَ واري گهوڙي جي دوناڙ تي پَٽَس يا ڦَلَڪَس ٻڌا ويندا هئا. ڪِيٽ جو بيان آهي تہ اهو گهوڙو پوري سال جو عرصو جيڏانهن وڻندو هوس پيو گهمندو ڦرندو هو. اهڙيءَ ريت قرباني ڏيندڙ ماڻهوءَ جي ملڪ جي جاگرافيائي حدبندي ٿي ويندي هئي. جيڪڏهن ڪو بہ راجا ان گهوڙي جي چر پر کي روڪيندو هو تہ قرباني ڏيندڙ حڪمران جي سگهہ کي للڪاريندو هو. ان گهوڙي سان چار سو جنگي جوڌا گڏ هوندا هئا، جن ۾ قرباني ڏيندڙ راجا جا پٽ بہ شامل هوندا هئا. متن اها ذميواري هئي تہ گهوڙي جي چرپر کي ڪير بہ نہ روڪي. جيڪڏهن ڪير ان گهوڙي کي اڳتي وڌڻ کان روڪيندو هو تہ گهوڙي سان گڏجي هلندڙ جنگي جَٿو اُن راجا سان ڀِڙُ ڪندو هو ۽ ڪيس ماري مات ڪندو هو. گهوڙي جي دوناڙ تي ٻڌل ڦلڪ تي قرباني ڏيندڙ جو نالو لکيل هوندو هو. ان گهوڙي کي نہ روڪڻ يا ان جي آجيان جو مطلب اهو هوندو هو تہ قرباني ڏيندڙ حڪمران جي آڻ مڃي وئي آهي. ويلر (Wheeler) جو بيان آهي تہ انهن مُهرن جي پُٺين پاسي نڪتل سوراخن مان پتو پوي ٿو تہ اهي شايد ڦَلَڪَ طور اهڙن گهوڙن جي دوناڙن تي ٻڌيون وينديون هيون. اسان جو اندازو آهي تہ اهڙي قسم جون ڦلڪون لئبريءَ، عجائب گهر يا رڪارڊ روم ۾ حفاظت طور ٽنگيون وينديون هونديون، جن ۾ انهن راجائن جا بہ نالا هوندا، جن قرباني ڏيڻ واري راجا جي اطاعت قبول ڪئي هوندي.

هنن ڳالهين مان سولائيءَ سان اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ هندستان ۾ اڻ سڌيءَ طور هڪ مرڪزي سرشتو قائم هو. شري رام جي هلت چلت بہ هڪ نمايان طرز جي هئي، جنهن راوڻ جي قتل ٿيڻ کان هڪدم پوءِ سندس ياءُ اٽگد (Angada) کي هن جي گاديءَ تي وهاريو هو ۽ پوءِ ماٽ ڪري پنهنجي ملڪ ڏانهن راهي ٿيو هو. هُن سُگِرَوَ سان بہ ساڳي نرمي اختيار ڪئي هئي. سگهاري راڄ جو قيام شادين وسيلي بہ ٿيندو هو. اهڙيءَ ريت پنچال (Panchala) ۽ پُورِوَ (Puru) راجائن جي رت ملڻ ڪري هڪ مرڪزي اقتدار جو هڪ پائدار امڪان پيدا ٿي ويو هو. پنچال ۽ پُورِوَ جي اتحاد وسيلي بعد ۾ ڪورُو (Kuru) اقتدار آيو. يادوَ (Yadav) بہ دهليءَ جي پورِوَ حڪمرانن سان ڳنڍيل هوندا هئا ۽ سندن ڏن پرُو هئا. جڏهن زبردست گهراڻن جي راجائن پاڻ ۾ ويڙهاند شروع ڪئي، تہ مرڪزي طاقت ان ڏانهن ڪو بہ ڌيان ڪو نہ ڏنو. ان جو عام فهم موجب سبب اهو هو تہ اهڙا جهيڙا مرڪزي طاقت جي شانَ مانَ ۽ طاقت جي واڌاري جو سبب هوندا هئا. اسان کي پتو پوي ٿو تہ ان سمي ڪنهن بہ حڪمران جو دهليءَ تي حملو ڪو نہ ٿيو هو. ساڳئي وقت ماڻهن جي نياءَ لاءِ پچاڙڪو هنڌ دهلي سرڪار بدران مقامي راجا هوندا هئا. بعد ۾ ڪاشي، ايوڌيا ۽ پنچال جي راجائن وچ ۾ ”دَش راجني“ (ڏهہ – راڄي) (Das Rajini) جنگ لڳي، جنهن ۾ دهليءَ جي پورِوَ گهراڻي جي راجائن منجهن ناهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪا نہ ڪئي. ترَسدسيوُ/ ترس داسيہ (Trasadasyu) جي دربار ۽ برهمڻن جي وچ ۾ جڏهن جنگ ڇڙي پئي تہ پاڙي وارن راجائن ٺياڪڙ ٻڌجي، ويڙهو ڏرين جي وچ ۾ پئي، آچار ويچار ڪري کين ياڪر پارائي، ٺڏو ڪري ڇڏيو هو. اهڙي واقعي لاءِ پنجن واڍن (درن ٺاهڻ وارن) واري مُهر ڏسي سگهجي ٿي. جڏهن قانون مان نياءَ ملڻ جي آس ختم ٿي ويندي هئي، تہ هڪ ڌرمي رسم ادا ڪئي ويندي هئي ۽ شهر کان ٻاهر نڪري ڏاڍ ڪندڙ ماڻهوءَ کي پٿرن پاراتا ڏنا ويندا هئا. حقيقت ڪٿي ڪيئن بہ هجي، پر هتي پُورِوَ گهراڻي جي هڪ مرڪزي حڪومت قائم هئي. هيءُ هڪ عزتدار گهراڻو هو. جنهن قديم زماني ۾ گهڻي وقت تائين راڄ ڪيو. هر ڪو ماڻهو هن گهراڻي جي دلي عزت ڪندو هو جنهن نظرياتي ۽ جذباتي طور هندستان کي متحد ڪري ڇڏيو هو. خود سُگرَوَ بہ دهليءَ تي حملو ڪو نہ ڪيو. توڙي ائين ڪرڻ ۾ ڪيس ڪا بہ مشڪل درپيش ڪا نہ هئي ۽ سولائيءَ سان وقت جي حڪمران کي شڪست بہ ڏئي سگهي ها. پر ڪيس ائين ڪرڻ جو ڪڏهن دل ۾ خيال ئي ڪو نہ آيو. پانڊوَ (Pandava) پهريان حڪمران هئا، جن کين للڪاريو هو. کين ائين ڪرڻ جو جواز بہ هو. ڏنو وڃي تہ دُريوڌَنَ جي پاسي بہ نياءُ ۽ نيت پڙ هئي. سندس اها دعويٰ هئي تہ ڪورو- پورو اقتدار هميشہ متحد ۽ سالم رهيو آهي، هن ڌرتيءَ کي ياٿرن ۾ ونڊي ورڇي ڪو نہ ٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ هن سر زمين کي هڪ مرڪزي ڪردار آهي. پر پانڊوَن انهن ڳالهين تي ڪو بہ ڌيان ڪو نہ ڏنو. اڳرائي ڪري ڏاڍا ڪِيتا لوڙيائون. هڪ پيرو مرڪزي طاقت جي الاهي قوت هئڻ جو طلسم ڀڳو تہ وري سَئين ڪا نہ آئي. بعد ۾ تخت تي وِهندڙُ هر جانشين ڏاڍو هيڻو ۽ ٻين راجائن جيان سندس راڄ بہ ٿور – وقتوءِ ڏانواڈول رهندو آيو. اِن کان پوءِ ناگ (Naga) گهراڻي جو راجا تَڪشَڪُ هستناپور راڄ جي دَڌَن تي حملن ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيندو رهيو. پَريڪشَت پنهنجي فوج جي آهر ۽ واهر سان تَڪشَڪ مٿان سوڀ ماڻي. پر مرڪز هئڻ واري انهيءَ قوت وارو تصور ختم ٿي چڪو هو ۽ هندستان (India) جي ٻين راجائن جي راڄن جيان، هڪ عام رواجي راڄ طور، هستناپور بہ هڪ راڄ بڻيو هو. ان کان پوءِ سَروسَر اونداهو دور شروع ٿي وڃي ٿو جنهن ۾ ڪنهن مرڪزي طاقت جي موجودگي ڏسڻ ۾ نٿي اچي.

هنن مُهرن مان اُن دور جي سياسي، اقتصادي حالت جو چڱيءَ ريت پتو پئجي سگهي ٿو. ان جو هرگز اهو مطلب ڪو نه آهي ته ان دور جي هر قرباني يا ڌرمي رسم انهن مُهرن تي اُڪريل آهي. جيڪڏهن ائين هجي ها ته مُهرن جو انگ گهڻو هجي ها. سرجان مارشلَ جيڪي مُهرون ترتيب ڏنيون آهن، تن مان هندستان جي ٻه هزار سالا زندگيءَ جو پتو پوي ٿو. انهيءَ دور ۾ پرويرڪ پوءِ جي (Praviraka) دور جا 300 سال ٻه جوڙ ڏئي سگهجن ٿا، جن جي شروعات چئن، راجائن جي معاهدي سان ٿئي ٿي، جنهن ۾ راجا مَنوءَ (Manu) مکيه ڪردار ادا ڪيو هو. هستناپور جي مرڪزي ڪردار واري سونهري دور جي اِن پُرِ شروعات ٿئي ٿي (ڏسندا مهر نمبر 6) راجا مَنُو تن ڏينهين ضرور وڏيءَ عمر جو ٿي چڪو هوندو، انهن چئن راجائن مان ڪي راجائون سندس پُٽ هوندا، ٿي سگهي ٿو ته نه به هوندا. هن هڪ ضابطي اخلاق ترتيب ڏنو هو، جيڪو راجا ۽ پرجا تي هڪ جهڙو لاڳو ٿيندڙ هو. پر هن جيڪي ڪجهه سڏو يا اڻ سڏو ڪيو هو، سو دهليءَ جي مرڪزي طاقت جي الاهي قوت هئڻ جي قيام لاءِ هو. جيڪڏهن هر ڌرمي رسم واسطي هڪ مُهر هجي ۽ ويدن واريون رسمون آسام ۽ پمپا (Pumpa) تائين پکڙيل هجن ها، ته چار هزار مُهرن جي جوڙ تي، رڳو ٻه مُهرون في سال واري انگ جي حساب سان ٻه اسين خوش ڪو نه ٿيون ها. ان طرح چئي سگهجي ٿو ته اهڙين مُهرن جو انگ تمام ججهو هوندو. حقيقت اها به آهي ته ويدن جي ضميمن ۾ اهڙي پٽن يا ڦلڪن (Patta and Phalaka) جو ذڪر نظر ڪو نه ٿو اچي. (ڪِيٿ انهن لاءِ تختيءَ (Board) جو لفظ ڪم آندو آهي). ان مان هيءَ حقيقت واضح ٿئي ٿي، ته ويدن واري دور ۾ اهي مُهرون ڌرمي رسمن لاءِ ڪم ڪو نه ايندليون هيون. تنهنڪري جيڪڏهن هر مُهر جي هڪ رسم مطابق ڳڻ ڪنداسون ته به ائين سمجهڻ غلط ٿيندو ۽ ائين ئي مُهرن بابت هيٺ ڪيل بيان قائم ڪرڻ گهرجي ته وڌيڪ مناسب ٿيندو.

1_ پنهنجي قُوَتَ جي مظاهري واسطي يَجنَ (Yajna) واري شاهي رسم، اهڙي موقعي تي مُهر جي ڪاريگر کي دهرا دان نه ڏيڻ راجائي شان جي خلاف هوندو هو.

2_ عام يا خاص جٿن (Guilds) جا اڳواڻ پڻ اهڙيون قربانيون ڏيندا هئا، جن وٽ پئسي ڏوڪڙ جي اڻاٺ ڪا نه هوندي هئي. اُنهن جٿن جا ميمبر رڪارڊي ثابتي چاهيندا هوندا. اها به هڪ ثابتي آهي ته هڪ واڻين جي جَٿي ۽ شاهي پهريدارن جي جٿي به اهڙيون مُهرون ٺهرايون هيون. هاٿي- پهريدارن مان ٻن جڻن ٻه مُهرون جوڙايون هيون، جن مان هڪ پنهنجي 80 هين ۽ ٻئي 86 هين سالگرهه ملهائي هئي. اهڙي قسم جا خاص اڳواڻ ٻه پوئين دور ۾ نظر اچن ٿا، جيڪي ٽامي جي ٿالهين تي پاڻ لاءِ اهڙيون لکتون اُڪرائيندا هئا، انهن جي ذڪڻ هندستان ۾ گهڻائي ڏسجي ٿي. (سُگهڙن) ۽ گَوَيَن جا پڻ جٿا (guilds) هوندا هئا.

3_ ماڻهو ماضيءَ جي ڪيل گناهن تي پڇتائيندا هئا. هنن هڪ سَو مُهرن مان هڪ اهڙي به مُهر آهي، جنهن ۾ اُن پڇتاءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي.

4_ رَمَلَ (مخفي جادوءَ) جي رسم به ادا ڪئي ويندي هئي، جنهن ۾ دشمن لاءِ بددُعا جو اظهار ڪيو ويندو هو. ڪي مُهرون ان رسم جي نمائندگي ڪن ٿيون. ڇهه مُهرون اهڙيون آهن، جن جا اکر اڳي جڙيل ٿپن وسيلي اڪيريل ڪو نه ٿا پائنجن نه وري منجهن صفائي ۽ سنائي نظر اچي ٿي. هٿ سان ڪُرچي جوڙيا ويا آهن، تنهن ڪري ڏنگا ڦڏا آهن ۽ ذرو ذرو ٿي اکڙي ويا آهن. لڪل اشارن ۾ قرباني ڏيڻ واري ۽ سندس دشمن (شڪار) جا نالا لکيل ٿا ڏسجن. هڪ

مُهر ۾ چٽيل دشمن ماڻهن جي نالن جي پهرينءَ اکرن جي اُڪَرَ ڏسجي ٿي. قرباني ڏيندڙ ڪِرِمي (Krimi) نالي وارو اُتر پنجاب جو ماڻهو آهي. اسين اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ اُها مُهر ناهڻ ڇو ضروري هئي.

(الف) اهڙين مُهرن ۾ مختلف قسم جا هٿيار نظر اچن ٿا. جيڪي جڻ گهوڙي جهڙي مورتيءَ تي جُلهہ ڪري رهيا آهن. انهن تصويرن ۾ تير، لٺ، ڪُلهن تي رکيل ڏنڊو، نانگ، وڇون ۽ ڪڏهن وري مڇيءَ جي شڪل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جنهن مان اشارو ملي ٿو تہ دشمن کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ماريو ويجي، جيئن سندس مُڙدو مڇيون کائي وڃن. هڪ مُهر اهڙي آهي جنهن منجهان قرباني ڏيڻ واري جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جو پتو پئجي وڃي ٿو ائين ٿو لڳي تہ قرباني کان پوءِ قرباني ڪندڙ ماڻهو اها مُهر ڪٽي ڳوٺ ويندو ۽ سوچيندو ويچاريندو ۽ پوءِ دل ٻڌي دشمن تي حملو ڪندو.

(ب) اهڙيون قربانيون گهڻو خرچ ڪائيندڙيون هيون ۽ قربان ڪرڻ وارو ان ۾ ظاهري اظهار جو طريقو بہ اختيار ڪندو هو. قرباني ڏيڻ واري جانور جي ڪپڙي مان مورتي جوڙڻ ڪري خود گهر جي ڀاتين کي هاڃو رسي سگهيو ٿي. باقي آٽي مان ناهيل مورتيءَ کي پاڻيءَ وسيلي ڌاهي جلديءَ ۾ ختم ڪري سگهبو هو ۽ گهٽي وقت تائين اها پاڻ وٽ رکي ڪو نہ ٿي سگهيو.

(پ) اهڙي قسم جون رسمون اَٿروَ گوتر (Atharva gotra) براهمڻ يا ناگ (Naga) براهمڻ جي نگرانيءَ ۾ ڪيون وينديون هيون. اهڙن براهمڻن ۽ مُهرن ناهڻ وارن ڪاريگرن جي وچ ۾ هڪ قسم جو سمجهوتو ٿيل هوندو هو. اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ سندن بہ هڪ پنهنجي پاڻ ۾ بہ جٿو (Guild) جڙيل هو. ڇاڪاڻ تہ مَنتر قِيٽي واري ڏنڏي سان لاڳاپيل برهمڻن ۽ مُهرن ناهڻ وارن ڪاريگرن جو الڳ الڳ تعداد ڪو گهڻو بہ ڪو نہ هو. ٻنهي ڏنڏن جي ماڻهن وٽ پنهنجي پنهنجي ڏنڏي جي ضرورتن ۽ اُن جي طريقہ ڪار جي خاص ڄاڻ هئي. ان ڪري هو پنهنجي پَر ۾ مَنتر قِيٽي واري ڏنڏي جي جملي روايتن ۽ پابندين کان پوريءَ ريت باخبر هئا ۽ انهن کي قائم رکڻ بہ ضروري سمجهندا هئا. جو وٽن روايتي طور ڪي اُهي راز ئي رهڻا هئا. ڪين قرباني ڏيڻ واري ۽ ان جي دشمن شڪار جي نالن جي ڄاڻ هئي پر ڪنهن سان ٻڙڪ بہ ڪا نہ ٻاقيندا هئا. جيڪڏهن ڳجهہ ظاهر ڪري وجهندا هئا، تہ اها قرباني ڏيڻ واري لاءِ فائدي جي ڳالهہ نہ هوندي هئي، جو سندس دشمن پوءِ ڄاڻي وٺندو هو ۽ سندن قرباني کي زائل ڪرڻ واسطي پنهنجي طرفان بچاءَ جو بندوبست ڪندو هو. اهڙي سماجي صورتحال مَنتر قِيٽي کي اهميت ڏئي ڇڏي هئي ۽ پنڊتن پروهتن جي بہ وڏي لٺ هوندي هئي.

5_ پُٽَ يا ننڍڙي ٻار جي وفات تي بہ مُهر تيار ڪرائي ويندي هئي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن سندس ياد قائم رهي. مون وٽ اهڙيون ڇهہ مُهرون آهن جن تي ’ٻالڪ‘ پَپَس (Papas) جو اکر لکيل آهي. هڪ مُهر تي اهو بہ لکيل آهي، تہ اهو اُجيو هو ۽ کيرَ، پاڻيءَ يا اهڙيءَ ٻيءَ چوسڻ واري شيءِ ملڻ کان اڳ مري ويو هو.

6_ خود واڪاڻ واريون مُهرون: ياياتي (Yayati) پهريائين پنهنجي پٽن کي ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي، جن پنهنجون ننڍڙيون حڪمرانيون قائم ڪري ورتيون هيون. پيريءَ ۾ پيرَ پائڻ کان پوءِ مرڪزي حڪومت پُورِوَ کي ڏئي ڇڏيائين، جيڪو سندس ننڍي ۾ ننڍو پٽ هو. باقي ٻي حڪومت هڪ قسم جي خاص ناهہ کان پوءِ پنهنجن ٻين پٽن ۾ ورهائي ڇڏيائين. ڪيس پنهنجي ماضيءَ کي صفا وساري ڇڏڻو هو. هڪ مُهر تي هن ريت تحرير ڏسجي ٿي ”هڪ راجا، جنهن پنهنجن پنجن پٽن کي راضي ڪري ڇڏيو“. ساڳيءَ ريت هڪ ترَسدسيوَ (Trasadasyu) جي مُهر آهي، جنهن تي لکيل

آهي تہ هو گناهہ ڪرڻ کان لنوائي ٿو. يعني پاپا پَهہ (Papapaha) ٿيو آهي. هيءُ حوالو مٿس لڳل هڪ الزام ڏانهن اشارو آهي، جنهن ۾ هن هڪ جج سان غلط ڳالهہ واسطي ڪو ٻانڊو ٻڌو هو. اهو جج راجا اِڪشواڪ (Ikshawaku) هو جنهن جج کان پنهنجي فائدي ۾ فيصلي ڏيڻ لاءِ هُن وعدو ورتو هو (وڌيڪ ڏسندا هيٺ)

7_ عوامي ملامت: عوام جي همدرديءَ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش، الزام جيڪو چوڏس پکڙجي ويو هو. ڪُڌي ڪرتوت ڪرڻ تي بہ مُهرون ٺهرايون ويون هيون، جن مان هڪ ساڳئي ترسدسيُو جي ۽ ٻي ورش (Vrsha) جي هئي. ورش قرباني ڪري برهمڻ سمهہ (Simh) جي آڏو پنهنجي ڏکيءَ حياتي جي خواهش ڪئي هئي. اهو بہ چيو هو تہ برهمڻ سمهہ سندس سڳو ۽ سچو پيءُ آهي. راجا ترسدسيُو پنهنجي بدنام ڪندڙ ماڻهن لاءِ هڪ ٻي مُهر جوڙائي هئي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو هو تہ هڪ خوفناڪ جهنگلي جانور جون اکيون ٻن تارن ۾ ڪتل آهن ۽ هو انهن ڏانهن وڌي رهيو آهي. هيٺ ڪيترا وچون آهن، جيڪي ڏنگڻ لاءِ ڏانهس وڌي رهيا آهن. (ڏسندا مُهر نمبر 3) توگرا (Tugra) واري مُهر نمبر 73 تي پڻ ساڳيو ڏيک نظر اچي ٿو.

8_ عوامي رسمن جهڙوڪ عبادت گاهہ ۾ ماڻهن جو اجتماع ۽ نئين ڌرم جو تعارف، پريڪشت جي مرتئي کان سٽت پوءِ هڪ مندر جو تعمير ٿيڻ، مون وٽ ماڻهن جي اهڙن عام جلسن سان لاڳاپيل بہ مُهرون آهن. اُنهيءَ زماني ۾ پَراشر (Parasara) قبيلي جي ماڻهن پاڻ کي قانوني طور برهمڻ ٻڌائي ورتو هو. يا جڏهن پَمپ (Pampa) جي پنچتريڪ (يا پرشيکParashikha ) هڪ نئين ڌرم جي شروعات ڪئي هئي، جنهن کي پَنچ تَراتر ڌرم جي نالي سان سڏيو ويندو هو ۽ شِو (Shiva) مندر بہ اڏايو ويو هو. ان کان اڳ ڪنهن کي "مندر" جي نالي جي بہ خبر ڪا نہ هئي. (ڏسندا مُهر نمبر 98_ هيٺ)

9_ ڪتاب لکڻ، ڪنهن ڌرم جو بنياد رکڻ يا ڪنهن ماڻهوءَ کي ديوتا مڃڻ جو عمل اِنهن ٿنهي ڳالهين جي باري ۾ مون وٽ مُهرون موجود آهن، جن ۾ مرڪ مهيش (Marka Mahesh)، نڪولش (Nakulisha) ايہ ين دتا تريہ (Ayyappan Dattareya) ۽ پنچشيک (Panchasikha) واريون مُهرون بہ شامل ڪري سگهجن ٿيون. وياس (Viyasa) ۽ بڪشلي (Baskali) جي ڪتابن جو لکجڻ بہ مُهرن ۾ محفوظ آهي، جيڪي مُهرون ڪنهن ڌرمي رسم جي بجا آڻڻ مهل اُکيريون ويون هيون. آٿروَن (Atharvan) ۽ پپلاد (Pippalada) جون مُهرون ساڳئي قسم سان تعلق رکن ٿيون، جن ۾ هڪ نئون فڪر يا ڪنهن نئين ڌرم جي شروعات محفوظ ٿيل آهي.

10_ لڏپلاڻ ڪندڙ واپارين جون پڻ تي مُهرون آهن.

11_ ڪڏهن ٻين ملڪن جيئن ايران جا ماڻهو بہ هلي اچي هتي ڌرمي قربانيءَ جون رسمون ادا ڪندا هئا. هڪ مُهر ۾ تہ اهو واضح طور بيان ٿيل آهي، تہ 'هيءَ قرباني ايران جي بادشاهہ جي حڪم تي ۽ سندس نمائندي هتان سرانجام ڪئي پئي وڃي.'

12_ راڪشس بہ پنهنجي ڌرم کي مشهور معروف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. اهي بہ جتن ڪندا هئا تہ سندن ڪڌن ڪرتوتن کي مُهرن ۾ عيان ڪيو نہ وڃي. بَڪ (Baka) راڪشس پڻ ڪيترين ئي ڌرمي رسمون ادا ڪيون هيون. سندس مُهرن تي خطاطن ٻٽيءَ معنيٰ وارا لفظ اکيري ساڻس مسخريون ڪيون آهن.

13_هڪ اَڻ ڇاتل ۽ اڻ ڏٺي ماڻهوءَ جا ٽورا آهن نہ تہ بڪ (Baka) راڪشس جي قاتل ماڻهوءَ جو ڪڏهن بہ پتو پئجي ڪو نہ سگهي ها. ايڪڪر Ekacakra شهر جي هڪ رهواسي اُن کي قتل ڪرڻ واري ماڻهوءَ جي چڱيلائيءَ لاءِ هڪ ڌرمي رسم جي ملهائڻ جو بندوبست ڪيو هو.

14_ فتح جي جشن جو منعقد ٿيڻ يا ڪنهن ملڪ جي ڇڄي ڏار ٿيڻ وقت بہ اهڙيون ڌرمي رسمون ڪوٺايون ويندڙيون هيون ۽ اهڙين حقيقتن کي مُهرن ۾ محفوظ ڪيو ويندو هو. جڏهن هڪ ملڪ جو بادشاهہ ٻيو ملڪ فتح ڪندو هو تہ پاڻ کي مفتوح ملڪ جو پٽي سڏائيندو هو جيڪا فتح جي هڪ پڪي نشاني هوندي هئي.

15_ هڪ اندازي مطابق ڪي پنڊتن جون مُهرون بہ آهن، جن مان اسان کي محسوس ٿئي ٿو تہ ڪن وڏن پنڊتن يا نالي وارن ڪن ننڍن پنڊتن وٽ بہ مُهرون هونديون هيون، جيڪي وٽن ثابتيون هونديون هيون تہ انهن راجائن جي ڏکين ڌرمي رسمن ۾ حصو ورتو هو. انهن مُهرن ۾ بيان ڪيل ڪي نالا تہ نهايت مشهور آهن، جن اهڙين ڌرمي رسمن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. انهن جا نالا پراڻن ۾ ۽ براهمڻن وٽ پڻ محفوظ آهن. اهي سيئي برهمڻ بہ ڪو نہ هوندا هئا، انهن مان ايلس پرڪاش (Ailuspkarasha) بہ هو. جيڪو ائلش هريجن هو. توگرا (Tugra) جنهن پاڻ کي رشي سڏيو آهي، سو هڪ مهاڻو هو پجوَن (Pijavan) جيڪو پاڻ يوَنَ (Yavana) هو بڪشلي جي سماجي حيثيت اجا بہ وڏيڪ اچرج جهڙي هئي. (ڏسندا مُهرون 81 ۽ 82) اهو بہ پڻ محسوس ٿئي ٿو تہ منجهائن توگپ (Tugpa) بہ برهمڻ ڪو نہ هو. هي ڳالهيون آهن، جيڪي ثابتيون آهن. تہ اهي مُهرون عام ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ هيون يا انهن جو واسطو ڌرمي ٽوٽڻ ڦيٽڻ ۽ رسمن سان هوندو هو.

# VII

## مُهرن جا ڪاريگر

معلوم ٿئي ٿو تہ مُهرن جا ڪاريگر ويدن کان چڱيءَ ريت واقف هئا. هيءَ اندازو هن حقيقت تي بيهاريو ويو آهي تہ ڪرناٽڪ مهاراشٽر ۽ ٻين جاين تي اڄ بہ هڪ پَتيگَر برادري موجود آهي، جنهن جا فرد اصل مُهرن جوڙيندڙ ڪاريگرن جي ڪُر سان لاڳاپو رکن ٿا. انهن جا نالا ويدن واري دور جهڙا آهن، جٽيو پائيندا ۽ نرڙ تي تلڪ بہ هڻندا آهن پر ويشنو آهن، گوشت ڪو نہ کائين. هيءَ ڳالهہ فوري طور ويساهہ جوڳي بہ ڪا نہ آهي، جيڪڏهن هن خلاف ڪا حقيقت هٿ لڳي وئي تہ ان کان انڪار بہ ٿي سگهي ٿو. پر انهن مُهرن مان ڪي اهڙيون شاهديون بہ ملن ٿيون تہ مُهرن جوڙڻ وارا ڪاريگر ٽِين معنائن وارن لفظن کي ڪتب آڻڻ جا ڄاڻو هئا، جن ۾ صرف نحوَ جو اصول ڪو نہ هوندو هو. اهڙيون ٽيون معنائون يوڳ چرچي ۽ ڪنهن رمز جي اظهار واسطي رکيون ويندڙيون هيون. ڪڏهن منجهن معلوماتي مٽيا بہ موجود هوندي هئي. ان کان علاوه اهي مُهرن جا ماهر ڪاريگر ڪتري هئا ۽ راجائون سندن ويجها مٽ مائٽ هوندا هئا. ڪي مُهرون اهڙيون بہ آهن، جن ۾ لکيل سخت قسم جي طنز کي مان سمجهائي سگهڻ جي لائق ڪو نہ آهيان. ان جو مثال وِڪُشي شِشد (Vikukshi Sasada) مُهر نمبر 88 آهي. راجا وِڪُشيءَ جي مرتئي سان لاڳاپيل هڪ مُهر ٺاهي وئي هئي، جنهن ۾ سندس جوانيءَ جي ڪنهن خواريءَ جي نشاندهي ڪيل آهي.

جنهن لاءِ اُن ۾ هُن جي دماغ وارين رڱن کي بدّل ڏيکاريو ويو هو. ان مان مراد اها ورتل آهي، تہ جڏهن سندس پاڳ وريو تہ سندس اهڙيون اوٽايون پنيءَ پر اُڇلايون ويون ۽ سندن مڙني اهڙين اوٽاين هوندي متس راجائي ڇٽ رکيو ويو.

هن حقيقت ڏانهن بہ ڌيان ڏرڻ ضروري آهي تہ راجائي محلاتن ۾ جيڪي واقعا ٿيندا هئا، تن لاءِ مُهرن جي ڪاريگرن جون اکيون ڪيڏيون نہ ڪليل هونديون هيون. سندن اهڙيءَ ڏاهپ کي سمجهائڻ بہ ضروري آهي. انهن مان ڪي سُگهڙ بہ هوندا هئا، وڏا ڄاڻو هئا ۽ مُهرن تي تحريرون اُڪيرڻ ۽ ٺاهڻ جا ماهر هئا. اهي عام حقيقت جي اظهار لاءِ ڪي حقيقتون مخفي معنيٰ سان لڪائي ڇڏيندا هئا.

منجهائن دوارڪا جون ڪي واضح لکتون آهن ۽ مُهرون بہ مڪمل ٿيل ڏسبيون. اُنهن ۾ ڪتب آندل ٻولي پراڪرت جي اوڏي آهي ۽ ان جي ساڳياپ سنسڪرت سان بہ آهي. گهٽيون پوري نموني جوڙيل بہ ڪو نہ آهن. ترسَدَسيو جون مُهرون ڏنگيون ڦڏيون آهن، پر منجهن فن جو وڏو اظهار ڏسجي ٿو. رات جي پهريدار گُرڙ (Garuda) سان لاڳاپيل مُهر جو واسطو بہ ڪاريگر دوارڪا سان آهي جيڪا فن جو هڪ نادر نمونو چئي سگهجي ٿي. ٻڪ جي مُهرن مان سندن وڏو سماجي رتبو نظر ايندو. ان سان گڏ مُهرن جي ڪاريگرن جي ٻٽين معنائن وارن لفظن جي استعمال جو اوج ڏسجي ٿو. عام طور تي ائين ٿيندو هو جو قرباني ڏيندڙ نہ ڄاڻندو هو تہ سندس نالي کي مُهرن وسيلي ماڻهن ۾ پڌرو ڪيو وڃي. ان ناتي اُها لِڪَ هن قسم جي هڪ ڏاهپ سمجهي ويندي هئي. ان کان علاوه ڪاتب جڳهہ بچائڻ جي نقطي نگاهہ کان ڪو اهم اکر ئي لکي ڇڏيندا هئا. مثال طور مهامهي (Maha Mahi) واريءَ مُهر ۾ م (M) جا ٻہ اکر آهن، جنهن مان اسان کي اشارو ملي ٿو تہ اهو هستناپور جي راجا ڏانهن اشارو هو. ٻي مُهر (نمبر 38) ۾ يدرپ قرباني ڏيندڙ (Bhadrapa) جو ڳجهو نالو ڏنو وڃي ٿو ۽ مُهر جي ساري جڳهہ والاريو بيٺو آهي ۽ اُتي اسان کي هڪ جيت جهڙي نشاني نظر اچي ٿي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس تعلق ڪريوي (Krivi) سر زمين سان آهي. هيءَ فڪري فن هو ان کان سواءِ ڪي ٻيون مُهرون آهن، جن تي پهريدار ۽ گُرڙ جون شڪليون ٺهيل نظر اچن ٿيون، جيڪي منفرد حيثيت رکن ٿيون ۽ مختلف اڻ ڇتين نشانين ۾ پڻ خاص چونڊ لڳن ٿيون. ترسدسيو جي مُهر پڻ اهڙو مثال پيش ڪري ٿي، جنهن جي اکرن ۾ اهڙو تصويري نقش چٽيل آهي، جو محسوس پيو ٿيندو تہ اهو ڏيک رات جي پيش قدمي آهي. شايد هي نظارو ان حقيقت سان واسطو رکي ٿو، جڏهن ڪيس ديوودس Divodasa جي ٻَندَ مان نجات ملي هئي. هي هر نقطهءِ نگاهہ کان اعليٰ رتبي جو فن آهي، پر ان جو فقط اِشاريہ اکرن سان واسطو آهي.

مُهرن جي بناوت جو طريقيڪار اهو آهي، جيڪو ويلر (Wheeler) جي لفظن ۾ ان مختصر نموني ٻڌايل آهي، ۽ بهتر لڳي رهيو آهي. اسين ان ۾ فقط ٿورو مناسب واڌارو ڪنداسون تہ ويلر، سرجان مارشل جي ڳالهہ کي دهرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ اها لکت اصل ۾ ٺڪر ۽ چينيءَ جي ٿانون تي لکي ويندي هئي. منهنجي خيال ۾ ٻنهي جو هي نقطهءِ نظر اڻ پورو آهي. انهن مُهرن جو شاهي پس منظر، بهترين فن لاءِ سنو معاوضو، ويدن جي معلومات، شاهي محلاتن ۾ ٿيندڙ سياسي ڪار گذاريون ۽ هيٺ متاهيون ۽ معزز شهرين، اهم سرڪاري ڪامورن ۽ شهري زندگيءَ جي حرص ۽ حوس جي ڄاڻ، ٻين ملڪن جي ماڻهن سان واسطا، عالمن ۽ رشين سان ڏيٺ ويٺ، مُهرن جي عبارتن ۾ اها سرت وغيره نظر اچي ٿي. هنن ڳالهين مان پتو پوي ٿو تہ مُهرن جي ڪاتبن جو تعلق سگهي ستابي وچولي طبقي سان هو. ان کان علاوه هو پنهنجيءَ ڪلا ۾ سُوڏا ۽ سجاڻ هئا، تنهنڪري ڪين پنهنجي سماجي

رتبي جو پليءَ پٽ پتو هو. هتي ان لاءِ هڪ اهڙي مُهر بہ موجود آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مُهرن جا ڪاريگر ڏرمي ضرورت پوري ڪري رهيا آهن پر ان مُهر کي اسان ڏاتوءَ جي ڪاريگرن جي گروهہ ڏانهن منسوب ڪرڻ ۾ اوليت ڏيون ٿا (ڏسندا پتريڪ (Patrika) مهر نمبر 91).

اهڙين مُهرن جوڙڻ ۾ نديءَ جي چيڪي مٽي ڪتب آندي ويندي هئي. هندستان اندر ڳُڙ (Jaggery) کي گاري جي هڪ جُزَ طور ڪتب آندو ويندو هو. هاڻي اهو دور آهي جنهن ۾ هر شيءِ جو ڪيميائي تجزيو ڪري حقيقت کان آگاهي حاصل ڪئي پئي وڃي. ممڪن آهي تہ سڪرور (Sucrore) ڪمند جي رس جو تجزيو ڪري دور جو تعين ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڪجهہ سان مٽي ۾ ڳُڙ ملائي استعمال ڪبو تہ وڏيڪ جٽادار ثابت ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ ريت جڏهن مٽيءَ جو پنوڙو نهي جڙي راس ٿيندو هو تہ پهريائين گهوڙي يا ڪنهن ٻي جانور جي مورتيءَ مان ٺپيو ويندو هو. ان کان پوءِ گول قسم جي ڏگهين مُهرن جو مجموعو آهي، جنهن کي وِيلرَ ڪنجهي جو آئينو ڪوٺي ٿو. انهن تي پڻ الف، ب جا ڪرچيل نشان اکر طور ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڪلا سان لاڳاپيل اهڙين شين تي هٿ سان اُڪريل نشان اکر طور ڏسجن ٿا. انهن جا مختلف قسم مثلاً جانورن جون شڪليون متعارف ڪرايون ويون آهن. پر انهن جي سونهن سنجٽ ڪجهہ نرالي آهي. ان کان پوءِ اهو ڏسڻ ۾ ايندو تہ ٺپجڻ کان پوءِ وٽين ۾ پاسن تي جيڪا اجائي واڌو مٽي رهجي وئي، تنهن کي ڪلاونت ڪوري صاف ڪري ڇڏيو آهي. عام طور تي اهڙو ٺپو گول شڪل جو ۽ سنهو نظر اچي ٿو نہ تہ ويلر ان کي آئينو ڪو نہ سمجهي ها. وِيلرَ جي بيان مان پتو پوي ٿو تہ مُهرن تي وچ ۾ تصوير آهي ۽ اُتي الف – ب جا نشان يا اکر تمام گهٽ آهن. هن قسم جو تفصيل نهايت اهم بہ آهي. ڪنهن پوئين دور ۾ اسان کي ”ج“ جهڙو اکر نظر اچي ٿو. بَڪ (Baka) جي هڪ اڻ پوري مُهر آهي، جنهن ۾ نظر اچي ٿو تہ مُهر جو ڪاتب چاهي ٿو تہ اکر جي مادي کي ٿورو موڙ هڻڻ کپي، جنهن کي پنهنجي ڪپ سان ڀاهڻ جي بہ ڪوشش ڪئي وئي آهي، پر اها مُهر اُن هوڏي ڏٽيءَ کي ڪا نہ وڻي ۽ ڪاريگر کي موٽائي ڏنائين ۽ ڪاريگر بہ ان کي جيئن جو تيئن اڻ پورو ڇڏي ڏنو آهي. (ڏسندا: مارشل_56) هن کان علاوه ٻي مُهر بہ آهي، جيڪا پڻ اڻ پوري آهي، جنهن ۾ اسان کي ڪو ٽيڪنيڪل مونجهارو نظر اچي ٿو اها هڪ وڏي مُهر آهي، منجهس گهوڙي جي هڪ خوبصورت تصوير آهي، جنهن تي زيبرا جهڙا پٽا ڪڍيل ڏسجن ٿا. نظر ائين اچي ٿو تہ ڪلاونت پنهنجو سارو ڌيان گهوڙي تي ڏنو آهي ۽ ڪيس اها سرت ئي ڪا نہ پئي تہ مُهر سُڪي ويندي ۽ اکر ٺپڻ لاءِ ٿورو وقت وڃي بچيو آهي. هڪ ٻي مُهر آهي، جيڪا ٺهندي سُڪي وئي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اُن ۾ ڪجهہ استعمال ڪا نہ ڪئي وئي آهي . (مثال طور ڏسندا: نمبر 23) هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مُهرن جي ماپ کي گهٽائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي وئي آهي . ”ج“ اُچار جي تاثر ڏيڻ واسطي مُهرن جي ڪاريگر lye جي مشهور اُچار کي ڪم آندو آهي. انومان آهي تہ قرباني ڏيڻ واري جو نالو ماڻهن کي زباني ياد هو ۽ مُهر جي واسطي ڪاتب کي پنهنجي مرضيءَ مطابق آزاد ڇڏيو ويو آهي. هن پنهنجي پورهئي کي گهٽائڻ واسطي انگ استعمال ڪيا آهن. جيئن پنج جنهن کي هن ”پن“ ڪري لکيو آهي. ترسدسيو کي هن پڻ انگن جي صورت ۾ ’ٻارنهن‘ لکيو آهي ۽ چئن قطارن ۾ ونڊيو اٿائين. ان کي پهريائين چَتُشڪ (Chatushk) ڪري پڙهي سگهي ٿو پر پوءِ آندل لفظ جي آواز مان پتو لڳائي سگهجي ٿو تہ ان جي صحيح پڙهڻي ڇا ٿي سگهي ٿي. ساڳيو مثال دوئي پاين وياس (Dwaipayan) جو آهي، جنهن کي لکڻ لاءِ بہ ننڍيون ليڪون ڪتب آنديون ويون

آهن. ان کان پوءِ وري پنج نندڍيون ليڪون ڪڍيل آهن، جن جي معنيٰ ”(پنج) پَنَ“ آهي. جن جي وچ تي پيالي جي شڪل جهڙي مشهور حرف علت آهي، ان سان س S، ث S ۽ ش ’S اچار جو مسئلو حل ٿيل آهي. جنهن لاءِ ڪاتب پٽا وينجن طور ڪتب آندا آهن ۽ سڄي اُچار جي اظهار کان پاسو ڪري ويو آهي. هن مان اشارو ملي ٿو ته سندس حافظي ۾ موجود اهڙيون هدايتون آهن، جي ڪيس روايتن ورثي مليل آهن. جيڪي مُهر تيار ٿي وڃي ٿي ته پوءِ ان کي اڌوگابرو لکي ڇڏي ٿو. هن ڦيٿي جهڙي هڪ علامت کي به تمام گهڻو ڪتب آندو آهي. جنهن جون پندرهن مختلف معنائون آهن. يعني اڳتي سان هڪ معنيٰ، پنتي مان ٻي معنيٰ ۽ هيٺ مٿي سان پڻ جدا معنائون نڪرن ٿيون. اِن طرح هيءَ علامت منجهائيندڙ آهي. هن ڪتاب جي پڙهندڙ کي پڻ اچرج ٿيندو ته هن علامت جون پڪش (Paksha)، ڪشپ (Kashapa)، پٽ (Pata) ۽ پرش (Parasha) جون مختلف معنائون ڪيئن ۽ ڇو ڏنيون ويون آهن. هي مُهرون انهن ماڻهن لاءِ بامعنيٰ هونديون. جيڪي واقعن ۽ واقعن سان لاڳاپيل ماڻهن کان واقف هوندا هئا. مُهرن جي ڪاريگرن کي اهڙو اير پير ڪو نه هو ته ويهين صديءَ جو ڪو محقق آڏيءَ جو قنديلون روشن ڪري سندن پراڻي دور جي سهيوڳي راجائن، راڄوڙن، راوتن ۽ راڻن جي معلومات حاصل ڪرڻ واسطي وينو نور نچوئيندو ۽ مٿو کپائيندو. ان دور جا ڪاتب اکر لکندا هئا، جن ۾ سُر آواز (حرف علت) موجود ئي ڪو نه هوندا هئا. ان کان پوءِ ورڌيءَ طور هڪ يا به نندڍيون ليڪو لکندا هئا. ان مان اهو پتو ڪو نه پوندو هو، ته کهڙو وينجن ”آ“ A آهي ۽ کهڙو آ Ā جي نمائندگي ڪري ٿو. مثال طور ڦيٿي جهڙي هڪ مشهور معروف علامت آهي، جا پنهنجي شڪل صورت ۾ وينجن جو ڏُٺ اکر آهي، جيڪو ٽن آوازن پ، ڪ ۽ ش يا ٻن پ ۽ ٿ يا حرف علت (سُر آواز) اَ A يا آ Ā جي نمائندگي ڪري ٿو جنهن پنيان به نندڍيون ڇهنبون نظر اچن ٿيون. اها ڳالهه پڙهندڙ تي ڇڏيل آهي، ته هُو ان کي پڪش، پڪاشا، پَڪَ آشا يا پڪشا پڙهي. وري ان کي اُبتو به ڪري سگهجي ٿو جنهن جي پڙهٽي شَڪش وغيره به ٿي سگهي ٿي. ان کي وري ٽئين نموني جي پڙهٽي به آهي، جهڙوڪ ڳش وغيره. ان هوندي به نظر ايندڙ ورڌي نشانيءَ جو ڪم اِ، اَ، آ سُر آواز وارا هوندا آهن. اهڙي قسم جي اُبتاڻ ۽ سُبتاڻَ کي سمجهڻ ۽ پڙهڻ جي ڪوشش اٿين ڪئي ويندي، جهڙيءَ ريت مُهرن ناهڻ واري ڪاريگر ان کي مفهوم ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هجي. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته هن جي سمجهاڻي اٿين آهي، جڻ ته ڪيئي متضاد شيون اچي هڪ جاءِ تي گڏيون آهن. پر ڪاريگر جي سوچ ۾ وڌيڪ ممڪن معنيٰ دوارڪا جي شاهي محلات جو دربان ئي ٿي سگهي ٿي. جنهن ناتي هو مُهرن ۾ فقط ”دوارڪر“ يعني بُنياد جا لفظ ئي ڪم آڻي سگهي ٿو. باقي جاءِ جي اصل نالي جو اندازو لفظ جي اصل ٻي آواز مان ئي لڳائي سگهجي ٿو. هن بسيارگوئي جو خراب مثال وِڪوڪشي ششد (Vikukshi Sasada) جي موت واري مُهر ۾ ٻٽن معنائن وارو لفظ آهي. هتي مُهر جو ناهيندڙ پڙهندڙ کي ٻڌائي ٿو ته هو جڏهن نندو هو ته هن پڪش واري ڏينهن سهڙ ڪاڏو ۽ ڪيس تنبيهه ڪئي وئي هئي. اسان اڳيئي ڪن سٽن مثالن جو ذڪر ڪري آيا آهيون، جتي اکرن جي صورت ۾ مختلف جذبن جو اظهار ڪيو ويندو آهي. رُرُو (Ruru) واريءَ مهر ۾ ٻٽي ”ر“ جو استعمال ڏسجي ٿو ۽ ٻئي ”ر“ پاڻ ۾ اٿين گڏ بيٺيون آهن. جهڙيءَ زال ۽ مڙس پاڻ ۾ گڏ هجن (ڏسندا، مهر 84). اسان ڪٿي رات جي پيش قدميءَ جو ذڪر ڪري آيا آهيون. جنهن جو ان واقعي سان واسطو آهي. جڏهن ترسدسيو/ترس داسيه غلاميءَ مان جان ڇڏائي، وٺي ڀڳو هو. ڏسڻ واري کي ڏيک جي ڪلا ۽ اکرن جي روشي ۽ پاڇن جي ڇڏيل تاثر ۾ اهڙو ويساهه

ڪرڻو پوندو. اهڙي ڏيک جو هر هڪ نشان فقط اڪر آهي. هن ڳالهه ڏانهن به اشارو ڏنو ويو آهي، ته مهامهي (Mahamahi) واريءَ لُهر ۾ ٻٽو "م" آهي. سوچي سمجهي انهن کي اهڙيءَ ريت بيهاريو ويو آهي، ڄڻ ته هاٿي سلام ڪري رهيا آهن. جنهن جو مطلب هستناپور آهي. هر ڪو ماڻهو سولائيءَ سان سمجهي سگهي ٿو ته قرباني ڏيڻ وارو مُهرن جي ڪاريگرن جي اهڙيءَ ڏاهپ کان خوش هوندو هو. مُهرن جي هنن مهان ڪاريگرن واسطي اهڙو پورهيو نهايت عزت ۽ آبروءَ وارو هوندو هو. اهي وقت جا ڄڻ ته شهنشاهه هوندا. وقت جي حڪمران کي عزت ڏيڻ يا ڪين پوپٽرن ۾ بي عزتو ڪرڻ سندن ڏائي هٿ جو کيل هوندو هو. رات جي پهريدار ۽ گُردَ وارين مُهرن کان سواءِ دوارڪا جون مُهرون سونهن کان وانجهيل هيون. پر اتان جي مُهرن جي اکرن ۾ يڪسانيت ضرور هئي. ڏسندڙ هڪدم اندازو ڪري سگهندو ته وٽن اهڙا بهترين نپا هوندا هئا. گردَ وارين مُهرن ۾ مين (enamel) جي استعمال واري وڏي ڪلا به ڏسجي ٿي. اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، ته ڪاريگرن اکرن ۽ گهوڙي تي مِينَ لاءِ ڪهڙو مسالو ڪم آندو آهي. اندازو آهي ته گدامڙي، پاٽيءَ ۾ ٻجائي مٽان ڪل لاهي، اندرئين ڳپ کي سنهون گهوٽي آٽو ڪري، ليئي ناهي، منجهس ڪئونر ۽ ريگ مِلائي، اها استعمال ڪئي وئي آهي. هن کان علاوه ترسدسيو ورش (73) يا گرودَ وارين مُهرن تي به مِينَ چاڙهڻ ۽ انهن کي چمڪائڻ ۾ ڪنهن فن ۽ ڪلا جي ضرورت آهي. علامتي نظاري جي خوبصورتيءَ واسطي مان اوهان جو ڌيان ماءُ، پکي ۽ انهن جي ٻچڙن ڏانهن ڇڪائيندس، جيڪي پنهنجي پيءُ جي مقبري وٽ ڏاڍي ادب ۽ احترام سان بيٺا آهن. مُهر 36 جو هر هڪ نشان اکر آهي، جنهن جو واسطو ننڍڙي معذور ٻار سَگرَ (Sagara) سان آهي.

ان ڪانپوءِ اها ڳالهه به سوچڻ جهڙي آهي، ته گهوڙي جي جسم تي ڪرچ- نشان ڪهڙيءَ ريت ڪڍيا ويا آهن؟ جيڪڏهن اهي ڪنهن چاقوءَ سان ڪڍيل آهن يا لڪت جي اهڙي ڪا طرز وغيره آهي ته پوءِ اها ته اچرج جهڙي ڳالهه آهي. معلوم ائين ٿيندو ته نڪولس (Nikulisa) جي مُهر 90 ۽ 93 ڄڻ پڪاسوءَ جي نهيل علامتي تصور واري پئي محسوس ٿيندي. ائين پيو لڳندو ڄڻ ته جيئرو جاڳندو نور (Wongoose) ۽ ننڍڙي مئل ٻار جو لاش گهوڙي جي خاڪي اندر هوريان هوريان جذب ٿيندا پيا وڃن. ڪرچ جا اهڙا نشان پڻ اسان جي سمجهاڻيءَ جي پٺڀرائي ڪن ٿا.

فن ۽ ڪلا جو هيءَ ڪهڙو نمونو آهي؟ ڇا اها ڪلا آهي؟ يا هيءَ هڪ ڪم ڪرڻ جي مهارت آهي؟ هن لاءِ اسان ڪا سڌي سنواتي وراڻي ڏئي ڪو نه ٿا سگهون. اتفاق سان اسان وٽ يورپ وارين نقل پسند روايتون موجود ڪو نه آهن. علامتن وارو فن ۽ ڪلا هاڻي لاشعوري جذبن جي اظهار جهڙي مڃتا ماڻيندي پئي وڃي. هن ناتي اسان کي عام روايتن کان منحرف ۽ انوکي قلمڪار ڊبليو. بي. ييٽس (W.B.Yeats) ڏانهن رجوع ڪرڻو پوندو. بازنطيني دور جي غلامانه فن ۽ ڪلا، ايراني غاليچي، خطاطيءَ جي فن ۽ مذهبي دور جي پنهنجي شخصي اظهار جي طرز تي به ويچارڻو پوندو. ان لاءِ اسان کي سنن ڪتابن ۽ پلوڙ مصنفن جو اوسيئڙو ڪرڻو پوندو. جڏهن اسان پنهنجي چوڌاري اهڙيون ڳالهيون محسوس ڪيون پوءِ اسان ڪنهن جو انتظار ڪو نه ڪنداسون. اهي جذبا اُن ڪلاڪار جي شعور بابت پنهنجو فيصلو پاڻ ڏئي سگهندا، جنهن جو اظهار اهو مذڪوره فن آهي، ڏسڻ ۾ ته اهو هڪ غلامانه فن آهي. پر وٽس هڪ مقصديت آهي، جهڙوڪ: قرباني ڏيڻ واري جو نالو ڏيڻ يا اُن جي گهراڻي جو لقب لکڻ وغيره، يا گرجا گهر جي درين کي رنگ ڏيڻ. فن بابت اسان جو نظريو تنگ، مخصوص ۽ شخصي تهذيب مائل آهي، جنهن جي وچ ۾ اسين گذاريون ٿا پيا. هن باري ۾ اسين فقط ايترو ڪري سگهون ٿا، جو مختلف قسم جي وڏيڪ جامع ۽

وسيع طرز زندگي ۽ طرز فن کي سمجھڻ لاءِ ھڪ ڊگھو انتظار ڪريون. اسين اڳي ڪٿي اھو اشارو بہ ڪري آيا آھيون، تہ مُھرن ٺاھڻ وارا ڪاريگر غلام ڪو نہ ھئا. چاڪاڻ تہ سندن پورھيو ڪنھن خاص مقصديت سان لاڳاپيل ھوندو ھو. جيڪڏھن ائين ھجي ھا تہ پوءِ انھن مُھرن جو پڙھجي سگھڻ وڌيڪ سولو بہ ٿي پوي ھا ۽ ڪنھن جذبي جي ور چڙھيل نہ ھجي ھا.

# VIII

## لکت ۽ ٻولي

هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر ايس. آر راءِ جي ڏنل ”الف، ب“ جي پنيرائي ڪري ٿو جيڪا هن تازو ميميوگراف LWIVP ۾ (جنهن ۾ ڪجھ واڌارا بہ ڏنا ويا آهن). پر هن جيڪو ان لکت جي اصولي مطالعي بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي، تنهن سان آءٌ اختلاف رکان ٿو. سندس خيال آهي تہ مذڪوره لکت ۾ ڪم آندل ٻولي سنسڪرت آهي. منهنجو خيال آهي تہ اها ٻولي سنسڪرت نہ پر انڊو- يورپين ٻوليءَ جو ڪو لهجو آهي. جيڪو مُهرن جي پڙهڻين مان بہ گهڻو ڪجھ ثابت ٿي چڪو آهي. هنن مُهرن جو تعلق ويدن واري دور سان آهي، جن ۾ ڪم آندل ٻولي عالمن جي نقطي نظر موجب ويدن واري سنسڪرت (آرش Arasha) آهي. اسان جو انومان آهي تہ ويد يا انهن جا ڪي حصا هڙادو جوڙيل ڪنهن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا هئا، جنهن کي اسين عام طور تي ”ويدن واري ٻولي“ سڏيندا آهيون. جيڪڏهن اها حقيقت آهي، تہ پوءِ اهو ڪم ضرور وياس ۽ سندس ساٿين جو هوندو ۽ ان ۾ سندن مقصد ٻوليءَ جي لهجي جي مونجهارن کي دور ڪرڻ هوندو. اهو بہ امڪان ٿي سگهي ٿو تہ ويدن جي ڪٿي ڪا لکت ايڏي صاف ڪا نہ هوندي، تنهنڪري هُنن اصلي لکڻيءَ کي تبديل ڪري ٻي ڏني، جيڪا بهتر يا صاف هئي. مثال طور پپلاد (Pippalada) جي مُهر واري لکت اُتر ڪشميري لهجي جي ويجهو آهي ۽ انهن جو لفظي پڇاڙيون موجوده دور جي روسي ٻوليءَ جهڙيون آهن. گهٽ ۾ گهٽ گهراڻي جي لقبن جي نالن جون پڇاڙيون تہ اهڙيون ئي آهن. اهو اصلي نالو پپلش (Papalsha) آهي. ٻئي آواز ۾ نالو پپلاد (Pippalada) ٿيو آهي. (يعني ”پيرن ڪائڻ جو شوقين“). ٿي سگهي ٿو تہ اها سندن پر زور خواهش بہ هجي، تہ ڪيس هڪ عام مشهور نالي سان سڏيو وڃي. اهو بہ امڪان آهي تہ ان نالي کي سنسڪرتي صورت پُراڻن واري دور ۾ ڏني وئي هجي. اسان انهيءَ جي پنيرائي ڪئي آهي تہ اها پپلاد واري مهر جي پڙهڻي آهي جيڪا سندس گوتر (Gotra) مطابق آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهو هڪ غير معروف ماڻهو ائيلس (Ailsa) هجي (مهر 77). پر اهڙو امڪان گهٽ آهي. گهڻيون مُهرون اهڙيون آهن جن ۾ مقامي لهجو ڪم آندو ويو آهي. اسين ائين اڳ چئي آيا آهيون تہ مُهرن جا ڪاريگر، مُهرن جي تحرير ۾ ڪيترو نہ آجا ۽ بااختيار هئا، ۽ ٻي ڊنگن نالن ۽ انهن جي گهراڻن جي لقبن کي ماڳهين تبديل ڪري ڇڏيندا هئا. گهڻا نالا تہ دراوڙي آهن. ان مان ”الف ب“ جا ڪيترا اکر دراوڙي ٻوليءَ سان لاڳاپيل آهن. جنهن جو مثال ائو (Au) جي آوازي نشاني آهي). اهي ڪاريگر پنهنجو ڪم جهٽ ۾ اُڪلائي وٺندا هئا. سارو ڪم، مهر جي تيار ٿيڻ ۽ سُڪڻ واري وچين ٿوري وقت ۾ پورو ڪرڻو هوندو هون. هيءُ هڪ خاص نوعيت جو ڪم هو ۽ مُهرن جا ڌڻي پنهنجي نالن جي مختصر هجڻ واريءَ ڳالھ کان پڻ ساڻن خوش هوندا هئا. پر جيڪڏهن سندن نالا غلط هوندا هئا ۽ وينجن ۾ ئي بدل سدل ٿي ويندي هئي تہ لِپيڪار ڪاتب اهڙين تبديلين ڪرڻ لاءِ تيار رهندا هئا. ۽ اهڙيون تبديليون ڏاڍيون مزيدار بہ هونديون هيون (ڏسندا تعمير ڪيل پهرئين شِو مندر جي مهر نمبر 96)، جنهن ۾ ڪاتب پهريائين ڪئڪ (Kaiki) جو لفظ لکيو آهي، پر پوءِ ننڍڙي تبديلي ڪري ڪَ (ka) جو آواز وَ (wa) ۾ ڦيرائي ڇڏيو آهي پر ان ڦير گهير ۾ گهڻو سوڀارو بہ ڪو نہ ٿيو آهي ۽ ساڳئي آواز کي مَ (Ma) ۾ تبديل ڪري ڇڏيو اٿس. اها بلڪل نئين قسم جي تبديلي آهي، ٻين 99 مُهرن اندر ”مَ“ هڪ ڊگهو ۽ آجو آواز ڏسجي ٿو. جيڪو لکڻ واري ساريءَ جڳھ کي والاريو ويٺو آهي ۽ هتي اهو ”الف“ جي هڪ ٻانهن

تي چڙهيو بيٺو آهي. بدليل صورت ۾ هڪ ننڍڙو اکر پيو لڳي، هٿ سان اُڪيريل آهي، جنهن تي ڏاهڻ جا نشان به ظاهر بيٺا آهن. اهو ائين ڪيئن ڪندا هئا؟ "اَر دال (Ardal) هڪ ڪئونر آهي، جيڪو گدامڙيءَ جي ٻج کي گهوٽي تيار ڪيو ويندو هو ۽ اهڙيءَ حالت ۾ ڪم ايندو هو. جيڪڏهن ڪي ننڍڙيون ۽ معمولي قسم جون غلطيون هونديون هيون، سي ڪُرڪِي ڪِنجهي قبول ڪيون وينديون هونديون. ڇاڪاڻ ته مُهرن جو ڪاتب " ار دال" وسيلي ڪيل اصلاح جي جتاءَ بابت مُهر ڏٺين کي يقين ڪو نه ڏياريندو هو. ڪولوَن جي عالمَ جانيرٽ (Janert) جو خيال آهي ته هندستان جي هيءَ لکت جڻ ته اشوڪ دور سان تعلق رکي ٿي. اِن ۾ هو شايد سنڌو- ماٿر جي مُهرن کي وساري وينو آهي. وڏ ۾ وڏ اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اڳتي وڌيل برهمي لکت جي صوتياتي طور اڻ پوريءَ سنڌو لکت جي رواج کي هٽائي ڇڏيو هجي. پاڻنيءَ (Panini) مُهرن جي اڳينءَ لکٽيءَ کي طنز ۽ نفرت وچان ائين بدلائي ڇڏيندڙن کي ڏڪار وچان "لِپيڪارس" (Lipikaras) سڏيو آهي. اسان جو انومان اهو به آهي ته سنسڪرت پنهنجي "الف، ب" ۾ گرامر جي نقطي نظر کان ٻيءَ صدي قبل مسيح ڌاري تڪميل تي پهتي هوندي. ان وقت کان پوءِ مذڪوره "لپيڪارَ" اصلي اڳين لکت ڪم آڻيندا رهيا هئا، توڙي جو اها گهڻو وقت اڳ متروڪ ٿي چڪي هئي. هڪ صدي ڪن پوءِ انهن لپيڪارن کي سڪندر پاڻ به ڏٺو هو. لپيڪارَ پنهنجي ڏنڌي جا مها ڄاڻو هئا. ان مقصد واسطي قديم لکت ۾ ننڍڙي هجي وارو مختصر نويسيءَ وارو طريقو نهايت مناسب هو جنهن کي نهايت ٿوري وقت اندر جوڙي لکي پورو ڪرڻو پوندو هو. پٿر جي اُڪير ڪرڻ واري ڪاريگر کي اهڙي ڏکيائي ڪا نه هئي. مُهرن جي لکت، هجي ۽ ان جي ساخت تي دارومدار رکندي، هتي جيڪا انگريزيءَ سان ڪجهه هڪجهڙائي به ڏٺي وڃي ٿي، يعني انهن ۾ آواز جي نمائندگي هوندي آهي ۽ ساري هجي جي روشنيءَ ۾ سُر آوازن جو هجڻ اضافي موجودگي هوندي آهي. اهو به ڏسڻ ۾ ايندو ته مُهرن واريءَ لکت ۾ي "اِ" بدران اَ (A) به ڪم ايندو هو. اڄ به مان سنڌين کي دليپ (Dilip) کي دَليپ (Daleep) اُچاريندي ٻڌندو آهيان..* پر هيءَ لکٽي انگريزيءَ جيان غير منطقي ڪا نه آهي، جو منجهس رَفِ، ڊِؤ ۽ فاٽ (dough, rough ۽ fought) جهڙي غير منطقي هجي. صوتياتي نقطي نظر کان هڙاپا (سنڌُو) لکت وڏيڪ منطقي آهي. مکيه ڏکيائي ڦيٽي جي نشانيءَ کان سواءِ، جنهن جا آواز P,K,S يا P,T.A گهڻا پيچيده به آهن، 'پيالي' جي شڪل جهڙي نشاني به آهي. جنهن جا آواز I, Y , E, U وغيره آهن ۽ اُهي به اُبت سُبت لاءِ به ڪم اچن ٿا. ۽ ان لاءِ "لپيڪارَ" (مُهرن جا ماهر) متن ۾ گهڻا اشارا به ڏيندا آهن، يعني مختلف قسم جون ليڪون ۽ منڊيٽڙا ڏئي ان ۾ ڪيترا اضافا به ڪندا آهن. پر اهو طريقو ڪنهن بنياد تي اصولي طور هميشه لاءِ ڪم آندو نه ويندو آهي. اهڙي قسم جا مونجهارا ٽَپَن جي محدود هجڻ ڪري هُنن لاءِ اَٽڪر ٿي پوندا هئا. لپيڪارن وٽ هڪ يا ٻه گول قسم جا ٺپا هوندا هئا، جن جي وچ تي جانور جي شڪل جو ٺپو هوندو هو. ان کان سواءِ ٻيا به ڪجهه ٺپا هوندا هئا، جن تي "الف، ب" جي سُر آواز جا، ڪي نشان مثلاً اَئي (Ai) ۽ اَئو (Au) لاءِ به ڪم ايندا هئا. ڪم ۾ وڏيڪ سهوليت وارا نشان، ٺپي جي ڪناري وارا هوندا هئا، جيڪي اڪثر ڪم ايندڙ وينجن ۽ سُر آواز لاءِ هوندا هئا. لپيڪارَ پنهنجي ساري ذهني صلاحيت اکرن جوڙڻ ۾ ڪم آڻيندا هئا، جن سان گڏ ڪي سوليون نشانيون ۽ انگن واريون نشانيون به هونديون هيون . انگن کي لکڻ لاءِ ڇُهنبن (ننڍڙين ليڪن) جو استعمال عام هو. مثلاً پنچال جي

* The inturned A is nearer I, as in Tamil

راجا لاءِ پنج ڇهنبون ڪتب آنديون ويندڙيون هيون. ترسدسيو/ترس داسيہ جي نالي لاءِ ڪم ايندڙ نشانين تي اسين مٿي تبصرو بہ ڪري چڪا آهيون. ڪاتبن اِ ۽ اُ جو اُچار تمام گهٽ ڪتب آندو آهي. سُر آواز ”اِ“ لاءِ اُڀي ننڍڙي ليڪ ڪم آندي ويندي هئي، جڏهن ”اُ“ اچار لاءِ هيٺ وريل ليڪ استعمال هيٺ هئي، پر اُهي لکيل اکر جي وچ تي ڏنيون ويندڙيون هيون. اهڙين نشانين لکڻ مهل خبرداريءَ کان ڪم ورتو ويندو هو، ڇاڪاڻ تہ ڪاتبُ اهڙين نشانين کي وري ٻين مقصدن واسطي بہ ڪم آڻيندو هو ۽ ٽپو صليب جيان اُڀو آرپار (Cross Wise) جهلڻو پوندو هو ۽ اهڙيءَ ريت ٿهندڙ ڪُنڊ ۾ ڪا سُونهن سيبتائي نظر ڪا نہ ايندي هئي. سُونهن ۽ سَنجڻَ واري طرز اکرن واريءَ جڳهہ کي آرپار ڪاٽي ڇڏيندي هئي. تنهنڪري لکت ڪجهہ قدر بي ترتيب ٿي ويندي هئي ۽ ان ڪري لکڻيءَ جي سلسلن ۾ گهاري پئجي ويندي هئي. جيڪڏهن اَسين تَرسَدَسيوُ/ترس داسيہ جي رات واري پيش قدميءَ واري ڏيک کي نظر ۾ رکنداسون، تہ ساري ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويندي. هنن هڪ سَو مُهرن ۾ اصلي 'I' ۽ 'آ' (u) جو اُچار ڪٽي بہ ڇٽل پنجن پيرن کان سواءِ اک تي ڪو نہ چڙهيو آهي. اهو ساڳيو اصول آهي، جيڪو انجنيئرن وٽ ڏسجي ٿو جنهن مطابق ٽيڪنيڪل رپورٽ ۾ ويهن تائين انگ جي هِجي لکندا آهن ۽ ويهن کان مٿي اصلي انگ لکيا ويندا آهن. هن ۾ پڙهڻيءَ جي سُونهن کان سواءِ ٻي ڪا بہ خوبصورتي ڪا نہ هوندي آهي. هڙاپا جي لکت ۾ عام طور تي ڏيک جي مقصديت هوندي آهي. اها وصف هن ۾ بہ هئڻ ضروري هئي. هندستان ۾ هن قسم جي اڻ وڻندڙ پڙهڻيءَ کي خاص مقام آهي. اسين ڄاڻون ٿا تہ جادوئي ٽوٽي ڦيٽي سان لاڳاپيل مُهرن جا اکر ڄاڻي ٻجهي ڏنگا ڦڏا ۽ ڪوجها ڪِنا لکيا ويندا هئا. اڄ بہ جڏهن پنهنجي مائٽ جي مرتئي جي پيغام لاءِ ”خَطُ“ لکيو ويندو آهي، تہ اکر گندا ڪري لکيا ويندا آهن. سعيو ڪري پني تي مس جا داڳ بہ ڪيا وڃن ٿا ۽ پوسٽ ڪرڻ کان پهريائين ڪارڊ بہ مروٽي سروٽي، گهنجائي، گندو ڪري پوءِ روانو ڪيو ويندو آهي. لکڇڻ (Lakshana) معنيٰ لڇڻ/ ڏسڻ ۾ سهڻو پدر مک (Bhadra Mukha) معنيٰ اهو ماڻهو جنهن جي ڏسڻ سان، ڏسڻ واري کي سٺا ۽ سهڻا خيال اچن. اولکڇڻ (Avalakshana) معنيٰ ڏسڻ ۾ خوفناڪ. ڪنوار کي چونڊڻ مهل اُن جي سُهڻي مهانڊي کي ڏنو ويندو آهي. خوبصورت ۽ خوش اخلاق ڇوڪريءَ کي بدخوءِ ۽ بدماغ ڇوڪريءَ کان وڌيڪ پسند ڪيو ويندو ۽ سمجهيو ويندو آهي. ان ريت گهر جي بدبختي ٽري ويندي آهي. مهاتما گانڌي بہ پنهنجي خراب اکرن تي ناخوش رهندو هو. هندستان ۾ سُونهن کي ڌرم جو حصو سمجهيو ويندو آهي. اسان کي بہ مُهرن مان ڪجهہ ائين بہ سمجهڻو پوندو، جيڪا ڇاڪاڻ تہ اسان جي آڏو مُهرن جو واسطو بہ ڌرمي ريتن رسمن سان وڌيڪ هو. ان کان علاوه اهو پڻ ويساهہ هوندو هو تہ ماڻهوءَ جو نالو ائين لکڻ سان تعريف ڪئي ويندي هئي، تنهن سان ان ماڻهوءَ جي نٽ ناٽگر (Charisma) کي ڪيرائڻو ٿئي هو. ترسدسيو جي ڪيترين مُهرن ۾ نالي بدران انگن جا نشان لکيل آهن. وياس جو نالو بہ ساڳيءَ ريت انگن ۾ لکيل آهي. نڪولس (Nakulisa) جو نالو تصويري لکڻيءَ ۾ نور جهڙي نشانيءَ جهڙو آهي. گهڻن ڏاهن ماڻهن ان لاءِ پنهنجي نالي کي حضور شرميءَ کان اڻ سڌي طور لکڻ کي ترجيح ڏني ٿي. انهيءَ ڳالهہ جو بہ خيال رکيو ويندو هو، تہ ڌرمي طور ڏنيون ويندڙ پيٽائون گمنام هئڻ کپن. جيڪڏهن اسين مُهرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪنداسون، تہ انهن سڀني ڳالهين تي ڌيان ڏيڻو پوندو. سڀني کان وڌيڪ اهم ڳالهہ اها تہ لپيڪارن تي ٻِٽين ۽ لڪل معنائن وارن لفظن کي ڪتب آڻڻ جو جڻ جنون سوار هو. اسين هڙاپا (سنڌو) لکڻين کي سُسائي ننڍڙو ڪري فقط ڪُنجيءَ جيترو بڻائي

ڪونہ سگھنداسون. لکٽيءَ جو اهو هڪ مڪمل طريقو آهي، ان سان لاڳاپيل اشارا، تصويري نوعيت جو اثر، قريب قريب صحيح صوتياتي اندازو ۽ اهڙن اجاين تي ڏنل نشانن بغير لفظن جي معنائن واري ترڪيب جو استعمال اهي سيئي ڳالهيون اسان جي هن لکت جي تحقيقي اڀياس ۾ شامل آهن. لپيڪارن جو طريقي ڪار اهو ئي هو جيڪو اسان کي ”جيئن آهي تيئن“ جي اصول تي قبول ڪرڻ کپي. بعد ۾ الف ، ب جي سڄاڻپ لاءِ هڪ ڪُنجي ڏني ويندي، تنهن کي پڙ وسيع نہ پر محدود سمجهڻ گهرجي.

ڊاڪٽر راءَ جي ڪُنجيءَ جو دارومدار ڪلداني (Chaldean)، فونيشين (Phoenician) اخيرم (Akhiram) ۽ عبرانيءَ (Hebrew) ۾ نظر ايندڙ هڪ جهڙين نشانين کي نکيڙي ڏار ڪرڻ تي آهي. ان کان سواءِ هڪ ٻيو بہ ذريعو آهي. جنهن کي هن شايد ڪتب ئي ڪونہ آندو آهي. برهميءَ ۽ ان کان گهٽو پوءِ ناگريءَ جي اوسر تي، پر انهن کان گهٽو پهريائين هندستان اندر اَڪشپد/ Akshapada (اوڪهڙ_Avakahada) نالي هڪ لپي هوندي هئي، اُن جا ڪجھ نشان جوتش جي ڪتابن ۾ ڏرمي سڳورپ طور اڃا بہ موجود آهن. ان ۾ 27 اکر آهن. جن جا نالا اڄ بہ ملي سگهندا، جن کي مون ڳولي لهڻ جي ڪوشش ڪئي بہ آهي، پر اڃا سوپارو ڪونہ ٿيو آهيان. (هن ڪم ۾ مون سان ڪوليواڙ (Kaliwada) جي وشوا ناٿ شاستريءَ منهنجي گهڻي واهر ڪئي هئي.) مون کي احساس آهي تہ هڪ صدي کن اڳ ”الف ب“ جون نشانيون موجود هيون. مون پنهنجي ٻالجتيءَ واري اوسٽا ۾ هڪ اڄرج جهڙي ۽ اوپري لپي ڏٺي هئي، جيڪا ڀاڳوت تي لکيل هڪ ڪتاب ۾ موجود هئي. مون کي ياد آهي تہ اهو قلمي نسخو نہ پر ليٿو (Litho) تي ڇپيل هڪ ڪتاب هو. آءٌ محققن کي صلاح ڏيندس، تہ اهي جوتش جي انهن عالمن وٽ وڃن، جن وٽ اهي قديم نسخا موجود آهن. مون پاڻ هڪ لئبرري ۾ ويهارو کن دقيق قسم جا قديم ڪتاب ڏٺا آهن ۽ جاچيا آهن. منجهن ”الف ب“ جي اکرن جا نالا تہ موجود آهن، پر نشانيون ڏنل ڪونہ هيون. اهي سيئي ڪتاب 1920ع کان پوءِ جا ڇپيل آهن. منهنجي هن ويساهہ کي اهڙي پاسي کان سهڪار ۽ پنيرائي ملي آهي، جنهن جو مون کي ڪو اير پير ئي ڪونہ هو. پروفيسر ڊي. آر بيندري (Bendre) جنهن کي شاعريءَ ۾ گنان پٽ اوارڊ مليو هو تنهن مون کي ٻڌايو تہ سن 1920ع ۾ هڪ مرهٽي عالم جو ”وويڌ وِرتُ“ رسالي ۾ هڪ مقالو ڇپيو هو جنهن ۾هن چيو هو تہ مُهرن ۾ گوتر (gotra) ناهڻ وارن رشين جو ذڪر آهي. انهيءَ جو سارو دارومدار اَڪشپَد جي ڄاڻ تي هو جيڪا فونيشين ”الف، ب“ جي مشابهہ آهي. هن حقيقت مان اها سڌ ملي ٿي تہ اڪشپد ”الف، ب“ اڄ کان پنجاهہ سال اڳ بہ موجوده هئي، جيڪا هاڻي ٻين قديم قلمي نسخن ۾ گڏجي سڏجي گمنام ٿي وئي آهي. مان پنهنجو هيءُ بيان هن اڻ لکيءَ آس تي رڪارڊ ڪري رهيو آهيان تہ روايت پسند جوتش وارا ڏهہ هزار کن ڏاهن ماڻهن جي جوڙيل جنم پترين پڙهڻ واري لالچ ڇڏي ڏين ۽ قديم قلمي نسخن ۾ موجود اصلي اڪشپد لکت جي نشانين کي ڳولي ڪڍن.

آءٌ کهڙين ڳالهين ۾ ڊاڪٽر ايس. آر راءَ سان اختلاف راءِ رکان ٿو. تن جو پڙ ٿورو ذڪر هئڻ گهرجي. اولهہ جي عالمن جيان سندس اهو خيال آهي تہ هتي هڪ جدا سپيتا، جنهن کي سنڌو يا هڙاپا سپيتا چيو ويندو هو موجود هئي، ۽ اُن کي اُن جي اصلي شڪل ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ٻيو نڪتو هيءُ آهي تہ سندس چوڻ آهي تہ هڪ ناميارو ۽ چڱو مڙس راجا پَڪُ يا بَڪُ هو جيڪو هڙاپا سان تعلق رکندو هو. پر مليل ڇهن مُهرن مان ڇٽيءَ ريت پتو پوي ٿو تہ اُهو حبش/ابيسينيا (Abysinia) جو رهاڪو هو ۽ ڪاسائڪو ڪم ڪندو هو. جڏهن هن طاقت حاصل

ڪئي تہ ڳوٺن ڪي پنهنجي ڏاڍ ۽ ڏمر سان ڏهڪائي ڇڏيو هئائين. سندس رهائشگاهہ وَ مرادري (Vamradari) يا ڪئٽاڀادري (Kaitabhadri) نالي هڪ ٽڪريءَ تي هوندو هو. ماٺهو ڪيس راڪشس ڪري سڏيندا هئا. هو ماڻهن کان بي قاعدي محصول اُڳاڙيندو هو ۽ پاڻ کي ”آيہ پتي“ يعني ڍل اُڳاڙيندڙ سڏائيندو هو. مُهرن جا لِپيڪار کيس ”آدم خور“ ڪري لکندا هئا. مُهرن جي هڪ پوڳائي ڪاريگر پنهنجي مُهر تي هي لفظ اُڪيريا هئا، تہ هو هڪ ئي ويلي ”تي ماڻهو کائي ويو هو“. ڇا اُهو ”بَڪ سُورَ“ (Bakasurna) نالي وارو ماڻهو تہ نہ هو؟ هڪ مُهر ۾ اهو ذڪر بہ نظر اچي ٿو تہ هڪ اڻ ڏني ماڻهوءَ هُن کي قتل ڪري، ماڻهن کي هن جي ڏاڍ کان آجو ڪيو هو. ماڻهن هڪ ڌرمي رسم ادا ڪندي پنهنجي هيءَ خواهش ظاهر ڪئي هئي، تہ بَڪَ جو قاتل جتي بہ هجي شال خوش هجي. مهاڀارت ۾ ذڪر آهي تہ پانڊوَ بہ اُن جي ڏوس ڏمر کان ڊڄي، لڪ لڪوتيءَ ۾ ڳوٺ ڇڏي هليا ويا هئا تہ متان ماڻهن کي خبر پوي ۽ چوڌس ڇَٺو ڀَڇٺو ٿي وڃي. هن ڳالهہ بابت مهرن جي لکت ۽ مهاڀارت جي بيان ۾ هڪجهڙائي ۽ سُبنڌ ڏسجي ٿو. اسين هن ويساهہ جي وسهڻ ۾ غلط ڪو نہ آهيون، جيڪڏهن سمجهون تہ اهو ۽ مهاڀارت وارو بَڪُ (Baka) هڪ ماڻهو هو جنهن کي ڀيم قتل ڪيو هو. اسين پُراڻن جي ٻڌايل ڳالهين کي بہ سچي ثابت ڪرڻ ۾ ڪا دلچسپي ڪا نہ ٿا رکون، پر پارگٽر (Pargitter) جي هن بيان تي ضرور ويساهہ ڪريون ٿا، تہ پُراڻن ۾ تاريخ بيان ٿيل آهي ۽ اِها تاريخ اُٺويهن سَو سالن جي سونهري دور سان واسطو رکي ٿي. ان کان پوءِ هڪ هزار سالن جو اونداهو سَمو اچي ٿو جنهن لاءِ ڪيتريون ڏند ڪٿائون ٻڌايون وڃن ٿيون، پر ماڻهن جا شجرا ۽ همعصر ڳالهيون ائين ئي رهجي وڃن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ ان سونهري دور کي نهايت ادب ۽ احترام سان ڏٺو وڃي ٿو. آءٌ سمجهان ٿو تہ هن وقت تائين پارگٽر واري نظريي کي ڪنهن بہ ڪو نہ للڪاريو آهي، نہ وري ڪنهن ان تي بحث ڪيو آهي ۽ نہ وري ان ڏانهن ڪنهن جوڳو ڌيان ئي ڏنو هو. ڊاڪٽر ڪورڊر (Dr. Corder) جي ڪوشش سان ان ڳالهہ جي اهميت جي جڻ نئين شروعات ٿي آهي. مُهرن جون پڙهٽيون پارگٽر جي ٻڌايل ڳالهين جي پٺڀرائي ڪن ٿيون. ان جي مقابلي ۾ واڊيل (Waddell) ٽڪڙ ۽ وڏاءَ کان ڪم ورتو آهي ۽ مُهرون هن جي ٻڌايل حقيقتن جي هڪ محدود تصديق ڪن ٿيون. منهنجي خيال ۾ اهو ناممڪن آهي تہ هن ساريءَ سپيتا کي مُهرن جي پڙهٽين وسيلي سمجهي سگهجي. جڏهن هن جون ڏنل ڪتابي حقيقتون ۽ نظريا گذريل پنجاهہ سالن ۾ غلط ثابت نہ ٿيا آهن، تہ پوءِ اها ڪهڙي ڏاهپ آهي، جو انهن کي ڌيان ڏيڻ جوڳو ئي نہ سمجهون! مان سمجهان ٿو تہ اها ساڻس زيادتيءَ کان سواءِ ٻي ڳالهہ ڪا نہ آهي.

مان ڊاڪٽر ايچ. ايم. نائڪ جو نهايت ٿورائتو آهيان، جنهن منهنجي هر قسم جي آهر ۽ واهر ڪئي. ڊاڪٽر گُوراج راءَ جا بہ لک لائق، جنهن مون کي ڊاڪٽر ايس. آر. راءَ جي تحقيق ڪيل نظريي مطابق عمل ڪرڻ جي صلاح ڏني. ڊاڪٽر ايس. آر. راءُ جي هڪ ليڪچر کان آءٌ بدظن ٿي ويو هوس، جنهن ۾ هن سنڌو ـ لکت جي ياڃ واسطي اهي اصول ٻڌايا هئا، جيڪي خود سندس دعويٰ جي بہ خلاف هئا تہ مُهرن واري ٻولي سنسڪرت آهي. ڊاڪٽر رِتي (Ritti) جا بہ ڪروڙين قرب، جنهن LWIVP جو ڪتاب منهنجي حوالي ڪيو. پنهنجي پٽ رَويءَ جون بہ مهربانيون آهن، جنهن مُهرن جي ڊرائنگ ڪري، منهنجي سهائتا ڪئي.

## مُهرن جون پڙهڻيون ۽ تصديق ڪرڻ واريون حالتون:

### IX

مُهرون ساڄي کان کابي طرف پڙهيون ويون آهن. ورجاءَ کان پاسي ڪرڻ ۽ پڙهندڙن جي سولائيءَ واسطي مُهرن جون پڙهڻيون کابي کان ساڄي طرف رکيون ويون آهن. هر هڪ پدڪي تعداد موجب بيان ڪيو ويو آهي ۽ ترجمو بہ ان مطابق رکيو ويو آهي. پر "ورڌي" (vriddhi) جي نشانن کي انگن مطابق ڪو نہ رکيو ويو آهي، پر جيڪڏهن ڪٿي نظر آيو آهي تہ ڪا نشاني صوتياتي نقطي نگاهہ کان مختلف آهي تہ ان کي انگ ڏنو ويو آهي. پڙهڻين کي بہ مڪمل ڪامائون ۽ وقف وغيره ڏئي لکيو ويو آهي، اُن کان پوءِ ان جو ترجمو ڏنل آهي. پڇاڙيءَ ۾ ٿورو گهڻو تبصرو نظر ايندو (الف) تہ پڙهڻي ڪيئن قائم ڪئي وئي آهي، (ب) بين پڙهڻين سان پيٽوار اهميت، (ٻ) ويدن ۽ پُراڻن تي بيهاريل تاريخي پس منظر وغيره ٻڌايو ويو آهي.

مونجهارا ۽ مختلف پڙهڻيون (الف) عبارتن ۾ وقفن جي عدم موجودگيءَ ڪري آهن. (ب) ڦيٽي جهڙيون يا بيون علامتي نشانيون مختلف معنائن جي نمائندگي ڪن ٿيون. (ٻ) لفظي ڳجهارتون ۽ لپيڪارن جا شرارت پريا وڌاءُ (ڀ) لپيڪارن جا پنهنجي سهوليتن مطابق منجهيل ۽ اٽڪل روءِ سُر آوازَ ۽ (ت) انگن جي هِجي جو استعمال وغيره بہ ڌيان ۾ آندل آهن. ننڍڙي اُڀي ليڪ "الف، ب" جي نقطي نگاهہ کان A کي اَ سمجهڻ گهرجي. پر انگن جي حساب سان (ka) Ay کي اَي (ڪا)، (Dwi)کي دُوِي، (wa) يا (Dwa) دُوَ پڙهي سگهجي ٿو. (Tri) کي شِرِيِ اِئين (tra)، (tras) ۽ (tar) کي بہ "شِري" پڙهڻ جي گنجائش آهي. (chatus) کي تس (tur) کي چتر يا چترا، پنچ (Pancha) کي پن (Pan)، پنچال وغيره. سَت (sat) معنيٰ سَت (ستو) پر سَپت Sapta جو لفظ اڃا تائين اک تي ڪو نہ چڙهيو آهي. است (Asta) جي معنيٰ استڪ راجا (King Astaka) آهي. (ٿ) صرفي نحوي طور گهٽين معنائن وارا لفظ، (ٿ) وينجن جا ڏُتَ اکر (conjunct) ۽ ورڌين (virddhi) ڪري پيدا ٿيل مونجهارا بہ آهن. مختلف پڙهڻيون بہ اهڙن مونجهارن ڪري ڏنيون ويون آهن ۽ اهو ئي سبب آهي جو هڪڙين پڙهڻين کي ٻين کان اهميت ۽ اوليت ڏني وئي آهي. جن پڙهڻين ۾ اجايو وڌاءُ يا سمجهہ کان ڪريل (absurd) ڳالهيون ڏسڻ ۾ آيون آهن، تن کي قلمبند ڪو نہ ڪيو ويو آهي.

**تصديق ڪرڻ واريون حالتون**

**الف** لکت تي ٿيل کُرچون ۽ انهن جو عام مشاهدو: عام طور تي ائين ڏنو ويو آهي، تہ مُهرن تي ٿيل تحرير منجهيل هوندي آهي تہ لپيڪار ان کي سمجهڻ جوڳو بڻائڻ واسطي کُرچي ڇڏيو آهي.

**(ب)** هَنَنَ جي ڏُت اکرن جي مونجهاري کي سولي ڪرڻ واسطي لپيڪار، وينجنن وارين آخري پڇاڙين جو ورجاءَ ڪيو آهي.

**(ٻ)** ڪن مهرن جي تحرير کي سمجهڻ واسطي مَنظَر بہ چٽيو ويو آهي. ان لاءِ ڏسندا رُرو (Ruru) يا مَها مَهيءَ واري مهر.

**(ڀ)** گهوڙي جي نشان کي مُهرَ ۾ آڻڻ جو طريقو: يادوَ (Yadava) مُهر ۾ فقط هڪ سڱو، برهمڻ (Brahmanica) مُهر ۾ بہ سڱا، منڊيئڙي ۾ مُهر ۾ ڪشتري بہ سڱا لڳو لڳ Angiraca لاءِ هڪ سڱو بيٺو ڪري.

(ٿ) جيڪڏهن آڳيرس قرباني ڏيندو هو تہ اول باهہ دونهين، جيئن ۾ ڪڏهن ان لاءِ غير واضح اشارو ڪيو ويندو هو. زيبرا جهڙن پٽن مان پتو پوي ٿو تہ قرباني ڏيندڙ عبراني نسل سان واسطو رکي ٿو.

(ٺ) پڪش (Patshah), (Paksha) يا پتشهہ جهڙن لقبن مان پتو پوي ٿو تہ قرباني ڏيڻ واري جو واسطو ايران سان آهي، جيئن پگيرٿ معنيٰ فگشا Phagsha.

(ٽ) آخر ۾ سيني کان وڌيڪ اهم ڳالهہ ماڻهن جي نالن ۽ گهراڻن جي نالن جي هڪجهڙائي آهي ۽ انهيءَ وسيلي ويساهہ جوڳي سڃاڻپ ٿي وڃي ٿي.

# باب ٻيو

# پڙهڻيون ۽ اُنهن تي تبصرا

(سر جان مارشل جي ڪتاب ”موهن جو دڙو اينڊ انڊس سولائيزيشن“ مطابق انگ)

چِتاءُ: اڻ پورين مُهرن جي حالت ۾ ترجمي ۾ غلطين جو ٿورو گهڻو امڪان آهي. نپي هٽڻ کان پوءِ مُهرن جي وٿين ۾ پاسن تي مٽيءَ جا ڪجهہ ذرا رهجي ويندا هئا، جيڪي پوءِ رهڙيءِ، رڳڙي صاف ڪيا ويندا هئا. ڪن مُهرن تي اهڙا ذرڙا رهيل آهن، جيڪي تصويرن ۾ ليڪون نهي پيون آهن. گهوڙي جي جسم تي بہ ڪي ڪرچون پاتل نظر اچن

ٽيون، سي بہ ڪنهن اهميت کان سواءِ ڪو نہ آهن. گهڻو ڪري اهي اَڻ چٽيون هونديون آهن. پڙهندڙ کي جڏهن ڪٿي شڪ پوي تہ ترجمي کي اصل سان ڀيٽي ڏسي سگهي ٿو.



1. ...(*broken*) ... *Psai Śri Kra Yyaka Aipati*

**Translation : (name) . . Meat Seller and Tax Le vier**

1ـ (ڀڳل) پئي شري ڪِر يُيَڪ ائپتي

ترجمو: گوشت وڪڻندڙ ۽ ڍل اُڳاڙيندڙ

تبصرو: هٿ آيل هنن هڪ سَو مُهرن مان پنج تہ اڳيئي سُجاتيون ويون آهن. جيڪي بَڪَ نالي هڪ ماڻهوءَ سان واسطو رکن ٿيون. ڏسندا مهر نمبر 20، 45، 52 ۽ 56. اهي سيئي مُهرون ڪيس آدم خور سڏين ٿيون. هن مُهر ۾ سندس نالو ڪو نہ ورتو ويو آهي، پر هڪ اشارو ملي ٿو تہ هو ڪاسائي هو. پوءِ هو آدمخور ۽ ڍل اُڳاڙيندڙ بڻجي ويو. مهاڀارت ٻڌائي ٿو تہ اهو راجا ڪو نہ هو. ايڪا چڪر (Ekachakra) جو راجا ڪمزور ٿي ويو هو ۽ هيءُ ڏنگو ماڻهو عوام کي ڌڪائي ڪائنس محصول وٺي ويندو هو ۽ ڪائنس ڪير بہ ڇڏڻ وارو ڪو نہ هو. هيءُ گهوڙن جون گهٽيون قربانيون ڏينديون هو. هن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هُن ڏَرمَ ۾ خزاني يعني ڏرمَ ۾ پئسي ڏوڪڙ کي ملائي هڪ ڪري ڇڏيو هو. هو جانور بہ ڍل ۾ وصول ڪندو هو. سندس ڳَلَ بہ ٽِڙي ويل ٿي پائنجي. چاڪاڻ تہ هڪ مُهر ۾ ٻڌاڪ هٽي ٿو تہ هُو هڪ ڏينهن اندر ٽي جيئرا جاڳندا ماڻهو کائي ويو آهي. قربانيءَ جي هن ڏرمي رسم ۾ ماڻهوءَ جي قربانيءَ جي امڪانن کي رد ڪري ڪو نہ ٿو سگهجي، جيڪي هندستان ۾ ڪن جاين تي ادا ڪيون ويندي يون هيون. ڪِيٿ بہ اهڙو اشارو ڏنو آهي تہ اهي ست پٽ ۽ تيترِيہ برهمڻن (پوئين ويدڪ دور ۾) واري اوستا ۾ اهڙيون قربانيون علامتي طور ادا ڪيون وينديون هيون (Keith, RPVU, 347)



2. (1) (*hand-carved pictograph*) *Nāga*;
(2) *Bha*/*Bahha*;
(3) (*pict.*) *Gaṇapati*.
(4) *Naga Baha Gaṇapati* (*Nakulīśa*)

**Reading : (a) Nabhaga; (b) Naga Bahha: (c) Nabhanedista.**

2ـ (1) (هٿ سان اُڪريل تصويري لکت) ناگ

(2) ڀَ /ٻَهَ

(3) (تصويري لکت ۾) گنپتي

(4) نگ ٻَهَ گنپتي (نڪولس)

معنيٰ: (الف) نڀگ (ب) نگ ٻهَ (ت) نَڀَنِيدِسَت

تبصرو: مُهر جي ٻنهي پاسن، ساڄي ۽ کاٻي تي تصوير هجڻ ڪري پڪ سان تہ ڪجھ بہ چئي ڪو نہ ٿو سگهجي، پر ساڄي پاسي نانگ جي ڦڻ جهڙي تصوير ڏسجي ٿي. جيڪا ناگ نالي ڏانهن اشارو ڪري ٿي، باقي ٻيون ٽي

پڙهڻيون ڪن ٻين امڪانن کي رد نہ ٿيون ڪن. آخري تصويري نشاني زمين ۾ پاڙيءَ اندر رهندڙ(الف) ۾ ساهوارن جو انگ ڏيکاري ٿي، جن مان هڪ گنپتي (Ganapati) آهي. تنهن ڪري ان جي لفظ ۾ گ (ga) جو آواز موجود آهي. اهو نيدِ ستَ (Nedista) يعني پاتال ۾ رهڻ وارو ساهوارو بہ ٿي سگهي ٿو. ويدن ۾ گنپتيءَ لاءِ هن ريت بيان آهي. ”گنانام توا گَڻَپَتم“ تنهن ڪري اها پڪ ڪا نہ ٿي ٿئي، تہ هاٿيءَ جي منڍي ساڱس ملائي وئي هئي يا نہ. (N) جي نمائندگي ڪندڙ نشاني ڪنهن پوئين دور سان واسطو رکي ٿي. ان ڪري تصويرون ڏنيون ويون ٿيون پائڻجن. ناڀاڳ (Na bhaga) يا نَڀَنيدِسَت (Nabhanedista) پڙهڻين خلاف منهنجو بہ سخت اعتراض آهي تہ اِهي ٻئي راجا نهايت قديم دور سان واسطو رکن ٿا. اهو دور ڀ (bh) جهڙي نرم اُچار سان هڪجهڙائي ڪو نہ ٿو رکي. ان ڪان علاوه مِين (enamel) استعمال ڪري ان کي چمڪايو بہ ويو آهي. نَڀَنيدِست لاءِ چيو وڃي ٿو تہ مَنُوءَ جو پٽ هو، يعني پارگٽر جي ڏنل شجري ۾ ٻيءَ پيڙهيءَ واري خاني ۾ موجود (Par: AIHT) آهي. ان لاءِ اسين فقط جيترو چئي سگهون ٿا، تہ اِهو نُوحَ واريءَ وڏيءَ ٻوڏ کان پوءِ هڪ علامتي شروعات آهي. منهنجي خيال ۾ اها وڏي اُٿل رڳو موسمياتي نقطي نگاهہ کان نہ آئي هئي، پر ان جي جيالاجيڪل (Geological) اهميت بہ آهي. مَنُوءَ لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو دراوڙ هو ۽ ملايا جي ڏکڻ وارين ٽڪرين جو رهواسي هو.

نِڪُلش (Nakulisa) بہ هڪ امڪاني صحيح سڃاڻ آهي. هن نالي جون بہ مُهرون نمبر 90 ۽ 93 آهن، جن ۾ پڻ ناگ جي علامت موجود آهي. هڪ مُهر تي ڪيس ذري گهٽ ساڳئي نالي ناگ باشڪا (Nagabaskhaka) سان سڏي ٿي. ڪُرچ لڪٽيءَ ۾ نڪش (Nakkasha) آهي. هي اهو نالو آهي، جيڪو مُهر نمبر 93 ۾ بہ ڏسجي ٿو. جيڪڏهن ويچارجي تہ نِڪُلش شو ديوتا جو اَوتار آهي، تہ پوءِ ممڪن آهي تہ اها علامت گنپتيءَ جي نمائندگي ڪري ٿي. هڪ گمان اهو بہ آهي تہ باقي ٻن ٻين ۾ نورَ جي علامت ڪا نہ ٿي ڏسجي ۽ اُهي مهرون هُن جي سِٽين هجڻ جو ذڪر ڪن ٿيون. ان ڪان پوءِ سندس ذڪر ويدن ۾ اچي ٿو. تنهن ڪري مناسب ائين لڳي ٿو تہ هِن کي قديم نَڪلش مُهر سمجهڻ کپي. يعني ويدن واري سَترو دُريہ يجُس (Satarudriya-yajus) واريءَ روايت کان گهٽو اڳ جي.



3. (Sa) Mha Para Trichatus

Trasadas

S'iya Pa Tra Dha

Pu

Reading : (Sa)mbapara Trasadasyu Putradhah

3_ (سَ) مهہ پر تريچٽس

ترسدس

سِيہ پَ ترَ دهہ

پو

معنيٰ:(سَ) مَهَہ پَر تِرسدَسيوُ پُٽرَدهہَ

تبصرو: هن لکت جون بہ پڙهڻيون ٿي سگهن ٿيون.

(1) سَمَهَپَرَ پٽ تِرِسدَّسيو (تِرِسَدَسِيوُ) ايوڌيا جو راجا هو (Par- 23rd)، سندس پٽ جو نالو سَمپُوت (Sambhuta) هو جا شايد سئه (اي) مَهَپَر (Sa(i) mhapara) جي غلط پڙهڻي آهي.

(2) سيمهه (Simha) راجا تَرسدَّسيوُ جو پيءُ، پارَ (Para) يعني پُورُوڪوتس جو پٽ.

مٿي ڏنل ٻي معنيٰ تہ بغض ۽ عداوت سان پريل آهي. ساڻس هڪ اهڙو ڏکوئيندڙ قصو لاڳاپيل آهي، جو جڻ هڪ ناول يا ڊرامو پيو محسوس ٿئي، جو پنهنجي پڙهندڙ کي مختصر طور ٻڌائڻ چاهيون ٿا ۽ ڪين گذارش ڪنداسون تہ اُهي هنن هڪ سَو مُهرن جي ڍير مان تَرسدَسيوُ جي ڇهن مُهرن کي پيٽي ڏسن.

قصو هن ريت آهي تہ ايوڌيا جي راجا پُورُو ڪوتَس (par.22) پنهنجي ڀيڻ پورُو ڪوتَسنيءَ سان شادي ڪئي هئي. ڪاشيءَ ۽ ايوڌيا جي وچ ۾ هڪ ڊگهي ۽ ٿڪائيندڙ جنگ بہ لڳي هئي، جنهن ۾ پورُو ڪوتَس کي جنگي باندي بڻايو ويو هو جيڪو چُڙي چُڙي بنديخاني ۾ ئي مري ويو. ڀيڻ واريءَ شاديءَ مان کيس ڪو اولاد ڪو نہ ٿيو هو. تنهن ڪري پوورو ڪوتَسنيءَ مِترَ ۽ ويرونا لاءِ نيوگ جي ڌرمي رسم ادا ڪئي ۽ سيمهہ (Semha) سان همبستري ڪرڻ کان پوءِ کيس تَرسدَسيوُ ڄائو هو. مون وٽ تَرسدَسيوُ جون پنج مُهرون آهن، جن ۾ اوڊيپس (Oedipus) يا هئمليٽ (Hamlet) جهڙو ڏکوئيندڙ انساني ڊرامو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر ان کان بہ وڏيڪ ناقابل اصلاح طور کيس تخت ۽ تاج جي روايتي دشمنن کان بہ تمام گهڻو خوف هو. ٻيو تہ ٿهيو پر سندس پنهنجو پنڊت وِرش (Varisha) بہ کيس ڪو اوپرو ماڻهو سمجهي رهيو هو. (ڏسندا مُهر نمبر 73)

هيءَ مُهَرَ بہ ڪوٽ ۽ فريب سان پري پئي آهي، جنهن ۾ بہ ٽيون معنائون رکيل آهن. يعني پار (Para) ۽ پاترَ (Patra) پار پورو ڪوتَس جو پٽ آهي يا سيمهہ (Simha) جيڪو برهمڻ آهي، جنهن کي پَترَ (Patra) برهمڻ بہ چئي سگهجي ٿو. ان نالي کي نفرت وچان پُتر (Putra) بہ پڙهي سگهجي ٿو. جڏهن تہ پادترَ (Patra) جي ٻي معنيٰ قوم تي حڪمراني ڪندڙ پڻ آهي.

تَرسدَسيوُ جي معياري زندگي وِرش جي ڪيني، بغض ۽ عداوت جو شڪار رهي. پر هن پنهنجي اُن اجڙيل زندگيءَ ۾ پنهنجو هڪ مقام جوڙي ورتو هو. رگويد ۾ هن جا ٽي شلوڪ (rchas) آيل آهن . جيڪي وامديوَ (Vamadeva) جي رگويد وارن شلوڪن ۾ کيس سخين ۾ مجموعہ ڪمالات جو صاحب چيو ويو آهي. داش راجني (Dasarajni) جنگ ۾ پورو ڪُوتس کي شڪست آئي هئي. ترسدسيُو امن ۽ آشتيءَ سان پنهنجو راڄ شروع ڪيو. پر کيس پورُو ڪوتَس جو پٽ سمجهي قيد رکيو ويو. هڪ ٻيءَ مُهر ۾ هو پنهنجي بدنام ڪرڻ واري ماڻهوءَ کي گذارش ڪري رهيو آهي، تہ هو هراس ۾ چوي تہ هو پورو ڪوتَس جو پٽ نہ آهي. ”مون تي سندس نالو مڙهيو ويو آهي“. ٻئي هنڌ وري پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ تي فخر ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. رگويد ۾ سندس ٽن شلوڪن مان بہ شلوڪ سندس پيءُ جي شجري بابت چيل آهن. جن ۾ هو پنهنجي ويرين کي مڃائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، تہ هو مترا ۽ ويرونا جي پيڙهيءَ مان آهي. تنهنڪري کيس ارڌ ديو (اڌ ديوتا) تصور ڪيو وڃي. ٽئين شلوڪ ۾ ٻڌائي ٿو تہ هو ڪهڙيءَ ريت بهاديءَ سان دشمن جي قلعي مان پڇي نڪتو هو جنهن ۾ سندس بهادر دوست سَمبَارَ (Sambara) مارجي ويو هو.

هن مامري ۾ آءٌ ٻيءَ سمجهاڻيءَ سان متفق آهيان. ڇاڪاڻ تہ اُها ٻين مُهرن جي متن سان سهمت آهي ۽ ان کان علاوه رگويد ۾ پُراڻن سان بہ هڪجهڙائي رکي ٿي. ٻي ڳالهہ تہ ڪينو ڏيڪاريندڙ هن مهر ۾ گهوڙي سان لاڳاپيل سڳي ۾ نيوگ (Niyoga) واري ڳنڍ ڏسجي ٿي، جيڪا ٻين مُهرن ۾ اَڻ لڀ آهي. سندس پنڊت وِرش جو هن لاءِ بغض بہ رگويد ۾ موجود آهي. (ڏسندا: مهر نمبر 73).



4. Sha Gā Ksha Ayi Sha Ksha Vakswi

Readings: Shagaksha (Sagashaka) Ayishakshawakshwi Shagashaka, the son of Ikshwaku.

4_ شَ گا ڪش ائي شَ ڪش وَڪسِوِي

معنيٰ: شگڪش (سُگشڪ) ائيشَڪِشوڪشَوِي، اَڪشواڪَ جو پٽ

تبصرو: هي آرپار ليڪيل خانا ڪش (Kasha) جون علامتون آهن. ان کان سواءِ تصويري نشانين کي آوازن ۾ بہ تبديل ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن انهن نشانين کي آواز ۾ تبديل نہ بہ ڪجي تہ بہ پيءُ جو نالو تہ سولائيءَ سان پڙهي سگهجي ٿو. اسين ڄاڻون ٿا تہ حڪمران گهراڻي جو پايو وجهندڙ اَڪشواڪُ هو جيڪو مَنُوءَ جو پٽ هو. گيتا ۾ ڪيس مَنُوءَ جو چيلو سڏيو ويو آهي. سندس مَنُوءَ جي زال لِيا (Lia) يا لِيئا (Liia) سان ڪو تعلق ڪو نہ آهي، جنهن ۾ عورت ۽ مرد واريون ٻئي خاصيتون هيون. اِڪشواڪُ مَنُوءَ جو ننڍو سهيوڳي آهي. هيءَ مهر نہ رڳو خوبصورت آهي، پر قديم بہ آهي. پاڇولن (Shaded) وارو "و" (w) ۽ پيالي جهڙي نشاني اَي (Ai) قديم دور جي لکت جون نشانيون آهن.

اهو ڇتيءَ ريت معلوم ٿئي ٿو تہ نالي جي معنيٰ "سهَڙ_ اکيو" آهي. پُراڻن ۾ سندس عُرفيت شَشادَ (Sasada) ڏني وئي آهي، يعني اهو ماڻهو جنهن ايڪادَشيءَ (Ekadasi) تي سِهَڙُ کاڌو هو. پر پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ اوپرائپ پيدا ڪرڻ اجائي آهي. ساڳئي ششاد جي مهر نمبر 88 ڏسندا جنهن مان پتو پوي ٿو تہ ساڳئي دور ۾ سندس اصلي نالو شگاڳش (Shagaksha) بہ هو جنهن کي پُراڻن اهميت ڪا نہ ڏني آهي.



5. PI

تبصرو: هي مُهر پيِجَونَ (Pi-yavana — Pi javana) سان تعلق رکي ٿي، جيڪو ڪاشيءَ جي راجا سُوداس Sudas جو پيءُ هو. راجا سُوداس داش راجني (Dashrajni) يعني ڏهن راجائن واري جنگ شروع ڪئي هئي، جيڪا ڪيترن

نسلن تائين هلندي رهي. پيڄوَن جو ٻيو نالو پنچڄن بہ هو. سندس تعلق پنچال جي قبيلن سان هو. ويدن ۾ هن لاءِ ڪيترا شلوڪ نظر ايندا. هيءُ ننڍڙي مُهر ليٽيل سَنوت ۾ ٻن حصن ۾ پڳل آهي.



6. *Manu Pa Vrshapa Ahapa Shai Yapa Waiashapah*

**Reading : Manupa Vṛshapa Ahapa Shaiyapa Waiyyashapah**

6_ پڙهڻي: منو پَ وِرشَپ اَهَپ شَئيپَ وَئيشَپهَہ

تبصرو: جيڪڏهن اها پڙهڻي صحيح آهي، تہ پوءِ هن مُهر اندر چئن مکيہ راجائن وچ ۾ ٺيل ناهہ محفوظ آهي، جنهن مان هندستان جي تاريخ جي شروعات ٿئي ٿي. گهڻو ڪري هن مُهر منجهان هڪ ڏند ڪٿا جو بہ پتو پوي ٿو تہ مَنُو اُنهن سيني راجائن جو پيءُ هو. ڪِنگ لِيئرَ جيان هن بہ پنهنجي حڪمراني اُنهن راجائن ۾ ورهائي هئي ۽ ڪين انهن علائقن جو گورنر مقرر ڪيو هئائين. اُهي راجائون هي هئا. مَنوُ وِرش (يا وڪوشي ششاد. ايوڌيا جو راجا) ڪاشيءَ جو آبُو ۽ وَئملي جو نَيَنِيدِ نستا. جيڪڏهن هنن حڪمرانن جي سجاٽپ صحيح نہ بہ آهي، پر نَئِمِشا (Naimisha) ٻيلي ۾ ڏني وِيَلَ ٻارهن سالا هڪ ڊگهيءَ قربانيءَ جو رڪارڊ موجود آهي، جنهن ۾ مَنُوءَ ڪي هڪ غير حڪمران طور سهيوڳي مجيو ويو آهي، پر اهو هڪ اندازو آهي. مُهر جي ناتي اها ڄاڻ ملي ٿي، تہ هن ٻئي سان گڏجي ڏرمي قربانيءَ جو فرض ادا ڪيو آهي. ان باري ۾ پُراڻن جو ذڪر آهي تہ پورُوَرَواس هڪ اهڙو حڪمران هو جيڪو پاڻ شخصي طور ڌرمي قربانين ۾ شريڪ ڪو نہ ٿيندو هو باقي ٻيون سيئي ذميواريون نڀائيندو هو. بعد ۾ قربانيءَ واري ٿلهي تي رکيل قربانيءَ وارو سارو سونُ لٽي ڦُري ڪٽي ويندو هو.

(ويدي Vedi)



7. *Wahna Ka (Vahnika)*

7_ وهنَ ڪا (وَهِنِيڪا)

تبصرو: وَهنِي (Vahini) ٽُروَسُ (Turvasu) جو پٽ ۽ يَياتيءَ (Yayati) جو پوٽو هو (وِشنُوءِ وايُو پُراڻ). رگويد جا ڪي سُوڪَتَ تروينيءَ جي جهاز ٻڏڻ جو ذڪر ڪن ٿا، جنهن ۾ اتفاق سان هو بچي ويو هو. گهڻو ڪري وَهنِي واريءَ مُهر ۾ ٻيڙيءَ جي شڪل جهڙا اکر هوندا. گهوڙي وارو ڏاڳو بلڪل گول شڪل جو آهي، جنهن مان ڄاڻ ملي ٿي تہ وَهنِي ٻيڙهيءَ جا ماڻهو پاڻ کي ڳشتري (ڪتري) سمجهندا هئا. توڙي جو هو ديوياڻيءَ (Devayani) جي نسل مان هئا.



8. *Vr(s)d Rayi Sha Sai Ipa Dwaya Dasa*

**Reading : Vṛdraisha Shaipa Divodasa**

8- وَر(دس) د رِيي شا سئي اِپَ دِوَيا دس

پڙهڻي: وَردرَئيشا شَئِپا دِوداس

تبصرو: ڪاشيءَ جو ديوداس هڪ مشهور معروف راجا هو جنهن ڏهن راجائن جي مشهور جنگ ۾ پورو ڪوتَس کي شڪست ڏني هئي، بعد ۾ تَرسدسيُو کي جنگي باندي بڻائي ورتو هئائين. پُراڻ هن معاملي ۾ منجهيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. رگويد (6. 61. 6) ڪيس وردَرشِوَ (Vrdraswa) سڏيو آهي. پيئَرن جي ڪيترن نالن ۾ اهو ”ورڌي“ لفظ جي پوئين پد تي گهڻو اثر انداز ٿيندو آهي. شَئِپ يا شَئہ فارسي لفظ آهي، جيڪو ”شاهہ“ لاءِ ڪم ايندو آهي. نالن واسطي انگن جو استعمال گهڻين غلطين جو ڪارڻ بڻبو آهي. دُويءَ (Dwi) کي گهڻو ديوي (Divi) ڪري لکيو ويندو آهي.



9. *Nil.*

9- نيل

هتي غلط سلط اکر جي ڀاڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جنهن کي ڪناڙا (Kannada) ٻوليءَ ۾ ”آردال“ (Ardala) سڏيو ويندو آهي. ان ڪم واسطي ميڻ يا گدامڙيءَ يا اردال، جيڪي مٽيءَ سان ملائي، لئي ٺاهي ڪتب آندي وئي تي پانئجي.

تبصرو: هيءَ مُهر ڪن ٻين سببن ڪري ٻہ اهم آهي. هن ناتي اسان کي اهو پتو پئجي وڃي ٿو تہ مُهرن ٺاهڻ جو ڪهڙو طريقو هوندو هو. پهريائين مٽيءَ ۾ ڳُرڙ ۽ ڪپهہ ملائي ويندي هئي. جڏهن اهو مرحلو مڪمل ٿي ويندو هو تہ لپيڪار مٽيءَ جي انهي تڪيءَ تي گهربل ”الف- ب“ وارو ڪنجهي جو نپو هڻندو هو جنهن جي وٽ سان اکر لکيل هوندا هئا. اهڙن ٺپن وسيلي اکرن جا رڳو بنياد رکبا هئا. باقي رهيل ڪم لپيڪار چاقوءَ وسيلي ڪندو هو. اهڙيءَ ريت اکر جي ٺولهہ ۽ سنهائپ دور ڪري سگهبي هئي. عام اکر وٽ سان ۽ تصويرون وچ تي هونديون هيون. (ڏسندا سر اليگزينڊر ويلر- خاڪو 25، جنهن جي وچ تي تصوير ۽ وٽ سان اکر نظر اچن ٿا). وِيلَر جي (انڊس سولائيزيشن

جو ٽيون ايڊيشن، ڪلڪتہ يونيورسٽي پريس 1968 ۾ پڻ ڏسندا. مارشل جي مُهر نمبر56، جنهن ۾ PD نشانيءَ جي بدران AU جي نشاني ڪتب آندي وئي آهي، ۾ غلط نشانيءَ کي ڊاهڻ کان پهريائين مُهر جو مالڪ لِپيڪار کان پنهنجي مُهر کسي ويو آهي.) اهڙي مرحلي گذرڻ کان پوءِ مُهر سُڪائي بلڪ پچائي ويندي هئي. بعد ۾ مٿس مين چاڙهي چمڪايو ويندو هو. جڏهن مُهر بلڪل تيار ٿي ويندي هئي، تہ اها موهن جي دڙي واري شهر يا ٻين ماڳن جي سوٽن ۾ وياسن ڏانهن موڪلي ويندي هئي. توڙي جو هن مُهر تي ڪا بہ لکت ٽيل ڪا نہ آهي، پر پوءِ ان جي وٽن تي ڪُرچ جا نشان ڏسجن ٿا. جنهن مان نظر اچي ٿو تہ اردال اچي وٽن پاسن وٽ گڏ ٿيو آهي. جيڪڏهن انهن مُهرن جو ڪيميائي اپياس ڪيو وڃي، تہ منجهن موجود سڄي سامان مان اُن جي دور جو آسانيءَ سان پتو لڳي سگهجي ٿو.



**10.** ***Kaashaap Aa Pahvaga Hae Krih Hayah***
**Reading : Kāshapāvhaga Hayakriyah**

10_ ڪاشاپ آ پهواگ هــءِ ڪِرهہَ هَياهہ
پڙهڻي: ڪاشپا وهاگ هَيَڪرِ يَهہَ
تبصرو: ڪشپ گهراڻي جو گهوڙن جو واپاري. ڪَشَپ گهراڻو ڪاڪيشيا سان واسطو رکي ٿو جنهن ڪشمير ۾ ڪاشيءَ جو بنياد رکيو. ڏسندا مُهر نمبر 77، جنهن مان پتو پوي ٿو تہ آنگيرَس بہ ساڳئي گهراڻي سان واڳيل آهي. هندستان ۾ گهوڙن جي تمام گهڻي کپت هوندي هئي. چاڪاڻ تہ اُنهيءَ سمي جنگيون بہ تمام گهڻيون لڳنديون هيون، ٻيو تہ گهوڙن جي قربانيءَ جو رواج بہ گهڻو هو. پوئين دور ۾ گهوڙن جي ايڏي تہ اڻاٺ هئي، جو ڪِيٿ جي چوڻ مطابق اصلي گهوڙن بدران سندن مورتيون جوڙي قربانيءَ جو فرض پورو ڪيو ويندو هو.

ڦيٽي جهڙيءَ نشانيءَ جي پڙهڻي پَرَشا (Parasha) يا ڪشپ (Kashapa) ٿي سگهي ٿي. اِن جون ٻيون بہ ڪيتريون پڙهڻيون آهن. هن لاءِ ڪو ٻيو نالو هٿڻ گهرجي. نالن جي اها ڊگهي لڙهہ اسان جي دائري کان ٻاهر آهي. تنهنڪري ”پرشا“ کي پڻ خارج ڪيو ويو آهي. هتي گرامر ۾ لکت تي تبصرو ڪرڻ پڻ ضروري آهي. عام طور تي نظر ائين آيو آهي، تہ جتي بہ لکت منجهيل نظر آئي آهي، تہ پڇاڙيءَ ۾ ايندڙ اکر کي ٻئو ڪري لکيو ويو آهي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن پڙهڻيءَ کي صحيح ڪري سگهجي. هتي پَ (pa) ۾ هہَ (ha) جو ورجاءُ بہ ساڳئي مقصد سان نظر اچي ٿو. هيءَ مُهر يادو ورشڻي (Yadava Vrishni) دور سان تعلق رکي ٿي.



11. *Praa (Paraa) Shae Ppa Arhakayi Dwarapaapa Ha Parashaippa (Prashayippa) Arhakaya Dwarapapaha*

Reading : Arhaka, son of Praapa (or Prapa), the chief of door-keepers. (Dwāra can be taken to mean Dwārawati or Dwārakā also).

11_ پڙهڻي: اَرهَڪ پُٽ پِراپا، درواڻن جو مُکي (”دوار“ جي معنيٰ دواروتي يا دوارڪابہ ٿي سگهي ٿي.)

تبصرو: اکرن جي سُونهن ۽ سڌائي ۽ سنجٽ مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ هيءَ مُهر يادوَ ورشني دور سان لاڳاپيل آهي. يادوَ دور جي پٽاپٽي مُهرن وچان ڏاڍو آرپار نڪتل ڏسجي ٿو پر مٿن يادوَ علامت نظر ڪا نہ ايندي. هتي ڪُرچ ٽيل نشانيون بہ آهن، جن ۾ بہ پهريدار تير ۽ ڪمان سان ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

12



12. *Waamaa Vrsh Naa Ta Ya Ta (u) Kapa (paka) Ya Dwa Ra Paapa "PAPA" Appaya*
*(Papa bracketed, and two lines scrawled ending in 'A' signs).*

**Reading : Wāma Vṛishṇataya Tukapaya/Dwārapaapa "Appaya"**

12_ واما ورش نا يہ ت ڪپا (پڪا) يہ دُوا رَ پاپَ ”پَپ“ اپايہ.

پڙهڻي: واما وَرشِنا تَيَتَئڪپا (پڪَ) يہَ دوارا پاپا ”پَپا“ اَپايہ

تبصرو: هيءَ هڪ عام ماڻهوءَ جي مُهر آهي، جيڪو هڪ در جو دربان آهي. هيءَ مُهر گهر ۾ تاهيل ۽ غير تجارتي آهي. شايد هن مُهر جو لاڳاپو ڪنهن مرتئي سان آهي، جنهن جو اندازو چئن اُڀين ليڪن مان بہ ڪري سگهجي ٿو، جن ۾ ڪنهن تدفين جو اشارو آهي. ڏسندا چوَ ڪندائون، ’ڪڏون‘. اسين ان کي لکت موجب پڙهنداسون، پر اُن جو اُچار اَ (A) جيان آهي.

2_ گهوڙي جي تصوير بلڪل مڪمل نظر اچي ٿي. ڪرچيل لکت مڃيءَ جهڙي نشاني آهي. اج بہ ڏٺو ويندو تہ نگَرُ ۽ ٺُڪا مهاڻن جا عام نالا آهن.

3_ مرتئي لاءِ اهوضروري هوندو آهي، تہ هرويرو جهڙا تهڙا اُبتا سُبتا اکر لکيا وڃن پر اج بہ اهو رواج آهي تہ موت جي خبر لکڻ واسطي، سعيو ڪري خراب اکر لکياويندا آهن. خبر لکي، ڪاغذکي مروٽي مٿانس سَرجا چُٽا هڻي، بعد ۾ پوسٽ ڪيو ويندو آهي.

4_ پَپا (Papa) جيڪڏهن ٺُڪپَيا (Tukapaya) وفات ڪيل ہار آهي، تہ پوبون لفظ قرباني ڏيندڙ جو نالو آهي ۽ اهڙين ڳالهين جي اظهار واسطي اهو نشان ئي لکيو ويندو آهي. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ ان ماڻهوءَ جو عام مشهور نالو اَپ _ پپا Appaya هو.

5– پهريون پد اُپيءَ طرز ۾ لکيو ويو آهي، جنهن کي وَمَ (Vama) بدران اگم (Agama) پڙهڻ کپي. پر انهن ٻنهي پڙهڻين کري هيءَ مُهر ڏاڍي دلچسپ آهي. هِن مُهر وسيلي ڄاڻ ملي ٿي، تہ ان وقت تائين شِوَ ئي وارو تنتريت يا آگميت وارو طريقو عام ماڻهن ۾ اڃا بہ رائج هو.

6– جيڪڏهن هن کي ورشني ڪُلَ وَرشنتَ (Vrishnata) پڙهيو وڃي، تہ بہ صحيح آهي، جنهن مان هيءَ پتو پوي ٿو تہ اهو ڪرشڻ جي وفات کان ٿورو اڳ وارو دور آهي. هن کان پوءِ ورشني ڀاڳوت ڪرشڻ جي نئين ڌرمي فرقي ۾ شامل ٿيا هئا ۽ پانچراتر (Pancharratra) جي ڌرمي رسم جو بنياد رکيو هئائون، جنهن جو تنترڪ اصولن سان واسطو هو. اسين هن ڳالهہ تي اڳيئي تبصرو ڪري آيا آهيون تہ ڪرشڻ جي وفات کان ٿورو پهريان نَڪولِش (Nakulisa) ڌرم جو بنياد پيو هو. ان دور کان پوءِ جون ڪيتريون مُهرون آهن، جيڪي خاص پنچترڪ (Panchatreka) مهر سان واسطو رکن ٿيون.

7– سپني کان وڏيڪ دلچسپ سُرَ جي نشاني اُ (U) آهي، جيڪا تُڪپہ (Tukapa) واريءَ سٽ ۾ هيٺئين پاسي آهي ۽ اهو ليٽيل سنوت ۾ اشارو ڪندي ٿو پائنجي. اهڙو سُرُ ٻين مهرن ۾ تمام گهٽ ڏسڻ ۾ آيو آهي، جيڪو ڪليل نشانيءَ جي وچ ۾ هجي. هيءَ هٽ جي جوڙيل گهرو قسم جي مُهر آهي، هن مان اسان اهو اندازو ڪري سگهون ٿا، تہ تجارتي لپيڪار ڪتابت جي خوبصورتيءَ ڪري هيءَ نشاني ڪم ڪو نہ آڻيندا هئا. معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ نشاني ڏکهين سِٽُن ۾ ٿيندڙ لکت جي سونهن ۽ سيبتائيءَ کي نهوڙي ڇڏي ٿي. تنهنکري ڪاتب پيالي جهڙي اُ (U) واريءَ نشانيءَ سان ورڏيون ڏئي ڪم هلائيندا هئا. اهو هڪ عام اصول هو. هي ڪاتبن جو هڪ ٽيڪنيڪل مسئلو هو ۽ ان سان صحيح هِجي جو ڪو واسطو ڪو نہ هو پر ايترو پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ ”الف ۽ ب“ موجود هئي، جنهن ۾ گهَر اندر تيار ٿيل هڪ مُهر لکي وئي هئي.

*Readings With Commentary*



13

13. *Vrsh Na Ka Ya* (*Vṛshnakaya*)
**Reading: This is a small seal, but shows a horse sign.**

13– وِرش نَ ڪَ يہَ (= وِرشِنَڪَيہَ)

پڙهڻي: هيءَ هڪ ننڍڙي مُهر آهي، جنهن ۾ گهوڙي جي نشاني ڏسجي ٿي.

تبصرو: اکر بلڪل صاف آهن، ٻي ڳالهہ تہ هن لکت جو اهو مفهوم ڪو نہ آهي تہ ”وِرشني ڪُل جو هڪ ماڻهو“، اسان جو انومان آهي تہ هيءَ مُهر مهاراجا ورشني سان تعلق رکي ٿي، جنهن ورشني گهراڻي جي راڄ جو بنياد رکيو هو. هن گهراڻي مان پوئتي هلي ڪرشڻ ۽ بَلَ (Bala) پيدا ٿيا هئا. هي ساتِوَت (Satvata) جي ڇئن پٽن مان ننڍي ۾ ننڍو هو (Par-105). جيڪو سندس ٻيءَ زال مادريءَ (Madri) جي پيٽان ڪيس ڄائو هو. ان کان پوءِ ديوِميڊوس آيو. جنهن کي واسُوديو (Vasudeva) نالي هڪ پٽ هو. واسُوديو ڪمس (Kamsa) جو وزير هو. سندس جيون اپياس مان پتو پوي ٿو تہ يادوَ گهراڻي وارا پهرئين ڄاول بار جي حق کي تسليم ڪندا هئا. هن ڪُل جي ماڻهن ۾ ڪاڪيشيائي، هنٽي، حبشي – سبائي ۽ ڪشتري (کتري) رَتَ جو ميلاپ هو. وٽن ڪليل دل ۽ وسيع نظري تمام گهڻي هئي، پر ڪين

راجائي تخت تي ويهڻ جو موقعو گهٽ مليو هو. وِرشنيءَ سوراسٽريہ جو هڪ ننڍو راڄ قائم ڪري ورتو هو. ڏرتيءَ جي هن ٽڪري جو دنيا جي ملڪن سان وڻج واپار جو ڳانڍاپو قائم هو. تنهنڪري ڏاڍو سڪيو ستابو هو. ساتوَت ورشني يادوَ جون مُهرون ڏاڍيون صاف ۽ مڪمل آهن. تنهن ڪري اسان هن کي سنڌس حياتيءَ جي شروعاتي دور سان لاڳاپيل سمجهون ٿا.



14. *Paasan Ga Sha Shae Sra Ya*

**Reading:** **Saesraya (S and N are narrowly accommodated into P) Other reading of the first letters: Pasu, Pis'u,** ***etc.***

**Translation:** **Sahesraya, (Sahasraya), son of Piśaṅga**

**Commentary:** **Pi'saṅga was a ṛishi who presided over the snake sacrifice; he is mentioned in** ***Pañchavimsa Br.*** **Not much is known about his son's distinction, except that he was a teacher.**

14ـ پاسن گَ شَ شيءِ سَرَيَ

پڙهڻي: سئسرَيہَ (س ۽ ن آواز پ جي اندر آهن) پهرين اکرن جي ٻي پڙهڻي پَسُو (Pasu) يا پِسئو (Pis'u) آهي.

معنيٰ: سهيسر يہ (سهَسريہ) پٽ پِسڱگا

تبصرو: پسڱگا رشي هو, جيڪو ناگ ديوتا جي ڏنل قربانين جي نگراني ڪندو هو. سنڌس پنچاوِمس (Panchavimsa Br.) ۾ ذڪر موجود آهي. سنڌس پٽ بابت ايترو ئي ڄاتل آهي تہ اُهو بہ وگياني (گرُو) هو. جيڪڏهن جَنمجايہَ Janamejaya هڪ خاص قرباني آهي, جنهن جو لاڳاپو ناگ جي ڌرمي پوڄا سان هو, تہ پوءِ هيءَ اسان جي قائم ڪيل مفروضي جي سچي هئڻ جي هڪ وڏي ثابتي آهي, تہ هڙاپا (سنڌو) سڀيتا وارو سَمو ويدن وارو دور هو ۽ اُهو سَمو ويدن کان اڳ ڪو نہ هو. پُراڻَ ويدن واري ان سُونهري دور بابت واتين ويٺي ڪي وڏائي اينگهائي ڳالهيون ٻڌائيندا هئا, جيڪي مَنُوءَ جي پُٽن کان وٺي مهاڀارت جنگ کان بہ ٽي پيڙهيون پوءِ تائين اچي دنگ ڪندا هئا. اُن کانپوءِ هڪ هزار سالن وارو ڪارو دور شروع ٿي وڃي ٿو. ويدن واري سَمي جون سڀ يادگيريون وَنِشوَليون (vanshavalies) ۽ ان دور جي جهونجهارن ۽ رِشين جون ڳالهيون, پٽن ۽ پانن جون ڳاهون ٻڌجي محفوظ ٿي وڃن ٿيون. جي مگڌ جي راجائن ۽ مهاراجائن جي وقت جون ڳالهيون هٿ جون جوڙيل اجايو وڌاءُ ڪري ٻڌائڻ لڳا, ۽ ويدن جي شلوڪن کي ڳوتن ۾ مختلف ڪُل جا ماڻهو جادوئي ٽوڻن ڦيڻن طور ڪتب آڻڻ لڳا هئا. پوءِ وياس جو دور اچي ٿو, جنهن جو ڏس گهمي ڦري, ويدن جي روايتن کي ڪٺو ڪري محفوظ ڪيو هو.

اسين مختصر طور سمجهائينداسون تہ اهو اونداهو دور ڇا آهي. ڪو بہ دور اونداهو ڪو نہ ٿيندو آهي. مهاڀارت جي جنگ ڪري بہ اهم تاريخي اثر نمايان نظر اچن ٿا. (1) ايشيا جي مکيہ ملڪن سان رشتا ۽ رابطا ختم ٿي ويا هئا, (2) اهو مانار وارو دور گذري ويو, جنهن ۾ بنا ڪنهن مدافعت جي وڏيون شهنشاهيون قائم ٿي وينديون هيون. ننڍڙا قبيلا جيڪي هن جنگ کان پوءِ واپس ٿيا, تہ ڪين پنهنجي سگهہ جي نئين ڄاڻ اچي وئي هئي. اُتر اوير واريون سوين ننڍڙيون حڪمرانيون, جيڪي ٻاهران اينڌڙ ڌارين ماڻهن کي سولائيءَ سان اندر وڃڻ ڇڏينديون هيون, تن کي جاگرافيائي, سياسي شعور اچي ويو هو ۽ هڪدم مورچابند ٿي مهاڏو ڏيڻ شروع ڪيو هئائون. آباد زمينن ۽

چوپائي مال جي بچاءَ واسطي جنگيون جوڙڻ لڳا هئا. ڦرلٽ ۽ ويڙهاند ڪري هندستان باقي ايشيا کان ڪٽجي ويو.
(3) نئين قبيلائي جوڙجڪ، جاگرافيائي، سياسي شعور ڪري وڏين شهنشاهين ٺهڻ جون امڪان گهٽجي ويو هو. انهيءَ ڪري راڄڌاني خالي ٿيڻ لڳي. وڏيڪ زرخيز ڌرتيءَ تي رهڻ ڪري قبيلن ۾ هڪ نئين سجاڳي آئي. باقي بيا ماڻهو جيڪي ويران ۽ ٻُٺ علائقن ۾ رهڻ لڳا هئا، تن جي حالت وڌيڪ خراب ٿي وئي ۽ مٿن هڪ قسم جو جمود ڇانئجي ويو ۽ منجهن اڻ برابريءَ ڪري جاتي وار طبقاتي نظام (caste system) جو وجود پئجي ويو. ماڻهن ۾ رابطا، گڏجي ويهي ڪائڻ پيئڻ وارا طريقا ۽ پاڻ ۾ سڱاوندين ڪرڻ ۽ سفر ڪرڻ جي ڏاڍي ڏکي ڳالهه بڻجي پئي هئي. هر هڪ ڳوٺ جڻ پنهنجو پاڻ اندر محدود ٿي رهجي ويو هو. امن آشتي تہ ٿي وئي، پر ماڻهن کي جڻ ماٺار جو نانگ ڏنگي ويو هو ۽ هندستان ٻيءَ ساريءَ دنيا کان وِڪڙجي الڳ ٿي پيو هو. جڏهن ماڻهوءَ ۾ ذاتي شعور هوندو آهي، پر صنعت ۽ حِرفت اڃا پهرئين اوسر واري مرحلي ۾ هوندي آهي، تہ سماج کي رشتن ۽ رابطن جي سخت ضرورت هوندي آهي. اهڙين ڳالهين نہ هجڻ ڪري سماج پڇي پور ٿي پوندو آهي. اهڙو انتشار ننڍڙين حڪمرانين جي صورت ۾ نڪري نروار ٿيندو آهي ۽ اپاهج ۽ ٻي ڍنگيون رياستون سهيوڳي تاريخ کان ڪن لاتار ڪري ڇڏينديون آهن. تاريخ نويسي قومن لاءِ ڪو وڏو ڪم نہ آهي. اهو ڪم سُوتن (Sutas) جي حوالي ڪيو ويو. پر گهوڙن کي پِنڌ سيکارڻ جي ذميواري بہ مٿن مڙهي وئي. شجرن کي ياد رکڻ ۽ ٻڌائڻ جو روايتي ڪم ۽ تاريخ جو ڪم ان ڪري پوئتي پئجي ويو انهن ماڻهن کي معاوضو تمام گهٽ ملڻ لڳو اهي ماڻهو رڳو وَنِشوَلي (شجرا) ۽ قصا ڪهاڻيون ٻڌائي، حياتيءَ جا ڏکيا سکيا ڏينهن گهارڻ لڳا هئا.
(4) ان جي بدلي گرو، شِشَ جون روايتون شروع ٿيون، جيڪي خانداني ورثي موجب هلڻ لڳيون. جڏهن ٻُڌ اک کولي تہ اهڙا ادارا تيار ڏٺائين، جن کي هن فقط وِهارَن اڏڻ لاءِ ڪم آندو. هندستان جي هر هڪ ڳوٺ ۾ ٻہ يا ٽي مَٺَ ضرور هوندا هئا. مَٺن جي اڏاوتن ڪري ائين سمجهڻ نہ کپي، تہ ماڻهن ۾ فقط ڌرمي سجاڳي اچي وئي هئي، اهو انهيءَ ڪري بہ ٿيو هو جو ننڍڙن ٽُڪُو حڪمران ماڻهن جي جمود جي شڪار ۽ اقتصادي حالتن کي پنهنجي ڦُرلٽ ڪري ڪنا ڪيڙا ڪري ڇڏيو هوندو. انهيءَ جوءِ ۾ رهندڙ پنڊت ۽ پروهت جن وٽ چار ٻارا زمين جا هئا، تن پورهيو ڪري چار ڏوڪڙ پاڇي ڪري ورتا هئا. رڄ چڱا مڙس هئا ۽ ماڻهن جو مٿن ويساهہ ويٺل هو. جڏهن ڪي ماڻهو هڪ ٻئي کان پاسيرا پئجي ويندا هئا، تہ اهي ڌرمي ماڻهو کين پاڻ ۾ پاڪر پارائي کير کنڊ ڪري ڇڏيندا هئا. اهي ادارا جيڪي شروعات ۾ هڪ سماجي ضرورت طور اپريا هئا، سي سماجي طور هڪ آجي شڪل اختيار ڪري ويا. هر هڪ پُراڻ ۾ اها حقيقت محفوظ آهي تہ سُوتن شاهي درٻارن مان نڪري وڃي آشرمن ۾ پناهہ ورتي هئي. هنن اتي ويهي انهن پنڊتن ۽ پروهتن کي پُراڻن جي تعليم ڏني. وقت جي حڪمرانن سندن سرپرستي ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي. هتي هنن آشرمن ۽ اوتارن ۾ کين مان ۽ مهت ملندو هو ۽ اتي گڏ ٿيندڙ ماڻهو سندن ڳالهيون دل جي حضور سان ٻڌندا هئا. هن مان محسوس ٿيندو تہ تاريخ نويسي ڪنا ڪِيڙا ٿي گوڏا کِهِلَ ٿي وئي هئي. اُنهيءَ دور جا گُرو پنهنجي دور جي تاريخ ۾ دلچسپي ڪو نہ وٺندا هئا ۽ انهن ڳالهين ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏريندا هئا، جيڪي مقدس يادگيرين جو روپ ڌاري چڪيون هيون، يعني اڳئين سمي جي رشين، اوتارن، پلوڙ راجائن ۽ عاشقن جون ڳالهيون ۽ سندن چوڌاري ڌرمي ماڻهن جا ٽولا ويهڻ لڳا هئا ۽ ماڻهو ائين وسهڻ لڳا، تہ وقت جي راجائن جيڪو ڪجهہ ڪيو سا ديوتائن جي مرضي هئي. راجا ترسدسيوُ جي حياتي ڏکن سان ڀريل هئي پر هي پروهت ۽ پنڊت کيس اهميت ڪو نہ ڏيندا هئا، هن کي

ان ڪري عزت ڏيندا هئا، جو پيڄڻ وقت ٻن ديوتائن سندس سهائتا ڪئي هئي. ڪيترن سالن تائين اهي گرو اڻ ڄاڻائي وچان ويدن وارا شلوڪ پيا ورجائيندا ۽ سمجهندا هئا ته اهي پيٽ جي سور دور ڪرڻ وارا ٽوٽڪا ڦيڏا پيشج (Bhishaja) آهن. سُوتَ ڪين ٻڌائيندا هئا، ته هو ويچ هئڻ سان گڏ هڪ گمنام راجا آهي. اهڙيءَ ريت هندستان ڊگهو عرصو ٻي ساري دنيا کان الڳ رهڻ لڳو. هتان جي ماڻهن کي اها ٻه خبر ڪا نه رهي، ته سندن سوتاڻ جيڪو هماليه پار رهندو هو، تنهن جو ڇا ٿيو. اشواڪ (جيڪو هاڻي وچ مشرق جو اسحاق آهي) لاءِ گرو ڪي عجيب غريب قصا ڪهاڻيون ٻڌائڻ لڳا. جڏهن سُوتن کي چوندا هئا ته، "سائين اوهان کي هن ڳالهه ٻڌائڻ جي گذارش ٿا ڪريون، ته مَنُوءَ (Manu) جي وڏي پٽ تي اهو ڪلڻ جهڙو نالو ڪيئن پيو. سوتَ جنهن کي اِشواڪ (Ishwaku) (معنيٰ نِڇَ جو آواز) جي اصليت جي ماڳهن ڪا ڳَلَ ئي ڪا نه هوندي، سو هڪ دم هڪڙي ڳالهه گهڙي ٻڌائڻ شروع ڪندو، ته قصو دراصل هيئن آهي، جو هڪ پيري منوءَ کي ڏڏ لڳي وئي ۽ ڪيس ليس ڪنگهه ٿي پئي. نِڇَ جو ڏنائين ته اشواڪ سندس نَڪ مان ٻاهر نڪري آيو. يعني اهو مَنُوءَ جي نڪ مان ڄائو هو. پنج پُراڻ اها ڳالهه ٻڌائن ٿا، جيڪو هڪ ٺهه پهه ٻڌايل قصو آهي. چاڪاڻ ته سوتَ اها ڳالهه پنهنجي پيءُ کان ماڻهن کي ٻڌائيندي سُٽي هئي. اها ساڳي وري هو ماڻهن کي ٻڌائيندو هو ته سندس پٽ سُٽي ۽ سِکي وٺندو هو. اهڙيون تاريخي حقيقتون مختصر ٿينديون ۽ بگڙنديون ته رهيون، پر محفوظ رهجي ويون. هاڻي اسان تي فرض آهي ته اهڙين ڳالهين کي سُرت ۽ سُچيتائيءَ سان اجائي وڏاءَ ۽ ڪوڙ کان ڌار ڪري ڪڙيون ڪري بيهاريون.



15. *Saha Dwāra Ra Kshaha* (*Saha Dwārarakshah*),
**Saha, the Doorkeeper/The Joint Doorkeeper**

15_ سما دوار رَ ڪشها

پڙهڻي: سَها دوار رَ ڳشها

سها جيڪو دَرواڻُ/گڏيل دَرواڻُ آهي.

تبصرو: درواڻَن (دربانن) ماڻهن کان سوڪڙيون پاڪڙيون وٺي، چار ڏوڪڙ ميڙي چوندي ورتا آهن. مُهَر جا اکر جهٽ ڪري لکيا ويا آهن، لکت صحيح نموني سان مڪمل ٻه ٿيل ڪا نه آهي. مختلف اکرن کي مٿئين پاسي کان ڏندا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن مان ر ۽ د سان لاڳاپيل وسرڳ (aspirated) يعني ڳاڏڙ آوازن جي غلط فهمي پيدا ٿئي ٿي، جيڪي گڏجي "ڪمان سان گڏ ماڻهوءَ" جهڙا لڳن ٿا، جنهنڪري مسئلو پيدا ٿي پوي ٿو. "ر" اکر آخري اکر جي پرسان هئڻ ڪپي ها. پڇاڙيءَ واري آواز ۾ ڪ، س ۽ هه جا آواز گڏيل آهن.



16. *Kaus'a Kashayitra Shau Tsha Pa…seal…Parashurama*

**Readings : Kauś 'akaś' ayitra Sautsapa/Paras'urama Paras'urama, the Grandson of Kaushiki**

16ـ ڪا ئوس ڪشيترَ شؤتش پ ...... پَرشُرامَ

پڙهڻي: ڪائوس ’اَڪس‘ اَئيتِرَ سَئوتسپَ/پَرَسُ را م - پرسُ رام ڪائوشيڪيءَ جو پوٽو

تبصرو: ڪائوشيڪي پرش رام جي ڏاڏي ۽ جَمَدگِنيءَ جي ماءُ هئي. هن لکت ۾ ڪهاڙيءَ جهڙي (axe-like) نشاني ڏاڍي سهڻي آهي. پهرئين ڪش ksha ۾ اَو Au جي نشاني ڏسجي ٿي، جيڪا نئين ڳالهه آهي. سئوتِسَرَپَ جي معنيٰ پوٽو آهي. اها هڪ ظاهر ڳالهه آهي، تہ جيستائين اها جيئري هئي، تيستائين پرش رام ان جي ذڪر کي اهميت ڏيندو رهيو. پارگِٽَرَ جو بيان آهي، تہ ڪن سببن ڪري هُو پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جي نالن جو ذڪر ڪندو رهيو. جڏهن ڪيس اهڙين ڳالهين مان ڪو فائدو نظر ڪو نہ آيو تہ ڪنهن ٻي مائٽ جو نالو ڪتب آڻڻ لڳو هو. سئوتس (sautsa) لفظ سُوتَ (suta) مان نڪتل ياڻئجي ٿو. ويدن جي ضميمي ۾ اهڙي لفظ جي مشڪل صورت نظر ڪا نہ ٿي اچي. ڪُرچ واري لکت ۾ ٻن مُنهن واري ڪهاڙيءَ جهڙي نشاني ڏسجي ٿي، جنهن ۾ ننڍو ڳن پيل آهي. ڪارت ويريہ- اَرجُن لاءِ چيو ويندو آهي، تہ هن جمدگني رشيءَ کي انهيءَ ڪري قتل ڪيو هو جو ڪيس پنهنجي سڱوري ڳئون ڏيڻ لاءِ تيار ڪو نہ هو. پرش را م ڪيس قتل ڪيو ۽ سيني ڪشترين کي قتل ڪرڻ شروع ڪيو هئائين. اِن ناتي هُن ٻارنهن هزار حڪمران قتل ڪيا، جن جي يتيم ٻارن (پٽرن) وٽي ڪيس پٽيو ۽ پاراتا ڏنا. نيٺ رام اچي ڪيس اهڙي قتل ڪان روڪيو. اها ننڍڙي ڪهاڙيءَ جهڙي نشاني ڏسي، مون کي شڪ جاڳيو تہ هُن انهن راجائن کي ختم ڪرڻ واسطي لئبررين ۾ رکيل سندن مُهرن کي ختم ڪرايو هو. انهيءَ مقصد سان، تہ جيئن ڌرتيءَ جي مٿاڇري تان ڪشترين جو نالو نشان ئي مٽجي وڃي. ممڪن آهي تہ سندس اهي ڪارناما موهن جي دڙي تائين نہ پهتا هجن. چاڪاڻ تہ اهو گهٽو پري هو. هن انومان لاءِ ڪي گهٽيون شاهديون ڪيَن آهن. اسان کي خبر آهي تہ ديوداس (Divodasa) جو پيءُ تالجنگهہ (Talajangha) اهڙي هڪ جهيڙي ۾ گهائجي هڪ ٻيلي ۾ پيو رهيو. ديوداس بہ شڪست کائي وٽي ڀڳو، جنهن پنهنجي پيءُ کي زخمي حالت ۾ ڏسي سندس سنڀال ڪري چڱو ڀلو ڪيو.



17. *Ma R Kaya Ma Hai sha......(1 letter broken)*

**Readings : Marka Mabaisha (Marka, the Promulgator of Māhesha Cult) Practitioner**

17_ مَ ر ڪيہ مَ ھَئہ ش.......... (اکر ڀڳل)

پڙهڻي: مَرڪِا, مَهيشا (مَرڳيا, ماهيشا فرقي جو باني) جو پوڄاري

تبصرو: مرڪنديہ (Markandeya) جي پيءُ جو نالو مَرڪَنڊُو (Markandu) هو. ٻَئي لفظ ساڳئي مادي مان ورتل آهن. چيو ويندو آهي, تہ مرڪنديہ پُراڻ بہ هن ماڻهوءَ جو نالو مارڳنڊيُو لکيو هو. هن ڪشٽ ڪشالا ڪري آزاد خياليءَ بابت سڀ ڏند ڪٿائون ۽ نيم تاريخي قصا هڪ جائتا ڪيا هئا. ٻُڌ ڌرم جي زوال کان پوءِ مَهيشا ڌرمي فرقي طاقت ورتي. پر معلوم ائين ٿئي ٿو تہ اِن ڌرمي فرقي جو بنياد هڙاپا (سنڌو) سڀيتا جي پڇاڙيءَ واري دور ۾ پيو هو. هن مُهر ۾ قديم دلچسپي اِن ڪري آهي, جو هيءَ صحيح معنيٰ ۾ شِوَ جي مُهر آهي, جنهن جو مَرڪ (Marka) نالو آهي ۽ کيس مهيش Mahesa يوگي ڪري لکيو ويو آهي. جيڪو سِيني جو پر خاص طور تي جانورن جو دوست آهي. مَهيش (Mahesa) هڪ مقامي نالو آهي, جنهن تي نڪُولَش پِسُوپَتي فرقي جو گهڻو اثر ڏسجي ٿو. وڌيڪ دلچسپ هڪ سچورس قسم جو گرئفيتو پٿر (graffito) آهي_ جنهن کي چوٽي آهي ۽ "لنگ" سڏبو هو. چيو وڃي ٿو تہ ڪنهن زماني ۾ هندستان اندر هن جي پوڄا جو رواج هوندو هو. اسلام کان اڳ, وچ مشرق ۾ بہ هن جي عام پوڄا ڪئي ويندي هئي. مهيش فرقي وارا هن جي خاص پوڄا ڪندا هئا. امڪان آهي تہ هن پوڄا کي نَڪولَش ئي متعارف ڪرايو هجي.



18. *Dwipas'a Ha Tur Bha*

**Dwipas'aha Turbha (Turbha or Turvasu, King of an Island)**

18_ دويپَشا ھہ تُر ڀَ

پڙهڻي: دُوِي پَس هہ تُر ڀَ ممڪن آهي تہ دُويپَشهَـــہ تُرڀَ يا هڪ ٻيٽ جي راجا "تُروسُو" ڏانهن اشارو ٿيل هجي.

تبصرو: هِن مُهر جي لکت جي موضوع تي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي شڪ ڪو نہ آهي. يایاتيءَ (Yayati) پنهنجي پٽ تُروسُوءَ کي پِٽيو هو تہ شل هو ڪٽي پري وڃي, ڪنهن ٻيٽ تي رهندڙ مليڇن جو راجا ٿئي, چاڪاڻ تہ هن پنهنجي پيءُ کان سندس ڪراڙپ ونئي, کيس پنهنجي جوانيءَ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو. هيءَ ٻولي سنسڪرت ڪا نہ آهي. منجهس ڏاريو لفظ "شاهہ" (Shah) بہ ڏسجي ٿو پر آخري پڇاڙيءَ واري "هہ h بہ اِن ۾ گڏيل ڪانهي. جيڪا پد ۾ وسرگ نہ, پر وينجن آهي ۽ پيالي جهڙي الف واري نشانيءَ ۾ البت نظر اچي ٿي. اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سندس پيءُ

جو نالو ڏيکاريندڙ نشاني بہ ڪانهي. چَتُر (Chatur) جي نمائندگي ڪندڙ نشاني تُر (tur) جو مفهوم ادا ڪندي آهي، جنهن ۾ چہ (cha) واري اڳياڙي ثانوي حيثيت رکندي آهي. هڪ نقشو جالود جي سيني سان لڳل ڏسجي ٿو ۽ سڄي وارو چڙهي ليڪو بہ بلڪل ٻاهر نڪتل آهي. ائين لڳي ٿو جڻ تَروسَو ڪواڏ برهمڻ هو. ياڌَو جي رسم موجب اها رَسي جانورن جي ڄنگهن وچان آرپار نڪتل هوندي آهي. ڪُرچيلَ ڏاڍا دلچسپ آهن. هيءَ ٻئي ملڪ جي هڪ صاف ۽ سُٺي لکت آهي. امڪان آهي تہ متان ڪلداني (Chaldean) هجي، جيڪا وڌيڪ غور طلب آهي. هڪ ٻيڙو آهي، جنهن تي ڏچي لڳل آهي. ممڪن آهي تہ اهو بہ ڪواڪر آهي. علامت شڪل ۾ پٽاپٽي آهي، جيڪا عام رواجي ڪا نہ ٿي ڏسجي. سيني تي لکيل نالو "پئٿ" (Paita) ڦِڪو آهي. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ "ترُوسُو" چين ملڪ ۾ آباد ٿيو هوندو. پر ٻيو امڪان پِيت (Peeta) يعني ٻيٽ آهي، جتي هو وڃي آباد ٿيو هوندو.



19. *Papa Para Tur Sha Da (Para Turshada)/Papa*

**Trasadasyu, the son of Purukutsa/King Trasadasyu**

19_ پڙهڻي: پَپَ پَرَ تُر شَ دَ (پر تُرشدا) پَپَ
معنيٰ: پورُو ڪوتَس جو پٽ راجا تَرسدَ سيوُ
تبصرو: هيءَ هڪ تمام ننڍڙي ۽ صاف مُهر آهي، جيڪا ايوڌيا جي راجا تَرسَدَسيوُ سان تعلق رکي ٿي. (ڏسندا مُهَر 3) هن لکت ۾ هِجي جي غلطي نظر اچي ٿي. پهرئين پ اکر جي وچ ۾ گول شڪل ۾ "ر" ڏسجي ٿي. ان کي ساڄي يا کاٻي طرف هٽڻ کپي ها. جهڙيءَ ريت ٻين مُهرن ۾ موجود آهي. هن جي پڙهڻي پَپَ (Papa) يعني راجا ٿئي ٿي. هتي پڻ اهو بہ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هو پنهنجي پيءُ کي ياد ڪرڻ ڪونہ ٿو چاهي.



20. *Paka Vamradri Rak S'a Hani Syai Gahapa Iya*

20_ پڙهڻي: پڪ وِ مردري رَڪ س هني سيئہ گهَپ اِيہَ (پَڪَ وَ مردَري رڪس هنسيہ گهپيہ) هيءَ ڏرمي رسم اُن گمنام ماڻهوءَ جي نالي ادا ڪئي وئي هئي، جنهن وَمَردري جي راڳاس يا درواڻ (دربان) ٻَڪَ کي قتل ڪيو ۽ پوءِ گم ٿي ويو. گهَپَ ڪنهن گُڏَ پَرُشَ ڏانهن اشارو آهي.

تبصرو: اسان جي قائم ڪيل مفروضي جي فائدي ۾ هيءَ هڪ اهم شاهدي آهي، تہ پُراڻن ويدن جي دور واريءَ تاريخ کي ڏند ڪٿا واري انداز ۾ بيان ڪيو آهي. منجهن محبت ۽ نفرت جي اُپٽار ٿيل آهي، پر منجهن ڪوڙ ڪو نہ آهي. هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ بَڪَ نالي هڪ آدمخور ماڻهوءَ جو اُن دور ۾ حقيقي وجود هو. هو عام ماڻهن کي مات ڪرائڻ واسطي قربانيون بہ ڏيندو هو. هن پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ڪاسائڪي ڏنڊي سان ڪئي. (ڏسندا مُهر 1) . هو ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ وسيلي ماڻهن کان ڍل اوڳاڙيندو هو ۽ آخر ۾ هو آدمخور ٿي ويو. سندس رهائشگاهہ وَمرادري نالي هڪ ٽڪريءَ ۾ هوندو هو، جتي هو لڪي گذاريندو هو. اُن ٽڪريءَ جي نالي کي ڪِتادري يا ڪئتيادري يا پتنگادري بہ پڙهي سگهجي ٿو. چاڪاڻ تہ تصويري لکت اهڙي مختلف هِجي ڏانهن اشارو ڪري ٿي، پاندوَ بہ لِڪ چوريءَ ايڪسچڪر نالي ڳوٺ ۾ آيا هئا ۽ هڪ برهمڻ جي گهر اچي رهيا هئا. بَڪَ ان برهمڻ کان گهوڙو يا ٻڪري گهري هئي، پر هو غريب هو ۽ اهڙن جانورن ڏيڻ جي ڪيس سگهہ ڪا نہ هئي، ان ڪري بَڪَ کانئس پُٽ گهريو هو. جنهن تي ڀيم پاندو پاڻ بَڪَ وٽ هلي ويو ۽ هُن کي قتل ڪري ڇڏيائين. پاندوَ ساٺين سان رات جي پيٽ ۾ اتان نڪري هليا، تہ متان ڪنهن کي سندن موجودگيءَ جو پتو پوي. هن قصي ۾ تفصيل اهڙا آهن، جن تي اعتبار ڪرڻ مشڪل آهي. اسان کي هن ڳالهہ تي ويساهہ ڪو نہ آهي تہ بَڪَ کي ڀيم ماريو هوندو. مُهر فقط هن ڳالهہ جي تصديق ڪري ٿي تہ وَمرادريءَ جي راڪشس بَڪَ کي ڪنهن ماڻهوءَ يا ڪِن ماڻهن قتل ڪري ڇڏيو. اتان جي رهواسين اَڻ جاتل ماڻهوءَ جي ياد ۾ يلي لاءِ قربانيءَ واري ڌرمي رسم ادا ڪئي هئي. هي ڪافي ويساهہ جوڳو ۽ معلوماتي اطلاع آهي. اسان واڊيل (Wadell) ۽ پارگٽر (Pargitter) جا ٿورائتا آهيون، جن پنجاهہ سال کن اڳ هن صديءَ جي پهرينءَ چوٿائي ۾ ڪي حقيقتون لکيون، جن جي اڄ تصديق ٿي رهي آهي. مُهر گهڻي ڀاڱي تباهہ ٿي چڪي آهي، پر پوءِ بہ پڙهڻ جوڳي آهي.



21. *Papa Aya Shaishe Vrs Ga Ta Aya Papaya Saise Vṛsgataya*

21_ پڙهڻي: پَپَ اَي شَئشي ورس گَ تَ اَيَ = پَپَيَہ سئسي ورسگَيتَہ

معنيٰ: منهنجو پٽ، جيڪو ٻاروتڻ ۾ رِشين جي جڳ ڏانهن هليو ويو. (هن رسم جو ثواب شل ان کي پهچي)

تبصرو: هيءَ هڪ انساني دستاويز آهي، جنهن ۾ هڪ ٻار جي مرتئي جي ڳالهہ محفوظ ڪري ڇڏي آهي. اِن جي معنيٰ هيءَ بہ ٿي سگهي ٿي تہ ”منهنجي پيءَ جي يلي لاءِ جنهن، جڏهن آءٌ اجا ٻار هوس، جو هن مقدس قرباني بجا آندي هئي. اپٽي مطابق پَپَ نپائيندڙ ماءُ آهي (Papu according Apte, is foster mother) اسان جو هيءُ حوالو کُرچيل لکت تي بيهاريل آهي. هڪ ٻار آهي، جنهن جي پيرن ۾ پَرَ لڳل آهن ۽ ٻن وڻن جي وچ تي بيٺو آهي. نظرائين اچي ٿو جڻ هوريان هوريان ٿي وڃي رهيو آهي. وڻ جي پاسي ۾ هڪ نشاني نظر اچي ٿي. ان کان پوءِ پَپُ (Papu) سڃاڻپ

جوڳو ڪو نہ آهي. چاڪاڻ جو ان نشانيءَ ۾ و (w) جي ضرورت آهي. پيالي جهڙي نشاني A جي نشاني قابل قبول ڏسجي ٿي. ان جو سبب اهو آهي، جو اها متضاد شين جي مجموعي شڪل آهي، جيڪا ايتري صاف ۽ چٽي آهي جو لپيڪار اهڙي ناهي ئي ڪا نہ سگهي ها. معلوم ٿئي ٿو تہ ان ٻار جا مائٽ يادوَ يا شِم فرقي سان لاڳاپيل برهمڻ هئا. چاڪاڻ تہ آڪرتي سڄي جي نشاني نڪتل نظر اچي ٿي.



22. *Para S'rin Pappa Aya* (*Paraś'ri Pappay*)

22ـ پڙهٽي: پَر سِرين پَپا آيَ
(پَرَسري پپيہَ)

معنيٰ: هڪ ڇوري ٻار لاءِ (اِن جي لفظي معنيٰ "سنپال هيٺ ٻار" آهي، جنهن جا مائٽ ڪي ٻيا آهن).

تبصرو: هنن مائٽن ديا ڪري هڪ ڇورو ڇنو ٻار پاليو هو جنهن سان سندن اَڻ ميو پيار هو. ان هوندي بہ اُهي وساري ڪو نہ ٿي سگهيا تہ سندس ماءُ ۽ پيءُ ڪي ٻيا هئا. اهو بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ مرتئي جي ڌرمي رسمن سرانجام ڪرڻ وقت اهو ضروري هو تہ ٻار سان موجود رشتي جو اظهار ڪيو وڃي. اهو پڻ سمجهائڻ ضروري هو تہ هيءَ ڌرمي رسم مٿس دَيا ڪري سرانجام ڏني پئي وڃي. سُمرتين ۾ اهڙين شرڌائن کي ڌرمي اصول ڪري مڃيو ويو آهي. اهو بہ يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ ننڍي ٻار کي پيار وچان پپ (Papa) يا پپا (Pappa) چيو ويندو هو. هن لاءِ ويدن جي ضميمي ۾ ڪو لفظ ڪو نہ ٿو ڏسجي، نہ وري آپٽي Apte جي ٻي ڪا معنيٰ نظر اچي ٿي. پر مَتَنَ مان ساري ڳالهہ ظاهر آهي، اسين پنهنجي قائم ڪيل مفروضي جي تائيد ۾ هن شاهديءَ ڏانهن اوهان جو ڌيان ڇڪائينداسون، تہ گهٽين ٻولين ۾ جن ۾ ڪنڙ (Kannada) ۽ مرهٽي بہ شامل آهن. پَرديسي (جيڪو پَرَشِري جي بگڙيل شڪل صورت آهي) جي معنيٰ "ابهمڙو پيارو" يا "ويچارو لاوارث" يا "ڇورو ڇنو ٻار" هوندي آهي. اهو پيار پاٻوهہ ۽ دَيا سان لاڳاپيل هڪ لفظ آهي، پر جڏهن ڪنهن ٻار لاءِ رڳو پپ Papa يا Pappa لفظ چيو ويندو آهي، تہ ان ۾ دَيا وارو مفهوم نہ، پر رڳو پيار جو اظهار هوندو آهي. هن مان لڳي ٿو تہ ماضيءَ جي ڪن موجود روايتن کي اهم ادبي شاهدين جي تائيد جي ضرورت آهي.



23. (*A*) *Ma Ri S'a Phaga Ppa Aya* (*Amaris'a Phagappayi*)

23_ پڙهڻي: (اَ) مَ ري سَ ڦَگَ پَپَ اَيَ (اَمرِس ڦَگَپَپَيَئَي)

معنيٰ: امبيرس پٽ ڦَگَ = ڀگيرٿ يا نا ڀاڳ

تبصرو: مختلف پُراڻن جي اپياس کان پوءِ پارگٽر، ايوڌيا جي راجائن مان اَمبيرس (Ambarisa) جي دَور کي نا ڀاڳا (Nabhaga) جي دور کان پوءِ رکيو آهي. اسان کي پارگٽر سان اختلاف راءِ نہ هئڻ کپي. اَمبيرس بہ اُهو ئي نياڳا لڳي ٿو هن معاملي ۾ خود پُراڻن ۾ بہ مونجهارا آهن. ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ اَمبيرس نالي وارا ماڻهو ٿي _ نياڳا نالي وارا بہ، هڪ نِپَنيدِست، بہ ٿي نَبَ ۽ بہ ٿي ڀگيرٿَ آهن ۽ شجرن بابت ڪي يادگيريون گڏ وچڙ بہ ٿي ويون آهن. پارگٽر بہ اِن نقطي نظر کي اهميت ڏني آهي، جنهن کي پُراڻن مان گهٽائيءَ جي پٺڀرائي حاصل آهي. جيڪڏهن اسين "پ"، "هہ" ۽ "گ" جي نشانين کي "ن" سان ملائي پڙهنداسون تہ "نياگا" جو اُچار ملندو. ڪن اهم پُراڻن ڀَڳيرٿ کي نياگا جو پيءُ ٻڌايو آهي. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها، تہ اسان جو پهريون ذريعو پارگٽر ئي هجي ها. اسان هَڙاپا (Hararapan) (سنڌو) سڀيتا جي لپيڪارن جي ڊگهائي ۽ ويڪرائي واري ماپ جي ڄاڻ کان پوري ريت واقف آهيون. انهن ڪاتبن جيڪو ڪجهہ مُهرن ۾ لکيو آهي، سو هڪ سڀيتا جي نقطي نظر کان لکيو آهي. کين اهڙن نالن جي خبر تہ هئي، پر نالن جي مونجهارن جي ڄاڻ ڪا نہ هئي. ڇاڪاڻ تہ انهن ڪاتبن (لپيڪارن) ۾ انهن نالن جي وچ ۾ ڇئن هزارن سالن جي وڏي وڇوٽي موجود آهي. اسين هن باري ۾ هي ضرور چئي سگهون ٿا، تہ پُراڻن جي ٻڌائيندڙن اهڙيون مُهرون ڏٺيون هيون ۽ اُهي بہ ساڳين مُونجهارن جي وَر چڙهي ويا هوندا. اسين پُراڻن ۾ موجود مُونجهارن کي هيئن سمجهائي سگهون ٿا، تہ اِنهن مان ڪن مهربانن ڪي مُهرون ضرور ڏٺيون بہ هيون.



24. *Pra G. Kaya* (*Kiya*) *S'i S'ai Kra Ya*

24_ پڙهڻي: پِرا گَ ڪَيَ (ڪِيَہ) سي ساءِ ڪِرَ يہ

= پَر گڪَيہ سَسَءِ ڪِريہ

معنيٰ: شيهي جي بوتلن جو واپاري

تبصرو: هن مُهر ۾ هڪ عام ماڻهوءَ جو نالو نظر اچي ٿو. اهڙي قسم جا لقب راجائن ۽ پنڊتن جا ڪو نہ ٿيندا آهن. هن قسم جا خطاب وچولي طبقي جي ڏاتوءَ جي واپارين سان لاڳاپيل ڏنا ويا آهن. سِيسَ Sisa معنيٰ شِيهو آهي، جيڪا اسان کي ويدن ۾ نظر اچي ٿي. هن ۾ اسان چَشَڪَ (Chashaka) جو اضافو ڪيو آهي، جنهن جي معنيٰ بوتل يا پيالو آهي. ڇاڪاڻ چہ (cha) جو اُچار فقط ظاهري حيثيت رکي ٿو پر ويدن ۾ اهڙو بيان ڪو نہ آهي. هڙاپا (سنڌو) سڀيتا جي گهڻو ڪري هر مُهر ۾ پيالوءِ ان جو ڌرمي رسمن ۾ استعمال ڏسجي ٿو جيڪو ڪنهن اهميت کان خالي ڪو نہ آهي. انهيءَ قسم جي ڌرمي رسمن ڪن واپارين کي اقتصادي طور سڪيو سَتابو بنائي وڏو هوندو. هن مُهر تي نظر ايندڙ جانور جي تصوير مٿان کُرچيل لکت ڏسجي ٿي، جنهن ۾ هڪ خوبصورت ورَيلُ پيالو ڏسجي ٿو جنهن مان

لڳي ٿو تہ ان جو شراب سان واسطو آهي. شيهي مان ٺهيل پيالي کي اهڙي خوبصورتي ۾ چمڪ ڪا نہ هجي ها. ان واپاريءَ جو تعلق برهمڻ نيات سان آهي، جيڪو آشرمن جي هر ضرورت کي پورو ڪري ٿو. هيءُ اهڙن پيالن جي قيمت ۾ گهٽي لاٿ آٽي، ڌرمي رسمن جو نگران ٻڌجي ويو هوندو. نظر ايندڙ سڳو آرپار ڏسجي ٿو. هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ويدن واري زماني ۾ ذات پات هر ورو پيرو جم ۾ ڏنڌي سان واسطو ڪا نہ رکندي هئي.


25

25. (*Cha*) *tus Tra S'aha* (*Turstras'aha*)

25_ پڙهڻي: (چَ) تس ترِا سَ ها = تُرس تَراسَهَ

معنيٰ: تَر سَدَسِيوُ

تبصرو: ترسدسيو جي پنجن مُهرن جي پڙهڻين مان اسان کي اهو تجربو ٿيو آهي، تہ هيءُ ماڻهو پنهنجي نالي کي مُهرن تي لکائڻ کان لنوائيندو هو. پنهنجي پيءُ جو نالو بہ ڪو نہ لکرائيندو هو. هن کان علاوه پنهنجي نالي جي هِجي کي مختلف نمونن ۾ وڏيءَ ڏاهپ سان تحرير ڪرائيندو هو. پڙهڻ واري کي تاثر ملي ٿو تہ هُو پنهنجي نالي جي هِجي جي جوڙجڪ پاڻ ڪندو هو جيڪو لفاظيءَ جي تڪلفن کان آجو هو نہ وري ويدن جا شلوڪ وغيره ڪتب آڻيندو هو. سندس حياتي ڏکن سورن سان ڀريل هئي، تنهنڪري گهڻو سخي هو. ڌرمي رسمن ادا ڪرڻ ۾ سندس حال ساڳيا هئا ۽ ان مان ڪيس دلي سُڪون ملندو هو. هتي 4 جو انگ تُر (س) (tur) جو ملهہ ادا ڪري ٿو ۽ 3 کي ترِا (س) جو ملهہ ڏنو ويو آهي. هن ڏاڍي هوشياريءَ سان پنهنجي نالي کي لڪايو ۽ ظاهر ڪيو آهي. هندستان اندر اهڙين ڳالهين ۾ خاص طور تي ڌرمي رسمن ۾ پاڻ کي گمنام رکڻ کي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي. جيئن تہ زندگي مٿانئس ڇڻ بار ٿي پئي هئي ۽ ڌرمي رسمون سندس هيانءُ هلڪو ڪري ڇڏينديون. هو مَڪاني پنڊتن ۽ پروهتن کي ڪا بہ سوکڙي پاڪڙي ڪو نہ ڏيندو هو. پر پري وارن کي نوازي کين ذهني طور پيو رنجائيندو هو. هن ايتري سخاوت ڪئي، جو سندس پنهنجي جم واري ذهني پيڙا دور ٿي وئي ۽ پنهنجي سخا ڪري چوڏس مشهور ٿي ويو. ترسدسيو واهديو کي (جنهن جو تعلق آنگيرن برهمڻن سان هو ۽ ڏاريو هو) گهڻو نوازيو بہ هو.


26

26. (1) *Iya Sayika Ka S'as'a Ira* (*Iyasayika S'as'Aira*)

26_ اِيَہ سيِڪَ ڪَ سائسَہ اِر = (اِيَسيِڪ سائسَہ اَئرَ)

معنيٰ: وياس جو شِشُ اَئر

شِش اَئريہ (S'as'aira) جيڪو شاڪليہ (S'akalya) جي نالي سان مشهور هو. ۽ ڊِيويہ پاينا وياس (Dwai Payana Vyasa) جو چيلو هو. هي پوئين دور وارو وياس نہ آهي. وِرڌيءَ وسيليِ اِياسائڪَ (Iyasaika) جي صفتي صورت اختيار ڪري وجي ٿو.

(2) ٻئي نمبر واري ڏگهي ليڪ ۽ ٽئين نمبر واري ننڍڙي ليڪ کي گڏائي اسڱئيڪ سائسير جو اُچار ورتو ويو آهي.

شِش آئيريہ اِشا (Isa) جو ڳائيندڙ

تبصرو: هي ٻئي نمبر واري پڙهڻي اشارو ڪري ٿي تہ سائس آئيريہَ (شاڪليہ) اِشا اپنشد جو رچيندڙ آهي، جيڪا سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ حقيقت نہ آهي، پر جيڪڏهن ان کي مڃڻ کان انڪار بہ ڪجي، تہ پوءِ بہ اها معنيٰ سڌي سئين آهي تہ هو ديوتا جون تعريفون ڳائيندو هو. شڪل ياجُوس (Sukla Yajus) جي واجسنيہ سُمهيتا (Vajasanaya Samhita) ۾ "سڪل" (S'kul) جو ذڪر نظر اچي ٿو. (هن جو واسطو قديم دور سان آهي). مئڪبونيل ۽ ڪيٿ ان جو ترجمو "آڻ ڇاتل مڃي" ڪيو آهي. (VI-348) . هي ڳالهہ گهٽي ڪوجنا جي گهرجائو آهي. وايو ۽ برهمڻ پُراڻ هن کي ويد متر شاڪليہ طور مڃن ٿا. رگويد جو مذڪوره قصو سندس ئي گڏ ڪيل ۽ ترتيب ڏنل آهي. مُهر ننڍڙي ۽ ڀڳل آهي. سڀئي جو نشان يا ڪرچ لکت نظر ڪا نہ ٿي اچي.



27. (This seal is very much broken and the reading is not reliable)
—(Ma) (S'a) vrs S'ak 1 phag I (Mas'a Vṛs S'aki phagi)

27_ پڙهڻي: (مَ) (سَ) ورس سڪ اِ ڦگ اِ (مَسَ ورس سڪي ڦگي)

رشي يگيرٿ، ستين ڪَلَ جو سگهارو اَورچ (ماٺهو)

تبصرو: هيءَ مهر يگيرٿ سان تعلق رکي ٿي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي، تہ گنگا پاڻ سان ڪٺي آيو هو. ڏک جي ڳالهہ آهي تہ هيءَ مهر بہ ڀڳل آهي. ورشي (Versi) سندس روايتي لقب آهي، ڪيس هڪ ڏاهو راجا ڪري لکيو ويو آهي. ويدن ۾ وِرسِي جي معنيٰ طاقتور آهي. روايتن موجب هو اعليٰ خيالن وارو هو ۽ ڏاڍو جاڪوڙي هو. پر شَڪَ (Shaka) معنيٰ سَٿين (Scythian) آهي. هيءُ ايوڌيا جي نهايت قديم حڪمرانن مان هڪ آهي، جيڪي ڏاريا آهن. سندس لقبن منجهان ئي ماٺهو مڃي وڃي ٿو تہ پُراڻن ۾ مُهرن جي پڙهڻين کي ئي وَرجايو ويو آهي.



28. *Patha* *Phag Krar (Krir) Ha* (*Pasha* *Phagakirahaya*)
*hv* *Pasha*

28_ پٿَ ڦَگَ ڪَرِر (ڪِرِر) ھہ

معنيٰ: راجا (پَڙَ پتشَھہَ) ڀگيرٿ = راجا (پَڙَ پاتشاھہ) ڀگيرٿ

تبصرو: هن مُهر ڪي ڀگيرٿ جي اڳين ٻن مُهرن (27 ۽ 23) سان ڀيٽي ڏسندا، جتي هن جو نالو آيل آهي. هجي نہ رڳو ڦگ (ڀَگَ) (Phaga) آهي پر ڪيس شَڪا ۽ رِشيءَ طور بہ ياد ڪيو ويو آهي. (فقير روايتن مطابق جيڪي سندس نالي جي اثر ڪري مشهور ٿيون يا نَڪولَش / مهيش جي روايتن موجب بہ جيڪي اُن زماني ۾ چوڏس پکڙجي ويون هيون)، مَرڪ (Marka) جي مُهر مان پتو پوي ٿو تہ هي ماڻهو قديم دور سان تعلق رکي ٿو. (اها مُهر شِوَ جي مُهر هيٺ ڪري ڪنهن عرصي تائين گهڻي مشهور رهي) چيو ويندو آهي تہ مَرڪَ، سُڪرا (Sukara) جو پٽ هو. جيڪو يَوَنَن (Yavanas) جو گُرو هو. مَرڪَ (Marka)، ممڪن آهي تہ مَرڪَ (Mrka) هجي، جيڪو مارڪڻ ديو (Markan Deva) جو پيءُ هو. مارڪڻ ديو پُراڻَ ۾ دت گُرو فقير (Datta Guru Fakir) واري ڏرمي فرقي سان واسطو رکي ٿو. چاڪاڻ تہ ان ۾ سيني گُرن جي گروءَ جو بيان آيل آهي. جنهن کي دتاريئہ (Dattareya) سڏيو ويندو هو. بعد ۾ اهو فقير Fakir طور گهڻو مشهور ٿي ويو هو. حقيقت ڪٿي ڪيئن بہ هجي، پر هندستان اندر سياسي طرز جي هن نالي گهڻي شهرت حاصل ڪئي. ڏسڻ ۾ ايندو تہ اهو نالو ويندي راس ڪامورن تائين عام استعمال هيٺ هو. نظر ائين اچي ٿو ڀگيرٿ اُن لفظ جو سنسڪرتي ترجمو آهي ۽ اهو ان اونداهي دور سان واسطو رکي ٿو جڏهن هندستان جا ايران ۽ سامي لوڪن سان رشتا رابطا ختم ٿي ويا هئا.



29. *Pra Ga Yo Tri Pra (Yava)*

29_ پڙهڻي= پراگا يو ترِي پرا (يَوَ)= پرگيو (ياگياوا) ترپرا

معنيٰ: پرگجوتش (آسام علائقن) جو راجا ترپپر

يعني اوپر وارو ترِپپرا

تبصرو: هن مُهر مان ثابت ٿئي ٿو تہ ويدن واري ثقافت آسام جي ترپپورا تائين پکڙيل رهي آهي. ممڪن آهي تہ ترپپورا راجائن واري گهراڻي جو بنياد بہ ترپپورا نالي واري ماڻهوءَ رکيو هجي. هتي اهو نظر اچي ٿو تہ منڍ واريءَ پ کي پڇاڙيءَ واري پ کان وڌيڪ گهَرو موڙ ڏنو ويو آهي. اهو پِرا (Pra) بدران رَهہ (Rha) ڪري پڙهڻ کپي. اها ڪتابتي تبديلي چو ڪئي وئي آهي، تنهن بابت لپيڪارَ وڌيڪ سمجهائي سگهن ٿا. جيڪڏهن آخري لفظ کي "ترِيهرا"

(Trihra) يا ترِ ريهہ (Trirha) ڪري پڙهجي، تہ ڪو خاص فرق ڪو نہ ٿو پوي. پر مان پرا (Pra) کي وڌيڪ ترجيح ڏيان ٿو.

مهاڀارت جو بيان آهي تہ راجسوُيہ (Rajasuya) دوران، سيني کان ننڍي پانڊوَ سَهديوَ ترپيورا جي راجا کي شڪست ڏني هئي ۽ هيءَ ڳالهہ گهٽي منجهيل بہ آهي. مُهر مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن جو نالو پهريون ترپيورا آهي ۽ سندس ملڪ جو نالو پراگجوتش آهي. اسان کي اهو اوپر جو راجا سمجهڻ کپي. کُرچيل لکت ۾ هڪ وڏو پکي ڏسجي ٿو جيڪو نہ چِتون آهي ۽ نہ باز آهي ۽ ڪنين تي نشان اٿس، ان تي سڄو بلڪل ٻاهر نڪتل ڏسجي ٿو.

مَت سِيَہ پُراڻ، ٻڌ ڌرم جي چوڏس پڪڙڻ جو ذڪر ڪري ٿو پر ان جو واسطو ڪنهن پوئين دور جي تاريخ سان آهي. هن کان علاوه ڪن مشهور شخصيتن جا نالا بہ ڪو نہ ٿو ٻڌائي.

اسين هنن امڪانن کي بہ رد ڪريون ٿا، تہ هن مُهر جو ڪنهن جادو ٽوڻي ڦِيٽي واري رسم سان واسطو آهي، جنهن اوپر واري دئتَ جي ننڊ ڦِٽائي ڇڏي هجي. (Keith, RPDV-385).

هِن مُهر جي سونهن ۾ سيبتائي اهڙي آهي، جو ڪنهن راجا جي قربانيءَ سان لاڳاپيل پئي نظر اچي.



30. *Warning:*

30_ چتاءُ

هيءَ نهايت اهم مُهر آهي، جنهن جو واسطو ثقافتي، تاريخي قدرن سان آهي، پر افسوس آهي جو اسان کي ان جي صحيح پڙهڻيءَ بابت ڄاڻ ڪا نہ آهي. مشڪل صورتحال ان ڪري آهي، جو پهرئين ۽ ٻئي اکر اندر تصويري لکت جهڙيون نشانيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. کُرچيل لکت جي آڌار تي ممڪن صحيح پڙهڻيءَ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي. پر اُهي نشانيون بہ ڪڍيل تصوير ۾ چِٽيون ڪو نہ آهن. صحيح پڙهڻي معلوم ڪرڻ لاءِ مختلف امڪاني پڙهڻيون ڏنيون وينديون، وڌيڪ فيصلو مورخن مٿان آهي (هن لاءِ تبصرو هيٺ ڏسندا).

پهرين تصويري نشانيءَ جي پڙهڻي ناگ (Nag) سَڪ (Sak) ۽ بَڪ (Bak) ٿي سگهي ٿي.

ٻيءَ تصويري نشانيءَ جو مفهوم وَمر (Vamr)، وِرس (Vrs) يا اُن جون مختلف معنائون جهڙوڪ وَرش (Varsh) ۽ رِشي (Rsi) بہ ٿي سگهن ٿيون. ترِي (Tri) واريءَ نشانيءَ جون بہ مختلف معنائون آهن.

ان کان علاوه هيءَ بہ حقيقت آهي تہ اِن جي پڙهڻي ڇا بہ هجي، پر اُن جو واسطو ڌرمي ثقافتي تحريڪن سان آهي، جنهن کي مقبول عام ڪرڻ جي خيال کان اُها ڪئي پئي وئي آهي.

پڙهڻي (1) (تصويرن کان سواءِ) ڪَترِي (Katri) (يا Aktri) دَيہ پَگَپَيَہ (Dayapagapaya) ڪَتري يا اَڪِتري پُٽ دَيہ ڀَگ Dayabhaga جو. جنهن سَپنڊاس (Sapindas) ۾ وراثت جو قانون نافذ ڪيو هو. جيڪڏهن دَيہ ڀَگ وچولي دور جو

قانون نافذ ڪندڙ ماڻهو ئي آهي، تہ ويدن ۾ اهڙي ماڻهوءَ جو ڪو نالو نظر ڪو نہ ٿو اچي. تنهنڪري هيءَ پڙهڻي غلط سمجهڻ گهرجي.

(2) جيڪڏهن پهرين اکر جي ساڄي پاسي کي شَ (Sha) سمجهون ۽ نانگ ڦڻ جهڙي نشاني ”آءِ“ تصور ڪريون، تہ ان جي پڙهڻي هن ريت ٿي سگهي ٿي. شَئڪ تِرورشَ دَگَپيہ يَيَپَ (Shaik Tarvrsha Dagpayayayappa) شَئڪَ تروسَ، شيخ تُروسُ (Shaikh Turvasu)، يعني وسنديءَ جو سنياليندڙ يا سرحدي علائقن جو رکوالو يا ولايتن جو نگران وغيره. هن مان چين ولايت يا ٻاهر جي ڪنهن مُلڪ ڏانهن ڪو اشارو ڪو نہ ٿو ملي، پر ”يَياتِي شهنشاهيءَ“ جي اتر- اوير وارن علائقن ڏانهن اِشارو معلوم ٿئي ٿو.

(3) شَڪ تَريورَشَدَ اِيپَئي/گَيپَئي (Shak Trivrshda Aiyappai/gayappai) يعني سٿين لوڪن جا ٽي اهم اوتاريا ڳاٽن جا استاد (گُرو) آهن. جيڪڏهن هيءَ پڙهڻي صحيح آهي، پوءِ سوچڻو پوندو تہ اُهي ماڻهو ڪير ٿي سگهن ٿا. اُنهيءَ جو مطلب ”ٽيبيٽ جا گُرو“ بہ ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تِريوِش جي معنيٰ ٽيبيٽ ڪئي ويندي آهي. ان کان علاوه منگوليا بہ ٿي سگهي ٿي. اسان جي خيال موجب اُهو (الف) نڪولَش بہ ٿي سگهي ٿو جنهن پَسوپتي ڌرم جو تصور ڏنو. (ب) مَرڪ بہ ممڪن آهي، جنهن مهيشَ فرقي جو ڌرمي فلسفو پيش ڪيو.

(ت) دَت، جنهن شَهَج (Shahaja) يا سَرسَ جو مذهبي پيغام ڏنو. برهمڻ پُراڻ ۾ اُن کي ويدڪ شڪل ڏني وئي آهي، مارڪنڊ ۾ پُراڻ جيان منجهس غير تقليدي اصول نمايان نظر ايندا. اِهي ٽئي ڌرمي تصورَ غير ويدانتي تصوفُ هو. جنهن جو ڌرمي ريتن رسمن سان ڪو واسطو ڪو نہ هوءِ انسان جي آزاد رَوِيَن جو حامي هو. انهن ٽنهي کي اَئي (Ai) يا آدي (Adi) سڏيو ويندو آهي ۽ ٽنهي لاءِ اهو هڪ لفظ ڪتب ايندو آهي. گورکناٿ ”سِدَ سِدَانت پَدَّتيءَ“ ۾ اُنهن کي اَئي (Ai) سَنتنَ (Santana) ڪوٺيو آهي.

(4) ناگڪ وَرڪش تِري (ڪَ) دَيِپَ اَيِپَ (Tri (ka) Dayipa Aiyappa) Nag-ka vrksa هِن مان لڳي ٿو تہ ناگَورڪشُ ۽ تَرڪا ڌرمي فرقي جو باني ڏکڻ هندستان جو ڏاهو ماڻهو اَيپن (Ayyappan) هو. هُن لاءِ چيو ويندو آهي تہ شِوَ جو پٽ هو. حقيقت اها آهي تہ هُو گهڻو ڏاهو هو. تَرڪ ڌرمي فلسفو ڇهہ شڪتي وِشِستَ جيان تازي افلاطوني فلسفي ۽ مشرقي تصوف جو سنگم هو. يا اسپند شاستر جو روپ هو جيڪو ڏهين صدي عيسويءَ ۾ پوريءَ سگهہ سان نکري نروار ٿيو هو.

(5) شڪتي وَرش تِردا، (Sakti Varsha Trida) قديم دور جو ڌرمي فلسفو جنهن کي ”شڪتي فرقو“ سڏيو ويندو هو. پويون ٽي پڙهڻيون نهايت اهم آهن. ڪُرچِيلَ لڪت ۾ وڻ ۽ نانگ ۽ مڇيءَ جون پنڪڙيون آهن، جيڪي اڻ ڇِٽيون آهن. يوناني سڪندر واري دور ۾ ”نانگ - وڻ“ واري قصي جو زور هو.



31

31. *Para Chatur Anga (—Para Chaturanga)*

31_ پڙهڻي: پَرا چَتُر انگا = پَراچَتُرنگا

معنيٰ: چَترَنگا پُٽُ (روما) پَ

تبصرو: هيءُ مُهر تمام گهڻي پڳل آهي، اِن جا پهريان بہ اکر گم آهن. اها ان ۾ (ng) نشاني بہ ڏيان ڇڪائيندڙ آهي ۽ واڏو پرندڙ باهہ جو اشارو بہ ڏسجي ٿو جيڪو عام طور تي آنگِيرَسس (Angirasas) جي مُهرن تي نظر ايندو آهي، جيڪڏهن اهو باهہ جو اشارو ڪنهن تباهيءَ ڏانهن آهي، تہ پوءِ ان جي پڙهڻي ”چِترَڪ“ هئڻ کپي. جيڪو مُهر واري ماڻهوءَ جو پيو نالو آهي. پر اها سُڃاڻپ ويساهہ جوڳي ڪا نہ آهي، ائين اسان کي تِرَسدَسيُو جي مُهرن بہ گهڻو خبردار ڪري ڇڏيو آهي، جن ۾ ’4‘ جي نشاني استعمال ڪئي وئي آهي. چَتُرَنگ جو انُو (Anu) گهراڻي سان تعلق هو. سندس پيءُ جو نالو لومپادَ (Lompada) يا رومپاد (Rompada) هو. هيءُ نالو پارگٽر واريءَ فهرست ۾ 66 ۾ پڙهيل آهي. هڪ ٻي بہ مُهر آهي، جنهن تي اهو نالو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.



32. *Pāra ʻSaʻsa Hae S'a Da* (*Pāra ʻSaʻsa Haiʻsada*)

32_ پڙهڻي: پارا سائسا هَي شادَ (پار سائساهَيِ شادَ)

تبصرو: ڪيترا اهڙا راجا آهن، جن جا نالا ۽ سندس پِٽرن جا نالا بہ بلڪل ساڳيا آهن. هيءَ ’هَئهيہ‘ بہ نہ آهي، جنهن جي پُورُرَوَ (Pururava) سان تعلق جي دعويٰ هجي، اهو ڪيترا نسل اڳي ٿي گذريو آهي. ائين اهو نالو ممڪن ڪو نہ ٿو لڳي. مُهر جي جوڙجڪ ۽ ساخت جي طرز اهڙي آهي، جو معلوم ٿئي ٿو تہ اِن جو ڪنهن پوئين دور سان واسطو آهي. وڏيڪ امڪان آهي تہ اهو پارَ (Para) پهريون هجي، جيڪو ٽن راجائن جي عمر جيترو جيئرو رهيو. ڪرچيل لڪت بہ ڪو نشان پتو ڪا نہ ٿي ڏيڻي. اهڙا گهڻا راجا آهن، جن جا نالا ’سائسا‘ (Sasa) سان شروع ٿين ٿا. پَورِوَ (Paurva) گهراڻي جو ڪو بہ راجا ’پارا‘ (Para) سڏائي سگهي ٿو.



33. *Maha T Hasa S'a Mppa Ya*

33_ پڙهڻي: مَها تِ هَسَ ش مپا يا

= مَهَت هَسَ شمپيہ (جيڪڏهن V جي شڪل جي آ کي سَ پڙهون) تہ مَهَشتهِسَ شمپيہ ٿيندو.

معنيٰ: (سمبا، سدا خوش رهڻ وارو) خوشين جو شوقين

هيءَ يادوَ ساتِوتَ گهراڻي جي مُهرن مان پهرين مُهر آهي. هن گهراڻي سان لاڳاپيل گهڻيون مُهرون سُهڻيون ۽ مڪمل آهن. سامبا ڪرشڻ جو هڪ خوبصورت جانشين هو جيڪو ورشڻي تخت تي وينو. يادوَ گهراڻي کي مهاڀارت جنگ ڊانوانڊول ڪري ڪا نہ سگهي هئي. اُهي ترقي يافتہ سوچ جا مالڪ هئا. سامونڊي وڻج واپار دوارڪا جي هنن رهواسين کي سُکيو ستابو ۽ رَيان کيان بنائي وڌو هو. معلوم ٿئي ٿو تہ ڪرشڻ هستناپور جي پُوروَ ۽ ڪُوروَ ڦيتاڙي ڪري پنهنجن کي وساري وينو هو. اهو بہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ سندس پٽن پوٽيرن جا نالا مُهرن ۾ ڪو نہ لکايا آهن. ڪي تہ اَجهل ٿي ويا هئا. تنهنڪري ملڪ جو وڻج واپار هوريان هوريان گهٽبو ويو. سامبا ننڍيءَ عمر وارين زالن سان وڏيڪ هِري مِري ويو هو. تنهنڪري سندس پيءُ گهران ڪڍي ڇڏيو هوس. هو خوبصورت هو. جنهن ڪري يادوَن جي تباهي اچي وئي. ڀاڳوت ۾ اهڙو ذڪر موجود آهي، تہ هُن پنهنجي گهراڻي جي تباهي پاڻ ڪئي هئي. سامبا هُن کان الڳ ٿي، سامباپور ۾ وڃي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي.

مُهرَ ۾ جانور پٽاپٽي گڏهہ آهي، جنهن مان اشارو ملي ٿو تہ يادوَ نسل جي اصليت هِتي (Hittite) آهي. ڪِرشڻ جي هڪ گهر واري شئبيا (Saibya) بہ هئي. جنهن جو واسطو يَمَنَ (Yaman) سان يا حَبَشَ (Abyssinian)سان هو.




34. (*Patronym broken*)

34_ (پيءَ جي نالي وارو لفظ پڃي پيو آهي.)

تِري يانُ يا تِري بانُ (تِري يانُوئي)

تبصرو: ترِيِيانُ، تِرِيسانُو (Trisanu) طور بہ مشهور آهي. سندس تعلق تُروَسُو (Turvasu) گهراڻي سان آهي. پارگٽر جي شجري واري پنوتريءَ (فهرست) ۾ سندس نالو 34 نمبر تي آهي. هتي نظر ايندو تہ "ن" نشاني "پ" واريءَ نشانيءَ مٿان رکي وئي آهي. جيئن تہ هيءَ نشاني پ مٿان بيٺل آهي، تنهنڪري اسان ان کي آئو (Au) بدران نَ (Na) سمجهون ٿا. 'آئو' واريون نشانيون عام طور تي مڪمل اکر جي مٿان ۽ چوٽيءَ تي ٿورو پاسي تي نظر اينديون آهن.




35. *Pampa Pah Pañcha Tri Ka* (*Pampapah Panchatrika*)

35_ پڙهڻي: پَمپا پَهہ پَنچ تِري ڪا (پَمپَهہ پَنچتِرِيڪا)

معنيٰ: پَنچاشيڪا، پمپا جي رهواسين جو راجا

تبصرو: هتي انگن سان لاڳاپيل ٻہ اکر نظر اچن ٿا. تنهنڪري هن مُهر جون پڙهڻيون مختلف ٿي سگهن ٿيون. هن جون ٻيون ممڪن معنائون هي ٿي سگهن ٿيون. (1) اَشٽڪَ پر اُهو ڪنيہ ڪُبجَ جو راجا هو. سندس پيءُ جو نالو وشوامتر هو جيڪڏهن اسان پمپا کي ڪنيہ ڪُبجَ ڪري سمجهنداسون، تہ پوءِ اها پڙهڻي صحيح ٿي سگهي ٿي. ڪيترا عالم هن خيال جي ضرور تائيد ڪندا، تہ رام سري لنڪا ڪو نہ ويو هو. نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ اَشٽَڪَ جو ڪَنوج سان ڪو لاڳاپو ڪو نہ آهي. تنهنڪري هيءَ ڳالهہ ڪجهہ ناممڪن آهي. (2) پهرين ٻن ڇهنبن (ننڍين ليڪن) کي جيڪڏهن وَرڏي سمجهيو وڃي، تہ پوءِ پڙهڻي هن رِيت ٿيندي: پَمپاپَٿا تَيٿريڪا(Pampapatha Tittirica) هن پڙهڻيءَ جو آواز سنو آهي، پر تِريٿِري جو پمپا سان تعلق مشڪوڪ آهي. مشهور تِٿِري آنگيرس (Angirasa) ڪُلَ سان تعلق رکي ٿي. پر هتي نہ "ng" جي نشاني نظر اچي ٿي ۽ نہ وري "ٻاهہ" جو ڪو اشارو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. گهڻ مشهور تِٿِريس ڪنهن پوئين دور سان تعلق رکي ٿي. پر اسان "تِٿريءَ" جي اهڙن امڪانن کي رد ڪري ڪو نہ ٿا سگهون. خاص طور تي انهيءَ لاءِ تہ هن جون کي سَمهيتا شاخون ڪَپِيُوَ طور ٻہ سڄاتيون وينديون هيون. (ڇِترَوَ_216) (3) شَتَڪَ، پر هيءُ نالو ايڏو ڇٽو ڪو نہ آهي.

’پنچاشِڪا‘ هئڻ جا امڪان هي آهن (1) تہ هن جو پيءُ ڪَپِلِ (Kapila) هو. رامائڻ مطابق ڪَپِس (kapis) جو تعلق پمپا سان آهي. تنهنڪري هن کي ٽري تِٿري سمجهي سگهجي ٿو. (2) توڙي جو سندس تعلق برهمڻ گهراڻي سان آهي، پر منجهس پنچَراتِر سِڌانت (Pancharatera Sindhanta) جهڙي آزاد خيالي ڏسجي ٿي. نالو ۽ ڪُرچيل اکر هن ڌرمي فِرقي سان تعلق رکن ٿا. پر مُهر جي بناوت ڪنهن پوئين دور سان تعلق رکي ٿي. گيتا جو بيان آهي تہ اَسِيتا ديوِلا ۽ وياس پنچراترا واسطي جي سَندِ جي حيثيت رکن ٿا ۽ اهي رنگ جا سانورا هئا. اڳتي هلي پنچتراتر فرقي لاءِ گيتا جا عجب جهڙا هي ٻہ تعارفي لفظ ڏسڻ ۾ ايندا. "اَسِڪ، اَسِيت، ديولا ۽ وياس کي چئو تہ مان پاڻ اوهان کي هي چوٻڌائي رهيو آهيان." وڌيڪ چوي ٿو تہ "مان پاڻ قرباني آهيان، مان خود يَجَن آهيان، مان سَوَڌا آهيان، مان منتر آهيان ۽ مان خود آڄِيہ آهيان". سڀ ڪان پهرين ذڪڻ هندستان جا ماڻهو هئا، جن ڪرشڻ کي ديوتا ڪري مڃيو هو. هن ڪان علاوه ماڻهن کي ٻاهرين قربانين ڏيڻ ڪان پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. (3) پ جي اندر جيڪا نشاني آهي سا ٿ (th) پر هہ (ha) آهي، ڇاڪاڻ جو اها پَ ۾ هڪڙي پاسي ڏسجي ٿي. اهڙيءَ ريت هتي ورڏيءَ جي ضرورت ڪا نہ آهي. تنهنڪري پنيان نظر ايندڙ ڇُهنبون انگن جهڙي اکر جو حصو آهن. تاريخي طور ٻہ هن کي مڃي سگهجي ٿو. ڪرشڻ ٻہ ڪيس مُنِي (Muni) سمجهي ٿو ۽ چوي ٿو تہ هو تپسيا ۾ آزاد خيال آهي ۽ ويدن جي ڌرمي رسمن جو پابند ڪو نہ آهي. هيءَ ڪَپِل قديم دور واري ڪَپِل ڪان مختلف آهي. (جنهن سَگَرسَ Sagaras) کي ساڙي ڇڏيو هو. ۽ ڪرشڻ جو سهيوڳي هو. پَنچشَيک هڪ نَسُلُ پوءِ جو آهي، ۽ ان وقت تائين پنچراتر هڪ اداري جي شڪل اختيار ڪري چڪو هو. هن صحيح قسم جي پس منظر مان اندازو لڳائي چئي سگهجي ٿو تہ هن مهر ۾ پنچراتر فِرقي جو ذڪر آهي، جيڪو ان وقت تائين هڪ اداري جي صورت اختيار ڪري چڪو هو ۽ ڪرشڻ جي زندگيءَ دوران ان جي شروعات ٿي چڪي هئي. هن حقيقت ڏانهن ٻہ ڌيان ڏيڻ کپي تہ هن ڌرمي فرقي ڪرشڻ جي با اخلاق پُٽن جهڙوڪ پَرِديوُ مَڻ (Pradyumna) ۽ اَنِرُڌُ (Aniruddha) کي واکاڻيو آهي، پر ڪرشڻ جي اهڙن پٽن جهڙوڪ سامبا کي نهايت خبرداريءَ سان ڇڏي ڏنو آهي، جيڪي ڪانئس الگ ٿي ويا هئا. هيءُ هڪ اندازو آهي، پر پنچشيک بابت ڪجهہ وڌيڪ پڪ

سان ڇئي سگھجي ٿو. جيڪڏهن سنڌس نالو پنچتريڪ (ٽريڪ معنيٰ هڪ آزاد خيال فرقو) آهي تہ پوءِ هن مان پنچراتر فرقي جي فڪر جو صحيح پتو پئجي وڃي ٿو.



36. *S'akHa RHa As'aiya Pappa* (*Shagarha As'aiyya Pappa*)
*Shakhraha*

36_پڙهڻي: ساڪ هہ رها آ سيئہ پَپ (شَگرهہ اَسئيہ پَپَ)

معنيٰ: ساگر اَسيتا جو ٻارڙو

تبصرو: ساگر (Sagra) اعظم خطرناڪ حالتن ۾ ڄائو هو. (واڊيل (Waddell) هن کي عظيم فاتح سارگن (Sargon) سمجهي ٿو. هن مُهر ۾ دلچسپ لفظ پپ (papa) يعني ٻارڙو آهي. هيءُ ساگر جي ڄم ڏانهن اشارو آهي، جنهن جو تعلق ايوڌيا جي خاندان سان هو. اَسيتا يا ٻاٻهوڪا ساگر جو پيءُ هو. هن مُهر مان صحيح نالي جو پتو پوي ٿو جيڪو آسي (Asi) آهي، يعني وڏن ارادن وارو يا وڏين سَڌُن وارو. امڪان آهي تہ سنڌس نالو اَمِسي (Amsi) هجي. چاڪاڻ تہ سنڌس هڪ پٽ جو نالو اَمِسيمَنج (Amsimanja) ۽ ٻئي جو اَمسِيو مَنتَ (Amsimanta) هو. اَسِيتا هٿ ڦاڙ ۽ وڏي جذبي وارو ماڻهو هو. پر هو پٽ ڄمڻ کان اڳ ئي مري ويو هو. اَسيتا جي وڏي جوءِ وزيرن سان پوتا ميل ڪري، ان جي ننڍيءَ زال ڪِشنيءَ کي وِهہ ڏئي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. انهيءَ لاءِ تہ جيئن هن جو پٽ ساگر ڄمي نہ سگهي. هڪ دَياوان مُنيءَ (Muni) ڪِشنيءَ ۽ سنڌس پيٽ واري ٻار کي بچائي ورتو هو. مخالف وجي اَسيتا جي تخت ۽ تاج تي دنگو ڄمايو. ساگر ڄائو تہ ڄڻ ڪِشنيءَ جو آسون ۽ اميدون ڄمي پيون هيون. سنڌس آزاد طبيعت مڙس هن لاءِ مقدس يادگيرين جي حيثيت اختيار ڪري ويو هو. سوامي اَوروِيہ (Aurvya) حيلا هلائي، ساگر کي پنهنجي پيءُ واري راڄگديءَ تي ويهاريو. هي نہ فقط وڏي وڏو ٿيو. پر هن هماليہ جي قبائلي ماڻهن کي منظم ڪري سِنڌو- گنگا وارن علائقن کي فتح ڪري، پنهنجي راڄ ۾ شامل ڪري ڇڏيائين. هيءَ مُهر فَن ڪتابت جو هڪ نادر نمونو آهي. منجهس آسي يا اَسيتا پيءُ جي نالي طور نظر اچي ٿو جنهن جي نمائندگي 'ساءِ' (Sai) واري نشاني ڪري رهي آهي، جنهن جي معنيٰ آهي چئن سِرُن جي وچ تي سمهيل يعني قبر. شَڪا (Saka) کي ماءُ، پکي ڪري ڏيکاريو ويو آهي. 'رَهہَ' (Rh) هڪ ننڍي ٻچي کي پکيءَ جي شڪل ۾ ڏسجي ٿو جيڪو ادب سان پنهنجي پيءُ جي قبر سامهون بيٺو آهي. سنڌس ماءُ پَ (Pa) يا پَپَ (Papa) ڏانهن ڏسي رهي آهي. جيڪو هڪ سواليءَ جيان پرسان بيٺو آهي. مُهر ننڍڙي آهي، ان ڪري ڪاتب (لِپيڪارُ) ڪجهہ منجهي پيو آهي، پر ان هوندي بہ ٿهيل ٽڪيءَ جي سونهن کي جيئن جو تيئن رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڏيک ائين آهي، ڄڻ ٻار پيتان ڪري رهيو آهي ۽ عورت ڪنهن يادگيريءَ ۾ غلطان

آهي. منجهس اَڻ چٽائي ۽ ويسر وارو مطلب نظر ڪو نہ ٿو اچي. جيڪڏهن ساگر هڪ عظيم فاتح نہ بہ هجي ها، تہ بہ سندس هيءَ مُهر ڪيس زنده جاويد بڻائي ڇڏي ها.


37

37. (*A*) *Ppai Panch* (*ala*) *Hairashkapa* (*Ppai Panchala Hairs'kapa*)
*Hairashkapa, The King of the Easter Panchalas*
(*B*) *Payupa Pañcha Rahai Kshapa* (*Payupa Pañcharahikshapa*)
*Payupa, The Supervisor of the Five-day Rite*

37_

(الف) پڙهٽي: پپئي پَنچ (ال) هَئراشِڪَپ

= پپئي پنچل هيئر شِڪَپ

هيئر شڪپ، اوڀر پنچال جو راجا

(ب) پيوپ، پنچ رَهئي ڪِشَپ (پَيُوپَ پَنچَرَ هِيڪِشَپ)

معنيٰ: پيوپ، پنجن ڏينهن واري ڌرمي رسم جو نگران

تبصرو: انگن جي صورت ۾ نظر ايندڙ اَکرُ مونجهاري جو سبب بڻجي پيو آهي ۽ ڦيٽي جهڙي حرف ۾ پَ، سَ ۽ ڪَ جو گڏيل اکر ڏسجي ٿو. ان ڪان سواءِ شروع وارو گڏيل اکر پڻ ٻن پ اکرن ۽ ڪن سُر آوازن تي مشتمل آهي. اسين اِن جي پڙهٽي (الف) واري سمجهون ٿا ۽ ان ڪي ترجيح ڏيون ٿا. چاڪاڻ تہ تِرسدَسيُو ڪان پوءِ پيُہ (Payu) هڪ ناليوارو راجا ٿي گذريو آهي. هن ايوڌيا جي ٻين راجائن واري ماٺار واري راڄ ۾ زندگيءَ جي هڪ نئين چرپر آندي هئي ۽ ڪيترين جنگين ۾ سوڀارو ٿيو هو. (هيءَ هريَشِوَ (Haryas'wa) پيو ۽ ترسدسيوَ جو پٽ هو. جيڪو ڏاتار ۽ مانيٽي ترسدسيوَ ڪان پورين ٽي پيڙهيون پوءِ ڄائو هو.

ٻيءَ پڙهٽيءَ جي امڪانن ڪي بہ رد ڪري ڪو نہ ٿو سگهجي. پَيُہ (Paya) جو نالو ويدن ۾ بہ موجود آهي، جنهن جو تعلق آنگرا سان هو، پر هتي "Ng" (باهہ) جهڙو ڪواِشارو نظر ڪو نہ ٿو اچي. هَي (Hae) جو لفظ ائين نظر اچي رهيو آهي تہ جڻ ڪو ماڻهو هٿ تي تَسُ ڪنيو بيٺو آهي. جنهن ۾ پنج اُماڙيون آهن پر هن جي مقابلي ۾ اسان هَريَشوَ جي پڙهٽيءَ ڪي وڌيڪ ترجيح ڏيون ٿا. چاڪاڻ تہ گهوڙي تي بہ ڏاڳا نظر اچن ٿا. جيڪي سراسر ٻاهر نڪتل آهن. هيءَ ڪشترِيہ علامت آهي.


38

38. *Bha Dra*(*i*) *Paya* (*Bhadripaya*)

38_ پڙهٽي: ڀَ دَر (ئي) پَيہ (ڀَدرِيپَوَ)

معنيٰ: ڪِرِوِي راجا، ٻِدَرَ رَٽ

تبصرو: فقط هن مُهر جي بنياد حقيقت موجب ڪنهن ماڻهوءَ جي پڪي سُڃاڻ تي ڪا نہ ٿي سگهي. ڪرشڻ جي پيءُ واسو ديو جي ٻِدَر نالي وارن پُٽن جي سُڃاڻ ممڪن ڪا نہ آهي. اهي سيئي غير معروف ماڻهو هئا. سيئي پٽ هئس. سي سيئي هٽ ڦاڙهئا. ٻِدَر رٽ جي نالي ۾ هڪ قسم جو يوڳ چرچو بہ لکل آهي. مُهر جي هڪ پاسي هڪ ڄِيتَ جي شڪل آهي ۽ ٻئي پاسي لکت ۾ بہ هڪ قسم جو ننڍڙو جيتُ نظر اچي ٿو. ڪِرمي (Kirmi) هڪ اهڙو لفظ آهي، جنهن مان سندن گهراڻي جي پوري سڃاڻ ٿي وڃي ٿي. اسين ڄاڻون ٿا تہ ڪِرمي اُشِينَرَ (Usinara) جو پٽ هو. جنهن پنجاب جي ڪنهن حصي ۾ ڪِرمَل (Kirmla) نالي هڪ شهر تعمير ڪرايو هو. راجا ٻِدَر بہ ان پيڙهيءَ مان هڪ راجا هو. ان جي رعيت وارا پاڻ کي ڪِرِوِي (Kirvi) سڏيندا هئا. اِها بہ هڪ حقيقت آهي، تہ ڪرمي ڪُلَ جو تعلق ٻِياتِيءَ سان آهي، جنهن جي علامت هڪ سڳو آهي. پر جانور جي ڪُلهن پر سان بہ سڳا نڪتل ڏسجن ٿا. مُهر وڏي آهي. مٿس اڪريل اکر بہ وڏا آهن ۽ صاف سُٺي ڏسجي ٿي. پر عام رواجي آهي ۽ ٻِدَر رَٽ لفظ ۾ مذاق لڪل آهي. جيڪڏهن نالو ڪِرمي آهي تہ پوءِ دل چوَ نہ وڏي هٽڻ ڪپي!

جيڪڏهن اِڪشواڪُ ڪاڪِشيا سان تعلق رکي ٿو تہ پوءِ ڪِرميءَ جو تعلق ڪريميا (Crimea) سان هجڻ کپي، تہ ڪهڙو اَچرج ! ياڏُوس (Yadus) لاءِ بہ چيو ويندو آهي تہ سائيبريا جا ياٽُوس (Yatus) آهن.

39



39ـ پڙهڻي: ٻِرَ دِوِي س چتر (ي) سَ پَ رَ (ٻِرَ دِوِس اَچَتُر۔ سَ، پَ، رَ)

معنيٰ: چار، جيڪي مون کان نفرت ڪن ٿا. اُنهن جي نالن جا پهريان اکر ي، سَ، پ، ر آهن.

نظر ائين اچي ٿو تہ يا تہ مُهر پڇي پئي آهي يا ڄاڻي ٻُجهي اَڻ چٽي ٺاهي وئي آهي ۽ ڪاري جادوءَ جي مقصد سان ٺاهي وئي ٿي ڀانئجي. معلوم ٿئي ٿو تہ پوئين معنيٰ صحيح آهي. ڄاڪاڻ تہ جانور جي چوڏاري تير ۽ لٺيون نظر اچي رهيون آهن. ان کان علاوه جسم ۾ اندر گهمائڻ واري گُڙي بہ نظر اچي رهي آهي.

تبصرو: چار اُڀيون ليڪون چَتُر chatur جو مفهوم ڏيکارين ٿيون. مٿي هڪ اُڀي ليڪ آهي، جنهن جي پڙهڻي 'اِي' ٿي سگهي ٿي، پر اها هڪ لٺ يا وِچ جي نمائندگي بہ ڪري ٿي.



40. *S'ai Ba Ha Ya:* (*'Saiba Haya*)

**Haya, The Son of Saiba or 'Sibi**

40_ پڑهڻي: سئہ بَ هہَ يہَ =(سَئيب هَيَہ)

معنيٰ: هَيہ، سائبا يا سِبيءَ جو پٽ

تبصرو: جيڪڏهن هن مُهر کي سبي (sibi) پٽ اُشينَرَ (Ushinara) ڏانهن منسوب ڪريون، تہ غير مناسب ڪو نہ ٿيندو. هيءُ راجا پنجاب جي انهن علائقن جو حڪمران هو جن کي سِوِسِ (Sivis) سڏيو ويندو هو. پارگٽر هن کي شجرن واري پنوتريءَ ۾ 27 نمبر تي رکيو آهي. پر سِبيءَ کي هَيہ (Haya) نالي ڪو پٽ ڪو نہ هو. هن لکت مان فقط هي مفهوم وٺي سگهجي ٿو تہ "هيءُ گهوڙو سبيءَ جي ملڪيت آهي ۽ هَيہ (Haya) گهوڙي ڏانهن اشارو آهي. مُهر جي بناوتَ، صفائي ۽ سُنائي اهڙي آهي، جو مُهرجو ڪنهن قديم دور سان واسطو نہ ٿي ڏيکاري. پر هيءَ پَرکَ ويساهہ جوڳي بہ ڪا نہ آهي.

اسان هن مُهر کي هَرشَ ڏانهن منسوب ڪريون ٿا، جيڪو مِترا وِند (MitraVinda) جي پيٽان ڪرشڻ جو پٽ هو. هيءَ عورت شئبا (يَمَن) جي راجڪماري هئي. هن خيال جي فائدي ۾ بہ هلڪا سلڪا ثبوت آهن. هن مُهر ۾ يادوَن جي ٻين مُهرن جيان گهوڙي کي بَدّل هڪ سڱو ڏسجي ٿو ۽ گهوڙي تي سنگ جو نشان ڏسجي ٿو. پر انهن ڳالهين هوندي اسان مطمئن ڪو نہ آهيون.

وئساليءَ جي مهاشَرنَجيَہ کي پڻ شِرِي هَيہ Haya ڪوٺيو ويندو هو. ٻيو ممڪن اشارو پاندوَن جي ٻانهن ٻيلي سائيبيَ ڏانهن بہ ٿي سگهي ٿو. پر ان جي پهرئين نالي جي پڪ ڪا نہ آهي.



41. *Pra Ga Kiya Tri S'a Da*

**(Pragaki(E)Ya Tri'sada) Tri'sada (Tripura) of Pragjyotisha**

41_ پڑهڻي: پرا گا ڪِيہَ تَري سَا دَ (پرگڪِيَ تِرسَدَ)

معنيٰ: پِرگَڪِيوتش جو تِرِيشَد (تريپور)

تبصرو: هيءُ آسام جي تِريپورا کان سواءِ ڪو ٻيو ماڳ ڪو نہ آهي. (ڏسندا: مهر 29). لکت جي ساڳين اکرن ڪري بہ مجبور آهيون. هن کان علاوه کُرچيل تحرير بہ اهم آهي. ٻنهي گهوڙن لاءِ هڪ سڱو ڏسجي ٿو. هڙاپا (سنڌو) سيپتا ۾ مختلف شڪلين ۾ نالي لکڻ جو عام رواج هوندو هو. جيڪو اٺويهين صديءَ تائين هلندو آيو آهي ۽ اِهي هندستان جي ڏند ڪٿائن جو هڪ وڏو ذريعو آهن.



42. *Ka Ra 'Sia Pra* (?) *Aiya Hya*

**(Karashiya Pralaihya) Pralhāda, The son of Karashy (Hiraṇyakasipu)**

42_ پڙهڻي: ڪَ رَ سِيہَ پرا (؟) اَيہَ هَيہَ

معنيٰ: (ڪَرَشيا پِرَلَئہ هِيا) پرلهاد پٽ ڪرشي (هِرنيا ڪَسِيپُو)

تبصرو: هن پڙهڻيءَ ۾ ڪجهہ شڪ ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ مُهر ۾ هڪ اهڙو نئون اکر آهي، جيڪو ڊاڪٽر راءَ جي ڏنل ٽيبل ۾ ڪو نہ آهي، اها پ اکر جي ٻٽي نشاني آهي، جيڪا هينان سوڙهي ۽ مٿان ويڪري آهي. ان جي پڙهڻي ”ل“ مقرر ڪئي وئي آهي، پر شڪَ گاڏُڙ آهي. ڊاڪٽر راءِ جي ڪتاب ۾ هي اکر ڪو نہ آهي. هن اکر جي جاچ پرک ڪرڻ لازمي آهي. اسان جي پٺڀرائيءَ لاءِ ثابتي فونيشَن جي قديم ”ل“ جي نشاني آهي، جيڪا وڏيڪ ننڍي آهي ۽ مٿئين پاسي کان گهٽي ويڪري آهي. ڏسڻ ۾ائين اچي ٿو تہ اهو اکر لِنگ تان ورتو ويو آهي. پر ان تي تبصرو ڪنهن مناسب موقعي تي ڪيو ويندو. (هتي سندس شڪل صورت لِنگ (Linga) جيان ڪا نہ آهي، پر هن کي ٻيءَ مهر جي اهڙيءَ نشانيءَ سان ڀيٽائي ڏسندا.)

جيڪڏهن هن کي ڪَرَشا (Karasha) يا ڪَرشيا (Karashya) ڪري پڙهيو وڃي، تہ غير مناسب ڪو نہ ٿيندو جيڪو پرهلاد جو پيءُ هو. هرٽيہ سندس ڪُلَ جي نالي واري اڳياڙي آهي. پُراڻن هن قبيلي (ڪُلَ) جي ماڻهن لاءِ هرٽيا ڪِشن جو لفظ ڪتب آندو آهي. پارگٽر کي رِشي ڪشيَپَ ۽ ان جي آزاد خيال ناگ پُٽن جي اصليت تي شڪ آهي تہ اهي هتان جا نہ هئا. واڊيل (Waddell) اڃا بہ گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي. سندس چوڻ آهي تہ ويدن ۽ پُراڻن ۾ جيڪي واقعا بيان ڪيا ويا آهن ان جو گهڻو ڪري واسطو بابُل واري علائقي سان آهي، جيڪي يادگيرين تي مبني آهن. گهوڙي جي تصوير تي گڏهہ جهڙا نشان نظر اچن ٿا، جيڪي پڻ انهن امڪانن ڏانهن اشارو ڪن ٿا. پر هن مُهر جي تحرير واسطي ڪجهہ ڏيرج کان ڪم وٺڻو پوندو ۽ کوجنا ڪرڻي پوندي. ڪَرَشيا پا (Karashaya- pa) کي سولائيءَ سان بدلائي ڪَشِپو (Kashipu) ڪري سگهجي ٿو ۽ پَر لَئِهَئہ – هِرا، لَهرا (Parlaihy-hra-Lhra) وغيره کي بہ سَوَلائيءَ سان سنسڪرتي شڪل ڏئي پَرلهاد (Pralhad) پڙهي سگهجي ٿو. (وڌيڪ لاءِ ڀيٽائي ڏسندا، لين مَنَ (Lanman) جو نِڪولَس کي هر ڪيولس پڙهڻ وارو نظريو). روسي ٻوليءَ ۾ ڪَرَشو معنيٰ سُنو ۽ سڄي لفظ جي ممڪن معنيٰ ”سُنو هِرٽيا“ تي سگهي ٿي ۽ قبيلي جو نالو بہ هِتي هرائون (Hittite Haraon) تي سگهي ٿو.



43. *Pa Ra Lha* (?) *Papa* (*Paralha Papa*)

**Baby Paralha (*i.e.*, giving delight supreme) to others**

43_ پڙهڻي: پَ رَ لَهہ (؟) پپ (پرلهہ پپ)

معنيٰ: پَرلهہَ ٻارڙو يعني ٻين کي بي پناهہ خوشين ڏيڻ وارو

جيڪڏهن پَرلهہَ (Paralha) پرلهاد آهي تہ هيءَ مُهر اُن جي جنم يا ٻاروتڻ سان تعلق رکي ٿي ۽ پوءِ اسان کي سولائيءَ سان پتو پئجي وڃي ٿو تہ سندس ماءُ ڪَيادُوءَ (Kayadu) پنهنجي ان پٽ جو نالو ائين ڇو رکيو هو. ڇيو ويندو آهي تہ سندس پهرينو پٽ

قتل ٿي ويو هوءِ ديوتائن ساڻس وچن ڪيو هو تہ ڪيس اهو ساڳيو وري جمندو ۽ ڪيس جڏهن پٽ ڄائو تہ ڏاڍي خوشي ڪئي هئائين.

تئترِيہ بِرا (Taittrirya Bra) ۾ بہ سندس نالو پرلهاد آهي. پُراڻن ۾ پڻ اهو ساڳيو نالو ڏسجي ٿو. هتي ل جو هيئين پاسو ڪُنڊاٽتو نظر اچي ٿو. چاڪاڻ تہ لپيڪار هہ اکر جي جڳهہ جي صورت ڪي مد نظر رکيو آهي. آخري مرڪب لفظ جو مٿيون پاسو گهٽو تباهہ ٿي چڪو آهي، پر پوءِ بہ پڙهي سگهجي ٿو.



44. 'Sai Ma Yi ('Saimai)
'Saima, The Son of 'Simyu

44- پڙهٽي: سَئي مَ يِي

معنيٰ: سائما پٽ سِميُو

تبصرو: سِميُوءَ ڏهن راجائن واري جهيڙي جي منڍ ۾ سُداس (Sudasa) سان مهاڏو ڏنو هو جنهن کي وري بادشاهہ دَسِيُو (Dasyu) سان پڻ ڳنڍيو ويندو آهي. جنهن کي نالي جي هڪجهڙائيءَ ڪري داس يعني غلام سمجهيو ويندو آهي. دَسيُو ڪُل جا ماڻهو دَسيُو راجا جي رعيت هوندا هئا. سائما يا سَئمہ نالي وارو ماڻهو اُن راجا جو پٽ هو.



45. Pa Ka Maha 'Su Yi (Paka Mahashaya)

45- پڙهٽي: پَ ڪَ مَهہَ سَ يِي (پَڪَ مَهَشَيَہ)

معنيٰ: پَڪَ، گهٽي ڪاٺ ۽ گهٽي سمهڻ وارو

تبصرو: نظر اچي ٿو تہ پَڪَ يا بَڪَ لپيڪارن ۾ يوڳ چرچي جو موضوع بڻيل هو. قربانيون بہ گهٽيون ڏيندو هوءِ ڪين انهن لاءِ بيوانڌَ پنڌَ ڪرائيندو هو. جڏهن هو مُهرون جوڙيندا هئا، تہ بہ ساڻن يوڳ نڪاءَ ڪان ڪونہ مُڙندا هئا. امڪان آهي تہ هو ڪين گهٽو معاوضو ڏيندو هوندو يا وري ڪين ڪائي وچڻ جا دڙڪا ڏيندو هوندو. لپيڪار هن کي خراج تحسين تہ پيش ڪندا هئا، پر ٽوڪ ڏَنَڪَ مان بہ ڪونہ مڙندا هئا. هڪ لکت ۾ سندس زبان وات بدران ڳِلَ ۾ ڏيکاري وئي. ٻئي لپيڪار بہ هن سان ساڳي مذاق ڪئي، جنهن تي اِڳتي هلي بحث مباحثو ڪيو ويندو( ڏسندا: مُهر 52) هن مُهر ۾ بَڪَ کي تُرڪي ٽوپي پارائي وئي آهي. مُهر 52 ۾ وري اَڄگر ڪري ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو لکت جي شروعاتي اکر "پ" مان لَڪِي سگهجي ٿو. اُهو اکر وري "م" سان گڏيو ويو آهي. ڪ جو اکر وچ تي ترشول جيان نظر اچي رهيو آهي. ائين لِڪِي ڪيس خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ممڪن آهي تہ هو ٻيلي جو رکوال هجي، پر هو گوشت وڪڻ جو ڏنڌو ڪندو هو (ڏسندا: مهر20). جڏهن وَمر (Vamr) وارو ٻيلو جانورن کان خالي ٿي ويو تہ هو آدمخور ٿي ويو هو. هن مُهر ۾ بہ بَڪ کي مهاشَيہ (Maha saya) ڪري لکيو ويو آهي.

کيس اها خبر ڪا نہ آهي تہ هن لفظ جي ٻي معنيٰ وڏو پيٽي ۽ گهٽي سُمهڻ وارو بہ آهي. ان سان سندس پورو ڏس پتو بہ ٻڌايو اٿن: وَمرادِري جَبَل جو ماڪوڙو يا ڪَئَتَيا دَري جبل جو ڪُهتو جِيتُ.



46. (?) *Gda Haha* (*Phagdahah*)

46ـ پڙهڻي: (?) گَد َهَهَ (ڦگدَ ههَ)

معنيٰ: پَگيرَٿ

تبصرو: مُهر جي هن لکت ۾ نظر ايندڙ پهرين نشاني الف ـ ب جو نئون حرف آهي، جيڪا هڪ ٿَبَ جي شڪل ۾ پ جو آواز آهي، جنهن کي (Spirographic) موڙُڏنل آهي. ممڪن آهي تہ ڪتابت جي خوبصورتيءَ لاءِ پ جي اکر کي ايترو گهرو ڪري لکيو ويو آهي. ان ڪري موجوده صورتحال مطابق هن کي ڦ ڪري پڙهي سگهجي ٿو (وچ واريون ليڪون هہ جي نمائندگي ڪن ٿيون.) ساڳيءَ ضرورت ڪري دَهہ کي گ (G) مثان لکيو ويو آهي. لکت جو هي خوبصورت نمونو آهي، هن پڙهڻيءَ جي تائيد لاءِ پَگيرَٿَ جي ٻيءَ لکت نمبر 28 کي پڙهي سگهجي ٿو. ٻَئي مُهرون ٿي قديم لکتون ڏيکارين ٿيون.



47. *Mahha Dwi Paka Hasa Dwi Sha Shai Ma* (*broken*)
*Patra* *Deva*

47ـ مهہ دوي پڪَ (پَتر) هسَ دوي ش (دِوَ) شئہ مَ

پڙهڻي: (1) مَهَد وِيپَڪَ پَترَ هَشِدِ يوَش شَئمَ

(سَئمَ، مَهہ پيٽ جو راجا

(2) مَهَديو پتر هاسدِيوَس شَئمَ

سَئم پٽ مهاديو هاسَ کي ڏڪارينڌڙ

تبصرو: ممڪن آهي تہ ٻيون پڙهڻيون بہ هجن. پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ هن مُهر جو مالڪ اهو ماڻهو آهي، جنهن جي نالي جي پڙهڻي سئم (Saim) يا (سسئم) (Sa'saim) آهي، پر افسوس آهي جو پڇاڙيءَ وارو اکر پڇجي پيو آهي. جيڪڏهن هي سئم سِمِيُو (Simyu) آهي جنهن جي مهر (نمبر 44) اسين اڳئي ڏئي آيا آهيون، تہ پوءِ اسين جڻ ڪنهن مشڪل ۾ ڦاسي پئون ٿا. ان مُهر ۾ اسين چئي آيا آهيون، تہ سَئم، سِمِيُو جو پٽ آهي. هتي هن مُهر جي هڪ پڙهڻي اهڙي آهي، جنهن مان پتو پوي ٿو تہ سَئم جي پيءُ جو نالو مهاديو يا پَترَهَس (Patrahasa) آهي. اسين مٿي ٻڌائي آيا آهيون تہ سِوِي لوڪ پنجاب ۾ رهندا هئا. امڪان آهي تہ کين سِمِي (Simis) بہ سڏيو ويندو هجي. ظاهر ۾ تہ سِمِيُو ۽ سَئم ساڳي ڳالهہ آهي. ويدن ۾ ذڪر آهي تہ هو سُوداس (Sudasa) کان بي انتها نفرت ڪندو هو. تنهن ڪري صحيح اندازو هيءُ ٿي سگهي ٿو تہ سُوداس نالو سُوهَس يا سوُداهَس

سان هڪجهڙائي رکي ٿو. تنهنڪري پڙهڻي نمبر 2 صحيح آهي، جنهن ۾ سِمِيُو ان ماڻهو کان نفرت ڪري ٿو جنهن جو نالو هَسَ(Hasa) ڪري لکيو ويو آهي. هيءَ پوئين پڙهڻي ڪجهه ممڪن بہ لڳي ٿي. ويدَ ۽ پُراڻ اِن خاص نفرت جو ڪڏهن بہ ذڪر نہ ڪن ها، جيڪڏهن ڪين ڪا لکيل شاهدي نظر نہ اچي ها. سياسي مخالفت کان سواءِ هيءَ ڳالهہ بہ ضرور ڌيان ۾ رکڻ کپي تہ سُوداس سِمِيُو کي قتل بہ ڪيو هو.



48. *Taha K Gsha Ii (Y)a Shas*
*Tha*

48- پڙهڻي: تهہ ڪ گش لي (ي) اَ شَسَ
(تَهَڪس پِيِيَشَس) نَڪش پُٺُ يَشَس (پنهنجي مهم ۾) ڪاميابيءَ جو خواهشمند.
تبصرو: تَڪشَڪ ناگ ڪُل جو وڏو هو. هِن قبيلي جا ماڻهو هماچل پرديش ۾ رهندا هئا. جيڪو دهليءَ واري علائقي سان دنگيئي هو ۽ پُورَوَ جي ڪورَوَ جانگل سرحدن سان ڪئونس ڪندا ايندا هئا. مهاڀارت جنگ ۾ ناگ ڪُل جي ماڻهن ڪو حصو ڪو نہ ورتو هو. تنهنڪري جنگ کان پوءِ اُنهن جي سياسي ساک گهٽي اُپڙي ۽ اُڀري هئي، ۽ ان جي مقابلي ۾ هستناپور جي مرڪزي سگهہ هيٺي پئجي وئي هئي. راجا پَريڪشِتِ (Parckshit) پانڊوَ تخت تي وينو. جيڪو اَرجنُ جو پوٽو ۽ اَڀِمَنيُو (Abhimanyu) جو پٽ هو. سندس پيءُ اَڀِمَنيُو تخت تي ويهڻ کان اڳيئي وفات ڪري ويو هو. راجا پَريڪشِتِ رُورُو (Ruru) جي دانهن ڏيڻ کان پوءِ "ناگ- قرباني" ڏيڻ جو پڪو پهہ ڪيو هو جنهن جي زال ناگ قبيلي وارا ماڻهو پڄائي ويا هئا. ڏند ڪٿائي ڪهاڻي هن ريت سمجهائي سگهجي ٿي، تہ پَريڪِشِتِ وڏي گهل وٺي هماچل پرديش تي چڙهي ويو ۽ ناگ ڪُل جي سردارن کي وڃي جهليائين. اِتي هيءَ ڳالهہ بہ نظر ايندي تہ اُتنڪَ (Uttanka) ڪي ماڻهو ساڻ ڪري، پنهنجي گروءَ جي زال لاءِ سون جون واليون سوکڙيءَ طور کڻي وڃي رهيو تہ تَڪشڪ کانئن اُهي ڦري ورتيون، جيڪو ٻُڌن جي ڪِشَپَنڪَ جي ويس ۾ گهاڙ ۽ تاڙ ۾ لڪو وينو هو (هي احوال عهد وار دور کي مُنجهائي وچڙائي ڇڏي ٿو پر اسان کي تہ ائين ئي بيان ڪرڻ گهرجي جيئن لکيل آهي). "پُرَاڻن" لکڻ وارن ماڻهن جي نظر ۾ ٻُڌن جو ويس هماليہ جي پرپاسي جي رهواسين ناگ ڪل جي ماڻهن جهڙو هو جيڪو تبيت جا رهواسي بہ پائيندا هئا. اهڙيءَ ريت ڦُريل ڏُر اچي پَريڪشِتِ وٽ دانهيو جيڪو پوءِ ڏاڍيءَ ڏر مٿان گهل چاڙهي ويو ۽ پاڳوت پُراڻ موجب انهن جا ارڙهن مُک ماڻهو ڪُهي ڇڏيائين. تَڪشَڪ جنهن پنهنجي نندڍيءَ عمر ۾ پانڊون هٿان گهاءَ کاڌا هئا، تنهن پڻ پَريڪشِتِ کان پلاند چڪائڻ لاءِ پڪو پهہ ڪيو هو ڪيس ياد هو تہ ڪيس ڪن رِشين جي وچ ۾ پوڻ ڪري جِئدان مليو هو. اُن سازش سٽي، آنگيرس رشيءَ طرفان سوکڙي طور ميوات موڪلي، جن ۾ هڪ ميوو وهاڻيل هو. پَريڪِشِتِ ٻين سان گڏ اهو زهر وارو ميوو بہ کائي ويو. ڏند ڪٿا ٻڌائي ٿي تہ تَڪشَڪ ڪيڙو بڻجي ان ميوي ۾ لڪي وينو هو جيڪو پوءِ ناگ جو روپ ڌاري ٻاهر نڪري آيو ۽ پنهنجي دشمن کي ڪکي وڌائين. توڙي جو پَريڪِشِتِ ٻنو ۽ پَوَ ڪري بچاءَ جو اڳواٽ بندوبست ڪري ڇڏيو هو. يا ٿي سگهي ٿو تہ هن ڪي رشيپوتا موڪليا هجن، جن مان هڪ پاڙيتو قاتل هوندو، جنهن ڪيس گهٽو ڏئي ماري ڇڏيو. اهو اندازو پَريڪشِتِ جي موت واري احوال منجهان بہ لڳائي سگهجي ٿو جنهن ۾ چاٽايو ويو آهي تہ گهٽو ڏئي ماريو ويو هو. تَڪشَڪ جي معنيٰ ئي هئي. "تَڳُ" ۽ "گهٽو ڏئي مارڻ وارو". تَڪشَڪ نالو ڪنهن

لفظ جي بگاڙ مان نڪتل آهي. هيءَ ڳالهه واضح نموني سان لکيل آهي تہ پَرِيڪشِتِ ڪيڙي ڪي پنهنجي وٽان سِرڪندي جهلي ورتو هو ۽ ڪيس گهتو ڏئي مارڻ کان اڳ ڪانئس ڏوهہ مڃائي ورتو هئائين. اُتي وينل رشي ۽ پهريدار ڪجهہ بہ ڪري ڪو نہ سگهيا ۽ ماٺ ڪيو سڀڪجهہ ڏسندا رهيا. ان ڪان پوءِ تَڪشَڪ ڪي بہ جلد ئي قتل ڪيو ويو. پر سندس موت جو احوال ڪٿي بہ محفوظ ٿيل ڪو نہ آهي. هن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ هڪ نوجوان رِشي پُٽرَ ڪي ئي ان قاتل ٽولي جو ماڻهو سمجهي قتل ڪيو ويو هو.

نظر ائين اچي ٿو تہ اِن سازش جي سوپ واسطي تَڪشَڪ ئي اها قربانيءَ جي رسم ادا ڪئي هئي پر اهو هڪ اندازو آهي. هن مُهر ۾ سندس پيءُ جو نالو لکيل ڪو نہ آهي. تنهڪري ان قربانيءَ جي رسم جي ادائگي اِئين ڪجهہ ممڪن لڳي ٿي (تَڪشڪ جي پيءُ جو نالو يَسَس (yasas) هو. جيڪو هتي لکيل نظر ڪو نہ ٿو اچي. اسان کي ٻين اهڙين مُهرن جي پڙهڻين معلوم ٿيڻ تائين صحيح معلومات جو انتظار ڪرڻ گهرجي. هن پلاند کان سواءِ بہ هيءُ مشهور راجا دهليءَ سان لڳولڳ ڪوروَ جانگل جو حڪمران هو.

تَڪشَڪ جي قاتلن بہ جيڪو نڳيءَ جو ناهہ ٻڌايو هو سو بہ ڪو گهٽ ڪو نہ هو. چيو ويندو آهي تہ ڪي ماڻهو وٽس اَٿرَوَنَ ويد جا ڪي شلوڪ ڪٺي آيا. هن ويد ۾ ناڳ جي قصي کي اهميت حاصل آهي. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ ان جو مصنف ناڳ قبيلي سان تعلق رکندو هوندو. پپلاڙ (Pepplada) سان لاڳاپيل مُهر هن ڳالهہ تي وڏيڪ روشني وجهندي. هن نالي واري ماڻهوءَ اَٿرَوَن (Atharvan) ويد جي (ذڪرڻ ڪشمير) بابت گهڻو ڪجهہ احوال قلمبند ڪيو آهي. هندستان جي ثقافت بابت هن ويد جو اضافو ناڳ قبيلي جي بيان ۾ ئي ٿيل آهي.

مَتسِيَہ پُراڻ ۾ بہ هڪ اهم بيان آهي، جيڪو هن مفروضي جي چڱيءَ ريت پٺڀرائي ڪري ٿو. اُهو هيئن آهي تہ پَرِيڪشِتِ جي مرتئي کان پوءِ ويندي نندَ گهراڻي جي مها پَدمَ راجا جي راڄگدي تي/ گاديءَ تي وِهڻ تائين 1050 سالن جي هڪ وڏي وٿي آهي، جنهن بابت ڪا بہ تاريخ محفوظ ڪا نہ آهي ۽ اِن کي هندستان جو اونداهو دور سڏيو ويندو آهي (وڌيڪ لاءِ ڏسندا مُهر: 14 تي ٿيل تبصرو). پارگِٽرُ مَتسِيَہ (Matsaya) پُراڻُ کي ويساهہ جوڳو ڪتاب سمجهي ٿو.

اهڙيءَ ريت "ايَشَس" يَسَس (yasas) جو بيو اُچار ئي آهي. ان ۾ آيل بيان هن ريت ٿي سگهي ٿو. هيءَ ڌرمي رسم هڪ خاص مهم جي ڪاميابيءَ واسطي ادا ڪئي وڃي ٿي. اهو هڪ اهم بيان آهي، جيڪو هر قربانيءَ واريءَ رسم ۾ قرباني ڏيندڙ ماڻهو پنهنجي زبان سان چوندو آهي. (مثال طور سرڳ جا تمنائي سُوَرگَڪاهہ (Swargakamah) جي دعا گهرندا آهن). گيتا انهن قربانين جي نندا ڪئي آهي، جيڪي پنهنجي شخصي فائدي لاءِ ادا ڪيون وينديون آهن ۽ انهن قربانين کي ساراهيو اٿس. جن جي سرانجام ڏِيڻ مهل قرباني ڏيڻ وارو پنهنجي نجي خواهش جو اظهار نہ ڪري. اسين مُهر نمبر 39 ڏسي آيا آهيون، جنهن ۾ قرباني ڏيندڙ ماڻهو پنهنجي ويريءَ کي هاڃي رسائڻ يا نگهو سارُ ڪرڻ جي خواهش ڪري ٿو. اهڙين مُهرن ۾ عام ڳالهہ اها هوندي آهي تہ اڪر هٽ جا لکيل هوندا آهن. جيڪي اهڙين ڌرمي رسمن جي خاص سڃاڻپ هوندي آهي. هتي نظر ايندڙ تہ خاص نشاني اَکرُ شَ (sha) آهي. جيڪو ماڻهوءَ جي شڪل جهڙو آهي. ان جي مٿان هڪ اهڙي نشاني بہ ڏسجي ٿي، جيڪا گهُٽي ڏيڻ واريءَ رسيءَ جهڙي آهي. گهوڙي تي نظر ايندڙ سڳو بہ سِرڪڻ ڦاهي جيان لڳي ٿو جيڪو لڪت ۾ چٽو نظر نٿو اچي.



49

49. *Paka Dau Bha A Shae Pa Vrs'A Ra S's'a Yi*
*Rasha*

49- پڙهڻي: پَڪ دايَ آشِئي پَ وِرس اَ رَ شِشَ پِي

پَڪ دايَ آش ت (پا) رَشرا شِوِي

معنيٰ: بَڪ دايَ، جنهن کي رشواشوِي جي دعا آهي.

تبصرو: هن مُهر جي لکت نهايت اهم آهي. چاڪاڻ ته اهو هڪ مڪمل جملو آهي. هي بَڪ دالِّڀيَ (Dalbya) جي سڏايل هڪ جلسي جي مُهر ڏسجي ٿي. ٿي سگهي ٿو ته دالِّڀيَ اصل 'دَوپ' هجي. ڊِيُوب ذات ته اڄ بہ موجود آهي ۽ دِوِيدي (Dwivedi) پراڪرتي اُچارُ آهي. چيو ويندو آهي ته وياس ۽ بَڪَ جي پيءُ دَوپ پراشيوُءَ وٽ تعليم حاصل ڪئي هئي. جيڪو وياس جو پيءُ هو. بَڪ وري وياس جو چيلو هو. اسان کي پڪ ڪا نہ آهي پنجون نمبر اکر پ (p) آهي يا "پَ" (pa) آهي، پر ماڻهو اندازو ڪري سگهي ٿو تہ هن ڌرمي رسم بجا آڻڻ مهل وياس جو پيءُ پاڻ موجود هو ۽ ڪيس نگراني ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. بَڪ دالڀيہ هڪ پڙهيو لکيو ماڻهو هو ۽ هر شيءِ تياڳي چڪو هو. هن وياس جيان قصا ڪهاڻيون گڏ ڪري محفوظ ڪو نہ ڪيا، نہ وري وياس سان گڏ ويهي انهن قصن کي مرتب ڪيو. پر هن ۽ وياس گڏجي يڏ شتر واري راجَسُيہ جي نگراني ضرور ڪئي هئي. پُراڻن ۾ هن جي تياڳ بابت بيون بہ ڪيتريون ڳالهيون لکيل نظر اينديون. پر هن سان وابستہ ڪي ڳالهيون اچرج جهڙيون آهن تہ هو سخت اُس کان بچڻ لاءِ مٽي سان پير جو پن ٻڌندو هو. جڏهن ارجن ڪانئس پڇيو تہ هن پنهنجي لاءِ گهر ڇو نہ اڏيو آهي تہ وراڻيائين تہ "حياتي ٿوري آهي". جيڪڏهن رامائڻ جي ڳالهہ سچي آهي تہ هو ڏکڻ هندستان ۾ رهندو هو. پوين ڏينهن ۾ هن پانڊوَن طرفان ڪيل قربانيءَ جي نگراني ڪئي هئي.

پُراڻن ۾ هن ڳالهہ تي اختلاف راءِ آهي تہ بڪ ۽ دالڀيہ هڪ ماڻهو آهي يا ٻہ ۽ اهو اختلاف گهٽو ڪري الف (A) اکر ڪري ٿيو آهي، جنهن کي ٻئي حرف سان گڏائي بہ پڙهي سگهجي ٿو.



50

50. (*Note : This is capable of several readings*)

(*1*) *Pprag Pāñchala Rāja Hai Hra Iya Pragpañchala Rāja Haihaya Haih* (*R*) *Aya, The King of Eastern Pāñchālas*

(*2*) *Papru Pāñchala Rāja Haihraya Papru Pāñchāla Rāja Hath* (*R*) *Aya Papru* (*or Babru*), *The Haihaya Prince of Pāñchālas*

50- پڙهڻي: (1) پپِرگ پانچَلَ راج هَئہ هِرا اِيَ (پِرگ پَنچَل راج هَئهَيَہ)

معنيٰ: هَيهہ (ر) آيَ پوربَ پنچالَ جو راجا

(2) پپرو پانچل راج هئهَريہ پپر پانچال راج هَيهہ (ر) آيَ

معنيٰ: پِپرو (يا ببرو) هَيهَيہ، پَنچال جو راجا

تبصرو: مٿي ڏنل ٻئي پڙهڻيون ممڪن آهن. منيپور جي راجا کي اُن وقت تائين ببرو واهن (Babhruvahana) نالو ڏيڻ اجايو آهي. جيستائين اسان چريائي جو مظاهرو ڪندي، اهو نہ سمجهون تہ آسم (Assam) جا رڳو پنج ماڻهو هئا. هن کان علاوه هيهيہ کي بہ سڃاڻي ڪو نہ ٿو سگهجي. هن جو نہ ارجن پيءُ هو نہ وري چِترا نگدَ سندس ماءُ هئي. سندس ماءُ خوني رشتي ۾ هيهيہ سان تعلق رکندي هئي. ٻي پڙهڻي هن کان وڌيڪ مناسب آهي. چاڪاڻ ببرو Babru ڪَنيَہ ڪُبجَ (KanyaKubja) جي وشوا متر جو پٽ هو. جيڪو پنچال جي ويجهو هو. پهرين نشاني وڌيڪ اطمينان جوڳي آهي (ڏسندا لکت 51). هَريہَ جي اچار واسطي ان سان "ر" کي ملايو ويو آهي ۽ هن جي فاتح هجڻ ڏانهن ٻنهيءَ معنيٰ وارو علقمندانہ اشارو آهي. ٻي پڙهڻي هَيَہ ڪَريہ

ٻـ ٽي سگهي ٿي ۽ معنيٰ ٿيندي ”پراگ – پنچال جو گهوڙن جو واپاري“ اسين هن کي لکت 51 جي روشنيءَ ۾ ”راجا پُورُو هڪ خاص راجا سمجهون ٿا.



51. *Pañchāla Hai Hae (Y) A (Y) Aika*
*Kaiyya*
**(Pãñchāla Haiheyakayya) Lord Haihaya of Pãñchālas**

51_ پڙهڻي: پنچال هَئہ هَئہ (ي) آ (ي) ائڪ = (ڪاريہ)
پنچال هِئهَيَڪيہ = پنچال جو مالڪ هئهيہ
هئهيہ پٽ سَتجيت يادَوَ گهراڻي سان تعلق رکي ٿو. پر هو ايترو ناليرو حڪمران ٿي گذريو آهي جو سندس پونئير يادوَ سڏائڻ بدران هئهيہ سڏائڻ لڳا. هو پارگٽر جي ڏنل شجري ۾ 14 سلئب (Slab) ۾ شامل آهي. يعني هو مهاڀارت جي جنگ کان سورنهن سئو سال اڳ ٿي گذريو آهي.



52. *Paka Maha Pada 'Sai Ba Ka Yi*
*Shaada*
*(Baka Mahashada 'Saibakayi)*
*Mahapada*
*Gentleman Baka, The Abyssinian*
*The Great Eater Baka, May he be A Corpse*

52_ پڙهڻي: پَڪَ مَهَ پَدَ سئي بَ ڪَ يِي
بَڪَمَهَشدَ سئِبَڪَيِي
معنيٰ: معزز بَڪُ، جيڪو حبشي آهي.
تبصرو: ويچارو بَڪُ وري پڙهيلن ڳڙهيلن لِپيڪارن جي پوڳ چرچي جو مرڪز بڻجي ويو آهي. ساڻس لڪل قسم جو پوڳ ڪيو اٿن. لِپيڪار، ”مهاپد“ (Mahapada) لکڻ ويل ”د“ جي منهن کي ڪليو رکيو آهي. انهيءَ ڪري ته اهو مَهاسَد (Mahasada) بڻجي پيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”گهڻ کائو“ يا ”پيٽو“. سَئي (Sai) سان گڏ هڪ اضافي الف بہ ڏسجي ٿو. جيڪو بلڪل سطحي آهي، جنهن جي صوتياتي قدر ۾ ڪو بہ فرق ڪونہ آهي، پر انهيءَ وسيلي هڪ چرچو نهي ٿو پوي. وِرد وارو الف ائي (Ai) سان ملي ايئي سَوَ (Ayai, save) نهي پيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي شال هي مِري! بَڪ آدمخور هڪ ڏرمي قسم جو ماڻهو هو. جيڪڏهن پهرين پڳل مُهر شامل ڪجي، جنهن ۾ سندس نالو ڪونہ آهي تہ هن سلسلي جون پنج مُهرون ساڻس تعلق رکن ٿيون. بڪ اڻ پڙهيل ماڻهو لڳي ٿو نہ تہ هيءُ لپيڪارن جون ساريون لفظي ڳجهارتون سمجهي وٺي ها. لپيڪار هن کان دلي طور خوش ڪونہ هوندا هئا. ڊپ کان کانئس معاوضو بہ ٿورو وٺندا هئا، پر پوءِ بہ لکتن ۾ پوڳ چرچا لکي، هن کي امَر بنائي ڇڏيائون (ڏسندا مهر 56، جيڪا پڻ لپيڪار نئولَ سان پري چڙي آهي). سيبا (Seba) معنيٰ حبشي يا يمني سمجهڻ گهرجي.



53. *'Se 'Si Ya Tau ('Se'si Yatau)*

53ـ پڙهڻي: سي سِي يَ تَو

تبصرو: گهوڙي جو منهن ڏاڍو ڏک ڀريو آهي. ڏسڻ سان ئي پتو لڳي وڃي ٿو تہ اها مُهر مرتئي سان تعلق رکي ٿي. لکت ۾ سواري بہ مندرن جي اڏاوتن ۾ لڳل وِمانَن جهڙي آهي. لڳي ٿو تہ هڪ پيءُ جا بہ ٻارڙا فوت ٿي ويا آهن. سي سِي (Se, Si) يعني جمع جنس عام سان لاڳاپيل اسم سِي- سُو (Si Su) يَتُو جا بہ عدد ڏيکارين ٿا تہ اهو ٻِتو ڏک هو. اُهي ڄمڻ کان ٻارهين ڏينهن پرلوڪ پڌاري ويا هئا ۽ تنهنڪري مٿن ڪي نالا ڪو نہ رکيا ويا هئا. يَتُو لفظ ۾ هنر رکيل آهي جنهن مان پتو پوي ٿو تہ اهي يادَوَ ڪُلَ سان لاڳاپيل هئا. سندن تعلق ڪنهن شاهي گهراڻي سان هو تنهن جو پتو بہ پئجي ڪو نہ ٿو سگهي، ڇاڪاڻ يادَوَن جي حڪمرانيءَ جي حدن اندر ڪيترن عام ماڻهن جون مُهرون لڌل آهن.



54. *Bha Adra Shaṭ Papa Pañch Pa*
*Baha Adri Sat Pañchatam Apah*
(*At top : Vimana*)

54ـ پڙهڻي: ڀَ اَدِرَ شَٽي پَپ پَنَچ پَ

ڀدرَ سَت پَپ پَنچهِہَ ڀَدرشَت پَپ پَنچَت اَپَهہَ

معنيٰ: ڀَدَر گهراڻي جي پنچال جي راجا جا ڇهہ ٻار

تبصرو: هن مُهر ۾ ڪنهن جو نالو ڪو نہ آهي، پر مُهر واري ماڻهوءَ جي پيءُ جو نالو ۽ ذات ڏيکاري وئي آهي. لفظُ پنهنجي اصلي شڪل ۾ شَٽ (Shat) ڇَهہَ آهي پر سَت (Sat) "سُنو" ڪو نہ آهي. هتي پَپ جو لفظ نظر اچي ٿو جنهن جي معنيٰ "پيار" بہ آهي. پر ٻالَڪُ (Babe) نہ. ممڪن ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هيءَ مهر جنگ کان پوءِ واري دور سان تعلق رکي ٿي، جنهن ۾ هڪ پيءَ جا ڇهہ ٻار پنهنجي زندگي وڃائي ويٺا آهن ۽ اُهو سندن مرتئي جي ڏک ۾ بيحال آهي. انهن جي وفات ڪري پيءُ جي سورن جو سَنڌو "پَنچَتَم" لفظ مان لڳائي سگهجي ٿو. سندس نالو ڀَدر بہ ٿي سگهي ٿو جيڪو ڀَدريا ڪشتري نيات سان لاڳاپيل آهي. ڪم آندل لفظ ڀَهَدر آهي جيڪو پڻ انهيءَ لفظ مان نڪيل آهي. هتَ سان ٿيل لکت جو ڳوڙهو مطالعو ڪبو تہ زمان ۽ مڪان بابت ڪي اُهڃاڻ ضرور ملي ويندا.

"اَپَهہَ" سان هيءُ جملو مڪمل ٿي وڃي ٿو پر اهو واحد صيغو آهي.



55. *ATha* *Ha* A. (*Athah*) Or B. (*Athah*)

*ATha* *Ha*

(*A*) 1. *Atha, The Editor of Atharvan Veda*

2. *Atharvan Jaradustra, the Prophet of Persia*

(*B*) 3. *The Practitioners of Atharvan Veda, i.e., Nāgās*

4. *The Persian Community*

55ـ پڙهڻي = اَ ٿَ هـَ اَ

(1) اَٿَهـ = اٿروَن ويد جو مرتب

(2) اَٿروَن جَرَ دُستر – ايران جو نبي

(3) اٿرون ويد جا پوئلڳ – ناگا لوڪ

(4) ايران جا رهاڪو

تبصرو: پهرين معنيٰ تہ بلڪل چٽي آهي. اٿروَن ويد پوئين دور سان واسطو رکي ٿو. هي اهو پهريون ويد آهي، جو ڪنهن ماڻهوءَ جي نالي پٺيان سڏيو ويندو آهي. هن مثان لکيل اکر اهڙا آهن جن جو ڪجهہ حصو پڙهي سگهجي ٿو جيڪي هي آهن "ڀَگَ اَسَٿَ (Bagh Asatha) " پويان ٿي اکر فونيشين "الف، ب" سان واسطو رکن ٿا. جيڪڏهن هي لفظ "ڀگ پُٿُ اَسٿ" جي معنيٰ ڏيکارين ٿا، تہ پوءِ اسان کي "اٿس" (A thas) جي اڳواڻ جي نالي جو پتو پئجي وڃي ٿو جنهن هيءَ ڌرمي رسم ادا ڪئي هئي. يا وري اسان جا پاڳ پلا آهن، جو اسان کي هن ذريعي سان آٿر وَن ويد جي مرتب جي نالي جي سُڌس پئجي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ اَسيت ارجن جو سهيوڳي ضرور هو پر تن ڏينهين ارجن عمر ۾ ننڍو ۽ اسيت جهونڙو ٿي چڪو هو. هي ڀَگ پانڊون جو همعصر هو، ڪيس وياس جي چيلن وٽان اُتساهہ مليو هو. پاڻ شُودَر يا پنچم رِشي هو. هن عام ماڻهن ۾ ڪم ايندڙ منتر ميڙي چونڊي هڪ جائتا ڪيا هئا. هن انهن کي لکيو ۽ ياد بہ ڪيو هو. وياس جي چيلن جيان هن تيار ڪري اهو ويد پنهنجي گرو – پيءَ نالي اَرپيو هوندو. يعني "اَ ِسِيت وَرن ويد"، پر ويد جو مواد (ڪارو جادو) ۽ ان جو نالو (اَسيتُ = ڪارو) لاشعوري طور تي هڪ خوفائتي شيءِ نظر اچي ٿي. تنهنڪري ان تي جلد ئي اٿروَن نالو رکيو ويو ٿو پائجي. لکت جو نمونو يادوَ ورشني دور کان پوءِ جو آهي ۽ سادو آهي. ساري مُهر ۾ گهوڙي جي تصوير تي مِينُ اهڙيءَ ريت چاڙهيو ويو آهي، جنهن مان ڪاراڻ جو تاثر پيو ملي. سندس اهڙي نزاڪت هن کي صحيح عهد وار دور ۾ بيهاري ڇڏي ٿي، يعني سنڌو سپيتا سان، پر گهڻو پوئين دور سان ٿي سگهي ٿو تہ اهو پانڊوَن جو پويون دور يعني پريڪشت وارو سمو هو. اسين مٿي اهڙو ذڪر ڪري آيا آهيون، تہ ڪيئن تَڪشَڪ جا قاتِلَ اٿروَن جي پانڪن جي ويس ۾ وٽس پهتا هئا. پريڪشت کي ناگن جي اتحاد جو شڪ ٿيو هو تہ سندس موت لاءِ سازش سٽي وئي هئي (وڌيڪ لاءِ ڏسندا مهر نمبر 48 تي تبصرو).

جَرَدُستر (Jaradustra) جي ميلَ لاءِ مکيہ اعتراض اهو آهي تہ هي ماڻهو ڪاري جادوءَ جي سخت خلاف هو ۽ اِسپينت (Spenta) (اسپنڊي Spande) نظريي جو حامي هو. مُهر جي عالمن جو ويچار آهي تہ سندس تعلق ڇهين صديءَ سان آهي. هندستان جا عالم، جيئن جتيندر موهن چٽرجي هن کي 1500 ق.م جو سمجهي ٿو. پويون نقطي نظر گهٽي کوجنا لهڻي ٿو ۽ اُن شاهديءَ واسطي هن مُهر کي پيش ڪري سگهجي ٿو. اسان کي ايراني قدامت جي ڄاڻ ڪا نہ آهي، تنهنڪري هي ڪم اِيراني عالمن لاءِ ڇڏي ڏيون ٿا.

جمع وارو صيغو گهڻو مونجهارو پيدا ڪري ٿو. اِن مان اسان کي ان تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي، تہ اٿروَن ويد جو هڪ ئي دورَ جي نظام سان واسطو آهي، ان لاءِ هن مُهر سان لاڳاپيل رسم جي ادائگيءَ جو ئي واسطو آهي.



56. *Baka Pa Shaida Pih I Tri-I S*

(*A*) *Bakapa Shaida Paha I Tri-I Sa* (*Baka of Nishadas, A Monarch*)

(*B*) *Changing Syntax* : *Baka Pashaida Pahi Trayyasa* : *Save Me, Cannibal Baka, Eater of Three* (*Men At A Time*)

56_ پڙهڻي: بَڪَ پ شَئدَ پِهِہ اَ تِري اِ سَ

(الف) بَڪَپ شَئدَ پَهہ اَ تِرِي اِ س

نشد جو بڪ، هڪ راجا

(ب) بڪ پَشد پَهِي تِرِيَس آدمخورَ مون کي بچاءِ

بڪ، جنهن ٽن ماڻهن کي هڪ ويلي تي کاڌو.

تبصرو: يوڳ چرچي جو معاملو گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي، بڪ کي لپيڪارن جي شرارتن جي کُڙڪ پئجي وئي آهي يا ايڪچَڪرا شهر جي ڪنهن ماڻهوءَ ڪيس لپيڪارن جي شرارتن بابت ٻڌايو آهي. ڪاوڙ سندس ڪنڌي تي چڙهيل پائنجي ٽي. چاڪاڻ تہ سندس نالو پَڪُ آهي بَڪُ نہ آهي. سندس خيال هو تہ جيڪڏهن سندس نالو غلط هِجي سان لکيو ويندو تہ قربانيءَ ۾ ڏنيون ويندڙ شيون اڳئين جهان ۾ ڪيس ڪيئن سجاڻي سگهنديون. تنهنڪري هن اها تيار ٿيل مُهر واپس ڪري چڏي، يا ان جو معاوضو ادا ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. تنهنڪري لپيڪار اها مُهر اڏ ۾ ڇڏي ڏني آهي ۽ مٿان مينُ بہ ڪو نہ ڪيو آٽائين. هن ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجائش ڪا نہ آهي، تہ لپيڪار هُن سان تمام گهڻو يوڳ چرچو ڪندا هئا. بَڪ راجا ڪو نہ هو تنهن هوندي بہ لپيڪار مذاق ۾ هن کي پَترِشِ (Patrish) (پتشھ= پَدَ جو راجا) لکندو هو. اُن جا ارادا اچا بہ وڏيڪ شرير هئا. سنڌو – لکت ۾ ڪامائن استعمال ڪرڻ جو رواج ڪو نہ هوندو هو (سنسڪرت ۾ بہ اها ڳالهہ نظر اچي ٿي) صرف نحو جي منجهي پوڻ ڪري صورتخطيءَ ۾ گهڻا يوڳ چرچا لڪجي پوندا هئا. پر هي لپيڪار تہ ماڳهين ليڪا ئي لتاڙي ويو هو. هن رڳو اهو نہ لکيو تہ بَڪَ هڪ ويلي تي ٽي ماڻهو کاڌا، پر هن اُنهن ماڻهن کي گهوڙي جي پٺيءَ تي سوار ٿيل بہ ڏيکاريو. (اَشوا ميڌَ جي ڌرمي رسم مطابق تصوير ۾ گهوڙو بهشت ڏانهن ويندي ڏيکاريو ويندو هو). بَڪُ جيڪڏهن تحرير پڙهي ڪو نہ ٿي سگهيو تہ تصوير کي تہ سمجهي سگهيو ٿي. اها ٺٺول ۽ ڏَنَڪَ عام هئي ۽ بڪ جي ڪنن تائين بہ ضرور پهتي هوندي. تنهنڪري هو اهڙي ٺٺول سهي ڪو نہ سگهيو ۽ مُهر کي روڪي ڇڏيائين. تنهنڪري اها اڏ ۾ ڇڏي وئي ۽ لپيڪار جي هٽ ۾ پئي رهي، جيڪا پوءِ وياس جي لئبريءَ ۾ پهچي وئي. (ڏسندا بَڪَ جون ٻيون نمبر 45 ۽ 52 مهرون).

سڀ کان دلچسپ نشاني اَئبہَ (Aiba) واري آهي، جيڪا سَ (Sa) مٿان نظر اچي ٿي ۽ نَپي سان نَپيلَ بہ آهي. بعد ۾ بَ (ba) جي اکر کي ڍاهيو ويو آهي، پر لپيڪار جي اِن ڪم کي بہ اڏ ۾ روڪيو ويل ٿو پائنجي.



57. *Pya 'Sai Yya A Ta......*
*Paya* (*Two letters broken*)
**Parashaita (Son of Pṛshat)**

57۔ پڙهڻي: پِيا (پَيِءَ) سَئِييہ اَتَ
پَرَشَئت (پِرشَتَ جو پٽ)

تبصرو: مُهرَ تي حالتن مطابق، پيءُ جو نالو ڏيکاريَلُ آهي. هيءُ پِرشَتَ جي پٽ جو نالو دِرُوپَدُ هو جيڪو پنچال جو راجا ۽ پانڊوَن جو سهرو هو. پِرشَت جي وفات کان پوءِ هو پنچال جي راڄگديءَ تي ويٺو. اها هڪ حقيقت آهي تہ هن پنهنجي دور ۾ اُتر پَنچال جي راڄڌاني ڪامپِليہَ کي ڇڏي ڏکڻ پَنچال جي اَهِيڇَتر (Ahicehatra) ۾ پنهنجو مرڪز قائم ڪيو هو. هن کي اهڙي قسم جي قبضي ڪرڻ جو هڪ سبب بہ هو. ڪنهن زماني ۾ ڏکڻ پنچال تي هڪ ٻئي راجا دنگو ڄمائي ورتو هو. پر دهليءَ جي راجا ان کي تخت تان لاهي، قتل ڪري ڇڏيو هو. چاڪاڻ تہ هِن علائقي تي قبضي ڪرڻ جي سندس پنهنجي مرضي هئي. پر دِرُوپَد جي قبضي ٿيڻ کان پوءِ اُن جي اها خواهش اڻ پوري رهجي وئي. تنهنڪري اهڙا ٻيا دعويدار بہ مايوس ٿي ويا. اُنهن دِرُوپَد جو نالو تہ ڊاهي ڇڏيو. پر سندس پيءُ جي نالي کي باقي رهڻ ڏنو آهي، چاڪاڻ تہ هو ڏکڻ پنچال جي پاڙيسري لاڳاپن کان بہ باخبر هئا.



58. *Papa Pay Ha Pahaga Ggahayo Yi Papa Payhapahaga Gchayoyi*
**The Babe who Asked for Drink (Suck), but Passed Away.**

58۔ پڙهڻي: پَپ پَيءَ هہَ پَهَگَ گگَهيو يي پَپُ پيهَپَهگَ گَهيو
معنيٰ: هڪ ٻار جنهن ٿڄ ڏائڻ جي ڪئي، پر گذاري ويو.

تبصرو: هيءُ مُهر ڪنهن ننڍڙي ٻار جي موت تي ٿيل ڌرمي رسم سان تعلق رکي ٿي. سندس موت نالي رکڻ کان اڳ واقع ٿيو هو. امڪان آهي تہ سندس ماءُ لپيڪار کي ائين لکڻ لاءِ چيو هوندو تہ "هو ماءُ جي ٿڄ گُهرڻ ۾ ملڻ کان پهريائين وفات ڪري ويو."

ڊاڪٽر راءُ پنهنجي تصنيف "Language and Writing of the Indus Valley People" ۾ ايہَ (Ay) نشانيءَ کي بلڪل صحيح لکيو آهي، جيڪا پَ نشانيءَ ۾ اندر ڏسجي ٿي ۽ پوئين دور جي هڙاپا (سنڌُو) لکت سان واسطو رکي ٿي. مُهر جي بناوت ۽ اکرن جي طرز مان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ ان جو تعلق وِرشي دَورَ سان آهي. گهوڙي جي پيٽ تي وِمانَ جو نشان آهي. ان کي سَعيو ڪري اهڙيءَ ريت ٺاهيو ويو آهي، جو جڻ وِرشني چَڪرُ پيو نظر اچي. سندس ران تي سَ (sa) يا پَ (P) جهڙي هڪ وريل نشاني آهي، پر پوئين نشاني چٽي ڪا نہ آهي. گهوڙي تي ٻين يادوَ خاندان جي مُهرن جيان هڪ سڱو بہ نڪتل آهي.




59. *Pata Pra...(broken)* : *Pata Pra—*

**Not communicative enough in the present broken condition. It merely means King Pra—**

59_ پڙهڻي: پَٽَ پِرَ (پڳل): پَٽَ پِرَ = معنيٰ راجا پِرُ (اکر پڳل آهي) تنهنڪري چٽائي ڪا نہ اٿس. ان جو مفهوم پِرُ راجا (King Pra) آهي.




**60. (*Krimi*) *Dwara Ka A'Sai Kka Yi*: (*Krimi*) *Dwaraka Ashaiyikkayi a***

**Doorkeeper of (the Palace of) Krivis, For a (Certain) Wish**

60_ پڙهڻي: (ڪِرمي) دَوَر ڪَ اَ سئي ڪِڪَ يِي

(ڪِرمِ) دَوارِڪا اَشَئڪَيِيَ

ڪِروي (جي شاهي محلات) جو دَرواڻ (دربان) ڪنهن خواهش لاءِ.

تبصرو: هيءَ جادوءَ ۾ ٿوٽي ڦيٽي سان لاڳاپيل هڪ لکت آهي، شايد قرباني ڪرڻ واري جي پنهنجي ڪنهن دشمن کي مارڻ يا هاجي رسائڻ جي نيت آهي. سندس ويريءَ جو نالو وِرش جي ويجهو معلوم ٿئي ٿو. امڪان آهي تہ هو کيس وِڇون سمجهندو هو. هِن اِن نشانيءَ کي گهوڙي جي ران وٽ لکرايو آهي، جنهن مان اهو اشارو ملي ٿو تہ هو پنهنجي ويريءَ کي جلديءَ ۾ اڳئين جهان ڏانهن روانو ڪرڻ چاهي ٿو. يعني اوڏانهن جيڏانهن ان گهوڙي کي وڃڻو آهي، پر هو اِن ڳالهہ تي بہ راضي آهي تہ سندس دشمن ڪيڏانهن بہ هليو وڃي. هن رَسيءَ کي سِرڪڻ ڦاهي جيان ٺاهيو آهي، جا هاٿيءَ جي سونڊ بہ ٿي سگهي ٿي. وچ تي مَڇيءَ جهڙي نشاني آهي، جنهن مان اشارو ملي ٿو تہ کيس ٻوڙيو ۾ مڇين جو کاج بڻايو وڃي. ران واري هڏي تي وڻ جهڙي نشاني آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هُن کي ڪنهن گهاٽي واري هَندَ ڏانهن روانو ڪيو وڃي. پيالو هڪ پاسي جهڪيل ڏسجي ٿو. جنهن مان معلوم ٿئي تہ قربانيءَ واري جي خواهش آهي تہ اُن جي زندگيءَ جو پاٽي هاريو وڃي. اهو بہ واضح طور معلوم ٿئي ٿو تہ اُهو درواڻ (دربان) ڪِروي گهراڻي جو آهي. ڇاڪاڻ تہ سندس نالو اهڙيءَ تصويري نشانيءَ سان شروع ٿئي ٿو. گهوڙي جي ڳچيءَ وٽ پَٽا سِرڪڻ ڦاهيءَ جيان گُهٽيل ڏسجن ٿا. اها تڙ پيڙ بہ سمجهہ ۾ اچڻ جوڳي آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اها خواهش ضرور پوري ٿئي، پر خواهش ڪرڻ واري جو نالو ظاهر نہ ٿئي. اِن جو مطلب بدنام ٿيڻ نہ هو پر سندس ارادو آهي تہ قربانيءَ جا ديوتا خواهش پوري ڪن، پر نالي کان اَڻ ڄاتل رهن.




61. *Paraka an Shaha* : (*Paraka An'saha*)*|Ka'sapa Jasah*

**An'sa, the son of Puruhotra/Ya'sa, son of Ka'supa the King**

61ـ پڑھڻي: پِرَڪَ اَن شَهَ (پرڪ اَن سَهَ) ڪَئَسَپَ جَسَهَ
معنيٰ: آنس پُٽ پِرُو هوترا/يا يَئَس پُٽ ڪَسپَ راجا.
تبصرو: اهي ٻئي سمجهاڻيون پُراڻن ۾ موجود آهن. جڏهن ورمي هنن کي ڪورو هوتر (Kuru hotra) ۽ آنو (Anu) ٻـ چيو ويو آهي. ٻنهي جي نالن کي آمَوَسُو ٻيو. ڪُشيهُ وَسُو يَشُو وُسُو ٻـ سڏيو ويو آهي. سندس تعلق ڪنيا ڪُبجَ سان هو. ٻئي ڪي مشهور معروف ڪو نـ هئا، پر خاص طور تي ٻِياڻيءَ جو پُٽ آنو ٻـ تـ غير معروف ماڻهو هو. انهن جو واسطو ڪنهن پوئين دور سان آهي. 62، 63 ۽ 64 مُهرون ٻـ صفا پڳل آهن.




65. *Ha Pau Ru Ka A Shae Shi Ka Trasa Dta* : (*Ha Pauruka Ashaeshika Trasadta*)
(a) *Trasadta* (*Trasadasyu*), *seeking the Blessings of the Said-to-have-Lived Purukutsa*
(b) *Trasadasyu, Said to have been Son of Purukutsa, Seeking Blessings.*

65ـ پڑھڻي: هَـ پَو رُو ڪَ اَ شَي، شِي ڪَ تِرَ سَ دَت (هـ پورُوڪ اَشَئشيڪ تِرسَدِتـ)
(الف) تِرسَدِتـ (تِرَسَدَسِيُو) پَورُو ڪوتَس جو دعاگو جو ڪاش زنده هجي ها.
(ب) تِرَسَدِسِيُو جنهن کي پورُوڪوتس جو پٽ چيو وڃي ٿو شال زنده هجي.
تبصرو: پڑھڻيون گهڻي قدر ساڳيون آهن. پر ٻئي نمبر واري جوڙجڪ وڌيڪ مناسب لڳي ٿي. پهرينءَ پڑھڻيءَ کي ٻـ امڪانن کان خارج ڪري ڪو نـ ٿو سگهجي. ٻَئي حقيقتون ڏکوئيندڙ ۽ ڪوڙيون آهن. ترسدسِيُو پنهنجي پيءُ جو منهن ڏسي نـ سگهيو هو. ان کان پوءِ کيس اهي طعنا ۽ مهڻا ڏنا ويندا هئا تـ هو هڪ حرامي ٻار آهي. سندس ماءُ پورُو ڳتسني، پترَ ڳنيا هئي. معنيٰ تـ پَورُو ڪوتس جي پيڻ ٻـ هئي. هُن پَورُو ڪوتَس جي گهڻي عرصي جي غير موجودگيءَ ڪري سَمهـ (Samha) يا سِمهـ (Simha) سان نيوڳ ڪيو هو جنهن جو ذڪر مٿي ٻـ اچي ويو. تنهنڪري سندس ماءُ پُڦي ٻـ هئي. اهڙيءَ ريت هو نـ اُن سان ماءُ جي پٽ جيئن محبت ڪري سگهندو نـ اُن کي ڏڪاري ئي سگهندو هو. جو حقيقت کي بدلائي ٻـ نـ سگهندو هو ۽ نـ ڪنهن کي پنهنجو ئي ڪري سگهندو هو. سندس زندگي قربانيون ادا ڪندي گذري وئي (ڏسندا تِرسدسِيُو جون ٻيون نمبر 3، 19 ۽ 25 مُهرون) جيڪڏهن پهرين سمجهاڻي صحيح آهي تـ اهو موقعو "شرڌا" جو آهي، پر هو ان هوندي سمجهي ٿو تـ "پَورُو ڪوتَس" سندس پيءُ نـ آهي ۽ ٻي تـ هڪ وڌيڪ عام قسم جي سمجهاڻي آهي. ٻنهي حالتن ۾ سندس دل اندر لڪل ڏکَ سورَ ظاهر ٿي پون ٿا. جيڪڏهن هن لقاءَ کي اسين ڏينهن رات جو هڪ ڏيک ئي تصور ڪريون، تـ اسين اندازو ڪري سگهون ٿا تـ اهو منظر ديوداس جي بنديخاني مان سندس آزاد ٿيڻ کان پوءِ جو واقعو آهي. رگويد ۾ هڪ شلوڪ آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي دشمن کي ٻاڏائي ٿو تـ هو تخت جي جانشين طور پنهنجي پيءُ دَو رگهَـَ (Daurgaha) کان نـ نفرت ٿو ڪري ۽ نـ وري پاڻ کي سندس پٽ ئي تصور ڪري ٿو.

هن جي نقطي نگاهـ کان هيءَ سَو مُهرن مان هڪ تمام اعليٰ قسم جي آهي. هن جي دل جي حالت مان ائين لڳي ٿو، تـ هو جانورن ۾ جيتن سان هوا ۾ رات جو پيش قدمي ڪري رهيو آهي. هتي گرامر جي نقطي نظر کان هـَ (ha) جو استعمال ڏسجي ٿو. جنهن مان ماضي بعيد کي صفتي حالتن ۾ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. لفظ هي نظر ٿا اچن: "چيو وڃي ٿو تـ هو رهندو هو". هن پنهنجو پيءُ تـ ڏٺو ئي ڪو نـ هو. ترسَدِسيُو شلوڪَ ٻـ جوڙيندو هو. هيٺ اسان سندس شلوڪ ڏئي رهيا

آهيون. جيڪي رگويد ۾ شامل آهن. جن مان ٻه شلوڪ سندس اَڻ-ڇتي مائٽاٽي حيثيت ۾ هڪ بنديخاني مان سندس واپسيءَ سان واسطو رکي ٿو. اهي ترسدسيو پاڻ لکيا هئا.

هينيان شلوڪ ڪوتَس (Kutas) جا آهن (هيءُ پُورُو ڪوتَس نه پر ڪو ٻيو ماڻهو آهي) جن ۾ ترسدسيو جي ديوداس جي بنديخاني مان آزاد ٿيڻ جو ذڪر آهي. هي ترسدسيو جي راڪشس دوست، سَمبَرَ (Sambara) جو بيان ڪو نه ٿو ڪري، جيڪو هلندي جهيڙي ۾ پڙ تي پرزا ٿيو هو. اها ويڙهاند قلعي جي دروازن ڀڃڻ ڪان پوءِ لڳي هئي.

واسديوَ هن حقيقت ڪي اظهاريو آهي ته ترسدسيو برهمڻن کي سوکڙيون پاکڙيون ۾ انعام اڪرام ڏئي نيم تاريخي حيثيت اختيار ڪري ويو. سندس مائٽاٽي نُک به ماڻهن کان وسري وئي هئي. پر هو پنهنجي ڌرتيءَ جي برهمڻن جو ڪو به ڌيان ڪو نه ڪندو هو. ليڪن آنگيرس (ناگ) برهمڻن کي ڏاڍو نوازيندو هو.

شلوڪن جو ترجمو:

(i) جڏهن منهنجو (جا) معزز مائٽُ (ٿَ) بنديخاني ۾ هو (هئا) ته ستن تارن رشين جي ميڙاڪي (مون کي) جنم ڏنو. ترسدسيوُ نه اِندَرُ (Indra) آهي نه جئن وِريتسُن (Vritas) مان هڪُ، پر هڪ نيم ديوتا (dami-god) آهي.

(ii) اي اندُرَ ۽ ويرونا، پورُوُ ڪوتِسنِي (منهنجي ماءُ) توهان جون عبادتون ۽ رياضتون ڪري توهان کي خوش ڪيو ۽ توهان اُن کي راجا ترسدسيو ڏنو جيڪو وِريتَرَ ماريندڙ ۽ نيم ديوتا آهي.

(iii) مان اِندر ۽ ويرونا آهيان. جڏهن هيءُ هيڏو سارو جڳ هڪ گهَرَي اونداهيءَ ۾ ٻڏي ويو ته مون اڪيلي سر تَوَ شتر (Tvashtra) کي پسند ڪيو. مون کي سارن جهانن جي چاڻ هئي، مان ان ۾ ترتيب ۽ تنظيم پيدا ڪئي، مان هيءَ ڌرتي ۽ سُرڳ (پنهنجن ڪلهن تي) کڻي بيٺو آهيان.

هي سڀ مون جوڙيو آهي. ائين نه سمجهو ته مون کي ٻين جي بچاءَ يا پناهه جي ضرورت آهي. ڪير به مون کان وڌو ڪو نه آهي، مان بي مثال آهيان. جڏهن چنڊ غير محدود اونداهيءَ ۾ ٻڏي ويندو آهي تڏهن (چمڪڻ لاءِ) مون کان ڪِرڻا اُڌارا وٺندو آهي.

ڪوتَس جو شلوڪ: او اَشوِن (Aswins) جڏهن قلعا ٽوڙيا ويا ته تو ترسدسيو جو بچاءُ ڪيو. تون هاٿي وري به اُنهن بچاءَ ڏيندڙ هٿيارن سان گڏ اچ.

واسديوَ جو شلوڪ: مون کي يعني آنگيرس جي پٽ کي (فقط) پُورُو ڪوتَس جي پٽ ترسدسيوُ سون ڏنو. (وڌيڪ لاءِ ڏسندا مهر نمبر 73 ۾ بلومفيلڊ Bloomfield جي شاهديءَ تي تبصرو)



66. *Haha I (yy) A Paha A Shai*
*A Dah Sat Dwa Jit*
*Sat Ai*

*Hahaiyyapaha Ashaiyyadaha Sasdi Jit*
*Hahaiyyapaha Ashaiyyadaha 'Satajit*
*(Also, Dah can be read as Dha)*

66_ پڙهڻي: هَهَ اَيِيه. ڦَهَ ا َ شتي
ا دهه ستَ دوَ جيت
ست ا ئي
ههيه پَهَ اشئيدَهَ ستجِيتَ

معنيٰ: راجا هئهيہ جنهن سٺ گهوڙن جي قرباني ڪئي، پنهنجي خاص خواهش جي پوري ٿيڻ لاءِ (اَدَ اَپَٽَ) يا ستجيتُ، جيڪو راجا هيهيہ جي خوشنوديءَ جو طلبگار آهي.

اسين آخري ڪان ٻئي اکر جي اَئي (Ai) پڙهڻي صحيح ڪونہ ٿا سمجهون پر ان کي ڊِي (Di) سمجهون ٿا. پر سَتجيتُ اُهو آهي جنهن جو ذڪر نہ ڪجي تہ بهتر آهي. پر ايندڙ نتيجن واسطي ان جو ذڪر ڪري وينا آهيون. ان جي پڙهڻيءَ جو دارومدار برهمي اَ (A) تي آهي. پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ ان کي وڏو معاملو نہ سمجهن.

ترجمو: ڪو بہ راجا سٺ گهوڙا قربان تڏهن ڪندو، جڏهن هو پنهنجي ڪنهن وڏي خواهش جي پوري ٿيڻ جي تمنا ڪندو هوندو. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ اها قرباني هڪ عام قسم جي ثواب حاصل ڪرڻ واسطي ڪا نہ ڪئي وئي هوندي ۽ اهڙن امڪانن کي خارج ڪرڻ گهرجي. ائشئشد (Aishaishada) جي ممڪن معنيٰ "آشا" (Asha) جي تمنا. بيو ترجمو هن فقري جي قريب آهي. اهو بہ اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ هن اَهِيڇَترَ (Ahicehatra) جي بادشاهت قائم ڪرڻ واسطي ايڏي وڏي قرباني ڏني هجي. پر اهڙي واقعي جو ڪٿي بہ ذڪر نظر ڪونہ ٿو اچي. هيهيہ، سَتَجيتَ جو ٽن مان ننڍي ۾ ننڍو پٽ هو پر هي اُهو ماڻهو هو جنهن هيهيہ جي حڪمران گهراڻي جو پايو وڌو. ٻي امڪاني پڙهڻي هيءَ بہ ٿي سگهي ٿي تہ هيئهيہ اَئشَئشَد سَتجيتُ يعني ستجيت هئهيہ جي رحم جو تمنائي آهي. ستجيتُ هَئَهَيہ جو پوٽو ۽ سَهسَرجيتَ جو پٽ هو. اهي قديم زماني جا راجا هئا. اسان کي اهو بہ سمجهڻ کپي تہ برهمي (اَ) جهڙو ڪو اکر قديم سنڌو لکت ۾ بہ موجود هو. هتي ان جي پڙهڻي ستيہ (Satya) يا ين (yan) سان سَنڌي (Sandhi) يا ستءِ Satai ٿي سگهي ٿي. "هئهيہ جي دُعائن سان حاصل ڪيل" جي پڙهڻيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اها ننڍڙي ستيہ جيت جي نالي رکڻ واري رسم هئي، جيڪا ادا ڪئي ويئي هئي. لکت ۾ ٽي مَچيون انهيءَ ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪن ٿيون.

اسين ٽينءَ پڙهڻيءَ جي پنيرائي انهيءَ ڪري ڪريون ٿا، جو اها هڪ فطري ڳالهہ آهي، جو ان نالي جي هِجي "ستيہ جيت" يا "ست جيت" هجي. هي نالو يا تہ قرباني ڏيڻ واري جو آهي يا ان ننڍڙي ٻار جو آهي، جنهن تي نالي رکڻ جي مقصد لاءِ اها رسم ادا ڪئي وئي هئي. مُهر ۾ جاءِ گهٽ هجڻ ڪري اکر ننڍڙا لکيا ويا آهن. ڪِيٿ پنهنجي ڪتاب "رليجن ائنڊ فلاسافي آف دي ويد" (ص 366) تي لکي ٿو تہ شَشِٽي (Shashthi) ديويءَ کي پيٽا ڏيڻ رسم آهي ۽ هن ديويءَ جو ٻيو نالو شِري (Sri) بہ هوندو هو. نظر ائين ٿو اچي تہ اها سَٺ گهوڙن واري قربانيءَ واري رسم ڪا نہ آهي پر شَشٽِي ديويءَ کي پيٽا ڏيڻ واري رسم آهي. ڪِيٿ هئهيہ کي ڪنهن پوئين دور سان ڳنڍي ٿو. پر حقيقت ۾ هيءُ راجا قديم دور سان واسطو رکي ٿو. هيءَ رسم مهانگي هئي، تنهنڪري اهڙي قرباني تمام گهٽ ڪئي ويندي هئي. تنهنڪري اها ٻناڪ هئين وڃي ٿي،" اهو جنهن سَٺ گهوڙن جي قربانيءَ جي رسم ادا ڪئي."



67. *Atha Rvasha Ppa Raha (the last A acts as single vrddhi sign).*

1. *Atharvasha Paraha*
2. *Tharvasha Pparah*
3. *Atharvasha Parhasha (Taking into account the thin Sha at end or Rha)*
   *Parshaha*
4. *Tha A Vrsha Ppa Raha*

اٿ روش پپ رهَ (آخري اَ اڪيلي ورڌي نشاني آهي)

67_ پڙهڻي (1) اٿر وَش پَرَهَ

(2) تروَس پپَرهہ

(3) اٿروَش پرهش يا پرشهہ

(4) ٿَ آ ورش پپَ رَهہَ

ترجمو:

(1) اٿروَش (آٿَر وَشِيرَس (Atharvashirasa) پَرا سَرا

(2) تَروَسُو (Turvasu) جيڪو پُورُو رَوَ جي پُٽ مان هو.

(3) اٿر وَش – ايران جو هو ۽ پَراَسَر جو چيلو هو.

(4) آٿو رَش (رِشي)

(5) ٿ (ي) اروس پپرهہ (سَٿَوِير رشي پر (سر)

تبصرو: جيڪڏهن ٽئين ۽ چوٿين نمبر واريون پڙهڻيون صحيح آهن، تہ پوءِ اسان کي آٿروَن جَرَدُشتَر جي مُهر جو هڪ جواز ملي ويجي ٿو. جَرَدُشتر سِفِتا (Sphita) بہ ڪوٺائيندو هو يعني اڇو سفيد. پَراسرن جي هڪ شاخ پاڻ کي "سيتا" (Seta) بہ سڏائيندي آهي. پوئين دور جي هڪ پراسر شاخ بہ آهي، جيڪا داستان گو هوندي هئي ۽ پاڻ کي گوَر وَتي (Gouravati) بہ سڏائيندي هئي. (يعني سفيد رستي وارا) ۽ ماڻهن جي اها جماعت ضرور ساڳي ئي هوندي. سِيتَ پُراسر جي اصلي فهرست ۾

سِروِستَيَنَ (Sravistayana) بہ جَردُشتَر جي ويجهو آهي. پر ٻيو نالو اِشِيڪ اَهستَ (Isheekahasta) جو مطلب بہ انهيءَ کان پري ڪو نہ آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ اهي ٻئي نالا هڪ ماڻهوءَ جَرَدُشتر جا آهن، پر چئن "انگن" کي پوري ڪرڻ واسطي ان جو ذڪر جدا جدا ڪيو ويو آهي، تنهنڪري ڪيترين هڪجهڙاين کي نظر انداز ڪري ڪو نہ ٿو سگهجي. هن کان علاوه هڪ پَراَسر کي "اَستدير" بہ ڪوٺيو ويو آهي، جنهن ڪري سڃاڻ اڃي ويجهي پهچي ٿي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هتي لپيڪار ٻٽو هُنر ڪتب آندو آهي. پهريون هن اَٿ–ٿ–ر لکيو آهي تہ ٻئي پاسي وري هڪ اَڻ لکي نموني سان سَ (sa) کي رهہ (Rha) جي مٿئين پاسي جوڙ ڪري ڇڏي ٿو. ٻي پڙهڻي هن کي مُهر تُروَسُ سان ڳنڍي ٿي. پهرين پڙهڻي عام آهي. اسين وڏيڪ اهميت 3–4 ۽ 5 پڙهڻيءَ کي ڏيون ٿا، ڇاڪاڻ پَراسُر ۽ جَرَدُشتر بہ گهٽا آهن ۽ اهي چيلن مان ڪي بہ ٿي سگهن ٿا. پَراسَر جي ساريءَ ڪُلَ کي هنن امڪانن کان خارج ڪري ڪو نہ ٿا سگهون، جن جو تعلق ايران سان هو ۽ هن ٻوليءَ کان پوريءَ ريت واقف هئا. پَرشَدَس (Parshadhas) بہ هند– ايراني ذات هئي. ڪرمي نشاني ساڄي طرف ۽ گهوڙي جي ڳچيءَ تي مٿي ڏسجي ٿي. جيڪا هن حقيقت جي پٺڀرائي ڪري ٿي ۽ ان سان گڏ واڊيل (Waddell) جي بہ تصديق ڪري ٿي.




68. (*Note:—This is a curse seal, and the letters are deliberately erased; hence, the reading can only be approximate*).
*Pa Da Tri Sha Pa Trishah* (*Padatri 'Sāpa Triśah*)
*Three Curses on the King/Three Curses on the Foot Soldier.*

هي هڪ پٽ واري مهر آهي.

68– پڙهڻي: پَ دَ ترِي شَ پَ ترِيشَهہَ (پدتري ساپ ترِيشَهہَ)

راجا تي لعنت/ ٽي لعنتون پيادل فوجيءَ تي.

تبصرو: گھوڙي مٿان ڪيترن ئي هٿيارن جا نشان ۽ زهريلن جيتن جون شڪليون آهن. ان جي پٺيان هَرُ بہ ڏسجي ٿو جيڪو هميشہ ڏسبو آهي. هن ڪان علاوه ڪي ٻيون ڳالهيون نظر ڪو نہ ٿيون اچن. اڪر سَعيو ڪري ڏاڍا ويا آهن. تاج گھوڙي جي پٺيءَ تي رکيل ڏسجي ٿو جنهن جي معنيٰ تہ راجا ڪي روانو ڪيو ويو آهي ۽ پيالو مٿان پرزا ٿيل نظر اچي ٿو. گھوڙي جي اک پوئتي ڏيکاري وئي آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ راجا ڪي پوئتي موٽي وڃڻ گھرجي، پر اها پڳ بہ محسوس ٿئي ٿي تنهنڪري هڪ فوجي سپاهي بہ ٿي سگھي ٿو.



69. *Dwaraka Ra Has S Raha*
*Sah*

1. *Dwārakarasahasrah*
2. *Dwāraka Rahassarah*

69_ پڙهڻي: دُوَرڪا رِهس س رَهَ
سهہ

(1) دوارڪر سَهَسَرَهہ

(2) دوارڪ رَهَسَرَهَ

ترجمو: (1) هڪ هزار واڍا (2) دوارڪا جا شهري

تبصرو: وڌيڪ ترجيح پهرينءَ پڙهڻيءَ کي ڏئي سگھجي ٿي. لڪت ۾ وڻ نظر اچي رهيا آهن، جن مان هڪ وڻ کي ڪپي رهيا آهن. هن ڪان علاوه يادن ۾ محفوظ ڪيترين مُهرون ۾ٽين معنائن واريون ڏسجن ٿيون. تنهنڪري پهرين پڙهڻيءَ جي سمجھاڻي هن ريت ٿي سگھي ٿي. "دوارڪا جا هڪ هزار واڍا" هن مان معلوم ائين ٿئي ٿو تہ واڍن جو اهو اتحاد (Guild) هو. اهڙي قسم جا اتحاد پوئين دور جي پٿر وارين مُهرن تي بہ لکيل نظر اچن ٿا. پر اهي ڪجھہ نِنڍڙيون آهن. جن تي سَوَ جو اتحاد (guild of hundred) لکيل نظر ايندو. معلوم ٿئي ٿو تہ اُن زماني ۾ دوارڪا جو وَڻج واپار دنيا جي گھڻن ملڪن سان هلندو هو. اُتان جا رهواسي سکيا ستابا هئا. ملڪ ۾ سُڪرُ ۽ سَوائِي هئي. مهاڀارت واري جنگ يادوَ ورشني کي گھڻو متاثر ڪو نہ ڪيو هو پر هن جنگ ڪين ڪي فائدا ڏنا هئا، جنهن جو ذڪر ياڳوت جي 11 اڌياءَ ۾ ڏسي سگھجي ٿو.



70 *Garuḍa (picto.) Ratrika Dwara Gaha Garuḍa Rātrika Dwāragaha Night Watchman, Garuḍa*

70_ پڙهڻي: گروڙ (تصوير) رَتريڪَ دُوار گَهَ= گرود راتريڪ دوارگَهَ

معنيٰ: رات جو پهريدار گِروڙ

تبصرو: هيءَ نهايت سهڻي مُهر آهي، جنهن کي پنهنجي فن جو هڪ نادر نمونو چئي سگھجي ٿو. ان کي ترسدسيوُ جي مُهر (نمبر 65) سان ڀيٽائي سگھجي ٿو. ذڪر ڪيل پهرينءَ مُهر وانگر هن مُهر جا اکر بہ مقرر وٿين ۽ وچوٿين ۾ لکيل ڏسجن ٿا. هن مُهر ۾ هڪ تصوراتي روشني ۽ اُوندهہ جو تاثر بہ ڏنو ويو آهي. "دوار" جا اکر ائين لکيل آهن جڻ تہ ڪو پهريدار خبردار لڳو بيٺو آهي. سندس هٿ ۾ ڪان ۽ ڪمان آهي. ڪيس اڳيان ۽ پٺيان ڪو اُڏڪو لڳل آهي. ڪنڌ ۾ هڪ سيچاڻي (باز)

جي تصويري لکت آهي، جنهن مان اڪيلائيءَ جو تاثر ملي ٿو. چوڌاري اُونده آهي ۽ اکر روشن آهن. جنهن مان تاثر (hawk) اهو ملي ٿو ته اها روشني ڪنهن بتيءَ جي آهي ۽ راتريڪ (Ratrika) لفظ ان جي نمائندگي ڪري ٿو.

خوبصورتيءَ جي هنن ڳالهين کان سواءِ وڌيڪ دلچسپ اشارو "رات جو پهريدار" به آهي. پُراڻن ۾ گرودا (Garuda) جو ڪرشڻ جي سواريءَ طور ذڪر اچي ٿو جيڪي پُراڻ هڪ هزار سال پوءِ لکيا ويا آهن. مهاڀارت جي آدي پروَن (Adi parvan) واري اَڻ سوچيل اَڻ سمجهيل مهم نظر اچي ٿي، جنهن جي نتيجن جي ڪا پرواه ڪا نه ڪئي وئي آهي پر السفاتي علم ۾ نقطي نظر کان ان جا اثر ڪجهه گهرا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ڏسجي ٿو ته هو سوني ڏاري هيٺئين جهان ڏانهن ڪٽي وڃي رهيو آهي،ڪيس واسوديو ڏرمي فرقي جي هڪ علامت سمجهيو ويندو آهي. گرودا جي هڪ اهم معنيٰ پهريدار به آهي ۽ اهڙا پوئين دور جا لفظ به ساڳيءَ پاڙ سان واسطو رکن ٿا. پر گرودا کي رات جو پهريدار به سمجهيو ويندو هو. تنهنڪري هن فقري جي معنيٰ ٿيندي "گرودا جي طبقي پاران رات جي پهريداري". پوئين دور ۾ گرو (ڳورو) يا گرُوتمن (garutman) معنيٰ ڳورو يا پرن وارو ماٺهو سي هن لفظ مان نڪتل آهن. گهوڙي جي جسم تي سَنک جو نشان آهي، جنهن مان پتو پوي ٿو ته اُن جو تعلق ورشنين سان هو ۽ مڇيءَ جهڙي نشانيءَ مان پتو پوي ٿو ته اُها جاءِ بندرگاه هئي يعني دوارڪا. تنهنڪري هن مان اسان کي پوئين دور جي گرودا واري ڏند ڪٿا جا اُهڃاڻ ملن ٿا. بين مُهرن جيان دوارڪ ۾ به هڪ هنر رکيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "دوارڪا" . گرودا جي معنيٰ عقاب به آهي، پر پُراڻن جي مولفن هن کي عجيب غريب معنيٰ ڏئي وشنو ديوتا جي سواريءَ جو مفهوم ڏئي ڇڏيو آهي.



71. *Pa Hahahak Sha*(*t*)*Pan*(*cha*) (*Cha*) *Tus Shaha*
**Reading : Paharakshat Pantushaha**

71_ پڙهڻي: پَ هَهَڪَ شَـ(ت) پَن (چ) تُس شَهَ
پَهَرَ ڪِشَت پَنتُشَهَ

تبصرو: پَريڪشِتِ جي نالي ۾ ٽن "هـ" جي موجودگي سمجهاڻ ڏاڍي ڏکي آهي، پر جيڪڏهن هُن جو صحيح نالو پَريَهَ رَڪشِت paryarkshit آهي، ته پوءِ ائين هجڻ ممڪن آهي. هي حسب نسب سان لاڳاپيل خاص هنر آهي، جنهن جو اشارو ڪنهن ويڙهو سَگهه ڏانهن آهي. هتي ڪاتب هڪ انگ لکي (الف) اِهو اشارو ڏنو آهي ته پانڊُو کي پنج پٽ هئا. (ب) پَريڪشِت پانڊون جي چوٿينءَ پيڙهيءَ مان هو. (ت) پنجن ليکن کي اهڙيءَ ريت گڏ ڪيو ويو آهي، جو انگريزي T اکر بڻجي پيو آهي. جنهن سان پريڪشت جو نالو مڪمل ٿي وڃي ٿو ۽ پنج انگ کي ڪو نقصان به ڪو نه ٿو ٿئي. (ٿ) هو اسان مان اها توقع رکي ٿو ته پنچ کي پن (pan) چَتُر (chatur) کي تُس (Tus) ۽ انهن (پن تُس) پَنتَس کي يعني "پانڊُوَ" ڪري پڙهيو وڃي.

لفظن جي هن ساري هُنر نالي ۾ پيءُ جي نالي کي منجهائي ڇڏيو آهي. فقط هڪ عَنصَر ڪري هن ڳالهه جي سچائيءَ جو جواز نظر اچي ٿو. پَريڪِشِت کي فقط هڪ ماڻهوءَ مان خطرو هو جيڪو اڪيلو ۽ پانڊوَ گهراڻي جو فرد هو. هن پنهنجي پروهتن کي تاڪيد ڪيو هوندو ته قربانيءَ جي انهيءَ رسم کي ڳجهو رکن ۽ انهيءَ لاءِ ڪو ڳجهو ڪوڊ (Code) ڪم آڻين.

هي ارجُن جو پوٽو ۽ اَڀِيمَنيءُ ۽ اُترا (uttara) جو پٽ هو. پَريکِشِت جي معنيٰ آهي ”وڃهي مائٽ کان ڏکايل“ پَري (Pari) کي خوشفهميءَ وچان وشنو چڪر سمجهيو ويو آهي. سمجهيو ويندو آهي ته جڏهن هو پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ هو ته ڪيس اُن بچايو هو. هڙاپا (سنڌو) — سيپيتا واري پوئين دور ۾ ڪاري جادوءَ جي توڻن ڦيڻن ۾ زهر کي وڏي اهميت هوندي هئي. ان قسم جي لاڙن کي تَڪشَڪ، پِپَلاد ۽ ٻين جي ڪيترين ئي مُهرن ۾ ڏسي سگهجي ٿو (پريڪشت جي موت ۽ تڪشڪ تي تبصري لاءِ ڏسندا تَڪشَڪ واري مُهر).



72. *Hahaha Pañchapa Pa Tra Pa Yi*

*Kra*

**Reading : Hahaha Pañchapapa T(K)Rapayitr**

72– پڙهڻي: هَهَـهَ پَنچَپَ پَ تِرَ پَ يِي

هَهَـهَ پَنچَپَ ته (ڪ) رَپيتِر

معنيٰ: هَهَـهَ (سَهَسِرا جن) جنهن پنهنجن پنجن پٽن کي راضي ڪري ورتو.

تبصرو: گهڻي سوچ ويچار ۽ مٿي ماريءَ کان پوءِ ڪا اطمينان جوڳي پڙهڻي معلوم ٿي سگهي آهي. هَهَـهَ سَهَسِرا، جي پراڪرتي شڪل صورت آهي. پارگٽر (ص 102) غير واضح نموني هن ريت لکيو آهي ته هيهيه گهراڻي ۾ پنج ذاتيون شامل آهن. پر اهو ڪو نه ٿو ٻڌائي ته اُهي ڪڏهن ۽ ڇا جي ڪري هڪ ٻئي کان ڌار ٿي ويون آهن. سهس راجن پنهنجي بهادريءَ ڪري گهڻي شهرت ماڻي هئي. هو گهريءَ سوچ جو ماڻهو به هو. دَتاتَرِيَہ جو چيلو هو. هو پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ افسانوي ڪردار بڻجي ويو هو. پر افسوس جو عام ٻوليءَ ۾ سندس نالو هَهَـهَ هو ۽ سندس واسطو به هئهيه پُٽ سان هو. هن پنهنجي ساري حڪومت پنهنجن پنجن پُٽن ۾ ورهائي ڇڏي هئي. اِن احسان جي بدلي اهي پنج ئي پاڻ کي سندس ئي نالي پٺيان هَهَـهَ سڏائڻ لڳا. پر هَهَـهَ صفتي نقطي نظر کان به هَئهَيَہ جي ويجهو آهي. اهڙيءَ ريت هئهَيہ لفظ جو ساڻن لڳاتار ڳنڍيو اچڻ، ڇڻ هڪ فطري عمل هو. هُن لاءِ ڪيتريون افسانوي ڳالهيون مشهور آهن. چيو ويندو آهي ته هو جائي ڄم کان اَپاهج هو پر ساري دنيا فتح ڪئي هئائين. هن جَمدَگنيءَ جي ڳئون چورائي هئي. پرسرام ڪيس قتل ڪري ڇڏيو هو ۽ پنجن کان سواءِ سندس ٻيا به ڪيئي پُٽ مري ويا . سندس زندگيءَ جي تفصيلن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن شهاب ثاقب جيان ڏاڍي تيز زندگي گذاري. هو هڪ انصاف پسند ۽ بهادر انسان هو. سندس حياتيءَ جا پويان ڏينهن شڪست ۽ موت ڪري ڪجهه ڦڪا ڏسجن ٿا.



73.. (*Semi-pictorical satirical allegory* : *Boar and Scorpions*).

73– هيءَ هڪ نيم تصويري طنزيہ تمثيل واري لکت آهي جنهن ۾ سُوئر ۽ وڇونءَ جي شڪل ڏسجي ٿي.

تبصرو: هيءَ ڏاڍي واضح ۽ چٽي مُهر آهي، جنهن ۾ هڪ طاقتور جهنگلي سُوئر ٽانءِ ۽ تنبُ سان ميدان ۾ تلي رهيو آهي. سندس سارو ڌيان پري واريءَ آڪاشواڻي شيءِ ڏانهن آهي، جيڪا مٿس روشنيءَ جا ڪرڻا اُڇلي رهي آهي. مٿس هڪ وڏو ڇِٽ رکيل آهي جيڪو سندس نرڙ کان وٺي پنيءَ تائين ڇانيو پيو آهي. ان کان سواءِ باقي رهيل حصو اونداهو ڏسجي ٿو.

سندس آڏو ڌرتيءَ تي هڪ وڇون آهي، جنهن جي ٻُت تي روشن ٽپڪا آهن ۽ سوئر کي جهلڻ جي مقصد سان اڳتي سِرڪي رهيو آهي. پس منظر ۾ هڪ ڪارو وڇون ۽ ٻيو بہ هڪ سُرڪندڙ ساهوارو سُوئر کي جهلڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيا آهن. هن ڏيک ۾ روشنيءَ ۽ اونداهيءَ جو هڪ تاثر موجود آهي. انهن جي وچ تي وڏ ۾ وڏ هڪ انچ جو فاصلو آهي، پر روشنيءَ ۾ پاڇي ڪري اهو هڪ وڏو فاصلو نظر اچي رهيو آهي. سُوئر ۽ آڪاشواٽي شيءِ جي وچ تي بہ ايترو ئي گهڻو فاصلو ڏسجي ٿو. سوئر جي انهن ساهوارن کان مڪمل بي ڌياني ۽ روشن شيءِ کي جُوهہ وجهي ڏسڻ، اهو تاثر ڇڏڻ وارو هڪ خاص ڪتب آندل طريقي ڪار آهي، جنهنڪري پنيان نظر ايندڙ وڇون هورا ڪورا ۾ پئجي ويا آهن. وِڇن جي پنئين پاسي هڪ ٻار يا عورت بيٺل ڏسجي ٿي.

هيءَ تاثر ڇڏڻ جي طريقي جو هڪ بي مثال نمونو آهي. هن جي جيڪڏهن چڱيءَ ريت جاچ پرک ڪجي تہ هيءَ تصوير اکرن جي ٺهيل آهي، جنهن جي پڙهڻي هيٺينءَ ريت ٿي سگهي ٿي.

سُوئر: مٿو ۽ بہ اڳيون ٽنگون = تَ = T

ڇَٽُ (تاج): جيڪو مٿي کان پنيءَ تائين ڏسجي ٿو = رَهہ = Rha

ٻيءَ ٽينءَ ٽنگہ وسيلي ٺهيل وَنگُ = سَ = Sa

چوٿين ٽنگہ روشن پنيءَ سان گڏ = تَ = Ta

ٿلهي ۽ ننڍي پڇ جو روشن حصو = پَ = Pa

هن مان ”تِرِ سَتَپ“ جو لفظ جڙي پوي ٿو.

وڇون: وڇونءَ جي ساري جسم کي وِرِيشِڪَ (Vrischika) پڙهي سگهجي ٿو. ان جو پُڇ ڇهبڪ جيان ڏسجي ٿو جيڪو ڪَ (ka) ٿو ڏسجي. هن مان سمجهي سگهجي ٿو تہ اهو پڪ سان وِريشڪَ يا وڏيڪ نفرت جوڳو لفظ وِرشڪَ آهي.

پڇاڙيءَ ۾ هڪ شڪل يا ڪِرِمي (krimi) يا ٻار جيڪو هڪ جَنُ (Jana) ٿي سگهي ٿو. يا ڪو اهڙو ٻيو لفظ آهي، جنهن مان ٻاراٽپ يا شرارت جو احساس ٿئي ٿو. هن جو مکيہ اشارو ننڍڙائيءَ، شرارت، حرس، غير متاثر ۽ ڏور رس نتيجن پر وِتَ کان وڌيڪ ڪمن ڏانهن آهي.

تبصرو: هيءَ مُهر تِرِسَدَسيُو سان تعلق رکي ٿي ۽ سندس پروهت ”وِرش-جَن“ ٻاران هن خلاف هلايل تحريڪ جي جواب سان لاڳاپيل آهي. بِرهَد ديوتا (Brahaddevata) ۽ پنچوِمس براهمن Panchavimsa Brahmana ساري احوال کي هن ريت ظاهر ڪري لکيو آهي تہ ’وِرش جَن ايوڏيا جي راجا تِرئِيرُونا جو نوجوان پروهت هو.‘ (جنهن جو ٻيو نالو وَئجَن (Vaijan) هو) جيڪو تصوير ۾ وڇونءَ پنيان هڪ اَڻ ڄاڻ ٻار جيان بيٺل نظر اچي ٿو. اسان تِرسدَسيُو جي نالي کي وڌيڪ ترجيح ڏني آهي. ٻارگٽر واري فهرست ۾ هن جو نالو پنجينءَ پيڙهيءَ ۾ ڏسجي ٿو. پر پُراڻن ترسدسيو کي سندس ٻئي نالي ترئيرونا سان سڏيو آهي. سوئر جي تصوير ۾ ترئيرونا جو نالو پڙهڻ مشڪل ڪو نہ آهي. سندس مٿو اڳيون بہ ٽنگون ۽ مٿي واريون ليڪون تِرِي پَدَ جي نمائندگي ڪن ٿيون. ڇٽ يا تاج رَ (Ra) يا رهہ (Rha) آهي، بہ پويون ٽنگون (Na) جي نشانيءَ جهڙيون آهن پر ان جي وڌيڪ فطري پڙهڻي تريست (Trisata) آهي. ان کان علاوہ هن تصوير جي ساري تصوراتي جوڙجڪ ترسدسيُو ڏانهن منسوب ڪري سگهجي ٿي. هن جي جوڙيندڙ جو نالو تِريتَ اَپَتيہ (Trita Apatya) ٻڌايو وڃي ٿو. تِريتَ جي پٽ جو نالو ترئيَرُونا آهي (رگويد-105-1) پر ديانند هن کي ڪوتَس يا آنگيرس سمجهي ٿو. تنهنڪري اسان هن مُهر کي ترسدسيُو تَرِيئَرُونا جي مُهر سمجهون ٿا. اهو راجا، جنهن جي حياتي ڏکن سورن سان گذري. سندس نالو رگويد ۾ بہ موجود آهي، پر اتي ترئيرونا جو لفظ ڪو نہ آهي. هڪ ڏينهن گهمڻ لاءِ وِرِشُ راجا سان گڏ رَٿَ ۾ وينو ۽ راجا کي ڇيائين گهوڙي جون واڳون هُن (ورش) کي ڏنئي. گهوڙو ٺَهي وٺي پڳوءِ رستي ۾ بيٺل هڪ ٻار تي چڙهي ويو ۽ نظر ائين آيو جڻ اهو مري ويو (ڏنڊٽجي ويو) آهي. راجا ۽ پروهت جي وچ ۾ اهڙي

ڏوهه تان اچي جهيڙو لڳو. نيٺ آچار ويچار لاءِ ڳالهه اچي راجا جي دربار ۾ پهتي. تن ڏينهين اَڪشواڪ گهراڻي جو هڪ راجا راڄگديءَ تي هو جنهن حالتن ۽ شاهدين جي آڌار تي پروهت وِرش کي ڏوهي قرار ڏنو. ان فيصلي تي اچي برهمڻ ڪاوڙيا ته راجا ڏُر تي، فيصلو ڪيو آهي ۽ ٻنهي ترسدسيو ۽ اڪشواڪ راجائن جي درٻارين کان پنهنجا تعلق ٽوڙي ڇڏيائون. مهر نمبر 3 مان محسوس ٿيندو ته پروهت وِرش جَن جو رويو ڪهڙو هو. هن شرارت ڪري قربانيءَ جي هڪ رسم ادا ڪئي ۽ راجا تَرسدسيُو جي ڄم بابت هڪ سوال اٿاريو ۽ ٻٽيِن معنائن واري هڪ مُهر نهرايائين. جنهن ۾ لکيل هو "سَمَهِر ترسدسيو پُترڌَ"، جنهن جي معنيٰ هئي "برهمڻ سِمهه جي هٿ سڄيءَ لاءِ جنهن ترسدسيُو کي ڄڻيو: اها خبر سيني کي هئي ته راجا ترسدسيوُ پورو ڪوتس جو پٽ ڪو نه آهي. سندس ماءُ اِندر ۽ ويرونا جو نيوگ، يَجَن ڪيو ۽ پروهت سِمَهه سان به سنجوڳ ڪيو هتائين. انهيءَ لاءِ ته جيئن ايوڌيا جي راڄگديءَ جو وارث پيدا ٿي سگهي. اهڙي رسم قانون ۽ مذهب طرفان جائز هئي. جڏهن اها رسم ادا ڪئي وئي هئي، ته ساري برهمڻ برادريءَ کي انعامن اڪرامن سان نوازيو ويو هو. انهن ڏينهن راجا پورو ڪوتَس يا ته ڪاشيءَ جي راجائن جي بنديخاني ۾ بند هو يا ته وري وفات ڪري چڪو هو. راڄگديءَ جو ڪو به ڦڏو ڦيتاڙو ڪو نه هو. ترسدسيُو جي دعويٰ کي ڇئن طرفن کان تصديق مليل هئي ته هو پورو ڪوتَس جو پٽ هو جيڪو ڪيس پنهنجي پيڻ، زال مان ڄائو هو. سندس زال تخت جي وارث جي ڄمڻ لاءِ نيوڳ ڪيو هو. ان عمل کي قانون ۽ ڌرم جائز قرار ڏنو هو. جڏهن اها رسم ادا ٿي رهي هئي، ته ان وقت اتي پاڻ ديوتائون موجود هئا. پر سندس حيثيت راجائڻ کان به وڌيڪ هئي، يعني هو نيم ديوتا (اَرڌ- ديوم) جي حيثيت جو مالڪ هو. جڏهن برهمڻن سندس دربار ۾ اچڻ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ مٿس حرامي هئڻ جون تهمتون ڏريون، ته ڪيس ڏاڍو ڏڏڪو رسيو. ايتري ۾ زخميلُ ٻار وري هوش ۾ اچي ويو. ورش جَنَ جي دعويٰ هئي ته اهو معجزو هن جي دعائن ڪري ٿي پيو آهي ۽ قدرت ڪيس ٻار مارڻ واري ڏوهه ۾ بيگناهه ثابت ڪيو آهي. اهي اهڙيون ڳالهيون هيون، جن ڪري برهمڻ برادريءَ ۾ سندس عزت ۽ وقار وڌي ويو هو. ان کان پوءِ هن ۽ سندس چيلن راجا ترسدسيُو خلاف هڪ مهم شروع ڪري ڏني. هنن راجا جي ڪمزوريءَ جو فائدو ورتو ۽ سندس نقطي نظر بلڪل واضح به هو جيڪو رگويد ۾ به موجود آهي. "برهمني اِتري آوَ تَم سرجَنتو نِندِ تَرُهه نِندَس يَوَنتوُ (ترجمو: خدا بچائي اِتريءَ جي منتر سان ٻار کي موتائي زنده ڪيو. (منهنجي) بدنام ڪرڻ واري کي تون بدنام ڪر". تنهنڪري اهو ممڪن آهي ته ديوتائن وِرش جي دعا ٻڌڻ کان پوءِ ٻار کي زنده ڪيو ۽ مَنجهس اعتماد پيدا ٿي پيو. پوءِ هن پنهنجي دعا جي ٻئي حصي کي سچي ثابت ڪرڻ واسطي راجا خلاف بدنامي جي مهم جي شروعات ڪئي. هو سَمَهه سان ڪيل يَجَنَ ۽ ٻيون افسانوي ڳالهيون ماڻهن کي ڪيئن ٿي سمجهائي سگهيو. تنهن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا.

"ڪُرمت يُوتيٺ سَم اُڌَم گوهه ٻيپرَتي نَ دَد تي (ڏڏ تي) پِتري."

(ترجمو: نوجوان (ڪنواري) ماءُ کي جڏهن پتو پيو ته ڪيس ٻار ٿيو آهي، ته هن ان کي چوريءَ جنم ڏنو ۽ پنهنجي مڙس کي اهو ٻار ڪو نه ڏيکاريائين (يا اها ٻار جي پيءُ مان حامله ڪا نه ٿي هئي.)!

"ڪَم اِتم يووت ڪُيرم پيشي ٻيپرشي مَهيشِي جَجن"

(ترجمو: راڻي تون ڪنوارپ ۾ گندي ٻار (Burden) سان ڪيئن حامل ٿيئن! تو ڪيس پنهنجي لباس ۾ لڪائي جنم ڏنو!) ويدن جا شارح هنن شلوڪن جو ترجمو مختلف نمونن سان ڪندا آهن، پر جيڪڏهن صحيح معنيٰ ڪبي ته اها نه مقدس هئي نه وري علامتي. اهي لفظ هڪ مايوس ماڻهوءَ جي واتان چيل آهن، جنهن کي پروهت هجڻ واري هڪ آزادي حاصل آهي، جيڪو راڻيءَ ۽ اُن جي ٻار کي پٽون پاراتا ڏئي ٿو.

راجا کي به اهڙو رد عمل ٿئي ٿو جيڪو مايوس آهي. سندس اکيون پاڻيءَ سان ڀريل آهن، ان سان گڏ احساس برتريءَ جو به مالڪ آهي (ڏسندا مهر 65 تي ٿيل تبصرو) . هن کان علاوه ترسدسيُو هڪ ٻي مهم شروع ٿو ڪري. هو کُليءَ دل سان

قرباني جي هڪ وڏي رسم ادا ٿو ڪري، جنهن ۾ هُو آنگيرس جي وڏن پروهتن جهڙوڪ واسديوَ ۽ ڪوتَس کي دعوت ڏئي، گهرائي ٿو پر ورِش کي ڪوٺ ڪو نه ٿو ڏئي. اهڙيءَ ريت ورِش به پنهنجي ڏيهي پروهتن کي پاڻ وٽ سڏڻ کان انڪار ڪيو. دعوت تي ڪانڌيل رِشين کي دهرا دان ڏئي راضي ڪيو ويو ۽ سيئي بهتان الزام ڌوپي ويا. ويد ۾ سندس ساراهه ۾ شلوڪ لکيا ويا ۽ جيڪي ڪين سوڪڙيون پاڪڙيون مليون تن جو پڻ ذڪر ويدن ۾ اچي ويو. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو ته ڪوتَس ڪو ٻيو رشي هو. ورِش نه هو. ورِش جَن ۽ ڪمار راجا هن کي ورِچيڪگَ (Vrischikaka) به سڏيندو هو. هڪ وڏيڪ تصديق، اُها ڪهڙي قدرتي روشن شيءِ آهي، جيڪا جهنگلي سُوئر تي جَرڪي ۽ جَهڳي رهي آهي ۽ پويان نظر ايندڙ وچون اونداهيءَ ۾ نظر اچن ٿا؟ هو تاري ڏانهن گهوري چو ڏسي رهيو آهي. اهو تارو ڪير آهي، جيڪو ڪيس دشمنن کي ڪجهه به نه سمجهڻ جي همت ڏئي رهيو آهي؟ اسان کي اهڙو اُهڃاڻ ملي وڃي ٿو ته ترسدسيُو جي سيني سُورن ۽ مسئلن جي ڪير تلافي ڪري رهيو آهي ۽ ڇا جي ڪري منجهس برتريءَ جو احساس آهي. پر اهي سڀ ڳالهيون اولهه جا عالم جهڙوڪ اولڊن برگ ۽ بلومفيلڊ سمجهي ڪو نه ٿا سگهن ۽ انهن وڏن شارحن پنهنجو سارو ڌيان اِندر ۽ ويرونا ڏانهن ڏنو آهي. پر ترسدسيُو کي وساري ويٺا آهن. جيڪو گياني پڻ هو. هنن ترسدسيُو جي ٿاهيل شلوڪن کي فقط ديوتائن جي ساراهه سمجهيو آهي. اهو ڪو نه ٿا ويچارين ته اهي شلوڪ ترسدسيُو پاڻ کي اڌ ديوتا سمجهي، احساس برتريءَ کان پنهنجي تعريف ۾ چيا آهن ۽ جيڪو ڪجهه ديوتائن ڪيو آهي. سو سڀ هو پاڻ ڏانهن منسوب ڪري ٿو. هنن عالمن اُنهن شلوڪن کي اندر ۽ ويرونا جي وچ ۾ ٿيل گفتگو سمجهي آهي. پر بلومفيلڊ کي اهڙيءَ غلطيءَ جو شايد احساس ٿي ويو هو. جو لکيو اٿائين ته مون کي معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن حقيقت تائين پهچڻ واسطي صحيح نقطي کان آغاز ڪرڻو پوندو. (مُهر نمبر 65 جي تبصري ۾ شلوڪ 3، 42 ۽ 36 جو ذڪر اچي ويو آهي). منهنجي خيال ۾ اها نه گفتگو آهي، نه ڪو ڊراما آهي، نه وري ڪو بحث مباحثو آهي. واڌو هن بابت هي لفظ اولهه جي عالم اِسٽريٽ گِيچٽ (Streit Gedicht) جا آهن. بلومفيلڊ چوي ٿو ته اُهي لفظ اندر ۽ ويرونا پنهنجي تعريف ۾ چيا آهن. بلومفيلڊ جا شڪ شبها صحيح آهن، پر سندس هيءَ ڳالهه ته ديوتائن اها پاڻ پنهنجي تعريف ڪئي آهي، صحيح نه آهي. اها ترسدسيُو پنهنجي تعريف پاڻ ڪئي آهي، جنهن ۾ هن پاڻ کي ٻن ديوتائن جو پٽ سڏيو آهي ته اهو شلوڪ بدنام ڪرڻ وارن کان تنگ ٿي چيو آهي. ”مان اهو نه آهيان جيڪو اوهان سمجهون ٿا. مان هيءَ طاقت ٻن ديوتائن کان ورتي آهي. مان پاڻ به ديوتا آهيان. جهڙيءَ ريت منهنجا خالق ساري ڪائنات جو بار جهليون بيٺا آهن، تهڙيءَ ريت مان به انهن جو حصو امش آهيان ۽ منهنجي بادشاهيءَ جو بار مون تي آهي.“

مُهر واريءَ تصوير ۾ پڻ اهڙي علامت آهي. ڇَٽَ (تاج) جو اڌ سندس مٿي تي ۽ اڌ سندس پٺيءَ تي رکيل آهي. اهي ٻئي ڳالهيون سندس عزت ۽ ذميواريءَ جون نشانيون آهن. راجا کي ملندڙ روشني سندس پيدا ڪندڙ ديوتائن وٽان ملي ٿي ۽ انهيءَ سگهه جي آڌار تي انهن جي ذميوارين جو ڪجهه حصو هو پاڻ سنڀالي رهيو آهي. تنهنڪري هن پنهنجي دشمنن کي ڪجهه نه سمجهي، پنهنجون اکيون انهن ۾ کُپائي ڇڏيون آهن ۽ سندس ويرين مان ڪي ڪُمارَ ۽ ڪي وِرشنيڪ آهن. مان سمجهان ٿو ته اها حقيقت سوچي سمجهي بيان ڪئي وئي آهي. مون وٽ اهڙا لفظ ڪو نه آهن، جو ترسدسيُو جي مجروح احساسن ۽ ڏکن سورن جي نمائندگي ڪري سگهن.

اسين هاڻي چڱيءَ ريت سمجهي سگهون ٿا ته پارگٽر وايُو پُراڻ مان اقتباس ڇو ڪنيو آهي. سندس مقصد آهي ته ”ويدن کي، اُتهاس ۽ پُراڻن وسيلي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريو. جيڪڏهن ويدن کي تاريخ براهمڻ اپنشدن ۽ پُراڻن جي مدد کان سواءِ پڙهيو ته ڪجهه به سمجهه ۾ ڪو نه ايندو. ڇاڪاڻ ته اهي ڏند ڪٿائن جي شڪل ۾ به ڇپيل آهن. مشهور تاريخي واقعا به هڪ ٻئي سان گڏيل وچڙيل نظر ايندا. پُراڻن ۾ اهي قصا آهن، جيڪي ٽي هزار سال پوءِ پَٽَن ۽ پانَنِ وٽان ميڙي چونڊي هڪ جاءِتا ڪيا ويا آهن. سي به ڏند ڪٿائن جي شڪل ۾ موجود آهن، انهن ڏند ڪٿائن جي مرتب ڪندڙن کي پنهنجون

ڳالهيون بہ ملائي ڇڏيون آهن. ائين سمجهڻ کپي تہ هڪ سچ کي تصوراتي ويس وڳا ڍڪايا ويا آهن. ان جو هرگز اهو مطلب ڪو نہ آهي ، تہ اسان جي انساني ڊراما سان وفاداري ۾ دلچسپي ڪا نہ آهي. اها رڳو هن ڳالهہ جي تصديق آهي تہ تاريخ ۾ انساني آورچ ڪردار جي سرپرستي موجود آهي. اسان جي راءِ جو هي اظهار ڪن محققن جو ڪم آسان ڪري ڪو نہ وجهندو ، پر اهو بيان پارگٽر جي تحقيق کي مانُ ڏيڻ لاءِ آهي. هن ڪان علاوه وادبيل کي پڙ ڪنهن حد تائين داد ڏيڻو پوندو، جنهن جي ڏند ڪٿائن جي ڏنل سمجهاڻين کي مان هن ڪتاب ۾ ڪتب آڻي رهيو آهيان. اولهہ وارن وٽان ٻيو سبق اهو مليو آهي تہ نظم کي سوچڻ مهل فقط نظم جي حدن تائين سوچڻ سمجهڻ گهرجي. جيڪڏهن اسان ترسدسيوُ جي برتريءَ جي جنون ڏانهن ڌيان ڏينداسون، تہ سمجهي ويندا سون تہ دعا پنهنجي خواهش جو ئي هڪ اظهار هوندو آهي.



74. *Para'sa Dwa (Y)A Pa Ya Nayi Para'sa Dwa(Y)Apayanayi*

*Translation*: Dwaipāyana, the son of Parā'sara.

74_ پڙهڻي: پَرَ س دو (ي) آ پَ يَ ڀِي= پَرَس دو(ي) آپَيَنِئي

ترجمو: دوَئي پاين، پَراشَرَ جو پُٽُ

تبصرو: اسان جي سمجهاڻيءَ جو دارومدار ڪُلندڙ ڦيٽي جهڙي اکر جي مٿئين ڏندي تي، جنهن جي معنيٰ ڪَ (ka) نہ پر شَ (sha) آهي. صفا پچاڙيءَ واري پيالي جي شڪل جهڙو اکر، جيڪو هٽ سان لکيل آهي. نَ (Na) جي نمائندگي ڪري ٿو.

مُهر مان ثابت ٿئي ٿو تہ دوپَيَنَ Dwapayana (جنهن کي پوءِ دوئيپين Dwaipayana واري سنسڪرتي شڪل ڏني وئي) نالي وارو ماڻهو وياس هو ۽ اهو هن جو ڄَمَ‍ٽيءَ جو نالو نہ آهي. مٿس وياس نالو عالم هئڻ ڪري پيو جو هن مختلف حقيقتون گڏ ڪري ويد مرتب ڪيو هو. جانور جي جسم تي بہ ڪي ڇِٽا پَٽا اکر آهن، پر انهن کي سمجهڻ ڏکيو آهي. هڪ اکر مَ (Ma) جيان ڏسجي ٿو جنهن جو هيٺيون پاسو سوڙهو ۽ مٿيون پاسو ويڪرو آهي. ٻيو اکر سَ (Sa) رانَ ۾ ران ڪان مٿان وارا اکر سمجهي ڪو نہ ٿا سگهجن. تي سگهي ٿو تہ پراڪرت ۾ سندس ماءُ جو نالو ماسَگَنڌِي (Masagandhi) يا ماسَڪلي (Masakali) هجي. جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ وياس کي پنهنجي ماءُ تي فخر ڪرڻ گهرجي، شڪل ۾ پئي سَڳا آرپار ڏسجن ٿا ۽ سَ جي نشاني اڳئين پير تي ڏسجي ٿي. ممڪن آهي تہ ڦيٽي تي نظر ايندڙ ”س“ کي سمجهائڻ لاءِ اُتي لکيو ويو آهي، اسان کي هن وڏي شاعر جي مُهر هتي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي.



75. *'Sin Ja—As'wi Gaha 'Siñja As'wigah*

*Translation*: 'Siñja, the Singer of A'sin (Hymns)

75_ پڙهڻي: سِن جَ آسوي گهہ= سِنجَ آسِويگهہ

ترجمو: سِنجَ آسِينَ (شلوڪن) جو ڳائيندڙُ

ڪو پٽ هو جنهنجو نالو اِهو هو؟ ڇا ترڪستان جا چار راجائون اها رسم ادا ڪرڻ لاءِ هندستان آيا هئا. تُرشڪَ جو لفظ پُراڻن ۾ ڏسجي ٿو پر ويدن ۾ موجود ڪو نہ آهي. ڇا جَرَ دُشتَر (پَراسَرَ جو شاگرد) کي غلطيءَ وچان تَرُڪ تہ نہ لکيو ويو آهي؟ ڇا پراسر کي چار شاگرد (شِشَ) تہ نہ هئا. ڇاڪاڻ تہ سمجهيو ويندو آهي، تہ هر هزار سال ۾ چار پَراسَر (law givers) پيدا ٿيندا آهن. جيئن تہ اُهي پراسر جا شاگرد هئا، تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ انهن قانون جي مستند ڪتابن جو ادارتي نظام شروع ڪيو هوندو؟ ڇا، اهو بہ امڪان آهي تہ انهن گڏجي ڌرمي رسم سرانجام ڏني هوندي؟ هنن سيني سوالن جو بهتر جواب اهو آهي تہ تُر ڪواسَيہَ (Turkavaseya) جَنَمَ جِيہَ پهرئين جو پروهَت هو جنهن جو پَنچوِمِرا ۾ ذڪر نظر اچي ٿو. ٻين قسمن جي سڃاڻپ لاءِ پنهنجي پنهنجي نقطي نگاهہ کان سبب آهي. امڪان اهو آهي تہ جَرَدُي شتر (Jardushtra) کي غلطيءَ وچان تُرڪ سمجهيو ويو آهي. هن خيال جي تصديق لکت مان بہ ٿي وڃي ٿي، جنهن ۾ هڪ تصوير آهي، جنهن کي ڪانُ ۽ ڪمان آهي ۽ جانور تي چڙهيل ڏسجي ٿي، جنهن جو نمونو ايراني آهي. ڪوَس بہ فارسي نالو آهي. ڪَپَش اُن جو هندستاني اُچار آهي. آخري پڙهڻي وڌيڪ مناسب آهي.



77. Ai Gi Rash Paha Pah Vrs' Pag Ka Sha Pag Pha Ai Lsa
Deva Dash Shaha Lasa

Reading: 1. Aigirashapa Pavrspagkasha Pagpa Ailasa

ائہ گي رش پَهہَ پهہ ورش پَگ ڪَ شَ پَگ پَهہ لَس
ديوَ دس شَهہَ
77_ هڙي: (1) آئگِيرشَپ پَورسَپگڪَش پَگَپ آئلَس
ترجمو: آئلہ (اُ) شَ پٽ آنگيرس ڏور اوپر پَرگجيوتشِ جو راجا
پڙهڻي (2) ائگِيرَسَپ پورشَرگ ڪَشَپ پَپَيلس
يا
ديو دَششَهہَ ور شپَ گڪَشَپ پَپَلَيَس
ترجمو: پَپَلشَ (پپلَدَ) ڏور اوپر جي ڪَشَپ گهراڻي جي آنگيرس جو پُٽ
تبصرو: ٻنهي حالتن ۾ نالو گڏيل سڏيل لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هتي گ (g) جو اکر زور ڏيڻ ۽ ٻئي وينجن جي وسرڳ طور رکيو ويو آهي. آپٽي (Apte) مطابق پَورش (Pavrsh) هڪ پراچين لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ’ڏُور‘. ان جو مطلب پروس بہ ٿي سگهي ٿو يعني روسُ، گهٽ ۾ گهٽ روسُ جي منگوليا وارو علائقو. جيڪڏهن اسين ان کي حلق مان نڪرندڙ گَ سمجهون تہ پوءِ اهو لفظ آيلسَ (Ailsa) هئڻ کپي. جيڪو قرباني ڏيندڙ جو نالو آهي. اهو آئلشُ ڪَوِش (Ailusha Kavsha) جو پيءُ هو. سندس تعلق آنگيرس فرقي سان هو جيڪو آزاد سوچ جو حامي هو. اُنهن جو تعلق ناگا لئنڊ سان هو. ڪورُو راجا جڏهن ڌرمي رسم ادا ڪري رهيو هو تہ ڪيس جواري سمجهي، ان رسم دوران ٻاهر ڪڍيو ويو هو. هن رگويد جي 10 باب وارا خوبصورت شلوڪ ناهي ورتا ۽ ديوتائون مٿس ڏاڍا راضي ٿيا. ديوتائن اُن راجا جي قرباني تيستائين قبول ڪا نہ ڪئي، جيستائين اهو پروهت موٽي نہ آيو ۽ ان رسم جي نگراني نہ ڪيائين. سندس دعويٰ هئي تہ هو آنگير ناگ جي شاهي گهراڻي سان تعلق رکي ٿو تہ تنهنڪري هن جي سڃاڻپ ۾ ڪجهہ فرق اچي وڃي ٿو ۽ هن کي چين جي علائقي يونان (yunan) جي

راجا اِلِشَ (Ilisha) سان ڳنڍيون ٿا، جنهن جو گهٽ اعتبار جوڳن دستاويزن ۾ ذڪر نظر اچي ٿو. يعني ڀَويشيہَ پُراڻ (Bhavishya Puran) جنهن جا هتي حوالا ڪو نہ ڏنا ويا آهن.

هي پڙهٽي پِپلاد سان واسطو رکي ٿي. هو ماڻهو آٿروَن ويد جو مؤلف هو جنهن هن ڪتاب ۾ ڪشمير بابت نظرثاني ٿيل حقيقتون تاليف ڪيون آهن. سندس گرو دِيوَدريس (Devadrisa) هو جيڪو وياس جو چيلو ۽ آٿروَن فرقي سان لاڳاپيل هو. هن جو آنگِيرسَ گوتِر سان واسطو هو جنهن جي شاهدي پڻ موجود آهي. پِيپَلَش ۽ پيلادَ جي معنيٰ ساڳي آهي، يعني ”ٻيرن کائڻ جو شوقين“. ڪَشَپ لفظ انهن لاءِ لکيو ويندو آهي، جيڪي نانگن جي قصن ڪهاڻين جا شوقين هوندا آهن. ناگ ڪُلَ سان واسطو رکندڙ ماڻهو ڪَشَپَ ۽ ڪدروُ هئڻ جي دعويٰ ڪري سگهي ٿو. آٿروَن نانگن جي قصن ڪهاڻين سان پريل نظر ايندو. سندس جنم بہ ٿن نانگ ـ ڪهاڻين سان لاڳاپيل ڏسجي ٿو جيڪي پڻ آٿَروَن جو هڪ حصو آهن. چيو ويندو آهي تہ هُن هڪ ڏائڻ بہ پيدا ڪئي هئي، يعني ڪرتيہ (Krtya) جنهن پنهنجي پيءُ کي هڪ معمولي جهڳڙي تان پريشان ڪري ڇڏيو هو. اها ڪرتيہ گهربل ماڻهوءَ جو بوتو ناهي، ان جي هنيانءَ ۾ سُيون ٽُنبي ڇڏيندي هئي تہ جيئن اصل ماڻهوءَ کي لڳن. آٿروَن ۾ اهڙي قسم جي ڏرمي فرقي جي موجودگيءَ جو ڏس پتو ملي وڃي ٿو. پِپلاد جو علمِ جوتش سان تعلق هو. جنهن جي آٿروَن ۾ اهم جڳهہ آهي. وڌيڪ اهم ثابتي مُهر جي لکت ۾ ۽ گهوڙي جي جسم تي موجود آهي. اهڙين مُهرن تي نالو ۽ پورو پتو لکيل ڏسجي ٿو تنهنڪري انهن کي جادوءَ سان لاڳاپيل مُهرون چئي ڪو نہ ٿو سگهجي. ان جي ابتڙ اُهي مهرون وِدياس (Vedyas) يعني جادوءَ جي فن سان تعلق رکن ٿيون. جنهن ۾ پيلاد وڏي مهارت رکندو هو. هِن فن کي هو نهايت سگهورو سمجهندو هو ۽ ان کي ڪم بہ آڻيندو هو. حقيقت بہ اها آهي تہ هيءَ رسم هن سِڌِسِ (Siddhis) يعني سُگهہ کي سگهوري سمجهڻ لاءِ منعقد ڪئي وئي هئي. اڪرن جي ٿورو هيٺان ڪِرتِيہَ ڏسجي ٿي، جيڪا بوتي واري ڪهاڻيءَ جي علامت آهي. اُن جي پرسان ئي نانگ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هڪ ڪڪڙ ۽ هڪ ڪِرڙي گهوڙي تي سوار نظر اچن ٿا. ڪڪڙ جي قرباني جادوئي علم سان لاڳاپيل هوندي آهي. ڪرڙيءَ جو چڪُ ۽ وڇونءَ جو ڏنگ آٿَرون ويدَ جا خاص موضوع آهن. اَچرج جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ گهوڙي جي ڳچيءَ تي ڪانگرُو جانور ۽ ٻار ڏسجي ٿو. ٿي سگهي ٿو منهنجين اکين مون سان ويساهہ گهاتي ڪئي آهي. هُن ڪانگرُو ڪٿي ڏٺو هوندو؟ امڪان آهي مٿان اهو پولو هجي يا ماڪيءَ جي مک جهڙو ڪو جيت، جيڪو هن جي نڪ جي چوڌاري ڦيرا پائيندو هجي. هڪ اهڙي شيءِ اُن جي مٿان بہ وِيني آهي. هتي اَڻ مڙيل سُواستِڪا جو نشان بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ جادوءَ سان لاڳاپيل ٻيون بہ ڪي نشانيون ۽ نَقش آهن. هڪ ڪانُ يا ڪو ٻيو اهڙو هٿيار آهي، جيڪو جانور جي جسم ۾ اڌ اندر ڇپي ويو آهي. پٺئين پاسي ڪان نظر ايندڙ نشان ڪو لوهہ جو ڪوڪو وغيره ڪو نہ آهي. هيٺ فرش تي مختلف قسم جا ساهوارا نظر اچن ٿا. هن ڪان علاوه ڪو ٻوتو آهي، جيڪو دوائن جي علم ڏانهن اشارو آهي.

هيءَ مُهر اهڙي اهم آهي، جنهن تي لسانيات جي عالمن کي تحقيق ڪرڻ گهرجي. اسان جي هن ٻنيءَ پڙهٽيءَ جو دارومدار انهيءَ تي آهي تہ ٻنهہ مٿان نظر ايندڙ ليڪ کي اَي (Ai) پڙهڻ گهرجي يا مٽيءَ جي ٽڪيءَ جو پنهنجو اُهو فطري گُهنج آهي! هتي فيصلي نہ ڪرڻ ڪري اسين اِهي ٻَئي پڙهٽيون ۽ پڻ اِلِشَ (Ilisha) پڙهٽي ڏئي ٿا ڇڏيون.



78. *Ppa Wi Ra Yi*: (*Prāveerayi*)
*Wa*

*Tr*: Prāvīra, Son of pravīra

78ـ پڙهٽي: پِپَ وِي رَ يِي = پِرا وِيرَيِي
ترجمو: پِراوِيرُ پٽ پِرَ وِيرُ

تبصرو: ٻِني پَ آهي، جيڪا پرَ (pra) مان نهي آهي. ’پِي‘ جي مٿان هڪ سڌي ليڪ ڏسجي ٿي، جيڪا ايتري سوڙهي آهي، جو گَ (ga) ٿي ڪا نہ ٿي سگهي. نظر اچي ٿو تہ اهو ”رَ“ جي واڌِ آهي. ٻين مُهرن جي تجربي مان محسوس ٿئي ٿو تہ ڪاتب گ نشانيءَ سان هنر جي ڪاريگري ڏيکاري آهي، جنهن مان صاف ظاهر آهي تہ وَ (wa) نشانيءَ کي اندر تي وريل گَ ڪري پڙهي سگهجي ٿو. مٿان واريءَ ليڪ کي هميشہ جيان حذف ڪيو ويو آهي. هن مان ٻين پڙهڻين جو اشارو بہ ملي ٿو.

(3) پِپئگِريہ (P Paigarya) يا پِراگريہ (Pragarya)

ترجمو: پراڳِيجيوتش جا آريا

(4) پِپگيرئي (P Pageerayi)

يعني: پَگيرَٿَ. هيءَ هڪ امڪاني پڙهڻي آهي، ڇاڪاڻ تہ اِها پَگِيرٿَ جي پنهنجي نالي جي هجي، جو لِپيڪارن جي اصول جيان فيصلو ڪيو ويو هجي، جن هُن لاءِ ڦگ (Phag) يا پهَگ (Pahag) جي صورتخطي مقرر ڪئي ٿي پائنجي. پگيرَٿَ پنهنجي پيءَ جو نالو ڪٿي بہ ڪو نہ لکيو آهي.

(5) پَپَ وِيريہ (Papa veeraya): وِيرَ تي ماتم جي رسم ڏانهن اشارو آهي.

(6) پَپَوَريہ (Papawaraya): هيءَ پڙهڻي بہ ممڪن ٿي سگهي ٿي، جنهن مان اشارو ملي ٿو تہ هيءَ رسم پرائشچت (Prayaschitta) (پڇتاءَ) لاءِ منعقد ڪئي وئي آهي. گمناميءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اِن کي جاٽي ٻجهي ڳُجهو رکيو ويو آهي.

(1) پڙهڻي: اسان پراوير (Pravirs) جهڙن نالن کي سڃاڻي ڪو نہ ٿا سگهون. ڇاڪاڻ تہ هنن قديم لکتن ۾ اهڙا نالا تمام گهڻا آهن ۽ هنن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترا پراوير نالن وارا ماڻهو هوندا، جيڪي هنن ٻن هزارن ميلن جي وسيع ايراضيءَ ۾ ٻن هزار سالن جي دور اندر پيدا ٿيا هوندا. اُهي بہ هن ڪتاب جي ”هڙاپا (سنڌوءَ) جيان آهن، جنهن جي ڪنهن کي بہ خبر ڪا نہ آهي. البت هنن سان گڏ سدن پيِرُن جا نالا وغيره بہ لکيل ڪو نہ آهن ۽ سڃاڻپ واريون ٻيون نشانيون ڪنهن ٻيءَ ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. منهنجي خيال ۾ سڃاڻپ اهڙي سولي نہ آهي، جنهن جو ذڪر ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪا نہ آهي تہ اها ڇا ٿي سگهي ٿي؟

پَوَشيہ پُراڻُ جنهن جي حوالن کي اسين ڪتاب ۾ ڏيڻ کان لهرائيندا رهيا آهيون، سو پِرواريڪ نالو ٻڌائي ٿو، جيڪو پهرين پڙهڻيءَ مطابق ڏسجي ٿو. هن راجا ڪِلڪِلَ (Kilakila) ۾ مَؤنِي (Mauni) گهراڻي جو بنياد رکيو هو. هڪ مورخ ان ماڳ کي هاڻي تازو موهن جي دڙي طور سڃاتو آهي. يعني موندَ وارَ (Mounadwar) (ڏسندا ياڳوت 2. 12) هيءَ ٻُڌ دور کان پوءِ جي تاريخ آهي. هيءَ مُهر هتي انهي ڪري آندي وئي ٿي پائنجي تہ جيئن هو يعني راجا ڪِلڪِلَ پنهنجي گهراڻي کي قديم ثابت ڪري سگهي. امڪان آهي تہ شهر جو ڪنڊر پراڻي قلعي واري جاءِ هجي. هن ان شهر ۾ لئبريري بہ قائم ڪئي هوندي، جتي ٻين هنڌن تان جهڙوڪ دوارڪا وغيره جيڪي تنهن زماني ۾ ڦٽي پڙپانگ ٿي ويا هوندا. موهن جي دڙي ۾ هڪ جاءِ تي انساني هڏن جا پڃرا لڌا آهن. هن ڪوس مان پتو پوي ٿو تہ ڪنهن اوچتي حملي آور اچي شهر تي هلان ڪئي آهي. هن واقعي بابت ٻي ڪا بہ اهڙي شاهدي ڪا نہ آهي، پر هن قسم جي ننڍڙي واقعي مان اهڙيءَ ڳالهہ جو هڪ اندازو قائم ڪري سگهجي ٿو.

جيڪڏهن لِپيڪارن جي گهڻين معنائن واري هنر جي هڪ ڊگهيءَ روايت تي اعتماد ڪجي تہ پوءِ اسان کي شڪ ٿئي ٿو تہ هيءَ مُهر مَنِيپور جي چَٽُرنگڙهہ جي ڏاڏي پَرويرَڪ (Parviraka) جي آهي. ڪاتب لکت جي اهڙي جوڙجڪ رکي آهي، جو پراوير (Pravir) ۽ پرگيوبي (Pragyoby) ٻئي پڙهي سگهجن ٿا ۽ و (w) جڻ اندر تي وريل گ پيو معلوم ٿئي.

اسين وڏيڪ ترجيح پوئينءَ پڙهڻيءَ کي ڏيون ٿا، پر هتي اهو سوال ضرور پيدا ٿيندو تہ ايتري ڏُورانهين ڏيهہ تان اها مُهر هِتي ڪيئن پهتي آهي. هڪ سو مُهرن مان ڇهہ مُهرون پراڳجيوتش علائقي سان تعلق رکن ٿيون. اسين پڙهندڙن جو ڌيان

هن حقيقت ڏانهن چِڪائيندا سون تہ مُهرن جي عام اصول واسطي باب 1 جو مطالعو ڪن. هاڻي اهو اصول ختم ٿي ويو آهي تہ هڙاپا جون مُهرون هڙاپا  جون ۽ موهن جي دڙي جون مُهرون موهن جي دڙي جون آهن. انهن مُهرن جو ويدن واري دور سان تعلق آهي، جنهن ۾ ماڻهو پڻ رهندا هئا. ترسدسيُو ۽ وِرش جَنَ، ڏَڪَڻ، رات جا پهريدار يا اولاد ڪان وچڙيل پيءُ ۽ پيچتائيندڙ ڏوهي وغيره.



79. *Pasha Aya ʻsa ʻsai Tri-Chatus* (*Trasadasu*) *Prajapa*

*Parasha*

**Reading: Paksha Ayaʻsaʻsai Trasadasyu prajapa**

**Parasha**

79_ پڙهڻي: پَشَ (پَرَش) اَيہَ سَ سَئِي تِرَسَدَسيُو پِرجَپَ (رعيت)

**ترجمو: ايوڌيا جو راجا تِرسَدَسيوُ پٽ پورو ڪوتَس پرجا  (رعيت) جو رکوالو**

**تبصرو: هيءَ هڪ وڏيڪ ڏرميءَ قربانيءَ جي رسم آهي، جيڪا پڻ تِرسَدَسيُو اَدا ڪئي آهي (ڏسندا مٿي بيان ڪيل ٻيون مُهرون)**



80. *Lharpa Pada Shaipa Papra Ka*

*Para Pos Shae*

**Readings Lharpada papraka parap oshai  papraka**

80_ پڙهڻي: لَهرپہَ (پرا) پَدَ (پَسَ) شَيپَ (شَئي)

**پِپَرڪَ**

**ترجمو: پِپَرڪَ** (Paprika) (**ٻَبِرُڪَ** (Babhruka) **پُٽُ لهوم پَدَ**  (Lhompada) (**لومَپاد** Lomapada)

**تبصرو: ٻَبِرُڪَ، راجا لومپاد جي  تخت تي وينو جيڪو وِدُرَپَ جو يادوَ راجا هو. هيءُ لاوارث ٻار هو جنهن کي ڪنهن ٻئي پالي نپائي وڏو ڪيو. سندس  اصل نامو دِيوَرِڏا** (Devariddha) **هو. لپيڪارَ هن جي هن ٻئيءَ معنيٰ کي هٿ ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ زور لاتو هوندو.**

**پَ جي  لاءِ ٽي ٽُلهيون ليڪون  آهن. پَ جي اُڪيريل نشاني "ر" ۽ "پ" ٻنهي لاءِ ڪتب اچي ٿي. لَ جي صفا، پچاڙيءَ ۾ ٻُرش جهڙي شڪل ڏسجي ٿي. جنهن مان اشارو ملي ٿو تہ ان کي هہَ ٻہ سمجهيو وڃي. ٻيءَ پَ** (P) **اندر هڪڙي نشاني ڏسجي ٿي، جنهن کي د** (D) **يا اَي** (Ay) **يا وَ**  (w) **پڙهي سگهجي ٿو. ان ڪان پوءِ شَئہ** (shae) **جهڙي غير ضروري نشاني ڏني وئي**

آهي. هن نشانيءَ سان پوشا (Posha) لفظ ٺهي پوي ٿو. پر اُن کي پَدشَہ بہ پڙهي سگهجي ٿو. ٻنهي ۾ هڪ پپَرَڪَ (Papraka) نالو عام آهي. تنهنڪري هن جون بہ پڙهڻيون آهن. لَرهُپَد شَہ (يعني لَرهَپَدَ جو ٻار) پَرَپو شَئِي (paraposhayi) (يعني لڏل ٻار).

”لومَپادَ“ لفظ اندر پهريون اَکر ل آهي. هي مختلف سُر آوازن جو مجموعو آهي، جيڪو ڏکڻ هندستان جي رَلَهہ ڪُلَ (Rala-Kula) سان واسطو رکي ٿو. اسان کي شڪ ٿئي ٿو هن کي يوناني اُچار هير، دِرا (Her, Dra) جهڙو آواز آهي. لومَپادَ لَرهَ پَد بہ ٿي سگهي ٿو جنهن جي اسان سيني کي خبر آهي. راجائن جي چنگهن تي وارن جو هجڻ، هڪ غير راجائي ڳالهہ هوندي آهي. اِهو اُچار پوئين دور جي پُراڻڪ مُؤلفن جو هوندو، جيڪي راجا جي ناراضگيءَ کان پري هوندا هئا. ياڳوت هڪ راجا جو نالو پُرش ڀِرُو (Pursha Bhiru) بہ ڏسجي ٿو جنهن ۾ اکر خود راجا جي شان شوڪت ۾ اضافو ڪن ٿا. (ياڳو xii، باب II ـ 26)



81. *Ba Ka Lha Ia Shai Ga Yi*
**(Bhkalha Iyashaigayi)**

81ـ پڙهڻي: ٻَ ڪَ لَهہ لَ شئي
گَ يي
ٻَڪَلَهہ لَيَشئگَئِي
معنيٰ: ٻشڪَلِي وياس جو شِشُ
تبصرو: ٻَشڪَلِي ڏرمي رسمن جو مها ڄاڻو ۽ بهترين شاعر هو. وياس مٽس ناراض هو. هُو مسڪين ماڻهو هو. هو پنهنجي قربانيءَ جي رسم لاءِ تياري بہ غريباڻي ڪري ٿو ۽ اهڙي مُهر بہ گهر ۾ ئي ٺاهي ٿو ۽ ميوزم کي ڏئي ٿو. ٻَشڪَلِيءَ جي ڳالهہ کي هڪدم اهميت ڪا نہ ملي هئي. هن جي ننڍڙي پئماني تي ادا ڪيل ڏرمي رسم ڪري ناخوش هو. اِها هڪ فطري ڳالهہ هوندي جو اُن مُهر ۾ گهڻي مهارت ڪا نہ هئي. اُن جا نہ اکر خوبصورت نپيل هوندا، نہ وري اُن تي مِينُ سُنو چڙهيل هو. پر پوءِ هو جلد ئي سُکيو ستابو ٿي ويو هو. (وڌيڪ لاءِ ڏسندا مُهر نمبر 82)



82. *Para Yi Shi Pa Yi Lha*
**Parayi'si Pailha**

82ـ پڙهڻي: پَرَ يي شي پَ يِي لَهہ
پَرِييِشي پَئِلَهہ
ترجمو: پئِلَهہ، وياس جو شِشُ
تبصرو: ٻشڪلي کي هاڻي هڪ عالم ۽ هڪ قانوندان طور مڃتا ملي وئي آهي. (نہ تہ هو پَراسَر هيٺ جي دعويٰ ڇو ڪري ها؟) اِن کان علاوه هو ڏرمي رسمن جو هڪ ماهر ڄاڻو ٻڌجي پيو آهي. هِن مُهر تي اکرن جي اُڪَرَ خوبصورت آهي ۽ هن فن ۾ ماهر ٻڌجي ويو آهي. ساڳئي وقت اسان کي هن مُهر ۾ فرقيواريت بہ آيل ڏسجي ٿي. ڪنهن ماڻهوءَ اُن ۾ بيٺل گهوڙي جون بہ اڳيون جنگهون ڪپي ڇڏيون آهن. پر اکرن کي جيئن جو تيئن ڇڏي ڏنو ائائين. اهڙي وحشي ماڻهوءَ جو اسين ڪو دور مقرر ڪري ڪو نہ ٿا سگهون. پر اندازو ڪري سگهجي ٿو جَنمجَيہَ (Janamejaya) کان پوءِ واري اونداهي دور سان تعلق رکندو هو.

جنهن ۾ هندستان اندر ذات ڏنڏي سان نه پر ڄم سان واسطو رکڻ شروع ڪيو هو. ڪن ڳالهين ۾ هيءُ ماڻهو بَشڪليءَ کان وڌيڪ اهم ڏسجي ٿو. امڪان آهي هي بشڪليءَ کان به پيڙهيون پوءِ ٿيو هوندو ۽ اِهو پڻ ٿي سگهي ٿو ته سندس تعلق بَشڪليءَ واري گهراڻي سان هجي. اهو به امڪان ٿي سگهي ٿو ڪيس بشڪليءَ جي خاندان جو ڪو پتو به نه هجي. ويدن جي نقطي نگاهه کان بشڪلي پاڻ کي برهمڻ سمجهندو هو. چاڪاڻ ته هو هڪ وڏو عالم هو. پر سندس مِٽن مائٽن مان هڪ ماڻهوءَ ائين ڪو نه ٿي چاهيو. هُن مُهر واري گهوڙي جون به اڳيون ڄنگهون پيچي ڇڏيون آهن. "جن مان سَڳو اصل ۾ آرپار نڪتل هوندو. پر هُن بشڪليءَ جي نالي وارن اکرن کي هٿ ڪو نه لاتو آهي. جيڪڏهن هو سندس ويجهو عزيز مائٽ نه هجي ها، ته هُو وياس وارن مُهرن جيان هن مُهر کي به پيچي پوري ڇڏي ها.

هندستان جو اونداهو دور هِنن مهرن کان نه، پر انهن جي اِئين پيچڻ سان شروع ٿئي ٿو. مهاڀارت ڏنڌن جي ناتي انسانن ۾ پاڻ کي سڃاڻڻ جي سُرت پيدا ڪئي هئي. ان کان پوءِ 1050 سالن وارو اونداهو دور شروع ٿي ويو. جنهن ۾ قبيلو قبيلي کان ڇڄي ڪنا ڪِڙا ٿي ويو (وڌيڪ لاءِ ڏسندا مُهر 14 تي ٿيل تبصرو).



83. *Mha Mha Yi : Mahamahiya*
Tr : The Greatest of the Great A Man of Great Power The King of Mahishmati

83– پڙهڻي: مَهَ مَهَ يي مهَمَهَيي (مَهِيشماتي)

معنيٰ: عظيم کان عظيم تر، وڏي طاقت وارو ماڻهو.

تبصرو: پارگٽر واري پنوتريءَ ۾ مهاڀوَم (maha bhauma) دهليءَ جي مرڪزي پُوروَ گهراڻي جو اَسِيئيون ($80^{th}$) راجا آهي. مَهِيم (Mahim) ۽ ڀومي (Bhumi) جي معنيٰ ساڳئي آهي پر ٻين نشانين جي پڙهڻيءَ جي ڄاڻ ڪا نه آهي، تنهنڪري پڪ سان ڪجهه به چئي ڪو نه ٿو سگهجي. اکر نمبر ٻئي سان هڪ ننڍڙي "پ" لکيل آهي. اها ڦ اُچار جي نمائندگي ڪري ٿي. امڪان آهي تہ اِن جو ڀ اُچار به هجي. مَهي وارا ٻئي لفظ اهڙيءَ ريت لکيل آهن، جو سندن شڪل مان هاٿيءَ جي صورت نظر اچي رهي آهي. هن واضح اشاري مان سولائيءَ سان اندازو ڪري سگهجي ٿو. ته اهو اُهڃاڻ هستناپور جي راجا ڏانهن آهي. ان جي هڪ ڇيڙي وٽ ٻوٽي جهڙي هڪ نشاني آهي، جيڪا سَسِيہَ (Sasya) لفظ جي نمائندگي ڪري ٿي. ان سان گڏ "مها ڀوم" جو نالو آهي، جيڪو اَيَتيَس هو. جنهن کي پوءِ سهسريس (Sahasryas) يا سَسَيَيَس (Sasyayaas) به سڏيو ويندو هو. جانور جي جسم تي ڪي اَڻ ڳڻيا اکر آهن، جن مان ڪي اُهڃاڻ معلوم ٿي سگهن ٿا.



84. *Ra Ra Patri Sasha*

*Tripa Shasa*

*(A snake's hood below)*

**Reading : Ruru Patrisasha**

**Ruru Tripashasa**

84_ پڙهڻي: رَ رَ پتري شش

ترپ شَشِ

رُورُو پُتري شَش (رُو رُو تِريپ شَش)

ترجمو: رُورُو تَمير (Tamer) جو راجا يا رُورُو تڪشڪ تمير.

تبصرو: رُورُو نالي هڪ رِشي هوندو هو جيڪو سدائين جهنگ ۾ گذاريندو هو. سندس زال پِرَمَدور (Pramadwara) کي نانگ ڪکي وڌو تہ مري وئي. (يعني ڪيس ناگ قبيلي جا ماڻهو پڄائي ويا). هن ڪيس پنهنجي اڌ حياتي ڏئي ڪيس وري جيئرو ڪري ورتو ۽ ان جي ڏکهي عرصي تائين تيمارداري ڪندو رهيو. هيءُ حوالو تڪشڪ کي سندس دانهن ڏيڻ ۽ ڪيس تنبيهہ ڪرڻ جو آهي. هن مان سمجهجي ٿو تہ هن دانهن پريڪشت کي ڏني هوندي. گهوڙي جي پيچ مٿان ٿوري نانگ جي ڦڻ نظر اچي رهي آهي، جنهن جي معنيٰ تِرپ (Trupa) يا ترَپ (Trapa) يا تَڪشَڪ آهي. گهوڙي جي پٺينءَ جنگهہ تي بہ نانگ جي نشاني ڏسجي ٿي. هيٺ تَرَتي پڻ نانگ جو نشان هوندو. مُهرَ جو خوبصورت حصو اهو آهي جتي ٻتي ”ر“ شادي شده جوڙي جيان بيٺل ڏسجي ٿي، جن مان هڪ مرد ۽ هڪ عورت نظر اچن ٿا. پوئين نشاني قد ۾ ڪجهہ ڊگهي آهي، پر سندس پٺئين پاسي کان ويڙهيل وار ڏسجن ٿا.



85. *Papa*...(*broken* : *Papa* : *Child*)

85_ پڙهڻي: پَپَ (وڏيڪ پڳل آهي)

معنيٰ: ٻارڙو

تبصرو: هيءُ مُهر هڪ موت سان لاڳاپيل آهي. گهوڙي جي جسم تي دم (Dama) جو لفظ ڏسجي ٿو. اکر ۾ گهوڙي جي وچ واريءَ وٿيءَ ۾ ”گُلُ“ آهي.



86. *Ppa ga yi* : *Ppagayi* : *Pragahi*

86- پڙهڻي: پپَ گَ يِي: پپَگَئي: پرَگَهِي

تبصرو: ٻئي سَڳا گهوڙي جي اڳئين پيرن کان آرپار نظر اچن ٿا. جيڪڏهن اِهو اندازو صحيح آهي ته پوءِ اسان پَرگَهِي کي وڌيڪ ترجيح ڏينداسون. جنهن جو سنکاين براهمڻ (Sankhayan Brahmana) (4. 26) ۾ ذڪر نظر اچي ٿو. هيءُ برهمڻ ان ڳالهه ۾ ماهر هوندو هو ته اڏوري ڇڏيل ڌرمي رسم کي ڪهڙيءَ ريت پورو ڪجي.

ٻيون ممڪن پڙهڻيون پَرگهت (Pragatha) ۽ پرگوس (Pragavas) به آهن. ٻئي آنگيرس گوتَرَ آهن. ان کان علاوه اڪر جي مٿان باهه جي اماڙين جا اشارا ۽ ٻن آڪاشواڻي شين جا نشان به آهن پر آنگيرسَن ۾ ٻن سَڳن پائڻ جو رواج ڪونه آهي. اهي ڪُشپَپ به ٿي ڪونه ٿا سگهن. چاڪاڻ ته اُهي سَڳو ٻاهرئين پاسي پائيندا آهن. ٻه آڪاشواڻي شيون مترا ۽ ويرونا ٿي سگهن ٿا. جيڪي پرگهي (Pragahi) سان هڪجهڙائي رکن ٿا. ٻيو به هڪڙو امڪان آهي ته پرگاٿ جي ڳاڻٽن جو ٻه هڪ سَٺُ هوندو هو. اهي ويچارا اڻ پڙهيل هوندا هئا. ڪين قرباني وارين ڌرمي رسمن مان هڙ حاصل ڪا نه ٿيندي هئي. انهن مان ڪي ڀَٽ ۽ ڀانَ هوندا هئا. ته ڪي لپيڪارَ (ڪاتب)) هوندا هئا. اها اُنهن جي سَگتيٽپائيءَ واري ڌرمي رسم ٿي سگهي ٿي.



87. *I Bha Dwa Ra Ka A Shai*
*Shae Sha Vrs Ga Ta Yay*
*Varsha Yay*
*Vrishi*

**Reading : Ibhadwaraka Ashai Shaeasha Varsha Gataye.**

*Translation* : (Two) Door-Guards (of Dwāraka), One of Eighty
Elephant
Years, The Other of Eighty-Six Years

87- پڙهڻي: اِڀَ دوَ رَ ڪَ آ شئي

اِڀدوَرڪَ آشئي شَئِش وَرش گَتَئه

ترجمو: دوارڪا يا (ٻه) درواڻ، هڪ اسي سالن ۽ ٻيو ڇهاسي سالن جو.

تبصرو: ٻن هاٿي پهريدارن مان هڪَ اَسِين (80) ۽ ٻِئي ڇهاسِين (86) سالگرهه ملهائي يا ڪا اهڙي ٻي ڌرمي رسم ملهائي، جنهن ۾ هنن ڊگهيءَ عُمر جي خواهش ڏيکاري آهي. گهوڙي تي رَنگوَليءَ (Rangvalli) جا سڳورا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن ٻنيءَ معنيٰ واري لفظ دوارڪا مان دَرَ ۽ شهر دوارڪا جو مفهوم نڪري ٿو. اِڀ يا اُڀ جون ٻه معنائون آهن. جن مان هڪ آهي "هاٿي" ۽ ٻي معنيٰ آهي "ٻَئي" (both) اِن کان علاوه مشهور معروف حرف علت جي پڇاڙي اَيه (Ay) نشانيءَ سان آهي. جنهن جو اُچارُ آيو (Ayo) يا اَيَو (Ayau) آهي. هن قسم جي تفصيلن کان سواءِ ٻنهي جي معنيٰ سمجهڻ جوڳي آهي.




88. *Aikasha* *Wapa* *Shae* *Sha* *Da*

*Paksha* *Napa*

88_ پڙهڻي: اَئڪَش وَپَ شَئہ شَ دَ

معنيٰ: (1) اَئڪ سِؤپ سَئسَد يا سدد : سَئسد پٽ اِڪشِوَڪ

(2) پَڪشنَپَ شِشَد: جنهن ماڻئن جي ڏرمي رسم واري ڏينهن سَهَڙُ ڪاڏو.

تبصرو: مٿي نظر ايندڙ پڙهڻيون حقيقت کان گهڻيون پري آهن. منجهن بغض ۽ ڪينو سمايل آهي، جن جو خاص مقصد اِهو آهي تہ هڪ اهم راجا جي ننڍپڻ واري بدناميءَ کي هڪ مستقل حقيقت سمجهيو وڃي تہ جيئن هو ساري زندگي بدنام ٿيندو رهي. هِن مُهر کي پڙهڻ واسطي پنهنجي طرفان اسان گهڻا جتن ڪيا آهن ۽ سوچيو ويچاريو آهي تہ لپيڪارَ (ڪاتب) جي دل ۾ اِها شرارت ڇو وينل هئي. واڊيل (Waddell) جي جاچ پرک مان پتو پوي ٿو تہ اها ڪنهن مرتئي سان لاڳاپيل مُهر آهي (پيالي جي چوڌاري اکين مان وهندڙ ڳوڙهن جا ڦڙا وهندا نظر اچن ٿا). اِن کان علاوه شروع واري ڦيٿي جهڙي لفظ جي پڙهڻي پَرَسَ (Parasa) هئڻ کپي ها. جهڙيءَ ريت اسان ٻين جاين تي ڏنو آهي. پر اِتي ان ڳالهہ جو جواز هو تہ اها ڳالهہ نظر ڪا نہ ٿي آئي. پر اسان هتي جاچ پرک ڪئي آهي تہ سَڳو ساڄي طرف واري پير سان گڏ آهي يا اُن مان ٻاهر نڪري ٿو! اِن سان انهن مختلف رِشين جو پتو پئجي وڃي ٿو جيڪي پنهنجي الڳ الڳ فرقي جي اصول موجب سَڳو پائيندا هئا. اَسين جيڪڏهن ڪنهن جواز کان سواءِ هن کي سولي طريقي سان پڙهون ٿا، اسان کي پتو پئجي وڃي ٿو تہ وياس کي بہ شِشَ هئا، جيڪي پاڻ کي پَراسر سڏائيندا هئا، جن جا نالا سِسئيرَ (Sisair) ۽ سَئسَپِينَ (Sausapayana) هئا، پر اسين لپيڪار جي ان بگڙيل نيت کي سمجهڻ چاهيون ٿا، تہ هو سادن سُودَن پڙهندڙن کي پنهنجي اٽڪل بازيءَ سان ايڏو پريشان ڇو ٿو ڪري.

(1) پَ نشاني ڦيٿي جهڙي گول دائري تي آيل آهي، جيڪا پڙهندڙن جي مٿي جو سور بڻجي وئي آهي، جنهن جون 15 مختلف پڙهڻيون آهن، اها چوڌاري مڙي اچي ٿي، جنهن مان اِڪشوَڪ ۾ (I) جي ورڏي اَئي (Ai) بہ نظر اچي ٿي. اسان کي و (w) جي آواز کي وسارڻ کپي، ڪِشَ (ksha) کي بہ فطري ورڏيءَ مطابق سمجهڻ گهرجي. ان کان پوءِ اسان کي اصلي پ ڏانهن رجوع ڪرڻ کپي ۽ ورڏي کي "پڪش" ڪري پڙهجي.

(2) ان کان پوءِ اسان ٻئي اکر ڏانهن وڌون ٿا. هتي اسان کي بہ اکر هجڻ جو پڪو ويساهہ آهي. پر اُن ۾ اندر بہ هڪ نشاني آهي. ان جي شڪل صورت ترِي (Tri) جيان آهي، جنهن کي پاسي واري ورڏيءَ سان ملائجي ٿو تہ ترَ (Tra) لفظ بڻجي پوي ٿو. اهڙيءَ ريت اسان کي سئون سنواٽو پَترَ (Patra) يا پُتر (Putra) جو آواز ملي وڃي ٿو. (هي راجا اِڪشوَڪ گهراڻي سان تعلق رکندو هو يا اِڪشواڪ جو پُٽ هو). پر هيءَ سڌي سنواٽي پڙهڻي ڪنهن وچڙيل اکر سان تعلق رکي ٿي. جيڪڏهن ان جي گهرائيءَ سان جاچ پرک ڪبي تہ پ اکر وٽان هڪ ليڪ مَٿي اُڀري ٿي ۽ ٻي ليڪ اُتي لهندي نظر اچي ٿي ۽ اها لکت ن (N) جيان معلوم ٿئي ٿي. ڏک ۾ پريل ماڻهو (mourners) اِن کي اَئڪشِپُتر (Aikashputra) پڙهي سگهن ٿا. نقاد قسم جا ماڻهو مُهر منجهان اها حقيقت پڙهي سگهندا تہ راجا وِڪُڪشِي (Vikukshi) پَڪش (Paksha) واري ڏينهن تي هڪ سِهڙُ ڪاڏو هو. هن ڳالهہ ڪري مٿس سَسَد (Sasada) جو پڪو نالو پئجي ويو هو. (يعني اِڪشواڪ جي پٽ وَڪوگش کي تاريخ ۾ سَسَدَ ڪري

سڏيو ويو آهي. هن ڪان اڳينءَ مُهر ۾ اسين ڏسون ٿا تہ سندس اصلي نالو سَگَڪشَ Sagaksha آهي. پر سَسَدَ واري عُرفيت بہ سجي چمار ساٽس گڏ رهي آهي.

هڙاپا (سنڌو) ثقافت کي ڪنهن بہ طريقي سان مهان سڀيتا نہ ٿو سڏي سگهجي. هتي ڪيترائي ننڍا ننڍا شهر هوندا هئا، جتان جا راجائون ڳوٺن جي ٻرين مڙسن جيان پنهنجو پنهنجو راڄ قائم ڪيو ويٺا هئا. پاڻ بہ هارپو ڪندا هئا ۽ اهڙن 'حڪمرانن' تي مقامي طور بدناميءَ جا ڪيترائي لينگها لڳل هوندا هئا. مٿن ڪيترا ڇٽَرَ وارا نالا بہ رکيل هوندا هئا ۽ ڪا بہ ڍڪيل ڇُپيل ڳالهہ ڪا نہ هوندي هئي. راجائن کي ظاهري طور مانُ ۽ مَهت وارين نظرن سان ڏٺو ويندو هو. سندن پُٽَ اِنهيءَ گهاڙ ۽ تاڙَ ۾ هوندا هئا، تہ ڪڏهن ٿا سندن پِيرُ مَرنُ ۽ هنن لاءِ منجو خالي ڪن. اهڙيءَ ريت لپيڪار اهڙين دل گهرين ڳالهين کي ٻٽين معنائن ۾ لکڻ لاءِ پيا راجڪمارن کي چاڙهاڻ ۽ ٽيڪون ڏيندا هئا. انهيءَ زماني ۾ لپيڪار ٻٽين ڪنارين واريون اوسيس سان لاڳاپيل مُهرون جوڙيندا هئا ۽ انهن جو ڪاپو بہ گهٽو هو. اهڙيءَ ريت گهٽين معنائن وارن جملن جي بناوت عام هئي ۽ اهو ڪتابت جي هُنر سان لاڳاپيل هڪ عام ڏنڌو هو.



89. *Broken—Can be reconstructed*
'Sai Bawa Shasha Au; Shaibavāsasau

89۔ (مُهَرَ ڀڳل آهي) هينئن پڙهي سگهجي ٿي.
سَئي بَوَ شَشَ اَو: شَيبَوَاسَو
معنيٰ: حَبش جا بہ شهري.
تبصرو: هڙاپا (سنڌو) سڀيتا واري پوئين دور ۾ اُن جو حَبش (Abyssinia) سان تعلق گهٽو وڌي ويو هو. اسان کي خبر اهي تہ بَڪُ بہ ائبيسينيا جو رهاڪو هو جنهن جو ڏنڌو گوشت وڪڻ هو ۽ هندستان ۾ اچي آباد ٿيو هو. ڪرشڻ مهراج جي هڪ راڻي مِتروندا، سابيہ (Saibya) گهراڻي سان تعلق رکندي هئي. هندستان جا بہ تي راجا حبش جا رُتيءَ سان تعلق رکندا هئا، جهڙوڪ سِبِي ڀگيرَٿ (Sibi Bhagirath) انهن سان سندن نہ رڳو وڻج واپار هلندو هو پر پاڻ ۾ سڳاونديون بہ ڪندا هئا. مهاڀارت واريءَ جنگ ۾ هڪ حبش جو ماٺهو فوجي جنرل هو. پر ان جو نالو ٻڌايو ڪو نہ ويو آهي. اُن کي پنجاب جا شِوِي پڙهڻ غلط ٿيندو. هن تي يادوَن جو ورشني نشان ظاهر بينو آهي جيڪو گهوڙي جي جسم تي سَنک جي علامت آهي، هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس تعلق دوارڪا سان آهي. هن ناتي اسان جو سامونڊي وڻج واپار ڏانهن ڌيان هليو وڃي ٿو. امڪان اهو آهي تہ دوارڪا جا واپاري حَبش ۾ وڃي آباد ٿيا هوندا. گهوڙي ڪنجڪ (رِڪيب) وٽان لکڻ جهڙي هڪ علامت ڏسجي ٿي. نظر ائين اچي ٿو تہ سندن گهوڙن جي واپارين سان تعلق هو. اهو ڏنڌو ڏاڍو منافع بخش هوندو هو. دوارڪا ئي هڪ اهڙو شهر هو جنهن جا واپاري، ڪاريگر ۽ ڪامورا ڏاڍا سکيا ستابا هئا ۽ صحيح معنيٰ ۾ بورزوا ۽ شهر جا ڄڻ شهزادا هئا. هيءَ حقيقت بہ ياد رکڻ گهرجي تہ ڪرشڻ مهاڀارت جنگ ۾ سڌو سنئون حصو ڪو نہ ورتو هو. سندس ساري فوج ان واقعي سان اڻ لاڳاپيل رهي هئي. معلوم ٿئي ٿو تہ هن جنگ جو سارو فائدو دوارڪا جي واپارين کي ٿيو جيڪو تن ڏينهين پهچ جوڳو

مشهور بندر هو. جيڪڏهن اِها ڳنجڪ لوهہ جي آهي، تہ پوءِ سمجهڻ کپي تہ اُنهن ڏينهن ۾ دوارڪا ۾ موهن جي دڙي ۽ هڙاپا (سنڌو) کان بہ وڏيڪ سُگَرُ ۽ سَٽائي هئي.



90. *Saka Ka Isha 'Srī (pictorial)*

*Kasa*

*Nakulee Sha*

**Reading: 'Sakaka Ī'sa 'Sri Nakulī'sa**

90۔ پڙهڻي: سَڪَ ڪَ اِشَ سِري (تصويري لکت)

نڪولسي شَ

سَڪَڪَ اِسَ شِري نِڪولَس

معنيٰ: شِري نَڪُولَس، سٿين لوڳن جو ديوتا.

تبصرو: مذهبي تقديس کان ڏجي اسان جو تہ ساهہ مُٺ ۾ اچي وڃي ٿو. هيءَ مُهر نَڪولِش (Nakulesa) جي ظهور بابت آگاهي ڏئي رهي آهي، جنهن کي پوئين زماني ۾ لَڪُولِس بہ سڏيو ويندو هو. هيءُ هڪڙو آزاد قسم جي سوچ ۽ فڪر رکندڙ ڌرمي فِرقو هو جنهن مان پسُوپَتي (Pasu Patas)، ڪالمُکَ (Kalamukhas)، ڀَيرَوَ (Bharavas) ۽ ڪاپالِن (Kapalins) جهڙا وجداني قسم جا فرقا ڦُٽي نڪتا آهن. ان کان علاوه ٻين بہ ڪيترن ئي فرقن تي هن ڌرم اَمَٽ نشان ڇڏيا آهن. هن عظيم ڌرم جي اصليت بابت ڄاڻ ڪا نہ آهي. هارورڊ جي هڪ انڊالاجسٽ ۽ سنسڪرت جي هڪ ڄاڻوءَ هاڻي تازو هن ڌرمي فِرقي بابت ڪجهہ اشارو ڏنو آهي. ممڪن آهي تہ مذڪوره فرقي جو لاڳاپو هَرڪيُولِس (Hercules) سان هجي، جنهن نالي سان سندس نالي جي ويجهڙائي بہ ڏسجي ٿي. (هن حقيقت کي نظر ۾ رکي، اسين اڳ ۾ بہ چئي آيا آهيون تہ يونان جي هر (Her)، هِرا (Hra) ۽ درا (Dra) جي هندستاني "الف، ب" جي اکر لهر (Lhr) سان ڪجهہ آوازي هڪجهڙائي ڏسجي ٿي. ممڪن آهي تہ سندن بنياد هڪ هجي. دراوڙي رَلَ، ڪولہ (Rala, Kula) جي وصف ۾ بہ ساڳي ڳالهہ ڏسجي ٿي. اهي اُچارَ ڪيرالا ۾ اڄ بہ استعمال ايندا آهن. نڪولش پنهنجي سر هندستان آيو هو يا نہ اهو ڪو اهم سوال ڪو نہ آهي پر هن فرقي جي اصليت جو رڪارڊ هتي موجود آهي. اهو سِٿين معرفت هتي پهتل آهي. امڪان آهي سِٿين وري فونيشين کان ورتو هجي. هن ڌرمي فرقي سان لاڳاپيل ٻيون بہ مُهرون بہ نظر اچن ٿيون. پر هن مُهر کي قديم پر نهايت قديم سمجهيو وڃي ٿو. اهو انهيءَ ڪري نہ تہ هن ۾ نڪولش جي اصليت جو ذڪر آهي، پر خود ڪاتب بہ هن جي نالي لکندي هن جي تقديس کان هپائجي ٿو وڃي ۽ سندس تصوير بہ ڊپ ۾ بلڪل ائين چٽي ٿو جهڙيءَ ريت ڇهين صدي عيسويءَ ۾ يهودين جي هڪ صوفي فرقي ڪبالَ (Cabal) وارا جيهووا (Jehova) جي نالي وٺڻ کان ڊڄندا هئا ۽ ان کي چو حرفو YHVH ڪري پڪاريندا هئا. گهڻين ڳالهين ڪري هندستانُ هن ڌرمي فرقي جو احسانمند بہ آهي. هندستاني ڌرمي رسمن ۾ ڪيتريون تڪلف واريون ڳالهيون اچي ويون هيون. نڪولش جي ڌرمي فرقي سَهَجَ (Sahaja) جهڙي آزاد سوچ ڪري درميانہ رويءَ جو اثر ڇڏيو. ان کان سواءِ هن ڌرمي فرقي هٿان وجداني ۽ سَرمستيءَ ۾ عقلمنديءَ جو لاڙو پيدا ڪيو. هن حقيقت ۾ پَت سُپَت جو فلسفو ڏنو. اِن جي اصليت بابت اسان کي ڪا بہ خبر ڪا نہ آهي. مختصر طور ائين سمجهڻ گهرجي تہ هن "رسم ۽ رَواج" خلاف بغاوت جو جهنڊو بُلند ڪيو ۽ انهن ۾ جيڪي اجايون سجايون ڳالهيون مليل ويون، تن کي ختم ڪرڻ لاءِ محاذ ڪڙو ڪيو هئائين. غريبن کان بہ وڌيڪ غريب هن ڌرمي فرقي سان ٻَڌجي پيا. اهو اسان جي پِري هيلينِسِٽِڪ (Pre- Hellenistic) ڪلا جو سرچشمو هو. هن ڌرم پورهيتن ۾ اعتماد ۽

شان پيدا ڪيو. ان وقت دهليءَ جي مرڪزي سياسي قوت ختم ٿي چڪي هئي، پر هن هندستان جي ثقافتي ايڪائيءَ کي بچائڻ واسطي جبل جھڙو سگھارو بنياد فراهم ڪيو.

مُهر ۾ بہ ڪو ڪترپٽو نظر ڪو نہ ٿو اچي. جانورُ گھوڙو نہ پر شڪل صورت ۾ چيتي جيان ٿو لڳي. مٿس اُهڙا پٽا يا نشان ڪو نہ آهن. ڏاند بہ ٿي سگھي ٿو. سندس پنيءَ تي هڪ طاقتور نور mongoose (نڪول Nakula) ڏسجي ٿو جيڪو مٿي نرو ڪٽي ميچيءَ جهڙي نشاني سَ (sa) کي پڪڙي رهيو آهي. سندس مقصد ڪو ڳُجھہ آهي. چاڻ وارن ماڻھن کي اها خبر هوندي تہ نور جو اشارو سندس نالي ڏانهن آهي. سندس سگھاريون ڄنگھون ڏاند مٿان لٽڪيل آهن. جيڪو هوريان هوريان ان ۾ تحليل ٿيندو پيو وڃي. واضح طور هيءَ هڪ تاثر ڏيڻ واري مُهر آهي. يوگيءَ جو جسم بہ هڪ تاثر ڇڏڻ واري علامت آهي، جيڪو ڏاند جي جسم جي آرپار (سندس آنورن سان گڏ) لڙڪي رهيو آهي. سندس منهن ۾ مينڊيا بہ چٽا ڏسجي رهيا آهن. هن جا ڪُلها ٿلها ۽ ڍِلا ڏسجن ٿا. سندس ڏيڍر ڏاند جي جسم ۾ گم ڏسجي ٿو. تصوير نينڊڙي آهي، پر جي پڪاسو (Picasso) ڏسي ها تہ ڪيس بہ لطف اچي وڃي ها.

نڪولش جو هيءَ ڌرمي فِرقو وري هڪ ڪلاءِ لکت جي صورت ۾ اچي ٿو. (ڪپترال Kapatrala ڪرناٽڪ لاڪول سئوير اتهاس Savivara Itihasa_ باب II) هيءُ ڌرمي فرقو سنڌو سيپتا جو سهيوڳي هو جنهن ۾ آزاد قسم جي سوچ ۽ فڪر جو عمل دخل هو. ورنہ برهمنيت ۾ اهڙي قسم جي آزاد سوچ ۽ فڪر جو تہ تصور بہ ڪري ڪو نہ ٿو سگھجي. هن ڌرم جي پوئلڳن جو خيال آهي تہ سندن ڌرم جو تصور آنادِي (Anade) دور ۾ خود شِو (Siva) ديوتا ڏنو هو. هن مُهر وسيلي اها ڳالھ ثابت ٿئي ٿي، تہ اها ڪا آجائي ٻٽاڪ ڪا نہ آهي. سنڌو_سيپتا واري دور کي ڏند ڪٿائن ۾ دواپر (Dwapara) جو سمو سڏيو ويو آهي. پارگٽر جو خيال آهي تہ مهاڀارت جي جنگ ان دواپر دور کي ختم ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ 1050 جو اونداهو سمو آهي، جنهن ۾ مهذب زندگي، ادارا، فن، سماجي ميل جول، هڪ هنڌ ڄمي ويهي ٿا وڃن. ان سمي ۾ اهي ڌرمي فرقا بہ زير زمين هليا ويا، پر سماج جي ڪن حصن ۾ غير اظهاري شڪل ۾ چنبڙي ويا. انساني زندگيءَ کي مالا مال ڪري ڇڏيو. ٻڌ ڌرم جي زوال کان پوءِ جڏهن ماڻھن کي بااصول ۽ فعال زندگي جي لوڙ پئي تہ هي ڌرم پنهنجي اظهاري شڪل صورت ۾ ٻاهر نڪري آيو. ابتدائي دور ۾ نڪولس کي ناگ طور مڃتا ملي. بعد ۾ هن کي ويدانتي شڪل ڏني وئي، جنهن کي سترودريہ (Satrudriya) جي شڪل ۾ ڏسي سگھجي ٿو جيڪو يجر ويد جو هڪ نهايت مشهور حصو آهي. تنهنڪري چئي سگھجي ٿو تہ هيءُ ڌرمي فرقو وياس کان ٿورو اڳ هندستان پهتو هو.




91. *Ppa Tri Ka—(br.): patrika—Vessel-Makers/Actors/Seal-Makers*
**(On horse's neck/heel) : Pati: Leader/Foreman**

91_ پڙهڻي: پپ تري ڪَ= پَترِيڪ

معنيٰ: ڪاريگر، اداڪار، لپيڪار

گهوڙي جي ٻڇي: پٽي: اڳواڻ، اُستاد

تبصرو: هن مُهر جي پڙهڻي پَپ اَتريڪ (تريڪ) پٽي Papa Atruka Pati به ٿي سگهي ٿي. هن مان اهو به سمجهي سگهجي ٿو ته اهو ٽن آزاد خيال ماڻهن جو سَٿُ هو. آتري ڌرمي فرقو يعني وڏيڪ آزاد خيال تِريڪ فرقو جنهن جي اڳواڻي ڌرمي فرقي جو سندن گرو ڪري رهيو هو. پُراڻ دتاريه فرقي بابت گهڻي ڪجهه جاڻ ڏين ٿا. جيڪڏهن مارڪنديه پُراڻ تي ويساهه ڪجي ته هيءُ فرقو هندستان اندر آزاد خيال نَڪولِش فرقي جو پرچارڪ سمجهيو ويندو آهي. (مُهرن جي هن مجموعي ۾ ڪي اهڙيون به مُهرون آهن جن ۾ هن فڪر جي ڪمال جو ذڪر موجود آهي. جنهن جو مثال مَرڪَ (Marka) واريون مُهرون آهن.)

حقيقتون ڪٽي ڪيئن به هجن، پر اسان هن مُهر کي اُن شاهديءَ جي بنياد تي ٽانوَن ناهڻ وارن يا مُهرن ناهڻ وارن ڪاريگرن ڏانهن منسوب ڪريون ٿا. جو گهوڙي جي پڇ ڪان مٿان تئي (pan) جو نشان نظر اچي ٿو. جيڪو شڪل ۾ ٽڪندو آهي. تنهنڪري ڪنهن ڊراما جي ڪردارن کي خارج از امڪان سمجهي سگهجي ٿو. لپيڪارن کان وڌيڪ ٽانارن کي ترجيح ڏئي سگهجي ٿي. چاڪاڻ ته مذڪوره تَئيءَ جا ڳنا وريل آهن. ان جي تصوير گول تئيءَ جهڙي مُهر جي ٺَپي جيان آهي. جا اُڪريل آهي ۽ تراڪڙا ۽ سوڙها نشان به آهن. جن کي ويلرَ (Wheeler) ڪنجهي جو آئينو سمجهيو آهي. (ڏسندا پليٽ XXV-B سر مورٽيمر ويلر، انڊس سِولائيزيشن 1968)

ڪنجهي جي هن تئيءَ جي شڪل گول آهي. نظر ائين اچي ٿو ته ڪنجهي ڏاتوءَ جا ٽانارا گهڻو ناڻو ڪمائي سُکيا ستابا ٿي ويا آهن. گهوڙي جي ٻچيءَ تي پٽي (Pati) جو لفظ لکيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو جنهن مان اشارو ملي ٿو ته ٽانارن جي سَٿَ جي اڳواڻ سَٿَ پاران اهڙي ڌرمي رسم ادا ڪئي هئي. اهڙن سَٿن کي هڪ ڊگهي تاريخ آهي ۽ مُهرن تي لکت ۾ انهن کي پَرَسَ (Parasa) يا پَريشَد (Parishad) ڪري لکيو ويندو هو. حقيقت اها آهي ته قِيتي جهڙي پٽي لفظ کي پَرسَ يا پَريشَد ڪري پڙهي سگهجي ٿو. هن مُهر جو هڪ حصو پيچي پيل آهي. پر کُرچيل لکت ۾ ٽن منارن وارو ڦاٽڪ موجود آهي. اِن مان اسين هڪ اندازو ڪري سگهون ٿا ته هنن ٽانارن جو تعلق دوارڪا سان هو جتي مهاڀارت جنگ واري عرصي دوران ڪاريگر ۽ هُنرمند پئسو ڪمائي، شاهوڪار بڻجي ويا هئا. دوارڪا لاءِ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي نمائندي وليم هاڪنس جو سترهينءَ صديءَ سان لاڳاپيل صورت جو بيان ڏسي سگهجي ٿو. سندس چوڻ آهي ته شهر جو هيءُ پاسو هاٿي ميدان ڏانهن آهي. باقي ٻيا طرف هيٺ مٿي آهن ۽ گهاٽي ڪنڊياري جهنگ سان پريا پيا آهن. ڪيس ٽي دروازا آهن. (ڏسندا "نوٽس آن جان هاڪنس" ايڇ. جي. رالنسن، پنڊارڪر ڪمو موريشين وارو جلد، پونا، پوري 1917، ص 282).



92. *Dwā Ra Ka Yo Pañcha Pa Yi/Ha*

**Reading : Dwārakayo Panchapaha/Yi**

92_ پڙهڻي: دِوا رَڪَ يو پَنچَ پَ يِي

معنيٰ: دوارڪيو پَنچپَهَ

تبصرو: ٻيءَ ڪنهن سُجاڻپ جي غير موجودگيءَ ۾ آخري پڙهڻي وڌيڪ مناسب لڳي ٿي. پر ٻين پڙهڻين ڪي بہ هڪجهڙي اهميت آهي. گهوڙي جي شڪل بہ عجيب غريب لڳي ٿي. اُن جي مُنڍي تہ ڏسجي ئي ڪا نہ ٿي. اُن جي جسم تي بہ چِٽا اڪر ڏسجن ٿا. تَشَ (Tasha) جي پنيان ڏنگو ڦڏو دَ (Da) ڏسجي ٿو. اِهي پِٺَ پاراتي جي نمائندگي ڪندڙ نشانيون مانڊاٽيءَ جهڙي نشاني تَ (ta) جي لاءِ تير جهڙي نشاني شَ (Sha) ۽ ڪمان واري رسي دَ (Da) جي نمائندگي ڪري ٿي. ٻاڪ جهڙي شڪل بہ ٻڪاٽڪوا وزار آهي، جنهن مان پتوپوي ٿو تہ مُهر پِٺَ پاراتي سان واسطو رکي ٿي. پنئين پير جي پرسان نانگ گهمندو ڦرندو ڏسجي ٿو. آڏو بہ هڪ ٻگهي طرز جي نشاني آهي. ممڪن آهي تہ اها پيچڻ ٽُنڻ واري علامت ڪا نہ هوندي، پر ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو جڻ ڪا لَٺِ يا نيزو آهي، جنهن ڪي چيچڙي ۾ ڏڦي جهڙي آٽي لڳل آهي. اڳين چنگهن ۾ نيرُ لڳل اٿس، جنهن ڪيس اڳتي وڌڻ کان روڪي رکيو آهي.

گهوڙي جي جسم تي نظر ايندڙ اهڙين نشانين مان هڪ اندازي ڪرڻ جو جواز ملي ٿو. اُنهيءَ زماني ۾ ڪنهن شاهوڪار ماڻهوءَ ۾ وادِن جي وچ ۾ ڪو ڦڏو چوٽ چڙهيل هو. اُن شاهوڪار ماڻهوءَ ڪا جڳهہ جوڙائي ۽ ڪم تي لڳايل وادِن کي پورهئي جي اُجرت ڏيڻ کان پڙُ ڪڍي بيٺو هو. اُهو معاملو وچي وادِن جي سَتَ تائين پهتو. پنجن چڻن تي مشتمل ان سَتَ مليل شاهدين جي آڌار تي اُن شاهوڪار خلاف پنهنجو فيصلو ٻڌايو. پر وتن لِکت ۾ ڪي شاهديون ڪو نہ هيون، تنهنڪري کين قانوني طور انصاف جي اُميد ڪا نہ هئي. تنهنڪري هُنن ڌرم مطابق اهڙي رسم ادا ڪئي هئي، تہ جيئن کين انصاف پلئہ پئجي سگهي. اُنهن اهڙي قسم جي رسم ادا ڪئي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو هو تہ گهر جي مالڪ کي مُنهن ڪو نہ آهي. يعني بي عزت آهي. اِن کان علاوه جاءِ جي مالڪ لاءِ ٻيا بہ ڪي پِتون پاراتا هُئا. اَڻ منهون (faceless) هڪ اصطلاح آهي، جيڪو هندستان جي هر ٻوليءَ ۾ نظر اچي ٿو. انگريزيءَ ۾ اهڙو لفظ losingface يعني ”مُنهَن جي پڪائي“ آهي، جنهن جو مطلب بہ اهو ساڳيو آهي. اسان جي هيءَ سمجهاڻي مُهر تي نظر ايندڙ لکت جون سيئي صورتون پوريون ٿي ڪري، پر ائين نہ ٿو چئي سگهجي تہ اها آخري آهي.



93. (*Pictographic*) *Na Ga Bashaka Nakashsa*
*Shakana*
(*ignoring top 'Siva snake mark*)
(*next two lines: 'Sa Kka 'Saga*
*Kaka 'Saka*
*'Sa'sna*

93- پڙهڻي: نَ گَ بَشَڪَ نَڪَشَ
شَڪَنَ
ٻي سٽ: سَ ڪڪ: سَگَ: ڪڪ سڪ
ڪڪَ سَڪَ
سَسِنہ
نَڪَسَ سَڪَڪَ سَهَگَ يا سَڪَشہءَ يا شَڪَشِيشنَ
معنيٰ: نڪولِش، ناگپال، ساڪاراجا

تبصرو: مُهر ۾ نظر ايندڙ سيئي اکر نانگ جي شڪل جهڙا آهن. ٽيون نمبر اکر تہ چٽو آهي، جنهن کي شِوِ پڙهي سگهجي ٿو. پر ڪابي پاسي کان نانگ جهڙي هڪ نشاني آهي، جيڪا اڳتي وڌندي، وچي مُهر وٽ پهچي ٿي، تنهن کان لنوائڻ مناسب ڪو نہ ٿو لڳي ۽ جيڪا ”ن“ (N) نشاني آهي. اُن جي هيٺان وريل شڪل سان ”و“ (w) آهي، جيڪو پيالي جهڙي نشاني الف مٿان ڏسجي ٿو. ٻئي پاسي تي ”سَ“ (sa) نشاني آهي، اُن جي فطري پڙهڻي وچي سَڪَنَ (Sakana) بيهي ٿي، پر هن پهريان ايندڙ مُهر تي نالي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جنهن جو واسطو نڪولِش ڏرم جي شروعاتي دَورَ سان آهي. اسان ان مُهر جي مُهڙ واريءَ لکت نَڪَسَ (Nakasa) کي نِڪولس ڪري پڙهيو هو ۽ بنا ڪنهن زور ڏيڻ جي سسِنَ (Sasna) ڪري بہ پڙهون ٿا، ڇاڪاڻ تہ اها وڏي نَ تي اچي ختم ٿئي ٿي، جيڪا پيالي جهڙي نشاني اَلف مٿان چڙهيل سَ وٽان شروع ٿئي ٿي. هن مان معلوم ٿيندو تہ نڪولش واري ڏرمي فرقي لِنگ پوڄا (Phallie worship) کي نئين سر جياريو هو. جيڪو هڙاپا (سنڌو) کان اڳئين (Pre- Harappa) دور سان واڳيل هوندي هئي ۽ اُها اڄ بہ هماليہ ۾ رهندڙ ناگا لوڪن ۾ عام آهي. ويدن ۾ هن کي سِسِنَ ديو (Sisna-devas) ڪري سڏيو ويو آهي. (Rg-2.3.82) اِن جي مناسب نمائندگي ڪندڙ لفظ سُپيرو (Snake Charmer) آهي، جنهن مان اشارو ملي ٿو تہ هن ڏرم جي شروعات ناگا لوڪن کان ٿي هئي. اهي ماڻهو نانگ ۽ وڻ جي پوڄا ڪندا هئا. جيڪا تَڪشَڪ جي دور تائين بہ هلندي نظر اچي ٿي. (ڏسندا: اَيَپَ مُهر نمبر 30) اَٿرَوَن ويدُ بہ ناگا قبيلن سان تعلق رکي ٿو جيڪو نانگن جي ڏنگيل کي صحتياب ڪرڻ جو ڏانءُ ڏسي ٿو. پر اُهو نانگ کي مُنڊڻ جو ذڪر ڪو نہ ٿو ڪري، پر سِٽين لوڪن وٽ نانگ تي ضابطي رکڻ جو فن هو. تنهنڪري ناگا لوڪن اُن کي پنهنجي ديوتا کان بہ وڏيڪ ديوتا ڪري مڃيو ۽ وڏي جوش ۽ جذبي کان ڏرم ۾ داخل ٿيڻ لڳا. هن جي معنيٰ هيءَ بہ ٿي سگهي ٿي تہ نانگن (ناگواسڪ Nagavasaka) ۾ اهو فِرقو بنا ڪنهن تبليغ جي مڃتا ماڻي ويو. اُياٽي ۽ گول ٽَري واري ب نشاني ۾ اندر سَڪَ (sak) نشاني ڏسجي ٿي. هن وسيلي اسان کي اها ڄاڻ ملي ٿي، تہ وچ مشرق جي ملڪن جي لِنگ جي نشان جيان نڪولِش واري هيءَ علامت چورس طرز جي هوندي هئي. اڄ بہ اهڙي قسم جي لنگ نشانيءَ کي خاص اهميت آهي. ڏکڻ هندستان پاسي هن کي چؤڪ لِنگ سڏيندا آهن جيڪو چَتُشِڪ لِنگ (Chatushka Lenga) مان نڪتل آهي، يعني هم چورس لِنگ. هاڻي لنگ جي چورس ڪنارين کي ڪٽي گول بنائي چورس لنگ ۽ گول طرز جي لنگ ۾ عالت آندي وئي آهي. مهاڀارت جو آدِي- پروَن (Adi parvan) وارو قديم گروڊَ وارو باب نَڪولِشَ يا اَيپِيَنَ جي اچڻ بابت قديم رڪارڊ آهي. پر هن مهر ۾ اِن حقيقت جي پٽيرائيءَ جي ڪا شاهدي نظر ڪا نہ ٿي اچي، ڇاڪاڻ تہ ”شَڪ“ (shak) پکي گِروڊَ کان بلڪل مختلف آهي. اهو بدڪ يا هنس ٿي سگهي ٿو. پر هيءَ مُهر هڪ منجهيل مسئلي کي حل ڪري ڇڏي ٿي. هٿ ۾ لڪڻ نَڪُولِش فرقي جي نمائندگي ڪري ٿو. پر هن مُهر ۾ ڪٽي بہ اهڙو لڪڻ نظر ڪو نہ ٿو اچي، نہ وري اهڙو لڪڻ نڪولش واريءَ اڳئينءَ مُهر نمبر 90 ۾ بہ موجود آهي. هيءَ علامت بلڪل واضح آهي. هي لڪڻ بعد ۾ هن ڏرمي فرقي جي سجاٽپ ۽ علم جي نشانيءَ طور شامل ڪيو ويو آهي. هرڪوليس ڏرمي فرقي سان هڪجهڙائي بہ ظاهر آهي، جن هندستانين کي نورَ جي خوبين بابت شاعرانہ ڄاڻ هئي. هو نانگ جو ڪيترو دشمن آهي. اُنهن لاءِ نڪولِش وارو ڏرمي فرقو ڪو ڏاريو ڪو نہ هو. اهي هرڪيولس، ڊرائڪولا (Dracula) ۽ ايشيا جي ٻين ڏرمي فرقن جي مَتَن تي ٻُوُڙهو ڪو نہ سوچيندا ويچاريندا هئا ۽ حقيقت بہ آهي تہ ساڪا يا سِسِئن لوڪ پنهنجن ديوتائن کان طاقتور ديوتائن جي پوڄا ڪندا هئا. انهي ڪري نئين سِري سان نئين ثقافت قبول ڪرڻ جو هڪ نئون دور شروع ٿيو. تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ ڪورُو جانگل ڪشمير ۽ هماچل پرديش جي ناگا ڪُل جي ماڻهن پَسُو- پار ۽ پَتي (Pati) ڏرمي فلسفي تي ٻُوڙهي نموني سوچڻ شروع ڪيو هوندو ۽ ڪشمير جي سَيوِ (Saivism) يعني شِوِ ۽ تِريڪ ڏرم جي لاءِ ڪليو ميدان پيدا ڪري ورتو هوندائون. هن مُهر ۾ هڪ رَسي آهي جيڪا گهوڙي جي پوين ڄنگهن کي جهليو بيٺي آهي. اُها سُجاڳي لاءِ هڪ علامتي نشاني آهي جنهن جي هتي ضرورت ئي ڪا نہ هئي. پر اها پاس Pasa ۽ پَتيءَ (Pati) جو ڏرمي فلسفو آهي. رسيءَ جي

ڇيڙي وٽ هڪ اک ڏسجي ٿي. ان ڌرم جا پوڄاري ان کي ديوتا سمجهن ٿا ۽ اهو پسوُ آتما کي جهليو بيٺو آهي، جيڪا انسان جي اَڻ سڌريل آتما آهي. هن ڪرچ لکت جو پڙاڏو مُهر نمبر 90 ۾ موجود آهي، جنهن ۾ نڪولش مڇيءَ جهڙي انساني آتما سختيءَ سان وات ۾ جهليو بيٺو آهي. اَسان کي هن فلسفي کي سياسي پسمنظر ۾ ڏسڻو پوندو. مهاڀارت واريءَ جنگ ۾ ڪورُو جانگل وارن ناگا لوڪن حصو ڪو نہ ورتو هو تنهنڪري اُهي وڌيڪ طاقتور ۽ ڇڙواڳ بڻجي ويا هئا. جيڪڏهن شميڪ شڪتيءَ جي ڳالهہ ۾ ڪجهہ سچائي آهي تہ اهي ناگا گُروُ هئا، جن جي پريڪشت توهين ڪئي هئي ۽ اُهي ڪاوڙجي پيا هئا. نوجوان شڪتي وانن پنهنجو پلاند ڪري ڪاوڙ ٺڏي ڪئي هوندي. سادن سودن ناگا لوڪن ۾ بهادريءَ ۽ مهمجوئي جون اهڙيون ڳالهيون هونديون هيون. انهيءَ ڪري امڪان آهي تہ مرڪزي ڪورُو راجائن جي سرحدن سان هُنن لُٽ ڦُر ڪري ۽ باهہ ڏئي شهر ساڙڻ جون ٿهري ڪارروايون ضرور ڪيون هونديون. اهڙيون ڳالهيون وٺن پهچندڙ دانهن مان بہ ڪري سگهجن ٿيون. (مثال طور رُورُو مُهر نمبر 84). پر جڏهن پَريڪشَتَ جي هڪ منظم فوج ناگا جي غير منظم فوج ۽ ماڻهن مٿان حملو ڪيو تہ تَڪشَڪ جون ٻانهَن ٻيلي ڏُريون ۽ سندس پائر ختم ٿي ويا ۽ سندن خود اعتمادي بہ ڊانواڊول ٿي وئي. خود تَڪشَڪ کي پَريڪشَت ڪري جِئدان مليو هو. پوءِ هُن اهڙي پلاند وٺڻ ڪاڻ وِهاڻيل صوف ۽ پنهنجي قاتلن جو ٽولو مٿن چاڙهي موڪليو هو. معلوم ٿئي ٿو تہ ائين ڪرڻ سان نہ تَڪشَڪ جي عزت آبروءَ ۾ واڌارو آيو هو نہ وري عام ناگا ماڻهن ۾ خود اعتمادي پيدا ٿي هئي. اُتان جي ماڻهن پنڊت، راجا تَڪشَڪ جي حڪومت کي قبول ڪو نہ ڪيو ۽ غير سياسي دانشوَر، نِڪولش جي ڌرمي فلسفي کي قبول ڪري ورتائون، جيڪو منجهن موجود ئي ڪو نہ هو. هُنن نئون ڌرم اختيار ڪري، نئين قسم جي پاٺ پوڄا سان پنهنجي ئي پُراَمن زندگيءَ جي شروعات ڪئي هئي. سندن اعتقاد هو تہ خدا پاڻ بہ ڪاوڙ ۾ ڪيني واري ماڻهوءَ کي سڌو دڳ ڏيکاريندو.




94. *Papa Hae 'Sa Ka Tri Da*

*Trisa*

**Reading: Papahai'saka Trasada**

94_ پڙهڻي: پَپَ هَـٔ سَ ڪَ ترِي دَ

پپشَئي سَڪَ ترِسَدَ

معني: ترِسَدسِيُو – جيڪو ڏوهہ معاف ڪري ڇڏيندو آهي.

تبصرو: هي ترِسَد سِيُو جي آخري مُهر آهي، جيڪا ڏوهن بخشائڻ جي نوعيت واري آهي. هن لکت سان گڏ رَٽُ ڏسجي ٿو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندس هيءَ مُهر سندس نوجوانيءَ واري دور جي آهي. شايد راجا اِڪشوڪو جي ٻڌايل ٻارڙي جي موت واري اُن فيصلي کان پوءِ جي آهي، جنهن بعد چوڏس چوٻول ٿي ويو هو تہ ترِسَدسِيُو ڪوڙ ڳالهايو آهي ۽ فيصلو ڪندڙ راجا اِڪشوڪُو راجا ترِسَدسِيُو جو طرف وٺي ويو آهي.




95. *Ta G 'Sa Prah Ra*

*Ppah Sha*

**Reading: Taksha Prahra**

**Ppasha**

*Translation*: Taksha of Assam

Taksha Naga

95_ پڙهڻي: تَ گ سَ پرهَ رَ

پِپَ شَ

تڪش پرهر

پپَش

ترجمو: آسام جو تَڪش

ناگا جو تَڪش

تبصرو: هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ مُهر ڪورُو جانگل جي راجا تَڪشَڪ جي ڪا نہ آهي، جنهن پَريڪشَت کي قتل ڪرايو. تَڪش نالي وارو هيءُ ماڻهو يا تہ آسام سان تعلق رکي ٿو يا ناگا لَئنڊ سان. ٻي ڳالهہ تہ هيءُ برهمڻ لڳي ٿو جيڪو هڪ چڙو چانڊ ۾ ڪراڙو هوندو. گهوڙي جي جسم مٿان اِشوت وڻ جو ٻيڙو ٿيل پن ڏسجي ٿو. معلوم ٿئي ٿو تہ هي تَڪشَن يا تَڪش وَئسالي آهي، جنهن جو سِتُپَٿَ بِراَ (Stapatha Bra) ۾ بہ ذڪر آهي، جيڪو شريمتي آرُونيءَ جو گُرو هو. سندس پيءُ جو نالو وِرجُ هو. هن جَنَمَ جَيہَ جي قربانيءَ جي نگراني ڪئي هئي. سَڳو گهوڙي جي اڳينءَ ڄنگهہ ڪان آرپار ڏسجي ٿو. تَڪشَن جو سَتپَٿَ بِرا ۾ ۽ تڪش وئساليءَ جو آٿروَن ويد (29_10_7) ۽ پَنچَوِنس بِرا (Panchavansa Bra) 3_15_25 ۾ موجود آهي.




96. *Para 'Sae Ma Hai*

*Bhai*

**Reading: Para Shaimahai**

**Shaimabyai**

*Translation*: For Shaima, A Parā'sara

A Brahmin

2. ——— Para'sai Mahaye: For (N Behalf of) the Reigning King of Persia

Or

(May the Benefit of this Rite Go) To the Reigning King of Persia.

96_ پڙهڻي: پَرَ سَئہ مَ هَئي

يَئي

= پرشئمهئي

معنيٰ (1) شئم پراسر (برهمڻ) لاءِ

پَرسَئي مَهئي

ايران جي موجوده حڪمران لاءِ (هن قربانيءَ جو ثواب) ايران جي حڪمران کي ملي.

تبصرو: پڪ سان چئي ڪو نہ ٿو سگهجي تہ اهو نالو شَميڪُ آهي يا شَمُبڪ. چاڪاڻ تہ سندن پيئُرن جا نالا لکيل ڪو نہ آهن. ٻَئي سَڳا گهوڙي مان آرپار نڪتل آهن. شميڪ جي امڪان کي تہ خارج ڪري سگهجي ٿو انهيءَ ڪري جو آنگيرسِ

ٻہ سَگِا ٻاهران ڪونہ پائيندا آهن. ٻين ڪترين ۾ يادوَن هئڻ جو بہ امڪان گهٽ آهي. جهڙوڪ سَمَ (Sama) پٽ آيو (Ayu) ۽ سَمين پٽ سُورَ يا راڪشس جهڙوڪ سَمبرُ وغيره. هاڻي سَمبوڪ ۽ سَمپَڪ (Sampaka) ۽ سَمَيَڪ (Samyaka) تنهي مان چونڊڻو پوندو تہ هتي ڪنهن جو نالو لکيل آهي. پوئين نالي وارو ماڻهو برهمڻ هو جنهن جو پڻ امڪان آهي. سمبوڪ جو نالو بہ آسانيءَ سان خارج ڪري ڪو نہ ٿو سگهجي. هو شودر هو جنهن کي رام ڪُٺو هو (پارگٽر جي نقطي نظر موجب). امڪان آهي تہ سمبوڪ قديم دور جيان سڳو پاتو هجي. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ متان رام نئين دورَ ۾ ائين ڪيو هجي (وڌيڪ لاءِ ڏسندا پَٽِلا بَشڪَليءَ جي مهرن 81 ۽ 82 تي ٽِيل تبصرو).

(2) ٻيءَ پڙهڻيءَ مان اهو اشارو ملي ٿو تہ ايران جي بادشاهہ جي نالي سندس تَسِفيرَ هِتي اچي قرباني ڏني آهي ۽ سندس مُهر هِتي رهجي وئي آهي.



97. *A Pa Ka 'Sai K Hai Ka Yi*
**Reading : Apaka'sai Haihaikayi**

**Apaka Ah'sāi Haihaikayi**

97- پڙهڻي: اَ پَ ڪَ سَئي ڪَ هَئي ڪَ يي

اَپَڪاسَئي هَئهَئہ ڪَئِي، اپڪا اَ هَسئي هئهئہ ڪَئِي

معنيٰ: هئهئڪ (وِتَهَوِيہ) ڪاشيءَ جي راجا هَئهَئڪَ جي ختم ٿيڻ لاءِ خواهش ۽ اَپڪا (دوآبي) جي حڪمران ٿيڻ جي تمنا.

تبصرو: هي مشهور راجا وِتَهَوِيہ (Vitahavya) آهي. سندس پيءُ جو نالو پانچال تالَ جَنگهہ (Panchala Talajangha) هو. ڪي پُراڻ هن کي تال جنگهہ جو پاءُ لکن ٿا. پارگٽر هن کي سندس پٽ ۽ "مهاسَهسَرا جُن" (Sahas rajeema) جي پنجين پيڙهيءَ مان ڄائنجي ٿو. پرسرام جي هڪ ئي حملي تال جنگهہ جي تخت ۽ تاج کي تاراج ڪري ڇڏيو هو. هارَ ڪان پوءِ پاڄُڙ ۾ وِتِيهَدِيہ (Vitihavya) کي تال جنگهہ، هڪ جهنگ ۾ ملي ويو هو جيڪو جنگ ۾ گهاءَ کائي اچي اُتي لِڪو هو. هن سندس تيمارداري ڪئي هئي. ان ڪانپوءِ وِتَهَوِيہ پنهنجي ساري سياسي سگهہ سَهيڙي، ماهيش مَتي (Mahushmati) ۾ پاڻ کي مضبوط ڪيو ۽ ايوڌيا کي فتح ڪري جلد ئي وجي ڪاشيءَ تي هلان ڪيائين. هن ڪيترا ڀيرا ڪاشيءَ تي گهُل چاڙهي، پر پوءِ بہ سوپارو ڪونہ ٿيو. هوريان هوريان سندس فوجي سگهہ بہ هيٺي پوندي وئي. اهڙيون جهڙپون ڪاشيءَ جي ديوداس (Divodas) (ٻئي) تائين هليون. آخر هن کيس شڪست ڏني. اهڙيءَ ريت هُن ڀڄي اچي ڀِيرگُو آشرم (Bhirgu Asrama) ۾ پناهہ ورتي. ديوداَس جو پٽ پِرَتَرَدَن (Prataradana) سندس ڪَڍِ لڳو ويو. ان وقت تائين هو سَڳو پائي، برهمڻ بہ ٿي چڪو هو. هن کيس ڪتري ئي رهڻ لاءِ زور ڀريو. پر هن نہ مڃيو. هن کيس چيو تہ هو پنهنجيءَ جاءِ تي پنهنجي پٽ کي راجا بنائڻ ۽ پاڻ برهمڻ رِشي ٿيڻ ٿو چاهي.

هيءَ مُهر سندس اُن دور سان واسطو رکي ٿي، جڏهن هو گنگا جي سڪئيءَ ستابيءَ ماتريءَ کي فتح ڪرڻ لاءِ حيلا هلائي رهيو هو. اپڪاشِي ، هينينءَ ڪاشيءَ وارو علائقو آهي. ڪاش (Kasha) جي مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ آش Asha کي مختلف معنائن ۾ ڪتب آندو ويو آهي. هٽ سان ٽيل لڪت هڪ نئون مسئلو پيدا ڪري وجهي ٿي. معلوم ٿئي ٿو تہ اها موجوده دور جي ناگريءَ جي علامت "اوم" آهي. هتي الف جي شڪل انگريزيءَ جي انگ '3' جهڙي آهي. ڪانچي ۾ جهنڊو ڪتل ڏسجي ٿو. پڪ ٿئي ٿي تہ اها هڙاپا (سنڌو) — لکت جي نشاني نہ آهي. ڇا اِها نئين لکت وِيتهوترِ (Vitihotra) جي

ايامڪاريءَ دوران تہ شروع نہ ٿي هئي؟ پارگٽر جي شجرن واري پَنوتِري (فهرست) ۾ هيءُ 36 هون حڪمران آهي. اُن دور کي مهاڀارت جهيڙي کان ٻارهن سو سال اڳ سمجهي سگهجي ٿو. اهو بہ امڪان آهي تہ اُن دور جا لِپيڪار هن لکت کي مُهرن ۾ انهيءَ ڪري ڪم ڪو نہ آڻيندا هوندا، جو هو پنهنجي مقصد واسطي هُنر جي صنف ۾ ڪي ٻُڇان جهڙا هم آواز لفظ ڪتب آڻي ڪو نہ سگهندا هوندا ۽ "آدم" ۽ "شِري" جهڙن مقدس علامتن کي استعمال ڪري ڪو نہ سگهندا هوندا؟ ڇا ناگري لکت فقط ناگا لوڪن جي لکت هئي، جيڪا ڏرمي لکت جي لائق سمجهي ڪا نہ ويندي هئي؟ اهو بہ امڪان آهي تہ ناگري برهمڻي لکت جا اکر هن مُهر ۾ ماپي ڪو نہ سگهندا هوندا. تنهنڪري اها قديم لکت فقط مُهرن جي حد تائين رواج ۾ هئي، جنهن جي جاءِ تي آوازن جي نقطي نگاهہ واري مڪمل برهمي لکت ڪم اچي رهي هئي.

98



98. *Para Shai Ma Wama Mahyi*

*Kama Mahayi*

**Reading : Parashaiva Mahayi**

**Ka**

98_ پَرَ شئي مَ وَمَ مَهِيِي

ڪَم مَهَيِي

پڙهڻي: پَرَشيدا مَهَيِي

ڪا

هڪ ۽ اڪيلو ياراسَ (را) يعني وياس

ترجمو: مَهاشِو (جو مندر)

تبصرو: ٽين نشانيءَ تي جيڪڏهن سوچبو ۽ ويچاربو تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ لپيڪار پهريائين هِجي ۾ ڪا غلطي ڪئي آهي ۽ ڪامَ (kama) جي جڳهہ تي ڪَڪَ (kaka) لکي ويو آهي. اُن جي مٿان مَ (Ma) نشاني آهي، اُن کي اهڙيءَ ريت ٿُلهو ڪري لکيو اٿائين جو "وَ" ڏسڻ ۾ ٿي اچي. اسين اِن لکت جي عزت ڪريون ٿا ۽ پَرَسَئڪ (Parasaika) کي پَراسَرِيوَ (Parasari va) ڪري پڙهون ٿا. اِئين ضرور هوندو تہ وياس جا هزارين شِشَ پاڻ کي پارا سَرَسُ (Para Saras) يعني اعليٰ رُتبي وارا سڏائيندا هوندا. مثال طور بَشڪليءَ نالي واري ماڻهوءَ پنهنجيءَ هڪ جهڙيءَ تهڙيءَ مُهر ۾ پاڻ کي اِيَسَگَ (Iyasaga) سڏايو آهي، پر پوءِ جڏهن سندس رتبي ۾ ٿورو واڌارو آيو تہ پاڻ کي پَرَيش (Paraish) سڏائڻ لڳو هو. يعني پاراسَر جو شِشُ. لفظي هُنَر موجب اها حقيقت بہ آهي، ڇاڪاڻ تہ وياس پاڻ پاراسر جو پٽ هو. سهيوڳي ماڻهن لاءِ حقيقي رِشي وياس جو اُهو پيءُ هو (ڏسندا مهر

82). تنهنڪري اهو ممڪن آهي تہ شِشَ پنهنجي گُروءَ جي شَرڌا واري رسم ملهائين. باقي رهيل ٻي پڙهڻيءَ جي پنيرائيءَ لاءِ ٻہ ٻيون شاهديون پڻ موجود آهن.

(1) گهوڙي جي وچ تي هٿ سان ٺهيل هڪ نشان آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو مندر آهي. ٻين لفظن ۾ هيئَن چئي سگهجي ٿو تہ اها هندستان ۾ مندر جي پهرين عمارت آهي ۽ اِها رسم ان جي بنياد رکڻ لاءِ ادا ڪئي وئي ٿي پائنجي. اُن جو نمونو يونان يا ڪِريٽ جي عبادتگاهن جهڙو آهي. پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ اِهو شِوَ ديوتا جو مندر آهي. اندر رکيل مُورتي صحيح نموني سان سڃاڻي ڪا نہ ٿي سگهجي. اُنهيءَ زماني ۾ ويدن سان لاڳاپيل رسمون بلڪل مختلف انداز سان منعقد ڪيون ويندڙيون هيون. اُنهيءَ وقت ايرانين جيان باهہ جي پوڄا جو رواج هو. پر تِرسَدِسيُو جي مُهر ۾ نظر اچي ٿو تہ هو آڪاشواڻي شينُ ڏانهن جوُه وِجهي، گهوري رهيو آهي، جن کي مِترا ۽ ويرونا سمجهيو ويو آهي. مَندرَ جي تعمير ٿيڻ کان پوءِ يَجَڪَس (Yajakas) جي جڳهہ تي پُوجَڪَسِ (Pujakas) اچي وئي ۽ ان سان ڪليل وڏيءَ رسم جي جاءِ تي محدود مندر واري ننڍڙي قسم جي پوڄا جو رواج پئجي ويو ۽ اهو نِڪولِش ڏرمي فرقي جي اچڻ ڪري ٿيو.

(2) اهو شِوُ مندر آهي، جنهن کي سولائيءَ سان ثابت بہ ڪري سگهجي ٿو. گهوڙي جي رانَ جي شروع وٽان هڪ مضبوط ۽ سگهاري نورَ جي تصوير نظر اچي ٿي جيڪا گونيءَ ڪنڌ تي جُهڪيل آهي. ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو تہ چڻ نورُ مَندرَ جي ڇت کي مٿي جهليو بيٺو آهي، جنهن جي شڪل صورت بہ اَک جهڙي آهي. پُراڻَن اِن کي ڪالي دور ۾ شِوَ ديوتا جو اوتار سمجهيو آهي. هيءَ تَنتَريہَ فرقي پيدا ٿيڻ کان گهڻو اڳ جي ڳالهہ آهي، جيڪا Agamic ادب ۾ نِڪولِش جي هندستاني شڪل آهي. نڪولش کي انسان جي شڪل ۾ ديوتا سمجهيو ويندو هو. هُن اها صورت انساني عملن تي ضابطي رکڻ جي ارادي سان اختيار ڪئي هئي. انسان جي جسماني بناوت ۾ اهو مغزي ڏوريءَ ۾ رهي ٿو. گِيتا ۾ اِن کي ايشور سڏيو ويو آهي، جيڪو سيني ساهوارن جي اَندرَ ۾ رهي ٿو (ائين جهڙيءَ ريت سڪندريہ جي سينٽ ڪٿرائين جي ڦيٽي تي ڪنهن گُڏيءَ کي وِهاري ڇڏجي). اُن جو ڪم انسان جي خيالن ۽ عملن تي ضابطو رکڻ آهي. نِڪولش ناگا لوڪن جي ديوتا کان وڏيڪ ڪجهہ بہ ڪو نہ هو. (ڏسندا: مُهر نمبر 90 ۽ 93 تي ٺهيل نڪولِش تي تبصرو). پَسُو يعني انسان، جيڪو ڪنهن بہ سگهہ کان سواءِ هڪ لاش جي صورت ۾ آهي ۽ اهو گهوڙي جي اڳيَن ٽنگهن سان نِپَل صورت ۾ ڇُهتيو لڙڪي رهيو آهي. ان لاش سان ڪيس ڄڻ هڪ نئين سگهہ وٺائي پئي وڃي. مُهر نمبر 90 ۾ بہ هڪ نبل ماڻهوءَ جي تصوير کان پڻ واقف ڪيو ويو آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ اُن ڏرمي فرقي کي هڪ اداري جي صورت ۾ اڳتي آندو ويو آهي. جنهن کي مندر جي تعمير ۾ بہ محسوس ڪري سگهجي ٿو.

هاڻي اسان لپيڪارَ جي مشڪلات کي چڱيءَ ريت سمجهي ورتو آهي، جنهن ٺئين لفظ جي هِجي غلط جو لکي هئي ۽ مَ Ma کي غير فطري نموني سان پيالي جهيڙي الف جي هڪ پاسي تي مٿان ڪري چو لکيو آهي. لپيڪار ائين ڪري ڪو نہ سگهيو آهي، ڇاڪاڻ تہ مُهر ان وقت تائين سڪي وئي هئي. مُهر جو مالڪ آيو ۽ اچي لکت جي غلطي ڏنائين. لپيڪارَ کان غلطي ان ڪري ٿي هئي، جو هن ڪڏهن مندر جي جڳهہ جو نالو ٻڌو ئي ڪو نہ هو. تنهنڪري کيس لکڻ ڪجهہ اَڻانئو لڳو هوندو.

پوڄا طرز واري عبادت نہ اصولن جي خلاف هئي نہ وري هتي اڳي ڪا نہ هئي، پر اُها يَجَنَ جي پراڻيءَ صورت ۾ موجود هئي، پر ان کي مُقدس صورت ڏني وئي هئي. اهو ائين آهي جهڙي ريت هاڻي حضرت عيسىٰ جي ڄمڻ جو ڏينهن ڪِرسِمَسِ ملهايو پيو وڃي. اڳي اُهو ساڳيو هفتو ائڊونِس (Adonis) ۽ ڊِيونِيَسس (Dionysus) ديوتائين جي ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ ملهايو ويندو هو. جنهن جو ذڪر سر جيمس فريزر (Sir James Frazer) پنهنجي ڪتاب ”گولڊن بَو“ (Golden Bough) ۾ ڪيو آهي.



99. *A I Ppa Ai 'Sa'sa Tra Ya;*
(*next line, a seal*): *Da Tha*
*Pa*
**Readings: Ayippa Aisa'a Traya; Datta/Aippa'sa'sa Traya: Datta**
**P Patha**

**99_ پڙهڻي: اَيِ پَ اَئي سَس تِر يَہ**
**= اَيِپ ائس تريَ – دتَ ائپ سس تِرَيَ: ڏَتَ**
**پَٿَ**
**معنيٰ: (1) اَيپ: طاقت ۾ تيٺو ديوتا – دَتَ**
**(2) ٽن شرابن جو نپوڙيندڙ: (دڪشنا) پَٿَ کان – يعني ڏکڻ کان.**

**تبصرو: پوئين پڙهڻي اَيپيَڪَ (Apyayaka) لفظ جي آڌار تي بيهاري وئي آهي، جيڪو "سومَ" نالي ڏني ويندڙ هڪ قرباني جي رسم ۾ ڪتب آندو ويندو هو. پر هيءَ پڙهڻي سخت اعتراض جوڳي آهي، ڇاڪاڻ جو اسان کي هي لفظ "اَپيَڪَ (Apyaka) جا پٿ" ڪري پڙهڻو آهي، پر پوءِ بہ سَيس (Sa' Sa) جو غير ضروري نہ سمجهاڻ جهڙو لفظ نظر اچي ٿو جيڪو سمجهاڻو پوندو. هٺ سان لکيل اکر بہ هن پڙهڻيءَ جي خلاف ڏسجن ٿا. پهرين پڙهڻي بلڪل مناسب آهي پر پَ جو اکر ڪجهہ مشڪوڪ معلوم ٿئي ٿو پنهنجيءَ صورت ۾ ڪُندائتو ۽ ويڪرو آهي، ان جي "د" طور پڙهڻيءَ کي وڌيڪ ترجيح ڏني وئي آهي. اهڙو "د" پوئين دور جي هڙاپا (سنڌو) لکت ۾ نظر اچي ٿو جنهن جو ذڪر آنڌرا يونيورسٽيءَ جي جَرنَلَ ۾ ڊاڪٽر راءِ بہ ڪيو آهي، پر اهو LWIVP واري مائميوگرافيءَ (Mimeography) ۾ موجود ڪونہ آهي. ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ لپيڪارَ هن کي "د" طور اِن ڪري ڪتب آندو آهي، ڇاڪاڻ تہ اِن ۾ آندر ٿ (tha) لکڻ جي گهٽي جاءِ ملي وڃي ٿي.**

**هن مان هڪ اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اهڙن ديوتائن کي مجيوءِ پنهنجايو ويو آهي، جن جو ويدن سان ڪو واسطو ڪونہ آهي. نہ وري ويدن انهن جو ذڪر ئي ڪيو آهي. انهن جا نالا اَيَپَنَ ۽ دَتَ (Ayyappan — Data) آهن. هڪ کي اُتر ۾ ۽ ٻئي کي وِدَ ربَ (Vidarbha) جي نالي ڪيرالا ۾ بہ مجتا ملي آهي پر اصل ۾ اهي ٻئي هڪ ئي ديوتا جا نالا آهن. "دت" (Datta) ٽن ديوتائن جو هڪ ئي ترجمان بہ هو جن مان ٻين ٻن جا نالا اَمسَسِ (Amsas) ۽ اَئشِيہَ (Aishya) بہ هئا، جن علحده طور بہ طاقت (Power) جي نمائندگي ڪئي ٿي. مرڪزي سياست جي زوال کان پوءِ مهانگين قربانين ڪيترا ڪَمَ ادا ڪرڻ ڇڏي ڏنا هئا. اڳين ديوتائن جي جڳهن تي نوان ديوتا اچڻ لڳا هئا، جن کي سَيپتا ۽ پوڄا جي نقطي نگاهہ کان نهايت اهم سمجهيو وڃڻ لڳو. دَتَ ديوتا لاءِ اهو بہ تصور ڪيو ويو تہ هو گُرنُ جو بہ گُرو هو. اهڙيءَ ريت سياسي راجائن يا پنڊت راجائن، جهڙوڪ تَڪشَڪ، پنهنجا اَثر وڃائي ڇڏيا هئا. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ٽيڪنالاجي دور کان اڳ شعوري سجاڳي هندستاني زندگيءَ کي پَچي پورا ڪري ڇڏيو هو جنهن گُروءَ واري ڌرمي فرقي جو جڻ ميدان هموار ڪري ڇڏيو هو( ڏسندا مُهر 14 تي تبصرو). 1050 سالن واري اونداهي دور ۾ قبائلي ۽ جاگرافيائي سياست جو شعور وڌيو تنهنڪري هندستان ۾ هزارين ننڍڙا ننڍڙا ملڪ وجود ۾ اچي ويا. ان ڪري ماڻهن جو هڪ ٻئي سان رابطو مشڪل ۽ سَفرُ ڪرڻ بہ نهايت اٽانگو ٿي پيو هو. پر**

گُرُن ۽ سُوتَن (Sutas) کي پنهنجي پنهنجي ڌرمي فرقن کي پکيڙڻ ۽ آديش ڏيڻ لاءِ جيڏانهن ڪيڏانهن وڃڻ جو آجپو مليل هو.

دَتاريہ ڌرمي فِرقي جي اصليت معلوم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پر اسين اندازو ڪري سگهون ٿا تہ نِڪولش ڌرمي فرقي جي پيٺ ۾ هيءُ هتان جو ڏيهي ڌرمي فرقو هو ۽ نڪولس ساڪ (Sakas) يا سِٿين (Seyths) علائقن مان هتي پهتو هو ۽ پهريائين ناگا لوڪن تي اثر ڪيو هئائين (ڏسندا مُهر نمبر 90 ۽ 93 تي ٿيل تبصرو). جيڪڏهن دَتَ ڌ رمي فرقو اڳ ۾ اچي ها تہ ان جو ذڪر ويدن ۾ ضرور هجي ها. پر اهو بہ سنو ٿيو جو اُن کي ويدَ رشيءَ طور سڃاتو وڃي ٿو ۽ اتريءَ (Atri) کي سندس پٽ ڪري مڃيو وڃي ٿو ۽ ذڪڻ ۾ وري اُن کي شِوَ جو پٽ ڪُمار سوامي سمجهيو ويندو آهي پر انهيءَ کان اڳ وياس ۽ سندس شِشَ ويد جي تاليف جو ڪم پورو ڪري هن فاني جڳ مان لاڏاڻو ڪري چڪا هئا. دَتَ جو نالو ويدن ۾ بيان ٿيل ڪو نہ آهي. ان کان علاوه اُتي نِڪولِش جو ذڪر بہ نظر ڪو نہ ايندو پر يَجُس (Yajus) جو لفظ سَترَدريہ (Satarudriya) ۾ پَسُونام پَتَيہَ (Pasunam Pataya) جو لفظ رگويد ۾ نام سَت (Namaste) جو لفظ رُدر مَنيَوَ (Rudar Manyava) ۾ موجود آهي، تنهنڪري رُدر شِوَ کي سڃاڻي وٺڻ ڪا ڏکي ڳالهہ ڪا نہ آهي. هن ۾ ڪنهن بہ شڪ شبهي جي ڳالهہ ڪا نہ آهي تہ نِڪولِش هڪ قديم ديوتا هو. چاڪاڻ تہ هتي هٿ واري لکت ۾ ٽي ديوتا ڏسجن ٿا، جن مان گهٽ ۾ گهٽ نورَ (mongoose) جي صورت ۾ نڪولِش تہ سڃاپجي سگهيو. ان جي بلڪل هيٺان هڪ مٿل ماٺهو پَسوَ آهي، جيڪو پوئين ران سان لڱل ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ هلندو اچي نڪولِش جي تصوير وٽ ختم ٿئي ٿو. ائشہ تِريہ (Aisha- Traya) جي بيان موجب هٿ واري لکت ۾ ٻن ديوتائن جو ذڪر آهي، جن کي سڃاڻڻ مشڪل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ وچ ۾ نظر ايندڙ ديوتا وِشنو اُرُگيہَ (Vishnu- Urugaya) هجي. چاڪاڻ منجهن هڪ جا پار وِشنوءَ جا لڳن ٿا. جيڪو وڏين ٻرانگهن سان ۽ وڏيءَ طاقت سان اُرگيہَ سان پنڌ ڪندي نظر اچي ٿو. هنن مان ٻيو اُرگيہَ ايترو واضح ڪو نہ آهي تنهنڪري اُن ٻئي لاءِ چٽائيءَ سان چئي بہ ڪو نہ ٿو سگهجي. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ سندس پيٺ وڏو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو يا تہ برهما پرجا پتي آهي يا وري اِندرُ آهي، جيڪو شڪل صورت ۾ ڏنڊاٽيل آهي. پر اُهو ويرونا ڪڏهن بہ ٿي ڪو نہ ٿو سگهي، چاڪاڻ تہ ويرونا اُن زماني تائين هڪ اوپرو يا ڌاريو ديوتا سمجهيو ويندو هو. هوندئن اُهو بہ هڪ راجا هو جيڪو ريت ۽ چال جي خيال کان سڃاتو ويو آهي. ”پي ٽائيم آف ٽيوبينن“ (P. Time of Tubingen) ۾ هن تي گهڻو بحث ڪيو ويو آهي، پڙهن لاءِ وڌيڪ ڏسندا تصنيف (King Varuna, Inel in "German Scholars on India" Varanasi, Chowkhamba 1973) ۽ پر اهي سڀ پنهنجا راڄَ مٿي ذڪر ڪيل اونداهي دور ۾ پنهنجو وجود وڃائي چڪا هئا.

هٿ واري لکت هن حقيقت جي شاهد آهي تہ هيءَ مُهر بہ انهيءَ زماني ۾ ٺهي آهي، انهيءَ دور ۾ نَڪُولِش کي ساڪ يا سٿين لوڪن جو ديوتا تصور ڪو نہ ڪيو ويندو هو. پر ڪيس ويدن واري رُدرا پَسوپتيءَ طور سڃاتو ويندو هو. ان طرح لاڳاپيل پوڄا پاٺ سوچ ۽ فڪر اهڙو تہ پڪو روپ اختيار ڪري ويو هو جو نڪولش جي مورتيءَ کي رُدَر (Rudar) جي جڳهہ ڏني وئي ۽ ڪيس هندستاني بنايو ويو هو.

پنجاهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي تہ منگلور (Maugalore) جي نارائڻ آچاريہ اهو سوال اُٿاريو هو تہ دَتَ ديوتا کي ٽي سِرَ آهن يا هڪُ؟ پر اُن کان اڳ ٽيمبي مهراج (Tembi Mahraj) جيڪو دَتَ ديوتا جو پڪو معتقد ۽ پوڄاري هو. جنهن کي بعد ۾ دَتَ جو اوتار سمجهيو ويندو هو. تنهن دت ديوتا جو هڪ مندر تعمير ڪرايو هو جنهن ۾ هن دت ديوتا جي هڪ سِرَ واري مورتي رکرائي هئي. هيءُ ڌرمي فرقو هن اصول جو سختيءَ سان پابند هو تہ دَت اَتريءَ جو پٽ هو ۽ اَڻ پڙهيل ابوجهہ ماڻهو هُن کي دَتاريہ سمجهي ان کي ٽن سِرَن وارو ديوتا تصور ڪرڻ لڳا هئا. هن ناتي اسان کي هڪ صحيح جواب ملي وڃي ٿو. مُهر ۾ تِري (Tri) جو لفظ آهي، جيڪو دت جي مورتيءَ جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ ت جو اکر مٿانس رکيل آهي. جنهن مان محسوس ٿئي ٿو تہ اهو ٽن سِرن وارو ديوتا آهي. اکرن جي تصويري نموني لکڻ جي طرز مُهرن ۾ عام نظر اچي ٿي. (ڏسندا مُهر

نمبر 84 جنهن ۾ رِري (Riri) تي تبصرو ڪيو ويو آهي. مُهر نمبر 93 جنهن ۾ نِڪولش جي لِنگ ڏانهن بہ اشارو ٿيل آهي. دوارڪا جون مُهرون يا مُهر نمبر 83 جنهن ۾ ”م“ جو اکر هاٿيءَ وانگر ڏسجي ٿو جنهن جو مطلب هستناپور آهي) . هن مُهر مان اسين گهٽ ۾ گهٽ اهو سمجهي سگهون ٿا تہ ابتدائي دور ۾ دَتَ کي ٽن مُنهن وارو ديوتا سمجهيو ويندو هو يا اُن کي ائين سمجهڻ جو هڪ قوي امڪان موجود آهي.

دَتاريہ جي پوئين دور واري تاريخ تمام مختصر ڪري لکي وئي آهي(جنهن تي هن ڪتاب جي مصنفَ هڪُ تفصيلي ڪتاب لکيو آهي, جيڪو10 سالن کان اَڻ ڇپيل حالت ۾ وٽس پيل هو.) دَت ديوتا بابت ڪي افسانوي ڳالهيون پنهنجو هڪ اثر پيدا ڪري ويون هيون. هُن ۾ فڪري آزادي هئي, ريتن رسمن خلاف دانشورانہ سوچ هئي ۽ سهج وارو ڌرمي فڪر هو. تنهنڪري نڪولش جي ڌرمي فڪر جهڙو تي لڳو. فڪري نقطي نگاهہ کان ويدانت جي ويجهو هئڻ ڪري ويدن جي پوئلڳن جي وڏي انگ کي بہ پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو هئائين. پر عام ماڻهو نڪولش ڌرم جي نئين فڪر کان گهڻو متاثر هئا, جنهن جو اشارو ناگ, ڪاپالڪَ (Kapalika), آوَدَتَ (Avadhuta) ناٿ سِدَّ (Nathasiddha), اَوَگهہ ساڌ (Avaghuta Sadhus) فرقن مان ملي ٿو تہ ڌرمي فرقي جي آزاد فڪر يا ويدن ۾ فڪري آزاديءَ جي شَنگمَ ڪري, مٿئين طبقي وارو ماڻهو وڏيڪ آزاد خيال بڻجي ويو هو. مارڪنديہَ پُراڻ هِن طبقي کي فڪري طور وڏيڪ آزاد ڪري ڇڏيو هو. ان جي پيٺ ۾برهما پُراڻ هن کي ويد ۾ فڪري آزاديءَ جي وچ واري راهہ اختيار ڪرڻ جي ڳالهہ ٻڌائي. اهڙي قسم جا ديوتا هزار سال گذرڻ کان پوءِ بہ ڌرم جا وڏا خطرناڪ ويري بڻجي ويا ۽ ان جي زوال کان پوءِ اهو فرقو پنهنجي عروج تي پهتو. دَت ڌرمي فرقن ۾ بہين ڌرمن جون بہ ڪي خوبيون خاصيتون نظر اينديون. نڪولش ڌرمي فرقو آخر ۾ تقسيم در تقسيم ٿي, ننڍڙن ڏڙن ۾ ورهجي ويو هو. اهو پوئين دور جي اختلافي نظرين وارن گُرن ڪري ٿيو هو. هن ڌرم هندستان جي ڪلا کي گهڻو ڪجهہ عطا ڪيو هو. دَت فرقي اُنَ جي فڪري سگهہ وڏائي ڪمال تي پهچايو. اَيپَن (Ayyappan) جيان هن ڌرم ڪي گهڻا معتقد بہ پيدا نہ ڪيا هئا. پر بہين جي پيٺ ۾ دَتَ فرقي گهڻن کي متاثر ڪيو هو. ويندي عربن تائين جيڪي اسلام کان اڳ وچ مشرق مان لڏي اچي هندستان ۾ آباد ٿيا هئا. اِهي ٽَئي مورتيون جاتيءَ جي نئين ميلاپ ۾ مناسبت جو اشارو آهن. ائين سمجهڻ کپي تہ دَتَ کي وِشنو جي شڪل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.




100. *T U G(P)Ra Vṛs' I*

**Reading : Tug(P)Ra Ṛishi Sage Tug(A)Ra**

100_ پڙهڻي: ٽَ اُ ڳَ (پَ) رَ وِرس ئي

توگَ (پ) رَرشي, رشي ٹُوگر

تبصرو: (الف) (1) هيءُ ويد. رِشي تي سگهي ٿو جنهن رگويد جو 8. 20. 6 4. 49. 10 وارو ياڳون تاليف ڪيو ٿو يانئجي. ٹُگر پوڄيو جو پيءُ هو. اهڙي قسم جا نالا ڪونڪن ۾ ڪارناٽڪ جي سامونڊي ڪناري وارن علائقن ۾ تمام گهڻا ٻڌبا آهن. جڏهن ٹُگر پنهنجي پٽ پوڄيو کان مايوس ٿي ويو, تہ کيس پَرَدُويپ (Paradvipa) ڏانهن ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏيائين, جيڪو هڪ پرانهون ٻيٽ هو. سمنڊ ۾ آنڌاري اُپڙڻ ڪري اهو ٻيڙو ڏڪجي ناس ٿي ويو. پَرَ پُوڄئي اِرشني ديوتائن جي ٻاجهہ لاءِ ٻاڏايو, تنهنڪري کيس جِئدان مليو هي رگويد 116. 1_5_3_15. 14. 117_ 4. 119 ۾ آيل آهي.

(ب) مَٿين پڙهڻي ٻئي اکر کي "گ" (G) سمجهي مقرر ڪئي وئي آهي پر آرپار نظر ايندڙ ليڪ ڪناري پرسان ايتري ته ويجهي آهي جو اها مُهر جي سِير پئي معلوم ٿئي. جيڪا سُڪون ڪان پوءِ يا ڳنجڻ ڪان پوءِ آئي وئي ٿي پائنجي. جيڪڏهن اِن جي مٿينءَ ليڪ کي پڙهڻيءَ ۾شامل نه ڪجي پوءِ باقي پڙهڻي، سِٿيرَ رِشي يا وِرشي (Sthayara Rishi or Vrshi) پڙهجي سگهي ٿو. پهرين پڙهڻي هن حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿي ته وڏيءَ عمر وارو هيءُ رِشي لاڏاڻو ڪري ويو هو ۽ هيءَ سندس آخري ڏرمي رسم هئي. اهڙن ساڳين نالن وارا ٻه ماڻهو آهن هڪ سِٿوِيرڪونڊنيه (Sthavira koundinya) ۽ ٻيو سِٿوير شاڪليه (Sthavira Sakalya) جيڪڏهن اها پڙهڻي وِرشي آهي، ته پوءِ اُن جو مطلب وڌيڪ دلچسپ ٿئي ٿو. يعني "جڏهن هڪ پيرسن وئشيا مري ويندي آهي، اُن جا سيئي عاشق گڏجي، پڇاڙيءَ واريون رسمون (ڪريا ڪَرَمَ) ادا ڪندا آهن. پر پوئين قسم واري پڙهڻي هٿ واريءَ لِکت ڪُوڙي ڪري ڇڏي آهي، جنهن ۾ ٻه اکر مَهه (Maha) ڪتب آندل ڏسجن ٿا. تنهنڪري اَسين ٽُگر مهاڻو لکيلُ سمجهون ٿا. "مَهرشي" معنيٰ هينئين طبقي وارن جو رِشي.

# ضميمو

## پَتَن راند (Playing Cards) جي اَصليَت

جيڪي ماڻهو هڙاپا (سنڌو) – لکت کان چڱيءَ پر واقف هوندا، ته اُهي ضرور ان جي نشانين ۽ پتن تي نظر ايندڙ نشانن کان واقف هوندا. تنهنڪري هن راند جي اصليت بابت هڪ صحيح اندازي لڳائڻ ۾ ٻه سوپارا ٿيندا.

ڪدوءَ Spades جهڙي نشاني هڙاپا (سنڌو) لکت جي دوَ (Dwa) آهي. اَيٽ (Deamond) جهڙي نشاني سنڌوءَ لکت جي نشاني پ (Pa) ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن اَسين جاءِ پرڻ وارين ڏانڊن کي درگذر ڪريون ته ڪئه (Kaa) جي نشاني جڙي پوي ٿي، جيڪا دل جي شڪل جهڙي آهي. هي پن جهڙي لکت آهي، جيڪا اَشوَ لاءِ ڪم اچي ٿي. سنڌو- لکت جي ماهر ڊاڪٽر راءَ جو خيال آهي ته اهو لفظ اشوٽ مان نڪتل آهي. شُ (Sho) جو اُچار عام ڳالهه ۾ پراڪرت جي "هه" جي اچار برابر هوندو آهي ۽ وسرڳ طور اُچاريو ويندو آهي. تنهنڪري اهو اَشوَ طور ٻه اُچاري سگهجي. پر اهڙي اُچار جو رواج سنسڪرت کان گهڻو اڳ هو.

هيءَ راند مُنهان مُنهِن ويڙهه جو نمونو آهي، جنهن ۾ راجائون، راڻيون، وزير، پلاٽونن جا اڳواڻ فوجي حصو وٺندا آهن (جنهن ۾ ڏهن کان وٺي هڪ فوجي سپاهيءَ تائين هن جهيڙي ۾ جُنبيل هوندو آهي. ڊاڪٽر پي. اين چوپڙا ابوالفضل جو هڪ حوالو ڏنو آهي ته اِها راند قديم دور جي رشين ايجاد ڪئي هئي. پتو ڪو نه آهي ته ويدن جي ڪهڙيءَ جنگ ۾ برابربرابر فوجن، زور آزمائيءَ طور خير صلاحي، فيصلہ وار حصو ورتو هو جنهن ايڏو ته اثر ڇڏيو جو ان مان هڪ راند جنم ورتو. ممڪن آهي ته مرڳو اُها دُش ورجَني جنگاهه هجي، جنهن ۾ ڏهن راجائن حصو ورتو هو. جيڪا پنچال (پ) جي هَئهَيه راجا جي ڪاشيءَ تي حملي سان شروع ٿي هئي. سندس خواهش هئي ته هو گنگا جي دوآبي واري علائقي تي قبضو ڪري سگهي، جنهن ۾ڪيس ايوڌيا جي راجا يا اَهَوَ يا اَوَ جي پنيرائي حاصل هئي. جنهن ۾ دوارڪا جي ڪيترن يادوَ راجائن ٻه حصو ورتو هو جن مهيش مَتِي ۽ ٻين اوسي پاسي وارن علائقن تي اڳي ئي پنهنجو راج قائم ڪري ڇڏيو هو. پر اُهو مشهور جهيڙو ته ڏهن پيڙهين تائين ڳنڍيو آيو ۽ ان جو خاتمو ٻه تڏهن ٿيو جڏهن ڪاشيءَ جي ديوداس ايوڌيا جي راجا ويتهَويه کي آڻ نه مڃائي هئي. پر اُن کان پوءِ ٻه هلڪيون جهڙپون ٻن پيڙهين تائين هلنديون هيون. پارگٽر جي خيال موجب اها جنگ 2500 ق.م ۾ لڳي هئي. اُهو هَئهَيه جي راج جو پويون زمانو هو. ڳاڙهوءِ ڪارو رنگ، سورج ونسي ۽ چندر ونسي، ڪُلَ ٻه طرفائين نمائندگي ڪن

ٽا ۽ اُن ۾ منڍ تي چندرونسي ڪُلَ جا پنچال ۽ ڪاشيءَ جا ٻہ راجائون هئا. ان ڪان پوءِ ٻيا راجا هوريان هوريان ان ۾ شريڪ ٿيندا ويا. چندرونسي ۽ سورج ونسي گهراڻن جي وچ ۾ نيٺ گهٽي ڏاڍي هاجي ڪانپوءِ مس وجي ناهہ ٿيو هو. هن جهيڙي ۾ هستناپور مرڪزي حڪمران ظاهر ۾ ڪو بہ ڪردار ادا ڪو نہ ڪيو هو. پر ٽياڪڙ ٻڄجي ٻنهي ڌرين ۾ ناهہ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين. ان ڪانپوءِ ٽُرپ (Trump) يعني حڪم جي رنگ موجب صلح جو رواج پيو (پتن جي راند ۾ رنگ وارن جو رواج پيو) منهنجي دوست ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجسٽ پُراڻن جي عالم ۽ بي اِنتها ڏاهي ڪي. پي. راءَ هن حقيقت جي پٽيرائي ڪئي آهي ۽ هن ڳالهہ ڏي ڌيان ڇڪايو آهي تہ هندستان جي پتن واري اصلي راند ۾ ڏهہ ڏهہ پتا هڪ هڪ رنگ جا هوندا هئا. جيڪي سنگ مر مر جي گول سهٽي داٻڙي تي اُڪريل هوندا هئا.

---